
# ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون



حميد سنڌي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڪَڻ ڪَڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون

(ٽه ماهي مهراڻ ۾ ڇپيل ڪهاڻيون)

**حميد سنڌي**

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2013ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون | سال 2013ع | تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: چار سؤ رپيا

**(Price. Rs: 400-00)**

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

ڪهاڻي انساني زندگيءَ جي عڪاس آهي. اِهوئي سبب آهي جو دنيائي ادب ۾ گهڻي ڪان گهڻيون ڪهاڻيون لکيون ويون آهن ۽ هر هڪ ڪهاڻي پنهنجي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪري ٿي. اوائلي دور ۾ داستان، قصا ۽ لوڪ ڪهاڻيون مشهور هئا. جيڪي اُن قديم دور جي پس منظر ۾ لکيل آهن ۽ اُنهن مان اُن دور جي تهذيبي، ثقافتي ۽ سياسي، سماجي حالات جي ڄاڻ ملي ٿي.

اهڙيءَ طرح جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو تيئن تيئن ادب ۾ ترقي ٿيندي رهي ۽ لوڪ داستان ۽ قصا ڪهاڻي - افساني جو روپ ڌاري هڪ نئين انداز ۾ ادب ۾ متعارف ٿي.

سنڌ ۾ بہ جڏهن ڪهاڻي لکي وئي تہ سنڌي ادب جا ڪيترائي ليکڪ هِن صنف تي طبع آزمائي ڪري سنڌي ٻوليءَ جا ناميارا ڪهاڻيڪار ليکجڻ لڳا. انهن مهان ڪهاڻيڪارن ۾ حميد سنڌيءَ کي هڪ اعليٰ مقام حاصل آهي، جنهن 1960ع ڌاري ڪهاڻيون لکيون، جن پڙهندڙن وٽ وڏي مقبوليت ماڻي. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌيت جي جهلڪ نمايان نظر اچي ٿي.

حميد سنڌيءَ جون ڪهاڻيون اُن وقت جي رسالن ۾ باقائده شايع ٿينديون هيون، جن مان تماهي "مهراڻ" رسالي جو نالو سرفهرست آهي. شايد ئي "مهراڻ" رسالي جو ڪو اهڙو پرچو هجي جنهن ۾ حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي نہ ڇپي هجي!

هيءَ ڪتاب ”ڪَڻ ڪَڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون“ تماهي ”مهراڻ“ رسالي ۾ ڇپيل ڪهاڻين جو مجموعو آهي. جنهن کي حميدي سنڌي صاحب مرتب ڪرڻ بعد پروفن تي نظرثاني ڪري بورڊ جي حوالي ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ جي اها ڪوشش رهي آهي تہ بورڊ جو جيڪو اصل ڪم آهي، ان مطابق سٺا ۽ معياري ڪتاب آڻجن جنهن لاءِ جناب مخدوم جميل الزمان چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جن جي رهنمائي حاصل آهي جو بورڊ طرفان هينئر تائين سٺا ۽ معياري ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن.

اميد آهي تہ اسان جو هيءُ پيار پريو پورهيو پڙهندڙن وٽ مڃتا ماڻيندو.

04- ذوالحج 1434ھ
10- آڪٽوبر 2013ع

**الهڏنو وگھيو**
سيڪريٽري

# ارپنا

ارپيم اُنهن قرب وارن همسفرن، دوستن، دشمنن جي نالي جن ماٺهپي ۽ انسانيت جي قحط جي زماني ۾ مون کي سجاڳ ۽ زنده رکيو، اصل ۾ اِهي بہ مالڪ جا ڪرم باقي هر ڪنهن پنهنجا ناتا اُبتا سبتا نڀايا، ڏٺي انهن جو بہ خير ڪري ۽ مون کي ۽ کين بہ هر شر کان پناهہ ۾ رکي.

دعاگو

**حميد سنڌي**

٢-٨-٢٠١٣

اسان پاڻ کي بهتر نہ ٿا سمجهون
اسان رُڳو چئون ٿا تہ اسان وٽ ڪارونجهر آهي
جنهن جي چوٽي ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون
ڦهليل آهن، اسان وٽ ڪينجهر آهي
جنهن تي آڙين جا پر اُڏامندي ونجهہ هٽندي ويندا آهن
اسان کي تاريخ آهي.
۽ اُن ۾ دودي ۽ دريا خان جون دليون ڌڙڪي رهيون آهن
اسان اِهو نہ ٿا چئون تہ اسان ٻين کان بهتر آهيون
رڳو اسان مختلف آهيون.
ها اِهو سمجهي ڇڏ!
اسان جي هٿ ۾ جو مانيءَ ڀڳيو آهي
اُهو توکي کسڻ نہ ڏيندا سين
مان جاگرافي جي پل آهيان
تاريخ جو اٽل فيصلو آهيان.

(شيخ اياز جي طويل نثري نظم مان کنيل
ڪجهہ سٽون- حوالو ساهيوال جي ڊائري
تاريخ 23 - ڊسمبر 1968ع)

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1. | حضرت نوح جي پيڙي جو مسافر - حميد سنڌي | 9 |
| 2. | نئين رُت جو ڪهاڻيڪار - مدد علي سنڌي | 12 |
| 3. | ڪارو رت | 19 |
| 4. | زندگي ٻڌجي نہ شل سسئي جا سورا | 28 |
| 5. | هڪ خواب، هڪ حقيقت | 42 |
| 6. | واچوڙن ۾ لات | 60 |
| 7. | سمنڊ ۾ مان | 72 |
| 8. | نوٽ ڏرتي | 80 |
| 9. | ڪنچن ڪايا | 98 |
| 10. | ويريون | 105 |
| 11. | ٻاڙي ناهہ پرواز | 113 |
| 12. | زماني جو دستور | 117 |
| 13. | بند ڪتاب جو بند باب | 123 |
| 14. | ٿيس ڏاڳڻ ڏيهہ ۾ | 131 |
| 15. | ڪهڙي مومل، ڪهڙو راڻو | 139 |
| 16. | تاندااٽا تا تمڪن | 153 |
| 17. | هيءُ زهر ڪير تہ پيئندو؟ | 171 |
| 18. | رومانس جي خودڪشي | 184 |
| 19. | سو مون سپ چمار.....! | 195 |
| 20. | ڪڙيا ڪنٽهار | 221 |
| 21. | اڪڙيون ميگهہ ملهار | 230 |
| 22. | چوٽڪاري جو پيغام | 236 |

23. آخري درخواست ۽ پهرين تيلي.................................... 244
24. سندڙيان سگڙي ڳالهہ ڳجهڙي.................................... 250
25. جڏهن آسمان ۾ تارا نہ هوندا.................................... 259
26. مان غريب الوطن ناهيان.................................... 269
27. اُف هي جيون بم ڌماڪا.................................... 281
28. سهانجهڙي جي خوشبوءِ.................................... 287
29. مرين تہ آرهڙ ۾ مرجانءِ.................................... 293
30. ۽ چپا اُڏامي ويئي.................................... 304
31. لڳي لڳي واءُ.................................... 310
32. طوفان ۽ رات (ڊرامو).................................... 323


❑

# حضرت نوحؑ جي ٻيڙي جو مسافر

مون گهڻي وقت کان وني ڪهاڻيون جوڙڻ ڇڏي ڏنيون آهن. مون آبرودار نِجُ سچا پچا، ماناٺتا، شانائتا قربدار خالق جي خلقيل ماڻهن، اِنسانن جهڙن ڪردارن تي ڪهاڻيون جوڙڻ لکڻ ڇڏي ڏنيون آهن. هن سهڻي سيبتي سنڌو ڌرتي تي جڏهن ڪروڌ، بغض، ڪوڙ بدوڙ سان گڏ حسد ساڙ ۽ منافقي جا وارَ ٿين، روشن ڏينهن سوجهري کان محروم ٿي اونداهين راتين ۾ تبديل ٿي وڃن، جت ناحق ناانصافي جي باهه ٻري ڌرتي تامڻي هجي، اُت منهنجا تخليق ڪيل ڪردار ڪٿي ٿا جيالي سگهن، اهڙين ڪهاڻين جن نه رُڳو منهنجي اندر ۾ اُميد جا ڏيئا ٻاريا هئا، پر سڄي سنڌ اندر هن گُٽائي ڌرتي تي رهندڙ ملهاتي ماڻهن، نيڪي جي پتلن انسانن، مثالي قربانيون ڏيندڙن جي اندر ۾ به ڪيئي آسرن اُميدن جهڙيون مشعالون روشن ڪيون هيون، روشن صبحن جهڙيون جيءَ جياريندڙ گهڙيون ۽ پل جنميا هئا. هاڻ جڏهن اهنجائيندڙ اهڙو ڪو ڪارو طوفان لڳو آهي جو هن ڌرتيءَ جيڪا ساهه سرتي آهي تنهن جي وجود سان اهڙا ڪلور ٿيا آهن جو ماڻهن کان ساهه ڪڻڻ وسري ويو آهي. سنڌ جي سرحدن جي گُم ٿيڻ جو انديشو سنڌي ٻوليءَ جي ٻولاچاري جي گُم ٿيڻ جو امڪان ۽ سنڌي ادب جا سُڪل سرچشما پسيو ساهوارن جي چشمن جو به پاڻي سڪي ويو آهي، وائڙائپ ۾ منجهيل هنن مسافرن جو مقدر ٻڌبي اها خبر هن ڪهاڻيڪار کي نه هئي جي هجي ها ته مان هئڙا اُميدن ڀريا جهان نه جوڙيان ها. جن ۾ نوٽ ڌرتي، جو مينهاڻي مست جيڪو ڌرتي دان گهري ٿي جي گهُر تي نوٽ ڌرتي کي رَت پياري ٿو وري جي سگهي ٿو چا ڪاڪي موتيرام (مرين ته آرهڙ ۾ مرجان) استاد چاڳي مل (منوءَ جي ڪهاڻي) زور آور جي مامي جهڙا ڪردار وري تخليق ٿي سگهن ٿا.

ڪيئن آهن سنجهار (سومون سپ چمار) زهره (سندڙيان سگڙي) ڪٿي آهي ڏاڏي سونل (اکڙيون ميگهہ ملهار) ۾ چوٽڪاري جو پيغام ۾ استاد شفيع محمد (هيءُ زهر ڪير پيئندو) ڪٿي آهن ايم. آر. ڊي تحريڪ جا ڪردار مولوءِ رياض. جا اِهي جيا وانگر اُڏامي سرڪڻ ڦاهي جو ٻَڪُ تي ويا. چا هيءَ سپ وَرُ ڳالهائي سگهن ٿا، چا منهنجي سنڌ (جنهن جو ماڊل نوشهروفيروز هئو). اهڙي انتشار جو شڪار ٿيندي جو حق سچ ڳالهائڻ وارا سپ ائين بي قدر روبن ڪري آهستي آهستي مرندا ويندا، ائين جيئن انسان جا اخلاقي قدر ماپا ماڻ گهٽجي ختم ٿي رهيا آهن. اڄ جڏهن منهنجو وطن انهن قدرن کان اَڻ ڄاڻائي جو اظهار ڪري ٿو تہ پوءِ مان هن سماج جو هڪ اڻ ڄاتل اڻ سڃاتل فرد جيڪو پنهنجي فن ۾ هُنر سان گڏ مري سگهي ٿو. منهنجو قلم ڪيترين ناانصافين، چٽيل، انسانيت جي چيخن کي ڏسڻ ۾ ٻڌڻ کان پوءِ بہ لکڻ کان عاري آهي مون جڏهن پنهنجن کي پنهنجن جو پڪو پختو ويري بڻجندي ڏٺو علمي، ادارن کي بداخلاقي جي وَرُ چڙهندي ڏٺو زبان بندي مقدر بڻجي وئي. مون لکڻ ڇڏي ڏنو هيءَ ڪڻ ڪڻ ريت ڪهاڻيون مهراڻ ۾ ڇپيل اُنهي دور جون ڪهاڻيون آهن جڏهن اسان جي سنڌي سماج ۾ جيئڻ جو حوصلو هو. تنهن ڪري هاڻ هي اُهي ڏياتي وانگر آهن جنهن ۾ باقي ڪو تيل رهيو آهي. هن ڪتاب جي ڇپجڻ سان ڪو وڏا شعلا پنيت ڪري نہ ٻرندا، نہ اڳ ڪي سماجڪ سڌارا اچي ويا. انهن سڌارن جي بنياد تي ملڪ ۾ وڏا انقلاب اچي ويا، وڏا وڏڦڙا مينهن پوندا اٽڪٽ وڏن وسڪارن سڪارن جا ڏينهن ايندا پر ٿيو ائين جو وڏيون ٻوڏون آيون، سپ ڪجهہ سنڌ سنڌين جو لُڙهي ويو انهن ٻوڏن ۾ سپ سنڌي ٻولي جا ڪتاب درسي هجن يا ادبي لڙهي ويا، اُنهن سان گڏ اسان جو ماڻُ مرتبو لڙهيو اسان جي ٻولي جي الف ب ت ث لڙهي وئي، اسان جي ثقافت جي شڪل ئي ڦري وئي. ايڏيون ڪي ٻوڙ ٻوڙان ٻوڏيون، طوفان واچوڙا ايندا آهن چا؟ چا سنڌ جي نئين نسل لاءِ سمنڊ مان نئين سنڌ جي ڌرتي نئين سر ڦٽي ۾ ڦاٽي نڪرندي، ۾ سمنڊ جي ٻاهران حضرت نوحؑ جهڙو نسلن جو رکوالو پنهنجو ٻيڙو جهليو لنگر هنيو بيٺو آهي. انهيءَ حضرت نوحؑ ڪئين ئي

نون نسلن کي ڏوئي هن ڌرتي کي آباد رکيو آهي. مان هر ڀيري اِنهي حضرت نوح ؑ سان گڏ ٻيڙي جي هڪ ناکئي جي صورت ۾ گڏ آهيان. لنگر اُت هٽبو جت سمنڊ جو سينو چيري ڌرتي ٻاهر نڪري ايندي مون کي يقين آهي ته هن ڀيري جڏهن نئين ڌرتي نوان ويس وڳا پهري پنهنجي نئين روپ ٻهروپ سان سمنڊ چيري ٻاهر نڪرندي ته مان ۽ حضرت نوح ؑ ٻيڙي ۾ سوار نسلن جي نسلن کي اُنهي تي آباد ڪنداسين ۽ پوءِ مان اُنهن سنڌ جي نون نسلن تي نئين سر نيون ڪهاڻيون لکندس جنهن جا ڪردار فرشتن جهڙا ڪردار هوندا. اُنهن سان گڏ يقيناً فرعونن، راوڻن، ظالمن جهڙا ڪردار هاڻ ڪڏهن بہ جنم نہ وٺندا. تڏهن مان وَرَ هن گهٽائتي ڌرتي تي هڪ مسافر جيان ٽپ ڏئي لهي پوندس ۽ ڪئين اَڇا اُجرا نون پيغمبرن، نون ولين سان گڏ هيءَ نئين ڌرتي نئين سنڌ تي لهي پوندا ۽ نئين جنت جهڙي سنڌ اڏيندا. تيستائين مان نيون ڪهاڻيون نہ جوڙيندس. تيستائين مان هن ڏوڙ ڏڪا، طوفانن ۽ ٻوڙ ٻوڙان کان بچڻ لاءِ پنهنجي ڌرتي تي ئي اهڙي قبر ۾ داخل ٿي انتظار ڪندس جڏهن ڌرتي سجي لس ليٽ ٿي ويندي ۽ پوءِ حضرت نوح ؑ يا جهولي لال يا خواجہ خضر ؑ جهڙيون هستيون ٻيڙا جهلي وقت بوقت پنيان هونديون ۽ سنڌ تي اسان جهڙا سمنڊ جو سينو چيري نڪرندا ڪو حضرت نوح ؑ سان تہ ڪو جهولي لال سان گڏ تہ ڪو خواجہ خضر ؑ سان گڏ. نڪتل هن نئين ٽُتل ٻوٽي جيان نئين سنڌ کي آباد ڪنداسين. تيستائين مان انتظار ڪندس ۽ ڪهاڻيون نہ ڪٽندس منهنجا سائين!

**حميد سنڌي**

# نئين رُت جو ڪهاڻيڪار

جڏهن منهنجي شعور اک کولي، ان وقت ڏٺم، سنڌي ادب جي دنيا ۾ شيخ اياز، محمد ابراهيم جويي، غلام رباني آگري، جمال ابڙي، مولانا غلام محمد گرامي ۽ حميد سنڌي جي وڏي هاڪ ۽ ڌاڪ ويٺل هئي. حميد سنڌي بنيادي طور تي هڪ ڪهاڻيڪار آهي، پر اُن وقت جي علمي دنيا ۾ سنڌس رسالي روح رهاڻ، تماهي مهراڻ، ماهوار سهڻي ۽ نئين زندگي رسالن جو وڏو نالو هو. خاص طور تي تماهي مهراڻ جي علمي حيثيت ۽ منزلت اُن دور جي هڪ مڃيل حقيقت هئي.

هي اُهي ئي ڏينهن هئا اُهوئي وقت هو، جڏهن حميد سنڌي ۽ روح رهاڻ سنڌ جو آواز ٿي اُڀريا. روح رهاڻ جا جشن، سنڌ جي حقن جي حاصلات جو هڪ وڏو وسيلو هئا. ان وقت حميد سنڌي جي ڪهاڻين جو مجموعو 'اُداس واديون'، اسان جي هٿن ۾ آيو ته خبر پئي ته هو هڪ سٺي ايڊيٽر سان گڏ هڪ سٺو ڪهاڻيڪار به آهي.

هِتي مان روح رهاڻ رسالي جي جشن وارين تقريبن جو ذڪر نه ڪندس، ان موضوع تي منهنجو هڪ تحقيقي مقالو "روح رهاڻ رسالو ۽ شيخ اياز" تماهي مهراڻ ۾ به سال اڳ ڇپجي چڪو آهي، هتي موضوع حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جي هن تازي مجموعي جو آهي. اهي ڪهاڻيون، تماهي مهراڻ ۾ ئي ڇپيل آهن، انهن کي سنڌي ادبي بورڊ طرفان سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آندو ويو آهي. يقيناً اها هڪ سٺي روايت آهي، پر ٺيڪ ائين گهرجي ها ته حميد سنڌي صاحب جي سمورين ڪهاڻين کي ڪتابي شڪل ۾ آندو وڃي ها، ته جيڪر اها هڪ سٺي روايت بنجي وڃي ها. جو حال وري به هڪ چڱو ڪم ٿيو آهي، ان لاءِ سنڌي ادبي بورڊ کي شاباس هجي.

حميد سنڌي هڪ حساس، ذهين ڪهاڻيڪار آهي. سنڌي ادب سان هن جو ساٿ 1960ع کان وٺي هلندو پيو اچي. اڌ صديءَ کان مٿي جي ان دور ۾ حميد سنڌي وڪيل هجي، سنڌ يونيورسٽي ۾ ايڊيشنل رجسٽرار هجي، يا پبلڪ اسڪول حيدرآباد جو پرنسپال هجي، تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر

ڪاليجز هجي، خيرپور يونيورسٽي جو وائيس چانسلر هجي، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جو چيئرمن هجي يا وري سنڌي لئنگويج اٿارٽي جو چيئرمن هجي، هن سنڌي ڪهاڻيءَ سان پنهنجي نينهن جو ناتو ڪڏهن بہ نہ ڇنيو آهي. اهو ائين ڪٿي چئجي تہ مينهن هجي، يا ڪٿي جُهڙ هجي، حميد سنڌي سنڌي ادب ۽ ڪهاڻي نويسيءَ سان تعلق قائم رهندو پيو اچي.

حيدرآباد شهر، سنڌ جو هڪ آبرومند ۽ سنڌي ادب جو بيروميٽر شهر آهي، هن شهر جي ادبي سڃاڻپ حميد سنڌي بہ آهي، جيتوڻيڪ پاڻ آهي تہ ساهتي پرڳڻي جو پر نينهن جو ناتو حيدرآباد سان جڙيل اٿس، مان شخصي طور تي اها ڳالهہ چوڻ ۾ ڪابہ هٻڪ نٿو محسوس ڪريان. شيخ اياز ڪي اسان جي نسل حميد سنڌي جي مخزن روح رهاڻ ذريعي پڙهيو سندس ئي روح رهاڻ رسالي جي جشنن وسيلي ڪيس ڀُڏو ۽ ڏٺو. اڄ جي نسل کي تہ شايد اُن دور جي مشڪلاتن جو صحيح طريقي سان اندازو ئي ڪونهي، پر اُهو دور ڏاڍو ڏکيو ۽ ڀيانڪ هو سنڌ ون يونٽ جي ڦهري ڪوٺ ۾ بند هئي. سنڌي اخبارون ان وقت جون ملڪ جي صدر فيلڊ مارشل صدر ايوب خان جي حڪم جون غلام بڻيل هيون، سنڌ جي حقن لاءِ قومي اسيمبلي ۽ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ڪوبہ ميمبر هڪ اکر ڳالهائڻ لاءِ بہ تيار نہ هوندو هو سائين جي.ايم. سيد سن ۾ نظر بند ۽ سنڌ سموري ۾ ڄڻ ڪوئي راڪاس گهمي ويو هو. ڪنهن ديو جي اثر ۾ ماڻهو سمهيل هئا.

اهڙي دور ۾ سنڌي اديبن جو گڏ ٿيڻ شيخ اياز جو ٻاهر نڪري اچڻ، هڪ وڏو معجزو هو. اها هڪ وڏي ۽ ڏکهي تاريخ آهي، ان لاءِ هي صفحا موزون نہ آهن. ڇاڪاڻ تہ هِتي ذڪر حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو ڪرڻو آهي.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو جڏهن بہ ذڪر ڪجي ٿو تہ الائي ڇو مون کي لڳندو آهي تہ حميد سنڌيءَ کي ڪهاڻي لکڻ جو ڊِنگ، ڏانءُ چڱيءَ ريت اچي ٿو. هن کي پنهنجي انهيءَ ڏانءُ جي ڄاڻ آهي.

حميد سنڌي بنيادي طور تي هڪ ڪهاڻيڪار آهي ۽ سنڌي ڪهاڻي، سنڌي ادب جو هڪ مکيہ جز آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ڪهاڻين جي تاريخ ۾،

لالچند امرڏني مل، امر لعل هنگوراڻي ۽ آسانند مامتوراءِ کي وڏي اهميت حاصل آهي، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جمال ابڙي، غلام رباني آگري، آغا سليم، نسيم کرل، حميد سنڌي، امر جليل، طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل جي لکڻ جو پنهنجو منفرد انداز آهي. اصل ۾ پيا نيا انداز ۾ لکيل ڪهاڻين جي هڪ جدا ٽيڪنيڪ آهي، پر ٽيڪنيڪ جي وصف بيان ڪرڻ به ڏکي آهي. مواد، اسلوب ۽ هيئت سان ڪهاڻي جڙندي آهي، سٺو مواد، سني ٽيڪنيڪ ۽ وڏي ڳالهه ته ڪهاڻي بيان ڪرڻ لاءِ نزاڪت، لفظن جي چونڊ ۽ ڪلاڪاريءَ جي صلاحيت مکيه ڪردار ادا ڪندي آهي. اها ٽيڪنيڪ فقط جديد ڪهاڻيءَ جي پيداوار آهي، ماضي، حال ۽ مستقبل هاڻ ڪهاڻيءَ لاءِ ڪائي معنيٰ ڪونه ٿا رکن.

مثال طور، هن ڪتاب ۾ شامل حميد سنڌي جي ڪهاڻي ”ڪهڙي مومل، ڪهڙو راڻو“، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ شاندار ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ اسان جي سماج جي انتهائي ڏکوئيندڙ... پر حقيقتن کي هن وڏي ڪلاڪاري سان ويهي بيان ڪيو آهي. ’شانان‘ هن سماج جي هڪ ڇوڪري آهي، وقت ۽ حالتن هٿان مجبور... خاص طور تي هن دور ۾ اهڙيون ڇوڪريون سدائين اهڙن شڪار ٿينديون پيون اچن، اسان جي اوسن پاسن کان اهڙا ڪيترائي ڪردار ٽڙيل پکڙيل آهن. هن بدبودار سماج ۾، مجبورين ۽ حالتن جو شڪار به سدائين عورت ئي ٿيندي آهي. پوءِ مومل هجي يا ڪٿي شانان وقت ۽ بيرحم سماج جا اهي ڪردار اڄ به اسان جي سامهون آهن، پر انهن ڪردارن تي لکڻ، هڪ وڏو فن آهي.

حميد سنڌي ۽ هن مجموعي ۾ آيل ڪهاڻيون ”زماني جي دستور“، ”ويريون“، ”سنڌڙيان سگهري ڳالهه ڳجهڙي“ پڙهندي مون کي محسوس ٿيو ته اسان جي ليکڪ وٽ سنڌي سماج جو ڪيڏو نه وشال ڪئنواس موجود آهي- سنڌ جا ڳوٺ، سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن، سنڌ جون پراڻيون روايتون جيڪي هاڻ موجود نه رهيون آهن، سنڌي ڪردار، هن جي ڪهاڻين جا موضوع آهن، ماڻهن جي پس منظر ۾ ڳوٺن جو ماحول موجود آهي. انهن کي ان ڳالهه جو چڱي ريت اندازو هوندو ته اهي ڪردار ڪيڏا نه عجيب هوندا هئا. ”زماني جو

دستور" ڪهاڻيءَ ۾ ماما شمن جو ڪٽي مثال ونو خبر نٿي پوي تہ اهي نياز ۽ نوڙت وارا اٽپڙهيل پر داناء ماڻهو ڪيڏانهن هليا ويا؟

يا وري سندس هڪ ٻي ڪهاڻيءَ "ٽيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾" مائي نور جي ڪردارن کي پڙهندي محسوس ٿيو تہ حميد سنڌيءَ وٽ يادگيرين جو هڪ وڏو سمونڊ موجود آهي. انهي يادگيرين کي هو ڪهاڻين جي روپ ۾ آڻيندو رهي ٿو- يادگيرين جي حوالي سان مون کي ياد اچي ٿو منير نيازيءَ جو هي شعر:

بدلجندڙ موسم جي رات آهي
ميدان ۾ اونداهي آهي
هو سامهون اوچي ڪرسيءَ تي گهرن جي روشنيءَ ۾
درن جي ٻاهر بيٺل
ماڻهو ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن؟
سياست جي؟ محبت جي؟ جنگ جي؟
گذري ويل ڏينهن جي.
ايندڙ مهينن ۽ سالن جي،
ڪجهہ بہ خبر نٿي پوي
بس پريان ڪان سندن چپ هلندي ڏسجن پيا.

اصل ۾ يادگيري جي هڪ شعوري عمل وسيلي، ماضيءَ کي ڳولڻ جي هڪ ڪوشش، ناڪامي ۽ زوال، ۽ آخرڪار پاڻ تخليقي شخصيت جو خاتمو اهو سڀ هڪ حساس ليکڪ جو داستان آهي- يادگيريون هڪ اونهي سمنڊ وانگر هونديون آهن. انهن مان ڪي ماڻڪ موتي لال ڳولي، انهن کي لفظن جي روپ ڏيڻ هڪ فن آهي- هتي يادگيرين جي حوالي سان مون کي ياد اچي ٿو تريڊڪ زندگيءَ بابت هڪ ڪوٽيشن:

Memory is the basis of individual Personality, Just as tradition is the basic of the collective Personality of a people. We live in memory and by memory and our spiritual life is bottom simply the effort of our memory to persist, to transform, it self into hope the effort of our past to transform it sef our Future.

انسان جي سموري زندگي يادن جي گلابي گلن سان ڀريل آهي ۽ اهي يادگيريون ڏاڍيون عجيب به هونديون آهن- مشهور فرينچ ناولسٽ ماسيل پروسٽ (1871_1922) پنهنجي هڪ طويل ناول:

Ala Recherché du temps perdu (IN SERCH OF LOST TIME).

۾ لکي ٿو: ڪنهن خاص شڪل کي ياد ڪرڻ جي معنيٰ آهي ڪنهن خاص پل جو افسوس ڪرڻ ۽ ڏک جي ڳالهه اها آهي ته گهر ۽ گهٽيون ۽ پاڙا، گذريل سالن جي مثال وانگر هليا وڃن ٿا!

پر هڪ بيحد حساس ليکڪ کي ڪائي ڳولا به ضرور آهي، هيءَ ڌرتي، هوا، ستارا، چنڊ، سمنڊ، سج، درياءَ، وڻ، آسمان، ۽ وايومنڊل، هن جي ڳولا بابت ڪوبه جواب نٿو ڏي. پوءِ هو قلم جو وسيلو ٿو وٺي. انهيءَ قلم ذريعي هو پنهنجي يادگيرين، ذهن جي ڪئنواس تي اُڪريل سمجهه ۾ ايندڙ ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ نقشن کي ٿو لفظن جو ويس ڍڪائي. ڪهاڻيڪار/شاعر وبندڙ رتن ۽ اماوس راتين ۾ سپنا اُٽندو آهي، هو ويندڙ راتين جو عڪس هوندو آهي، اهو عڪس ڪنهن خوبصورت اپسرا جي يادگيرين، ٻڏندڙ سج ۽ اُڀرندڙ چنڊ وانگر آهي، ذهن جي زرتاب ڪنڊن مان چٽي ايندڙ سنهرن ۽ ايندڙ وقت جي سندر سپنن، اڪيلاين، سرمئي رتن جو پيامنبر هوندو آهي. دل جا دک ۽ درد ۽ لفظن جو بار کڻي هلندو رهي ٿو. حساس ليکڪ، جيڪي سرءُ ۽ وڻن هيٺان، ڏکهن رستن تي آهن چپ چاپ بيٺل، پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي چوڻ جا منظر!! ڪنهن نئين رت جا منظر! نيون رتون، وڻن مان ڇڻيل ۽ اڏامندڙ پنن ۾ ويڙهيل ۽ ستارا سندن اکين ۾ لهي ٿا اچن. زندگيءَ جي ڇڪتاڻ ۽ فطرت ۾ موجود ماحولياتي اثر، ڏپ، خوشي ۽ اُميد هن کي تخليق ڪرڻ تي ٿي مجبور ڪري، شاعرن، ڪهاڻيڪارن، پنهنجي ان تخيل جي ڪارفرمائي سان انسانن کي علم جي بادشاهت سان روشن ڪيو ماڻهن ۾ احساسن، جذباتن ۽ خيالن جي وحدت پيدا ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ سياسي شعور ۽ تجزيو پيدا ٿيو. تجزيو جيڪو دنيا ۾ انساني تجزيي کي سمجهڻ جي ڪوشش آهي ۽ ان کي ئي فلسفو ڪري سڏين ٿا.

هڪ فلسفي چيو آهي، ”ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ کي سمجهڻ ايترو ضروري نہ هوندو آهي، فقط زنده رهڻ ئي گهڻو ڪجهہ هوندو آهي، پر اسان جو زمانو انهن مان ڪونهي. اسان جي لاءِ ضروري آهي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.“

سمجهڻ جي ان ڪوشش ۾، هڪ ليکڪ گهڻو اڳتي ٿو نڪري وڃي. ٿي سگهي ٿو تہ ان ڪري بہ جو انسان عدم جي اونداهي مان نڪري وجود جي روشنيءَ ۾ اچي ٿو ۽ انهيءَ روشنيءَ سان وڙهندي وڙهندي هو اوچتو عدم جي اونداهين ۾ ٿو گم ٿي وڃي.

پر هڪ ليکڪ پنهنجي لکڻين وسيلي اينڊرڪيترن دورن تائين زنده رهي ٿو. هن جي من ۾ انيڪ ڪنٽهار ڪرڙيل رهن ٿا، هتي مون کي حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ”اڪڙبون ميگهہ ملهار“ ڏاڍي پئي ياد اچي. اهي ڪردار يعني ڏاڏي سونل جو ڪردار اڄوڪي نسل ڏنوئي ڪونہ. جينوٽيڪ سندس اها ڪهاڻي، مختصر ڪهاڻي آهي، پر اها ڪهاڻي پڙهي منهنجيون اکيون الائي ڇو آليون ٿي ويون.

منهنجي خيال ۾ هن ڪتاب ۾ آيل ڪيتريون ڪهاڻيون سهانجهڙي جي خوشبوءَ وانگر آهن. ڪنهن بہ هڪ ماڻهوءَ جون نہ، پر هر هر ماڻهوءَ جون ڪهاڻيون آهن.

ڇا حميد سنڌيءَ جي هيءَ شاندار ڪهاڻي ”مرين تہ آرهڙ ۾ مرجانءِ“ سنڌ جي هر سنڌي ماڻهوءَ جي ڪهاڻي ڪونهي؟

اڄ جي سنڌ: سياڻي جي سنڌ ۽ سُڪل سنڌو درياهہ جي ۽ هن ديس واسين جي درد ڪٿا جو داستان- ”مرين تہ آرهڙ ۾ مرجانءِ“ بابت فقط ايترو چوندس تہ اِها ڪهاڻي پڙهڻ سان ماڻهوءَ جو لڱ لڱ ٿو ڪانڊارجي وڃي، ان ڪهاڻيءَ کي لفظن جي پيتا ڏيڻ ممڪن ڪونهي.

مون کي اميد آهي تہ حميد سنڌي پنهنجي قلم جي سگهہ، پختي شعور، يادگيرين جي ڪئنواس سان سنڌي ادب کي آئينده بہ ڪهاڻيون ڏيندو رهندو. منهنجي تہ ڪيس گذارش آهي تہ هو هڪ ناول تي بہ ڪم

ڪري، ساڳئي وقت يادگيرين لکڻ لاءِ بہ هوم ورڪ ڪري، هو پاڻ سنڌ جي شاندار قومي ۽ سياسي جدوجهد جو اکين ڏٺو شاهد آهي. هن شاندار گذري ويل سنڌ جي قومي اتهاس جي آسمان تي چمڪندڙ روشن ستارا اکين سان ڏٺا. ڪيڏا نہ جهونجهار ڪيترا نہ سچا انسان هئا. اهي؟ شيخ اياز رشيد ڀٽي، مولانا غلام محمد گرامي، عبدالڪريم گدا، عبدالڪريم پلي، معصوم هالائي، حفيظ قريشي، نياز همايوني، اشفاق قاضي، نبي بخش کوسو عبدالفتاح عبد. عنايت الله ڏمچر. استاد بخاري، بيگم زينت چنا، ڪامريڊ ابن حيات پنهور، محسن ڪڪڙائي، شوڪت سنڌي، مجرم لغاري، پروفيسر عمر ميمڻ، جمال رند، غلام رباني آگرو، سراج الحق ميمڻ، قاسم پٿر سنڌي، سروبچ سجاولي، نثار حسيني، ڪامريڊ علي احمد قريشي، ڪامريڊ عمر شورو، ڪامريڊ يعقوب گل، محمد صديق پڪيئڙو ارباب نورمحمد پليجو محمد ابراهيم منشي، شوڪت سنڌي، مومن مليرائي، زرينا بلوچ ۽ ٻيا انيڪ قومي ڪارڪن. سنڌ جي آسمان جا تارا هئا. سنڌ جي مقدر کي بدلائڻ جا سُنهري سپنا ڪٽي هنن هڪ ڊگهي لڙائي لڙي، جيلن ۾ ويا، قيد جون سختيون ڪاٽيائون ۽ هڪ تاريخ ٺاهي ويا.

اهي سڀ ماٺهو مشعل هئا، ٻارڻ ڏيئي ٻاري هليا ويا. هن هجوم حيران ۾ سڀ ڪان اڳتي هوندي بہ پوئتي رهجي ويا. جڻ چنڊ جا مسافر هئا. جيڪي چانڊوڪيءَ ڪان پيجي ويا. زندگي کي ڏسندي، پرکندي، اُجڙيل شامن. رات جي پوئين پهرن جا مسافر. اونداهين راتين ۾ پرهہ ڦٽي جي آس جا پانڌيئڙا. اسان جي اکين ۾ جوت جلائي، پاڻ گم ٿي ويا.

مون ڏاڍ جا ڏونگر ڪٽي، جا واٽ آ ٺاهي،<br>
اُن واٽ تان گذري، تہ مون کي ياد ڪندو ڪر.<br>
(راشد مورائي)

**مدد علي سنڌي**

# ڪارو رت

اجا اک ئي مس لڳي هيس، تہ در تي کڙڪو ٿيو. اُٿي ئي اُٿي، تہ پيو پيرو زور سان ڪڙو ڪڙڪيو.

"رُلي مُئا آهن! اڇيو آڏيءَ رات جو سڪ ڦٽائين!" پيرو بڙ بڙ ڪندو هنڌ مان اُٿيو.

ٻہ سجاڳ اکيون کيس پويان پويان ڏسڻ لڳيون.

"ابا، ڪهڙو؟" ٻاهر اڱڻ ۾ ايندي، هن وڏي سڏ پڇيو.

"ميان، جواب تہ ڏي! ڪير آهين؟" هو خار کائيندي ٻاهرئين در ڏانهن وڌيو.

اندر ڪوٺيءَ ۾، ڪا نازڪ دل ايندڙ خطري جي احساس کان زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي.

پيروءَ در کولي ٻاهر ليئو پاتو. ڪنهن سڃاتل شخص جو پاڇو معلوم ٿيس. خوشيءَ وچان بي اختيار ٿي پڇيائين، "ڪير!.... مٺان آدو شير....." هن جي جملي پوري ڪرڻ کان اڳ اُهو شخص اندر گهڙي آيو. پيروءَ هاٿي کيس چڱيءَ طرح سڃاتو ۽ ياڪر پائڻ لاءِ ٻنهي ٻانهن کي کوليندي ڪجھ چوڻ تي هو تہ ايتري ۾ آيل شخص جي هٿن کي تيزيءَ سان حرڪت آئي.... هلڪيءَ دانهن سان، پيروءَ جي سري وچي پرتي پيئي، ۽ ڌڙ اُتي ئي نچندي نچندي ڍهي پيو.

اندران هڪ سنهي چيخ ٿي، ۽ ڪو ڊُڪندو ٻاهر آيو.

"تون ڇو آئي آهين؟ آءٌ پاڻيهي اچان ٿو. ڏس تہ، منحوس اجا پيو ڇڙٻون هڻي! تون اندر هل، آءٌ اچا.... اڙي، جنو تون تہ ڏڪين پيئي!" هن جنوءَ کي ياڪر ۾ جهليندي چيو "ڊڄي ويئي آهين؟ ڊپ ڇا جو آءٌ جو موجود آهيان!"

"شيروا.... توهي ڇا ڪيو!" جنو شيروءَ جي ڪلهي تي اهلي پيئي.

”نيڪ ٿيو هن پوڙهي کي مرڻ ٿي کپندو هو. هي سيڪجهه تو لاءِ ٿي ته ڪيو اٿم!.... هاڻي تون شيروءَ جي زال آهين. شيروءَ وانگي بهادر ٿيءُ. تون هل اندر. آءُ اچان ٿو. گهبرائي بلڪل نه....“

شيرو ست پائي در ڏانهن وڌيو. ٻاهر آسپاس نظر ڪيائين. رات جو اوندهه ۾. پري تائين پکڙيل ٻنيءَ ۾ گاهه جي ڪارن لڏندڙ لمندڙ ٻاچولن کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونه هو. هن آهستگيءَ سان دروازو بند ڪيو ۽ موٽي لاش وٽ آيو.

”اڙي. تون اجا اتي بيٺي آهين! هتي گهڻو نه بيهه. تنهنجي دل ڪمزور آهي. جنو.... او جنو!.... جنت!. ...“

جنت. لوئيءَ ۾ ويڙهي. ائين خاموش ۽ بيحرڪت بيٺي هئي. جڻ ڪو پٿر جو بي پساهه بوتو هجي. شيروءَ وڌي اچي ٻانهن ۾ ورتس. جنوءَ. ڇرڪي، ڪنڌ کڻي سندس ڪلهي تي رکيو ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

”ڇري آهين ڇا. روئين ڇو ٿي؟ توکي ته پاڻ خوش ٿيڻ کپي! هل. اندر هلي آرام ڪر. آءُ به هلان ٿو....“

شيروءَ کيس پاڪر ۾ وٺي اچي اندر کٽ تي ليٽايو. پاڻ سندس سيرانديءَ کان ويهي رهيو. لالٽين جي جهڪي روشنيءَ ۾ کيس جنوءَ جو منهن بلڪل هاريل ۽ نپوڙيل نظر آيو. هوءَ اکيون بند ڪري پيئي هئي، ۽ سندس ساهه زور زور سان کڄي رهيو هو. شيروءَ سوچيو ’زال ذات آهي. لاش ڏسي ڊني آهي. اسان جي دل ته اهڙي پڪي ٿي وئي آهي جو حرام ڪو لوڏو اچيس!.... جنوءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪو رستو ئي ڪونه هو.... خود جنوءَ به ته ائين ئي ٿي چاهيو!‘

”جنو!“ هن جنوءَ کي ڌونڌاڙيو.

”هون....“

”اُٿي ته ويهه. اجا گهڻي رات پيئي آهي. مس مس دل جو غبار هلڪو ٿيو آهي. هاڻي اسين هميشه لاءِ هڪٻئي جا ٿي رهنداسين. جيڪو وچ جو ڪنڊو هو سو به خيرن سان دفع ٿي ويو.“

”وچ جو ڪندو تہ دفع ٿي ويو ..... پر.....“ وڏيڪ چوڻ بدران، جنو اکيون کولي شيروءَ جي منهن ۾ تڪڻ لڳي.

”.... پر؟.... چئہ، چئہ.“

”مان پاڻيان ٿي، ..... شيرو..... اهو چڱو نہ ٿيو!“ جنوءَ وري اکيون ٻوٽي ڇڏيون.

”تون اجايا ڪُتڪا نہ ڪر. جنو جيڪي ٿيو سو ڏاڍو چڱو ٿيو. پيروءَ مان توکي سک بہ ڪهڙو هو.. هو پنجاهہ ورهين جو تون ٻاويهن ورهين جي.... ڪيڏو نہ ظلم چئبو! ننڍي هوندي کان نالي ٿيل هئاسين، پوءِ آءُ ملٽريءَ ۾ وڃي هليو پر آخر تہ موٽي اچڻو هوم! سچ پڇين، جنت، توکان سواءِ مون کي ڪٿي بہ آرام ڪونہ هو!“

”پر..... آءُ تہ هاڻي اها ساڳي....“

”ڏس، جنو تنهن ڏينهن بہ تو اها ئي ڳالهہ ڪئي... چيومانءِ تہ تون مون لاءِ اُها ئي جنو آهين. اها ئي جنو آهين! ڪجهہ اڳيون ڳالهيون تہ ياد ڪر . اڄ ورهين کان پوءِ اهو زمانو وري آيو آهي، جڏهن اسين ڏينهن رات هڪٻئي کان جدا نہ ٿيندا هئاسين!...“

جنوءَ جي ذهن تي يادگيرين جا انبار تري آيا. ننڍپڻ جو زمانو جڏهن ٻئي ڄڻا سڄو سڄو ڏينهن پيپا ٻنين جي ڪشادين ساوڪن ۾ ڊوڙون پائيندا هئا، ۽ پوءِ جوانيءَ جون اهي يادگار گهڙيون، جن ۾ جنوءَ ۽ شيروءَ هڪٻئي سان قول قرار ڪيا هئا. جنو شيروءَ جي ڪنهن رشتي سان سوٽ ٿيندي هئي. شيرو گهڻو ڪري ٻنيءَ تي رهندو هو. جيتوڻيڪ گهر پري ڪونہ هئا، تہ بہ اهو اڪثر ڪري راتيون بہ منهہ ۾ گذاريندو هو. پلا گهر ڪنهن لاءِ وڃي؟ سڳي پيءُ جو تہ گهر ڪونہ هوس. شيروءَ جي ماءُ خيران پر واري ڳوٺ جي هڪ هاريءَ جي زال هئي، جا پيروءَ جي پيءُ، محمد خان ڪمدار، زميندار جي زور تي پچائي هئي. شيرو ان وقت ستن ورهين جو هو ۽ ماڻس کيس بہ ساڻ ڪٺي آئي هئي. شيروءَ جي سڳي پيءُ گهڻي ڊڪ ڊوڙ ڪئي، پر مائيءَ خيران جو محمد خان ڪمدار سان اهڙو نينهن لڳي ويو جو ڪلي ڪورٽ ۾ چئي ڏنائين تہ ’مڙس منهنجو هيءُ، پيو سڀ ڪوڙ‘. شيروءَ کي نہ

نئون پيءُ محمد خان وڏيو ۽ نہ وري محمد خان کي ئي شيرو پسند پيو. پيرو جو محمد خان جي اڳينءَ زال مان هو. تنهن مڙئي شيروءَ سان سنگت رکڻ چاهي. جيتوڻيڪ پاڻ ان وقت پنجويهن ورهين جو جوان هو پر پيروءَ کي الائي ڇو شيروءَ جي ٻالي ڀولي شڪل ڏاڍي وڻندي هئي. پر شيرو انهيءَ سان بہ نہ نهيو. شيرو نهيو تہ 'جنت' سان، جا پيروءَ جي سڳي سوٽ هئي.... ۽ هاڻ شيروءَ جي بہ سوٽ ٿي. شيرو ۽ جنت اهڙا نهيا، جو جواني اچي وئي تہ بہ هنن ۾ اها ئي مستي ۽ چلولائي هلندي آئي. ڪڏهن ڪڏهن مزي ۾ اچي، شيرو جنت کي چوندو هو:

"جنو، تون مون سان شادي ڪندينءَ نہ؟"

"هون، توسان" جنو منهن ۾ ڪُوڙو ور وجهي چوندي هئي، "شڪل ڏٺي اٿئي پنهنجي! امان مون کي چوندي آهي تہ 'تون چوڏهينءَ جو چنڊ آهين'، پوءِ ڀلا تو ڇا آهين جو مون سان شادي ڪندين!"

شيرو ٻانهن کان جهلي وٺي مروٽڻ لڳندو هوس، تہ جنوءَ کان ڪيڪ نڪري ويندي هئي: "آلا، ڇڏ، منهنجي ٻانهن ٿي وڃي!"

"تون چوڏهينءَ جو چنڊ آهين نہ!" شيرو ٻانهن کي ٿورو وڌيڪ موڙو ڏيندو هو.

"نہ نہ، تون آهين چوڏهينءَ جو چنڊ، بس!.... الا، منهنجي توبهہ!"

"ٻڌاءِ، مون سان شادي ڪندينءَ نہ؟"

جنو شرمائجي، منهن ڪٺي ٻئي پاسي لڪائيندي هئي.

"ڀلا، چنگ تہ ٻڌاءِ!" جنو چوندي هئي. شيرو چنگ وڄائيندو هو تہ جنت جي دل جي تار تار تڙڦي اُٿندي هئي، ۽ هوءَ شيروءَ جي ڪلهي تي ليٽي پوندي هئي. ائين ئي، پيار محبت جون گهڙيون گذاريندي، هو هڪٻئي جي نالي ٿي ويا. شيروءَ جي ماءُ ڏاڍي ڪوشش ورتي: جيتوڻيڪ محمد خان ڪمدار راضي نہ هو پر زال جي ڪري چپ رهڻو پيس. جنوءَ کي اهي سڀ ڳالهيون هڪ هڪ ٿي ياد اچي رهيون هيون.

.... محمد خان جي نفرت لڪل ڪانہ هئي. هو شيروءَ کي آهاني ٻهاني پيو چيڙائيندو ۽ چڙٻون ڏيندو هو. شيرو اهي سڀ ڳالهيون سهي، ماٺ ۾

پيو وقت گذاريندو هو. هڪڙي ڏينهن, واٽر ڪورس جو پاڻي ہڏي موٽيون تہ پويان ہُنڊو ٿُٽي پيو. پاڻي اڃا گهڻو ڪونہ نڪتو هو تہ محمد خان اچي اتي نڪتو جنهن وٽ ونان ڪري پاڻي تہ وري ہڏرائي ڇڏيو پر موٽي اچي شيروءَ سان ڏاڍي جُٽ ڪيائين, ڏاڍو ڇينيپائينس ۽ ڏاڍو بيعزت ڪيائينس, شيروءَ اُها رات منهہ ۾ گذاري, سڄو وقت بيقرار ۽ بي آرام رهيو. انهيءَ رات هن جنوءَ کان وفاداريءَ جو ہول ورتو هو. جنوءَ کيس گهڻو ئي روڪيو رُني ۽ رڙي, پر شيرو ڳوٺ ڇڏڻ جو اصل فيصلو ڪري چڪو هو. هن جنوءَ سان جلد موٽڻ جو واعدو ڪيو ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ ئي ڳوٺ ڇڏي هليو ويو.

..... ان کان پوءِ, ساندهہ ٽي سال شيروءَ جو پتو ئي ڪونہ پيو. انهيءَ وچ ۾ شيروءَ جي سڳي ڀيڻ کي موقعو ملي ويو جنهن هٽي محمد خان جا ڳپل لاهي وڌا, ۽ ان سان گڏ خيران کي بہ ڳيا ڳيا ڪري ڳُنائين.... ہنهي کي ڪارو ڪاري ڪري ماريائين.

.... شيروءَ جي فوج ۾ وڃڻ جي خبر جڏهن ڳوٺ ۾ آئي هئي, تہ جنو ڏاڍو رُني هئي. کيس خبر هئي تہ فوج وارا جنگ ڪندا آهن, ۽ جنگ ۾ ڪيترائي ماڻهو مري ويندا آهن. پوءِ جڏهن ڪنهن اچي شيروءَ جي مري وڃڻ جي خبر هُلائي هئي, تہ جنوءَ جا تمام بُرا حال ٿيا هئا. جنوءَ کي اهو وقت چٽيءَ طرح ياد هو جڏهن مائٽن کيس زبردستيءَ ڀيروءَ سان پرڻائي ڇڏيو. ڀيروءَ جي اڳين زال بي اولاد مري ويئي هئي. جنوءَ کي جڏهن بہ شيرو ياد 'ايندو هو تہ هن دل دانهون ڪرڻ لڳندي هئي. ۽ وري جڏهن کيس شيروءَ جي مري وڃڻ جو خيال ايندو هو تہ هوءَ بنهہ نيم پاڳل بنجي ويندي هئي. ڪيترائي ڏينهن هوءَ شيروءَ جا خيال پچائيندي, اندر ئي اندر ۾ لڇندي رهي.

دائمي جدائيءَ جو اونهون ناسور وقت جي مجرب مرهم سان مس مس وڃي ڀريو هو تہ هڪ ڏينهن اوچتو شيرو موٽي آيو... ٽن سالن کان پوءِ! هو جڏهن گهر ۾ قدم رکي رهيو هو تہ کيس اها خبر ئي ڪانہ هئي تہ هو صرف ڀيروءَ جي ئي گهر ۾ داخل نہ ٿي رهيو آهي, پر خود جنوءَ جي چانئٺ پڻ ٽپي

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

چڪو آهي. نماشام جي ويل هئي، جنوءَ ڪير پئي لاٿو ته پنيان شيروءَ اچي ڪيڪار ڪئي.... "ياچائي، سلام......!"

جنو انهيءَ آواز تي سجي چرڪي وئي. چونري هٿن مان ڇڏائجي وئيس. تپ ڏيئي اُٿي، ۽ بت بڻجي بيهي رهي. اهو ته ڪيس وهم گمان ۾ به ڪونه هو ته ڪو شيرو وري جيئرو ٿي ايندو! شيرو به صفا ناپرجي ويو. ڪيس بلڪل اعتبار ئي نه پئي آيو ته هوءَ جنو ٿي سگهي ٿي. ڪا گهڙي، هو ٻئي هڪٻئي کي ائين چپ چاپ، اکيون ملائي، حيرت سان ڏسندا رهيا، جڻ ٻئي هڪٻئي لاءِ اجنبي هئا. جڻ ٻئي هڪٻئي کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

جنوءَ کي چڱي طرح ياد هو.... جڏهن هن شيروءَ کي پنهنجي سموري ماجرا ٻڌائي هئي، ته شيرو بيحد جوش ۾ پرجي ويو هو. هو ڳوٺ ڇڏي وڃڻ تي ڏاڍو پشيمان هو. هن جون اکيون پرجي آيون هيون. ۽ ڪيتريءَ دير تائين هو فقط جنوءَ جي منهن کي گم سم تڪيندو رهيو.... ۽ پوءِ هو يڪايڪ جوش ۾ اچي چوڻ لڳو "جنو شيروءَ جي آهي، ۽ شيروءَ جي ٿي رهندي!" اينتري ۾ پيرو آيو. پهرين هبڪي بيهي رهيو ۽ پوءِ وڌي شيروءَ کي ڀاڪر پاتائين. ڏاڍو خوش ٿيو ڏاڍا ڏک ڏوراپا ڏنائينس. پر شيروءَ رڳو 'هان' ۽ 'هون' ۾ پئي جواب ڏنس.... جڻ ته هو پيروءَ کي سڃاڻندو ئي ڪونه هو. پيروءَ جاتو پاڻ پري ڪان ٿڪجي آيو آهي، سو شيروءَ جي رک مُنهانئيءَ جو خيال ڪونه ٿيس. شيرو ته رات ئي ويو ٿي، پر پيروءَ ۽ جنوءَ جي زور پرڻ تي ٽِڪي پيو. ماني کائي، پيرو هليو ويو پاڙيءَ جي واري تي. شيروءَ ۽ جنوءَ.... پنهي سڄي رات ڳالهين ڪندي گذاري. ڳوٺ ڇڏڻ کان پوءِ جون ڳالهيون، ملتريءَ جون ڳالهيون، ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جون ڳالهيون، ۽ جنوءَ سان پنهنجي اٿاهه محبت جون ڳالهيون ورجائيندي، شيروءَ آخر جنوءَ کي سندس وفاداريءَ جو انجام ياد ڏياريو. جنو اضطراب ۽ مجبوريءَ جي گڏيل احساس ۾ ڪوئجي، بلڪل چپ چاپ ويٺي اهي ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، ته شيروءَ يڪايڪ پنهنجو خوني ارادو ظاهر ڪيو. جنهن جنوءَ کي بلڪل ڏڪائي ڇڏيو. هن شيروءَ کي ڪيتروئي سمجهايو ٻاڏايو. آزي ۽ نيزاري ڪئي،

پنهنجيون مجبوريون ٻڌايون، پر شيروءَ سندس هڪ ٻه نه ٻُڌي، ۽ آخر تائين ائين ئي چوندو رهيو ته ”آءٌ ڪنهن به حالت ۾ توکي حاصل ڪندس..... يا پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيندس!“ جنو ٻنهي حالتن ۾ مجبور هئي. هوءَ فقط روئي سگهي ٿي، خاموش رهي سگهي ٿي. صبح جو شيرو کيس خاموش روئندو ئي ڇڏي، بنا موڪلائڻ جي هليو ويو... ۽ ٿيءَ رات، پيروءَ جي ئي گهر ۾، پيروءَ جي رت جا ڏُبا ڇانئجي ويا.

رت جي ڏِٻن جي خيال ايندي، جنو ڇرڪ ڀري اُٿي.

”ڇو جنوا!“ شيروءَ کي به جنوءَ جي پاسي ۾ ويٺي ويٺي ننڊ جا جهوٽا اچڻ لڳا هئا. ”تون هاڻي آرام ڪر، جنو دل تي ڪنهن به خيال کي نه اچڻ ڏي. آءٌ به ٿوري دير اتي ئي ٿو ننڪي ڪائي ونان، ۽ پوءِ..... ڀلا، توکي ڇا ڪرڻو آهي؟..... آءٌ نڪري وڃان، پوءِ تون ’خون خون!‘ ڪجانءِ..... زور سان! ٻيا گهر ڪافي پرڀرو آهن.... بردباريءَ کان ڪم وٺج، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.... چڱو هاڻي آرام ڪر....“ شيرو سنئون ٿي ليٽي پيو. پر جنوءَ کي آرام ڪٿي هو؟ ڪئي خيال، ڪئي وسوسا هن جي ذهن ۾ ايندا ۽ ويندا رهيا. ’هيءُ ڇا ٿي ويو؟‘..... هوءَ ڪيتري دير تائين اچوڪي واقعي بابت سوچيندي، خوف کائيندي، ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. طرح طرح جي جذبن جي طوفان ۾، هن ڪنهن وقت پيروءَ جي بيگناهه خون تي ملامت پئي محسوس ڪئي، ته ڪنهن وقت شيروءَ جي محبت متسّ غالب هئي. رات اڌ کان مٿي چڙهي آئي هئي. بيحد بيچينيءَ وچان، هوءَ آهستي آهستي اُٿي ٻاهر اڱڻ ۾ آئي، جتي تارن جي جهڪي روشنيءَ ۾ پيروءَ جو پٽ تي پيل لاشو بلڪل ڀوائتو منظر پيش ڪري رهيو هو. جنوءَ جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. هوءَ ڪا گهڙي بلڪل گم سم هڪ هنڌ بيٺي رهي، ۽ پوءِ هوريان هوريان اڳتي وڌڻ لڳي. لاش جي قريب اچي، هوءَ ويهي رهي. پرتي پيروءَ جي سسي پيئي. رت جا وهي هليل ڏُبا، خشڪ ٿي، هڪ هنڌ ڄمي ويا هئا. چوڌاري چپ چپات لڳي پئي هئي. رات جي سناٽي ۾، گهر جي [illegible] ي ويڪري اڱڻ ۾، اڪيلي جنو ائين خاموش ۽ بيحرڪت ويٺي هئي، ڄڻ ته ڪو آسماني روح عبادت ۾ مصروف هو. جهُڪيل نگاهن سان، هوءَ پٽ تي

پيل لاشي کي ائين هڪ ٽڪ ڏسندي رهي، ڄڻ تہ هن جي سموري سوچ سندس اکين ۾ اچي گڏ ٿي هئي. هوءَ ڏسندي رهي، سوچيندي رهي، آسپاس جي ماحول کان بلڪل بيخبر، سيني خيالن کان بي نياز فقط پيروءَ جي باري ۾.... پيروءَ، هن جو خاوند، هن جو سڳو سوٽ، گهر جو مالڪ، جنهن جو جنازو ڏرتيءَ تي ائين بيواهو پيو هو ڄڻ تہ هيءَ گهر سندس گهر نہ هو ڄڻ تہ سندس ڪوبہ عزيز قريب، ڏٽي ڏوٽي، هوئي ڪونہ! يڪايڪ جنوءَ کي ائين محسوس ٿيو تہ پيرو ساڻس شڪايت ڪري رهيو هو.. ’تون ئي تہ منهنجي سيڪجهہ هئينءَ!..... آءَ، تنهنجو سهاڳ، تنهنجي ئي ڪري تہ بيگناهہ مارجي ويس!...‘ انهيءَ گهڙيءَ هوءَ پنهنجو پاڻ کي مجرم سمجهڻ لڳي.... ’الا، ڏٽي منهنجا، هي مون ڇا ڪري وڌو!.... نڪاح ٻڌي هئيسانس، ائين بيواهو ٿي مُئو!‘ جنوءَ کان هڪ ڌبيل اوڇنگار نڪري ويئي. اکين مان لڙڪن جي قطار وهي هلي. همدرديءَ ۽ ڪهڪاءَ جو هڪ شديد جذبو دل جي گهراين مان اُڀري، هن جي حواسن تي ڇانئجي ويو.... ۽ هوءَ بي اختيار پيروءَ جي بيجان جسم تي ڪري پيئي. سندس سيني ۾ پيار جي هڪ انوکي لهر اُڀري، جا هن پيروءَ لاءِ پهريون ئي دفعو محسوس ڪئي هئي. انتهائي رفت جي حالت ۾ پيروءَ جي ڇاتيءَ سان چنبڙي، هوءَ لڳاتار اونهان سڏڪا ڀريندي ۽ اُسڙڪندي رهي. هڪ گهڙيءَ لاءِ هن چاهيو تہ هوءَ زور زور سان دانهون ڪري، چلائي، فرياد ڪري، پر غم جي شدت کان هن پنهنجو گلو گهٽبو محسوس ڪيو. اکين جو سمورو پاڻي خشڪ ٿي چڪو هو. بدن بيسُرت، ۽ دماغ ڀاري هو. هٿ ۽ ڪپڙا سڀ رت سان رنگجي ويا هئا. ڳچ ڳچ دير کان پوءِ، اوچتو هن جي نظر پنهنجن رت ڀريل هٿن تي پيئي، تہ هوءَ لرزي ويئي..... ’خون!‘ بي اختيار منهن ڪٽي هٿن ۾ لڪايائين. انهيءَ ئي گهڙيءَ، يڪايڪ هن کي خيال آيو.. ’خوني منهنجي گهر اندر آهي‘.... خوني، قاتل..... پيروءَ جو قاتل... منهنجي خاوند جو قاتل!..... شيرو؟... شيرو؟.... خوني، قاتل، منهنجي سهاڳ جو چور!....‘ هن جون نگاهون پيروءَ جي پري تائين پکڙيل رت ڏانهن کڄي ويون، جيڪو تارن جي جهڪي روشنيءَ ۾ ڪارن وهڪرن جو روپ ڏيکاري رهيو هو پر جنوءَ کي ان ۾ پنهنجي ڀاڳ

سهاڳ جي لالائي نظر اچي رهي هئي. اندر جي اضطراب ڪان, هوءَ ٽپ ڏيئي اُٿي. هن جي دل وري تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي, جنهن ۾ جذبن جو هڪ بيپناهہ طوفان جاري هو: 'شيرو خوني آهي! هن هڪ بيگناهہ جي حياتي ورتي آهي.... منهنجي حياتي تباهہ ڪئي آهي..... منهنجو دشمن آهي.... منهنجو ڪوبہ واسطو ڪونهي, ڪوبہ واسطي ڪونهي, شيروءَ سان منهنجو ڪوبہ واسطو ڪونهي!....'

خيالن جي بيخبريءَ ۾, جنو ڪوٺيءَ جي دروازي تائين پهچي آئي. شيرو اگهور ننڊ ۾ ستو پيو هو. جنوءَ کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪو ڌاريو ستو پيو هو. 'خوني!.... منهنجي گهر ۾؟.....' اکين ۾ رت پرجي آيس. هڪ گهڙيءَ لاءِ هوءَ منجهي بيهي رهي, ۽ پوءِ وڌي شيروءَ جي قريب آئي. شيروءَ جو لاپرواهہ چهرو هن کي بيحد پيانڪ معلوم ٿيو. ڪنهن نامعلوم احساس ڪان, هن جو سڄو بت ڌڪڻ لڳو. سندس ٿڙڪندڙ ٽنگون خود بخود پوئتي هٽڻ لڳيون, ۽ پٽ تائين پهچي بيهي رهيون. پٽ جي ٽيڪ تي رکيل ڪنهن چيز جي ڇهاءَ سان جنوءَ جي ذهن کي اوچتو جهٽڪو آيو. سندس ڌڪندڙ هٿن کي زوردار حرڪت آئي, .... بيءَ گهڙيءَ سڄيءَ ڪوٺيءَ ۾ شيروءَ جي گرم رت جا ڦوهارا ڦهلجي ويا.

جنوءَ جو مغز چڪرائجي ويو. هوءَ غش ٿي هيٺ ڪري رهي هئي, تہ شيرو ڦٿڪي رهيو هو: جنوءَ کي ائين محسوس ٿيو تہ شيروءَ جو وهندڙ رت ڪارو هو... ۽ انهيءَ ڪاري رت ۾ وهنجي, هوءَ پاڻ بہ سڄي ڪاري ٿي ويئي هئي.

(مهراڻ 2_1/1960ع)

❑

# ’زندگي بڻجي نه شل سسئي جا سور!‘

” اُف، هيءَ حياتي آهي! لعنت آهي هن جيئڻ تي. حيف اٿئي ڙي جمعا، حيف اٿئي. ٺڪون اٿئي. او الا. ڇا ڪريان، ڪاڏي وڃان، ٻڪن وڃان ٻُري ڪندا تي ويو آهيان، بار به نٿو ڍوييو پڇيم. ٻچڙا ڏار پيا بک مرنم، آخر ڇا ڪريان؟...ڪجهه نٿو ڄاڻان، ڪجهه نٿو ڄاڻان...“

جمعي پنهنجي ليکي پڙ پڙ وبني ڪئي، ۽ پوءِ دک درد جي پيڙا وچان ٻانهن ۾ ڪٽي منهن لڪايائين، ۽ ڪيس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. دل چيس ته ڏاڍيان روئي، پر چوڌاري نظر وڌائين ته ڪير به ڪو نه هو. هو هڪ اُجاڙ هنڌ بينو هو. پر پوءِ چيائين ته روئندس ته ڇا ٿيندو؟ نڪي ڪو ٻڌندو ۽ نه وري ڪو لڙي اچي آٿت ڏيندم ۽ مدد ڪندو. اهو ويچاري هو ماٺ ڪري اُتان اُٿيو. جنهن سر تي وبنو هو تنهن کي ڪٽي اهڙو ته زور سان زمين تي ستيائين جو اُها پڳي سا ڪا نه. باقي هڪ اُچل ڪائي، پيءَ اُچل سان زمين ۾ پيهي ويئي؛ ۽ ڪيس ائين محسوس ٿيو ته حياتيءَ ۽ سورن جو ٻاڻ ۾ اهڙو ڳانڍاپو آهي، جهڙو زمين ۽ سِرَ جو. هو مٽي کي ڏوٽيندو اڳتي وڌيو.

هو سوچيندو هليو ته آخر ڇا ٿيندو:هن حياتيءَ جو ڇا ٿيندو سندس ٻن ٻچڙن جو ڇا ٿيندو سندس زال رينوءَ جو ڇا ٿيندو. انهيءَ بک جو ڇا ٿيندو جيڪا ڏينهن کان سندن در اندر پيهي آئي آهي.

پرندڀ جو هاري جمعو اج شهر ۾ بک مري رهيو هو. اُهو هاري جنهن اَن اُپايو، ٻين جي بُک اُجهائي، اج اهو بکايل هو. سندس ٻچڙا بکايل هئا. ڪيس اُنهيءَ گهر کان ٻي گهر ڪيو وبو جنهن ۾ سندس ابن ڏاڏن ڏونهين دُکائي هئي. ڪائنس اُها زمين کسي ويئي هئي، جنهن تي سندس وڏن ۽ ٻاڻ لوڙائو ڳائي، هر هلائي جيوَن جياريو هو. اج ٻين جي جيوَن کي ڇڏي ڪيس پنهنجي جيوَن جي ڳڻتي لڳي هئي. زمين تان هڪالجڻ کان پوءِ هن گهٽي

ڪوشش ڪئي ته ڪنهن ٻئي زميندار جو هاري ٿي وڃي. پر گهٽيءَ هڻ هٽان ڪان پوءِ به ڪيس مايوس ٿيڻو پيو ڇاڪاڻ جو زميندار وٽ گهُرَ گهٽي ۾ مال ٿورو وارو حساب هو. ڪوڙ هاري بي گهر ٿيا هئا ڪي ڪٿي لڳي ٿي ويا ته واه. نه ته گهڻن شهر جو رستو ورتو هو. سوچ اها هين ته مزوري ڪري پيٽ پاليندا سين. پر شهر ۾ مزوري ته ڇا. پر حياتي خود ڏکي ٿي پيئي هئي. سورن جا انبار، حياتي مختصر. ڪاڏي وڃي ڪاڏي ويججي هڏ هٽي مسين وڃي ڪو تڪر نصيب پوندو هون.

پر جمعي کي آئي به ٽي هفتا ٿي ويا هئا. پورهئي کي ڳولي ڳولي ساٿو ٿي پيو هو. پر نڪي مزوري نڪي پورهيو نڪي حياتي. هر هنڌ بڪ ڙي بڪ!

ڪي ڏينهن ته زيٺوءَ جا ٽيڙ وڪٽي هن ڪم ٽپايو. هڪ پڳل جهوپڙين مان هڪ جهوپڙي مڙئي ڏوڪڙ سوڪڙ ڏيئي ورتائين. في الحال اَجهو ڪري پوءِ لڳو روزگار پنيان. پر ڏنائين ته هٿ سواءِ پن جي پيو ڪو ڏنڏو ڪونهي. پنهنجي جسم کي ڏسي شرم ٿئي آيس ته ڪيئن پنان. پر اڄ جڏهن هو سوچ ويچار ۾ ڦرندو گهرندو هن ويراني ۾ اچي پهتو هو ۽ پنهنجي ٻت ڏانهن نهاريو هئائين. ته ڪيس چڱيءَ پر معلوم ٿي ويو هو ته هو اڳيون جانئو جوان جمعو ڪونهي- بس ائين پئي لڳو ته هو شايد پنڻ جي لائق ٿي ويو آهي.

هو انهيءَ پنڻ ۽ بک جي مسئلي تي ويچاريندو آهستي آهستي شهر ڏانهن وڌندو ويو. شهر ۾ گهڙندي ئي هن خيال ڪيو ته ٻني ڏسجي، پر الائجي ڇو دل ئي نه مڃيس. هو دل ڏاڍي ڪري هڪ پر واريءَ هوٽل جي ٻاهران بيٺو. هوٽل ۾ وڃڻ ۽ نڪرڻ وارا ته ڪوڙ هئا. پر هن کي الائجي ائين ڇو محسوس ٿيو ته هو به بڪايل آهن. گهڻن جا ٻت ڏبرا هئا. ڪپڙا ڦاٽل هئن. منهن تي ويراني. جيڪڏهن ڪن هڪبئي سان ڳالهايو ٿي ته سندن چپن تي هڪ ڦڪي بدنما مرڪ ڦهلجيو ٿي وئي. هوٽل مان گهڻن نڪرندڙن جي منهن مان ائين ٿي معلوم ٿيو جڻ ته هو خالي وڃي ۽ خالي اُٿي آيا آهن. شايد اڌ بک، سڄيءَ بک کان وڌيڪ عذاب مثل هئي، جنهنڪري سندن

منهن وڏيڪ بي رونق ٿيندا ٿي ويا.

جمعي جي دل چاهيو تہ هو بہ هوٽل ۾ گهڙي وڃي- جي هو ماني کائي نہ سگهي تہ ڪائيندڙن کي ڏسي مَنَ سندن بکايل پيٽ کي آٿت اچي- پر يڪدم اهو خيال لاهي ڇڏيائين. ڪيس اِهو هڪ اهڙي عذاب مثل معلوم ٿيو جنهن لاءِ ڪو بہ ماڻهو ائين چئي ٿي سگهيو تہ هن پنهنجو پاڻ کي ڦاهو ڏنو آهي.

اچانڪ هن کي گهڻيءَ دير کان پوءِ ٻچڙن جو ۽ زال جو خيال آيو. هن يڪدم ڇرڪ ڀريو. "الا! مون سڄي ڏينهن ۾ صرف بک جو خيال پئي ڪيو آهي, ننڍڪي ٻچڙن جو...!" هو تکو تکو شهر جي انهيءَ ڀڳل ڦٽل علائقي ڏانهن آيو جتي زندگيءَ جا پاسا چليل هئا, حياتيءَ جو لباس تار تار هو ساهہ اُگهاڙو هو دم بيدم هو.

جمعي جا تکا تکا قدم الائي ڇو جهڪا ٿي ويا. هو پنهنجي جهوپڙيءَ تائين پهچندي بيهي رهيو. پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن نهاريائين- تڏن ۽ مٽيءَ جي ليپ سان ٺهيل هڪ جسم, جو گهڻي قدر پُري چڪو هو. سندس اندر اوندهہ هئي- ازل جي اوندهہ. هن جا قدم وڌيا. هو آهستي آهستي ڳوٺين جي ٺهيل آڳر ۾ داخل ٿيو سندس بہ ٻار زمين تي ستل هئا. سندس زال اندر تڏن جي ٺهيل, ڀڳل ڪوٺيءَ ۾ هئي.

هو اندر ويو. زينو ڏيئي کي ٻريل ڪانيءَ جي ڇٽنگ سان ٻارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

"زينو ڏيئو ائين ڪٿي ٿو ٻري, ٻرڻ لاءِ گهڻي باهہ کپيس."

زينو ڪاني هيٺ رکي ڏانهنس نهاريو.

"ڪجهہ ٿيو؟"

"نہ ڇا ٿيندو- جڏهن نہ رڳو اسين بُکارا آهيون, پر ڪروڙين بکايل آهن. نہ اُنهن جي لاءِ ڪجهہ ٿيو آهي, نہ اسان لاءِ ڪجهہ ٿيندو."

"سائين, پوءِ پلا آخر ڇا ٿيندو. اسين سڀ بک مري ويندا سين. اڄ ٽيو ڏينهن لنگهڻ کي هو. مسين مسين تڪر پاڙي وارن ڏنو سو ٻارڙا کائي ستا. سياڻي ڇا ڪائيندا, تنهن جي لاءِ آخر ڇا ڪبو؟"

هن پريشانيءَ وچان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو.

”زينو آخر تون ائين ٻڌاءِ تہ مان ڇا ڪريان. مزوري؛ ڪرڻ چاهيم، مزوري نہ ملي؛ پنڻ چاهيم، پني نہ سگهيس؛ آخر ڇا ڪريان. ڪاڏي وڃان؟ توکي ٿو ڏسان تہ هنيانءُ ٿو ڇڄيم. ڇا تنهنجو اڳيون جوڀن، ڀريل جسم، ٽماٽي جهڙا ڳاڙها ڳل ۽ تن تي سُرهيي تيل سان چمڪايل ڪارن وارن جو نقاب... ۽ اج ـ اج تنهنجو هڏن نڪتل جسم، سڪل ڀِيلو منهن، اڏيا وار... اُف ـ ڇا وري علڻ ۾ حمل جو حال ٿيو آهي! سچي گيهہ ۾ مکڻ ۾ ڪير تي پليل ڳاڙها ڳتول ٻار اج بکارا سمهن تہ ڇا. جي ٽڪر اَڌ ملين تہ ڇا. پلا. ڪاڏي وڃان؟ الا، ڇا ڪريان؟“

هو روئڻ لڳو. زينو جي اکين ۾ خود ڳوڙها ڀرجي آيا. پر هن يڪدم ڳوڙها رئي جي پلاند ۾ جذب ڪري ڇڏيا. پوءِ ڪجهہ سوچي، جمعي ڏانهن وڌي. سندس هڪ هٿ جمعي جي ڪلهي تي هو ٻيو هٿ سندس ڳلي جي چوڌاري. هن سندس منهن ۾ نهاريو ۽ جمعي ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏانهنس نهاريو.

”سائين، جي ائين همٿ هاربي تہ ڇا ٿيندو. مون کي تہ ڀروسو آهي انهيءَ مالڪ تي، جنهن اسان کي خلقيو آهي. هو ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندو. آخر هيءَ دنيا بہ تہ هلي پئي، جي ڪروڙين بکايل آهن تہ ڪروڙين جيئن بہ تہ پيا. شايد اهو ڏينهن اچي جو اسين اُنهن ڪروڙين ماڻهن ۾ شامل ٿي وڃون، جن کي جيئڻ جو حق آهي. هن کي آخر ڪجهہ ڪرڻو آهي. جي هو سپني کان جيئڻ جو حق کسي ڇڏي تہ ڪيس خالق ڪير سڏي، سندس نالو ڪير ڳنهي. توهان اُٿو همٿ سنڀاريو. ڪجهہ نہ ڪجهہ الله ڪندو تہ ٿي پوندو.“

جمعي ٿورو ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ پوءِ ڪنڌ کي ٿورو ڏوڏي، ٿڌو ساهہ ڀريو ۽ فرش تان اُٿي ٻاهر آيو.

ٻاهر اچڻ سان هڪ هوا جو جهوٽو سندس بت کي لڳو ۽ هن محسوس ڪيو تہ هو سڄو ڀگهر ۾ شل هو ۽ انهيءَ جهوٽي ڪجهہ ڪيس فرحت ڏني آهي. هن جي دل چاهيو تہ اهڙا جهوٽا اچن ـ من ڪجهہ فرحت ڏين، آٿت ڏين، شايد ساهہ کي آس ٿئي.

”پري نہ هليا وڃجو. بہ پهر تہ رات جا ٿيا هوندا.“

”نہ نہ. اتي ئي ٻاهر ويٺو آهيان.“

هو ٻاهر آيو تہ ڪجهہ سڪون محسوس ڪيائين. کليل هوا ڪيس ڪافي فرحت ڏني. هن چاهيو تہ انهيءَ سڄي حصي ۾ گهمي. سو هڪ طرف ڪٽي رخ رکيائين. هڪبئي ۾ ٻيٺل ۽ ڳنڀيل جهوپڙيون، گنديون ناليون، سوڙهيون گهٽيون. هو گهٽو پري وڃي نہ سگهيو ۽ واپس موٽڻ لڳو. هن کي انهيءَ ڳالهہ حيرت ۾ وڌو تہ گهٽين جهوپڙين مان ٿهڪن ۽ خوشيءَ جا آوازٽي آيا ـ سنهڙن منڙن ٿهڪن سان گڏ ڪي بيسُرا ڪرخت ٿهڪ. ڪن کي تہ خاموشي ئي نصيب هئي. هن سوچيو تہ اها بہ رب جي جوڙ آهي. ڪٿي سورن جو سانگهارو. ڪٿي خوشيءَ جا انبار. هو آهستي آهستي سوڙهي گندي حصي مان نڪري ساڳئي کليل حصي ۾ آيو جتي سندس جهوپڙي هئي. اها جمعي جي خوش قسمتي هئي جو ڪيس جهوپڙي صفا ٻاهرينءَ حد تي ملي هئي. جمعي جي جهوپڙي جي آڏو ميدان هو ـ خالي، وِيران ميدان، جنهن جي هڪ ڇيڙي تي هي ڇنل ڦاٽل جهوپڙيون هيون.

جمعي کليل هوا ۾ ٿڌو ساهہ پريو ۽ پوءِ هڪ سروٽو ڪٽي اُن تي ويهي رهيو. ويٺي ويٺي هن آسپاس نهاريو. ڏٺائين تہ ڪلو خان، سندس پاڙيسري، اڇن اُجرن ڪپڙن ۾، پان وات ۾، هر هر اندر ٽي آيو ۽ وري اندر ٽي ويو. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڪلو سري سندس ويجهو آيو. هن ڪائنس پڳل سنڌيءَ ۾ حال احوال پڇيو.

”ڇا حال هئي، جمعا سائين؟“

”ٺيڪ آهي. تون ٻڌاءِ.“

”بس، موج ئي موج هئي سائين. بيڙي پيو.“

”جمعي ڪلوءَ کان بيڙي ورتي ۽ تيليءَ جي روشنيءَ ۾ ڏٺائين تہ ڪلو خوش خوش هو. ڪا دير هو ماٺ ۾ رهيا. تان تہ هڪ موٽر پڪي رستي تان ميدان ۾ لٿي ۽ سڌو هن ڇيڙي ڏانهن رخ رکيائين. ڪلو ٽپ ڏيئي ڪڙو ٿيو. سڌو پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن ڀڳو جمعو وائڙو ٿي ويو. موٽر ڇيڇاٽ ڪندي اچي سندس پرسان بيٺي. جمعو بہ ٽپ ڏيئي ڪڙو ٿيو. انهيءَ موٽر مان

هڪ سيٺ ٿلهو متارو، ٿڙندو ٿاٻڙندو لٿو. هن ڪجهہ جمعي ڪان پڇڻ چاهيو، پر ڪلو تکو تکو موٽر ڏانهن پڄندو آيو.

”آئي، سيٺ صاحب اِدهر تشريف لائي. آئي، سرڪار!“

سيٺ ڪنڌ ڏوڏيندو، هلڪا ٺهڪ ڏيندو، ڪلوءَ سان هليو. جمعي حيرانگيءَ وچان بيٺي تماشو ڏٺو. تان تہ خبر پئي جو سيٺ ڪلوءَ جي جهوپڙي ۾ بنا ڏڙڪ هليو ويو، اڃا جمعو انهيءَ ويچار ۾ هو تہ ڪلو تکو تکو ٻاهر آيو ۽ يڪدم اچي موٽر جو دروازو کوليائين. جمعي ڏٺو تہ هن اندران نئڙي ڪا شي ڪڍي. ڪلو پوءِ دروازو بند ڪري پنهنجي جهوپڙي ڏانهن وريو. جمعي جي پرسان لنگهيو تہ جمعي جي نظر وچي ٻن ٻوتلن تي پئي. ڪلوءَڏانهن نهاريندي پنهنجا پيلا ڏند ڪڍيا، ۽ بيشرمائيءَ سان هِي - هِي ڪندي پنهنجي هٿ ۾ ٻوتل سان گڏ جهليل نوٽن جي ٿهي ڏيکاري. الائجي ڇو جمعي کي ائين محسوس ٿيو جو سڀ ڪجهہ سمجهي چڪو آهي. هو ويرانيءَ ۾ بهار جو مطلب سمجهي چڪو آهي. ڪنهن گل جي خوشبو تي پونئر مست ٿي آيو آهي، ۽ سڏي اچڻ وارو هڪ مالهي آهي. انهيءَ باغ جومالهي، جنهن کي ڪنهن ڏينهن اُهو گلن جو ٻوٽو ڏاڍو پيارو هو. پر اڄ جڏهن ڪيس انهيءَ ٻوٽي جي آبياري ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڪونہ هو تڏهن هو ٻئي ڪنهن کي وٺي آيو آهي تہ من انهيءَ جي اچڻ سان ٻوٽي جي شادابي قائم رهي. پر شايد هن کي اها خبر ڪانہ هئي تہ هيءَ مست هاٿي ڪيس پنهنجي پيرن هيٺان چيپاٽي ڇڏيندو. ڪلوءَ جي زال هن ڏٺي هئي، ههڙو حسن هن جهوپڙيءَ ۾! اڄ وري ڪيس اُهو ڏينهن بہ ياد پئي پيو جڏهن هن ڪيس سڄو ڏينهن روئندو ڏٺو هو، ۽ ڪيس اُهو ڏينهن بہ ياد آيو. جڏهن هوءَ تمام خوش هئي، ۽ اڄ ڏينهن تائين خوش رهندي ٿي آئي. شايد هن ٻاڻ کي حالتن پٺاندر هلڻ لاءِ تيار ڪري ڇڏيو هو.

الائجي ڇو جمعي کي ڏک ٿيو ۽ چيائين تہ هو هن هڪ بيڪس لاءِ بہ ڳوڙها وهائي. پر هو وهائي نہ سگهيو. هن ڪلوءَ جي جهوپڙيءَ ڏانهن نهاريو. اُتي هينئر روشني گم ٿي چڪي هئي. ڪلو ٻاهر ڏانهنس اچي رهيو هو. هن کي ڪلوءَ ڪان نفرت محسوس ٿيڻ لڳي. هن يڪدم نظر

ڦيرائي پيــن جهوپڙيــن ڏانهن ڏنو. چوڏاري اونداهه جو واسو هو. ڪيس ائين محسوس ٿيو تہ هو اونداهہ ۾ سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهي: هو انهن ٿڪن جو سبب ڄاڻي ٿو هو خوشيءَ جو سبب ڄاڻي ٿو گهٽين ۾ چهل پهل جو سبب ڄاڻي ٿو هن کي سڄي ماحول کان نفرت ٿيڻ لڳي. هن جي دل چاهيو تہ ڀڄي وڃي، پري، جتي هي سڀ ڪجهہ نہ هجي... ۽ واقعي هن قدم کنيا ۽ بيخبريءَ ۾ وڃي ڪلوءَ سان ٽڪريو.

"ڪاڏي، جمعا سيٺ!"

"اِتي، سمهان ٿو وڃي، ننڊ ٿي اچي."

"اپي ننڊ! هل تہ عيش ڪريون. نوٽ آهي، نوٽ! ڇمون بائيءَ جو گانو ٻڌون. هل، هلون، پاگل!"

جمعي جي دل چاهيو تہ هو ڪيس زال جي پڙوي سان پڪاري گاريون ڏئي. پر پوءِ چپ چاپ سور پي، هو پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن تڪو ٿيو.

"اري!اري، ناراج آهي، جمعا! ڇو؟ اوه، مان سمجهيس، مان زال جو پڙوو آهي! ها، مان زال کان پيشو ڪرائيس ٿو. ها، پر جمعا سيٺ، ائين نہ ڪرون تہ هي ڪنو پيٽ ڪيئن ڪائي. مون بہ جمعا سيٺ تو طرح فاقا ڪديا، مزوري ڪرڻ لاءِ دوڙيو پر ڪجهہ نہ ٿيو دوست، ڪجهہ نہ. نيٺ مون پنهنجي جال کي بيچيو. جال، جا منهنجي زندگي هئي، جمعا! پر هن زندگيءَ کي، زندگي جي ضرورت هئي، جمعا. دنيا ۾ تہ دوست سڀ ڪجهہ چلتا هئي. زندگي کي زندگي جي جرورت آهي، دوست!"

الائجي ڇو جمعي کي ڪلوءَ جي لٽل منهن ۽ بيچارگيءَ مان ڳالهائڻ کي ڏسي رحم اچي ويو ۽ هن ڪجهہ وڌيڪ نہ سوچي، آهستگيءَ سان ڪلو جي ٻنيءَ کي ٽپريو ۽ چپ چاپ پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ گهڙي ويو. چنڊ جي هلڪي روشنيءَ ۾ هن سڄي وايو منڊل تي نظر وڌي. ننڍڙي آڳر ۾ ڦهليل ٽي ڪمزور جسم. ٽئي معصوم. هو ڪي گهڙيون پنهنجي ٻارن ۽ زال ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ الائجي ڇو هن کي زينوءَ جي معصوم چهري تي ڏاڍو پيار آيو. هو ڪي وکون کڻي زينوءَ جي مٿن کان بيهي هيٺ جهڪيو ۽ پوءِ آهستگيءَ سان وارن کي سنواريندي، هن چاهيو تہ زينوءَ جي ڪومل

سنهڙن چيڙن کي چمي. جيئن هو جهڪيو تيئن هن کي ائين لڳو جڻ تہ زينوءَ جا چپ ڦڙڪي رهيا هئا، ڪجهہ چئي رهيا هئا. هن جو ڪنڌ جتي هو اُتي بيهي ويو. زينو ننڊ ۾ الوٽ وڦلهي رهي هئي۔ ”سياٽي چا ٿيندو.. ٻچڙا چا ڪائيندا.. .سياٽي چا ٿيندو..؟“

جمعي جي ڪنن ۾ شيهو ٿي پگهربو ويو. هن سوچيو 'واقعي سياٽي چا ٿيندو ٻچڙا ڪٿان ڪائيندا'، هن وٽ هاٽي وڪٽي کائڻ لاءِ بہ تہ ڪجهہ ڪونهي. پر پوءِ الائجي چو يڪدم کيس ڪلوءَ جا اکر ياد پيا۔ ”نيٺ ...مون پنهنجي جال کي بيچيو.٘.سيٺ وڪڻڻ لاءِ باقي جال باقي آهي، بيو تہ ڪجهہ ڪونهي.“۽ واقعي جمعي جي دل چيو تہ اِهو بہ داءَ آزمائجي. ”زندگيءَ کي زندگي جي جرورت آهي. دوستا!“ هو بي اختيار ٽپ ڏيئي اُٿيو ۽ ٻاهر نڪري آيو. هن کي ڪجهہ سُجهيو نٿي تہ هو چا ڪري. ٻاهر ڪير بہ ڪو نہ هو ڪلو نوٽن جي ٿهيءَ سان شايد عيش ڪرڻ ويو هو. ميونسپالٽيءَ جي بتيءَ جي جهڪي روشني جيتوڻيڪ پري هئي، تہ بہ هو ميدان جو جائزوچگيءَ پر ٿي وني سگهيو. سچيءَ فضا تي خاموشي چانيل هئي. هو رڙهي سيٺ جي بيٺل موٽر جي پرسان آيو. موٽر کي هٿ لاتائين تہ ائين محسوس ٿيس تہ جڻ برف تي هٿ پيس. هن کي اُها ٿڌاڻ وڻڻ لڳي. هن چاهيو تہ ان جي ٿڌاڻ تي ليٽي پوي، شايد اندر جي اُٻ نڪرڻ بند ٿئي. هو اجا ڪجهہ سوچي ئي رهيو هو تہ سندس منهن تي روشنيءَ جا ڪرٽا اچي پيا. هن اوڏانهن نهاريو. هڪ موٽر ساگي راهہ ونيو ميدان ۾ گهڙي پئي هئي. هو بي اختيار ٽپ ڏيئي اُتي ڪڙو ٿيو.

”شايد ڪو سيٺ آهي۔“

هن جي دل ڌڪڻ لڳي. هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو تہ سندس ساهہ قبض ٿي رهيو هو. هن دل ٻڏڻ چاهي. پر هن ڏٺو تہ هو سڄو پگهرجي چڪو آهي. هن جي همت سڄي هارجي ويئي. هن سوچيو تہ هو اهو پڙوت جو ڪم نٿو ڪري سگهي. هو انهيءَ جي لائق ناهي. هو ڪنهن بہ ڏنڌي جي لائق ناهي. هو ماٺ ڪري هيٺ ويهي رهيو. هن موٽر جو خيال ڪرڻ ڇڏي ڏنو. ويٺي ويٺي هن کي خيال ٿيو تہ موٽر چو نہ پهتي. هن تڪڙو تڪڙو

ميدان ڏانهن نهاريو. نيٺ هن جي نگاهه موٽر جي پنين ڳاڙهين بتين تي پئي. موٽر جي سيٽ جو شڪار ڪجهه پرپرو واربن جهوپڙين ۾ هو. هن شڪر جو ٿڌو ساهه کڻڻ چاهيو. پر محسوس ڪيائين ته جڻ هن جي دل چٽي رهي آهي ته اها جيڪر هيڏي اچي ها. هن 'انڪار' ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر دل چوبس ته 'ٻچڙن جو ڇا ٿيندو.. سياڻي ڇا ٿيندو؟ "۽ هن جي دل پنهنجو پاڻ ٻڏجڻ لڳي. هن جي همت واپس اچڻ لڳي- 'جيڪر اها موٽر هيڏي اچي...موٽر هيڏي اچي!'

اچانڪ هن ڪان دبيل هلڪي رڙ نڪري ويئي. موٽر اُتان موٽي هن طرف رُخ رکيو هو. جيئن موٽر ويجهو پوندي ٿي ويئي، تيئن هن جي دل وري ڌڙڪڻ شروع ڪيو هو، موٽر بلڪل ويجهو اچي پئي هئي. هن دل کي ڪافي حد تائين مضبوط ڪيو پر پوءِ يڪدم ڪجهه خيال اچي ويس. هو موٽر کي هٿ جو اشارو ڪري، جهوپڙيءَ اندر وٺي ڀڳو. اندر زينو اگهور ننڊ ۾ ستل هئي .تکو تکو ڏانهس وڌيو ۽ جهڪيو. هن کي ائين لڳو ته سندس هٿ ڏڪڻ لڳا آهن. پر پوءِ هڪ جهٽڪي سان هٿ ڇنڊي زينوءَ کي ڌونڌاڙيائين.

"زينو..زينو..زينو!"

"ڇو؟ ڇا هي؟"

"اُٿي، تکي ٿي. اندر ته هل"

"ڇو؟......"

هوءَ وڌيڪ سوال نه پڇي سگهي. هو ڪجهه سمجهي ويئي ۽ شرمائجي ويئي. ڪنڌ هيٺ ڪري ڪونيءَ اندر هلي. جمعو تکو تکو ساڻس گڏ ويو. پڳل ٽرنڪ کي کولي، منجهس پيل ڦاٽل ڪپڙن کي اُٿلائي پٿلائي هڪ پراڻو پر ڌوتل رئو ڪڍيائين. زينو ڏانهنس تيڏيءَ اک سان ڏٺو ڪيس رئو ڪڍندي ڏٺائين، ته وڌيڪ شرمائجي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين. جمعو تکو تکو رئو کڻي ڏانهن آيو ۽ مٿس وجهڻ چاهيائين. هن کي الائجي ڇو ڏک ٿيڻ لڳو. الائجي ڇو- ڇو؟ هن وڌيڪ سوچڻ يا محسوس ڪرڻ بدران مٿس رئو وڌو. "زينو. تون نهي وبهه. مان اچان ٿو. هن کٽ تي هوءَ ٽنگيل چادر لاهي

وڃائي ڇڏ. هان، نيڪ آ نہ. نيڪ.“

هو وڦلندو تيز تيز ٻاهر هليو ويو. زينوءَ ڪٽ تي چادر وڌي، وهاڻو رکيو ۽ نهي نڪي مٿس ويٺي، هن کي شاديءَ رات ياد پوڻ لڳي. هوءَ يادن کي ياد ڪندي اُداس ٿي ويئي. پوءِ اچوڪيءَ رات کي ياد ڪندي ڪجهہ خوش ٿي. هن کي تمام گهڻي خوشي ٿي هئي. ڏکن جي دور مان لنگهندي، اڄ ئي جمعي کيس ڇڳيءَ طرح ياد ڪيو هو. هوءَ انهيءَ سنهري خواب کي ڏسندي ڏسندي آهلي پئي، ۽ اُنهيءَ ۾ گم ٿي ويئي. هوڏانهن جمعي دل کي ڏڍ ڏيڻ لاءِ سيٺ سان ڳالهائڻ مناسب نہ سمجهيو. ماٺ ميٺ ۾، نشي ۾ ڌُت سيٺ کي آڏو هلڻ لاءِ اشارو ڪندي، دروازي جي ڳوڻ مٿي ڪٽي ڇڏيائين. سيٺ هڪ گندي مشڪ ڇپن تي آندي ۽ کيسي ۾ هٿ وڌو هڪ ڇڳي خاصي ڏهين جي نوٽن جي ٿهي ڪڍي جمعي ڏانهن وڌائي. جمعي ڪي گهڙيون تہ نوٽن تي نظرن کي ڪُپائي ڇڏيو ۽ پوءِ نوٽن جي ٿهي ڏڪندڙ هٿن سان ورتائين، سيٺ هِي- هِي ڪندو اندر ٿيو. سندس ڪابي هٿ ۾ پريل بوتل هئي. جمعو بہ پٺيان آيس. پوءِ ڪانئس اڳ نڪري وڃي ڪونيءَ جي در تي بيٺو. هن ڳالهائڻ جي ڪئي، پر ڳالهائڻ ڪانئس نڪري ئي نہ پيو. ڄڀ خشڪ ٿي وڃي تارونءَ سان لڳي هيس. جمعي ڇپ ۾ رهندي سيٺ آڏو اچڻ جو اشارو ڪيو ۽ در ڏانهن آڱر ڪنئي. جڏهن سيٺ وڌي دروٺ آيو، تڏهن جمعي جي آڱر ڪجهہ ڦيرو ڪائي آهليل زينوءَ ڏانهن اشارو ڪرڻ لڳي. زينوءَ جو جسم ۽ ڇهرو وڻندڙ ٿي معلوم ٿيا. سيٺ پنهنجي هلڪي کل جاري رکي، هي — هي ڪندي اندر داخل ٿيو. پوءِ پٺي ورائي در ڏيڻ چاهيائين، پر اُن کان اڳ ۾ جمعي جا ڏڪندڙ هٿ درڏانهن وڌي چڪا هئا. هن در کي ٻاهران ڪڙو ڏنو ۽ پوءِ هڪ ٿڌو ساهہ پريو. هن محسوس ڪرڻ چاهيو تہ اهو سک ۽ سڪون جو ساهہ آهي، پر ٻڏل دل ساٿ ئي نٿي ڏنس. لاچار هيٺ ويهي رهيو. سندس نگاهون سنتل ٻارن تي پيون. ’هي بہ زندگيون تہ بچي پيون، جي هڪ زندگي قربان ٿي تہ ڇا ٿيو.‘ هو پوءِ رڙهي ٻارن وٽ ليٽيو ۽ مٿي تي هٿ گهمائڻ لڳو. ۽ پوءِ هن چاهيو تہ آرام ڪري، سڪون واري رات گذاري، جنهن جو صبح اطمينان بخش هوندو. سندس هٿ بي اختيار کيسي ڏانهن وڌي ويا.

زور ڏيڻ سان نوٽن چرچر ڪئي. هن خوش ٿيڻ چاهيو پر هن جي خوشي دٻجي ويئي، جڏهن اندران زينوءَ جو ڏاڍيان ڳالهائڻ، روئڻ، سڏڪا ۽ ڪشمڪش جا آواز ٻڌائين. زينوءَ جو روئڻ تي تيز تر ٿيندو ٿي ويو. هن کي اها خبر ڪا نہ هئي تہ زينو ڪهڙو خواب ڏسڻ لاءِ ستي هئي، ۽ جاڳي کيس هڪ ڀيانڪ خواب ڏسڻو پيو هو. شايد هن کي اها بہ خبر ڪا نہ هئي تہ هوءَ هڪ مشرقي عورت آهي، جيڪا مرڻ گهڙيءَ تائين انهن سنهرن خوابن کي چڏي نٿي سگهي؛ هوءَ بہ ڀيانڪ خوابن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي.

زينوءَ جي روئڻ ۽ پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش جي آوازن هن کي بي بس ڪري ڇڏيو. هو بي اختيار تڙپي اُٿيو. سندس ڪنن جا پردا ڦاٽڻ لڳا. هن همٿ کي پڪاريو. دل کي پڪاريو. ڪنهن کيس جواب نہ ڏنو. هن همٿ هاري ڇڏي، دل کي دٻائي ڇڏيو پر اُتان تہ آوازئي عجيب ٿي نڪتا.

”جمعا، تو هيءَ ڇا ڪيو! جمعا، تو هيءَ ڇا ڪيو! توکي ڪهڙو حق آهي جو ڪنهن کان جيئڻ جو حق کسين؟ عصمت کان سواءِ عورت جي زندگي ڪهڙي؟ هن کي بہ تہ جيئڻ جو حق آهي. ڇو تہ اوهان جون زندگيون قربان ٿيون، هن زندگيءَ مٿان؟ ڇو نہ ائين ٿئي؟ ڇو نہ ؟ڇو نہ ڀلا!“ هن ڪنن تي هٿ ڪٽي رکيا. هوسڄو ڏڪڻ لڳو. هو بيقرار ٿي ويو. سندس مغز ۾ ڏمڪن وانگر آواز پئي آيا. سندس سوچ موٽي آئي- سوچ، جا اڳ ۾ هيترو وقت خاموش هئي، هاڻ موٽي آئي.

”اُف مون هيءَ ڇا ڪيو؟ زينو پنهنجي زال، اُف! منهنجي مني، زينو! اُف، مان ...زال جو ڀڙوواغيرت، عزت_خاندان جي عزت، قوم جي عزت، مون بڪ جي ڀيٽا رکي! اُف، مون هيءَ ڇا ڪيو؟ پر مان هاڻي ڇا ڪيان؟ اواوالا!“

هو سڄو پگهرجي ويو. سندس جسم ڏڪڻ لڳو هو ٽڙڪندڙ ٽنگن سان در ڏانهن وڌيو ۽ يڪدم ڪڙو لاهي ڇڏيائين. ڏڪندڙ ٽنگ سان در کي ٺڏو هنيائين. پراٽو درڪڙ- ڪڙ ڪندو کلي ويو. زينو همت وڃائي چڪي هئي، صرف هلڪي جدوجهد باقي ڪري رهي هئي، هو ساٽي تي چڪي هئي. وحشي درندو هينئر هن تي ڪافي حد تائين قابو پائي چڪو هو. زينوءَ جا

ڪپڙا ڦاٽي ليڙون ٿي چڪا هئا. سڄي رتورت ٿي وئي هئي. پر هن پڇاڙيءَ تائين عصمت کي برقرار رکڻ ٿي چاهيو. جمعواِهو منظر ڏسي ڏڪي ويو ۽ بي اختيار تکو تکو سيٺ ڏانهن وڌيو. ڇڪي کيس زينوءَ مٿان پٽيو. هو گهلجي آيو. جمعي کي غيرت جي باهه ۾ ڪجهه نظر نٿي آيو. هن ابتا سبتا ٽي چار ڏڪ اهڙا سيٺ کي هنيا جو سيٺ اُتي ساٽو ٿي ڪري پيو. جمعي سهڪندي سهڪندي کيس گهليو ۽ گهليندو صفا ٻاهر موٽر تائين آيو. سيٺ انهيءَ گهلڻ ۾ وينتر اڌ مئو ٿي ويو. هن آخري ڪوشش ڪري اُٿڻ جي ڪئي، رڙيون ڪرڻ چاهيون، پر جمعي ڪيندي ئي کيسي مان نوٽن جي ٿهي سندس ٻوٿ تي هنئي. پوءِ اهڙو ونيءِ ٽڏو هنيائين جو اهو اتي موٽر جي ڦيٿي وٽ پئجي رهيو.

جمعو آهستي آهستي، سهڪندو سهڪندو واپس موٽيو. ڳوڻ ڪٽي اندر گهڙيو. بي اختيار ڪانئس ٽڏو ساهه نڪري ويو. کيس محسوس ٿيو تہ اهو هڪ سڪون جو ساهه هو. پوءِ آهستي آهستي ڪونيءَ ۾ آيو. زينو اُتي ئي هيٺ ساڳيءَ حالت ۾ ويٺي هئي. جمعي جي قدمن وڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هن کان ڪنڌ ئي نٿي کڄيو. هو چپ چاپ اُتي ويهي رهيو. هيٺ ڪنڌ ڪريو. الائجي ڇو کيس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، ۽ اُتي ٻانهن ۾ منهن ڪريو روئڻ لڳو. زينو روئڻ جي آواز تي ڪنڌ ڪنيو ۽ ڪي گهڙيون جمعي کي تڪيندي رهي. سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، پر هن اُنهن کي ڦاٽل چولي سان اُگهيو ۽ آهستگيءَ سان اُٿان اُٿي. سورن هنيل جسم کي گهليندي جمعي وٽ آئي.

جمعي کي الائجي ڇو محسوس ٿي ٿيو تہ انهيءَ روئڻ سان هن کي سڪون ملي رهيو آهي. هو روئندو رهيو. پر اچانڪ هن محسوس ڪيو تہ ڪي قدم وٽس اچي رڪجي ويا آهن. ۽ پوءِ اُهو جسم هيٺ جهڪيو ڪي ٻانهون سندس ڳچيءَ جي چوڌاري ويڙهجي ويون، ۽ هن کي پنهنجن هٿن تي ڪنهن جو ساهه محسوس ٿيو ۽ پوءِ پنهنجن هٿن تي هن ڪنهن جي چپن جي گرمائش محسوس ڪئي. جمعي آهستگيءَ سان هٿ هٽائي ڇڏيا. زينو ڏانهنس نهاري رهي هئي. سندس اکين ۾ پيار هو قرب هو ۽ اُنهيءَ سان گڏ

همٿ هئي. زندگيءَ جو پيغام هو هو اُنهن اکين ۾ گم ٿي ويو. ڪيس انهن اکين مان هڪ پيغام مليو. جڻ زينو چئي رهي هجي،'سور آهن تہ سسئيءَ جي سورن ڪان بہ گهٽ.' ۽ پوءِ هن آهستگيءَ سان زينو کي سيني سان لاتو. ۽ پوءِ سس پس جي انداز ۾ زينوءَ کي چورڻ لڳو "مون کي معاف ڪر. زينو! معاف ڪر. زينو! اسين انهيءَ زندگيءَ جو مقابلو ڪنداسين۔ها. مقابلو انهن سورن جو. سسئيءَ وانگر مقابلو! انهن سورن کي نيٺ شڪست ٿيندي. زينو، ها نہ؟"

"ها. منهنجا سرتاج. ها..."زينو سڏڪندي آهستگيءَ سان وراڻيو ۽ پوءِ پنهنجو منهن جمعي جي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو.

❑

جا دلچسپ ضرور هئي، پر مون بنگلي جي ملڻ جي خوشيءَ ۾ ان تي گهڻو غور ڪونہ ڪيو.

ٻئي ڏينهن اسان بنگلي کي صفا ڪيو ۽ سٺي نموني ۾ سجايو. منگلوءَ کي مانيءَ تي دير ٿي ويئي هئي، تنهنڪري هو پڳو بورچيخاني ڏانهن، ۽ مان ڊرائننگ روم ۾ ويهي ٽڪ پٽڻ لڳس. اج مان آفيس بہ ڪونہ ويو هوس، صرف انهيءَ بنگلي کي سنوارڻ ۽ سجائڻ جي ڪري.

اوچتو گهنٽي وڳي. ڏٺم تہ منگلو پوئين پاسي هو. مان يڪدم اُٿي در تي آيس. ٽپالي بيٺو هو.

”صاحب، سلام!“

”هون. ڇا هي؟“

”پارسل.“

”مون کي ڏي،“ مون بيخيالي ۾ پارسل ورتي، رسيد تي صحيح ڪري ڇڏي، پارسل کڻي آٽي ڪوچ تي ڦٽو ڪيم. تڏهن اوچتو منهنجي نظر ايڊريس تي پئي: ”اندرا ـــ اندرس نواس ــــ شيلانگ ــــ آسام.“

”هيءُ پارسل منهنجو تہ نہ آهي. پوءِ موٽائي ڏيڻ گهرجي.“ يڪدم مان ٻاهر ڀڳس. اوچتو مون کي ياد آيو تہ ’اندر نواس‘ تہ هيءُ ئي آهي! مان وري واپس اچي ڪوچ تي ويهي رهيس.

”اندر نواس!“ منهنجي ذهن تي اکر اُڀريا... ”اندرا... اندر نواس!“ مون کي منگلو جي ٻڌايل ڪهاڻي ياد اچڻ لڳي.

هيءُ بنگلو سيٺ سندر داس پنهنجيءَ اندر الاءِ ٺهرايو هو. هوءَ بمبئيءَ جي چترڪار اسڪول ۾ ڊپلوما ڪري رهي هئي. هن کي بنگلو اصل نہ وڻيو هو. هت صفا ڪانہ رهي. وري موٽي بمبئي ويئي، جتان وري واپس نہ موٽي. ڪن تہ چيو ٿي تہ ڪنهن سان ڀڄي ويئي. پٽس سندس ڳولا ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڏنو. نيٺ هو چريو ٿي پيو ۽ سيگهہ ئي مري ويو. ’اندر نواس‘ ويران ٿي رهيو. جائيداد سڄي مائٽن ۾ ورهائجي ويس. هيءُ بنگلو بہ هڪ ڪنگال مائٽ کي هٿ اچي ويس، ۽ اهو وري اچي ويو منگلو جي آور ۾، جنهن کيس چڱي مسواڙ ٻولي، ۽ ائين اسان اچي هتي واسو جمايو.

اوچتو مون کي پارسل جي يادگيري آئي. پارسل ڪافي ڏگهو ۽ ويڪرو ٿي لڳو. ائين پئي لڳو ڄڻ ڪنهن تصوير جو فريم هو. الائجي ڇو منهنجا هٿ بي اختيار ان جي چوڌاري ويڙهيل رسين کي ٽوڙڻ ۾ لڳي ويا. تان خبر پيئي جو مون آڏو هڪ ڪاٺ جو فريم هو جنهن تي باقي هلڪو پنو چڙهيل هو جنهن مان ڪنهن جي چِٽر پئي جهلڪا ڏنا. اتي مون کي احساس ٿيو ته مون پارسل کولي غلطي ڪئي آهي، پر پوءِ آخري پنو به هٽي ويو.

مان ڪي گهڙيون ته يڪٽڪ انهيءَ فريم ۾ پيل چِٽر کي ڏسندو رهيس. منهنجي سامهون هڪ فنڪار جو اعليٰ پر سندر خواب هو. پينسل جون ڪي ڦهليل ريکائون هيون، جن گڏجي هڪ جسم کي جنم ڏنو هو. ڇا اهو جسم، ڇا اُن جو مک ــ سندرتا جي انتها هئي. سندريءَ جي چهري تي گنڀيرتا ڇانيل هئي. اُن گنڀيرتا ڀرپائين ته رعب ٿي وڌو تنهن ڪان پوءِ ظاهر ٿي ٿيو سندريءَ جو هٺ ۽ غصو ــ ۽ اهائي فنڪار جي خوبي هئي ته هوءَ انهيءَ هٺ ۽ غصي جي عالم ۾ ڪهڙي نه خوبصورت ٿي معلوم ٿي! اهو سڀڪجهه صرف چند ليڪن جو کيل هو. سندس لباس به ٻن ٽن لڪيرن سان ظاهر هو ــ ڄڻ ڪنهن فرشتي کي ڪو اڇو ڏگهو جبو پارائي ڇڏي ڏنو ويو هجي. فنڪار جو تخيل خوبصورتيءَ جو بهترين مثال هو: هڪ خوبصورت معصوم فرشتو غصي جي عالم ۾، ان ۾ به وٺندو هجي! فنڪار ٻه ضد پاڻ ۾ ملائي، ان سنگم کي سندرتا بخشي هئي. هڪ ڳالهه جا تصوير ۾ سيني کان مختلف هئي، سا هئي سندريءَ جون اکيون: گول گول، ڪاريون، ڏگهن ڇپرن سان ڍڪيل، جن ۾ غصي جي بجاءِ هڪ عجيب مٺڙ جوت هئي، جا سندس ڪردار کي وڌيڪ جِلا بخشي رهي هئي.

اوچتو منهنجي نظر تصوير جي هڪ ڪنڊ تي پيئي:

"هيءَ روپ ــ پيتا اُهي، اُن روپ کي، جو هن کان مختلف نه آهي. روپ؟"

مون ان جملي کي ور ور ڪري پڙهيو ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. نيٺ انهيءَ نتيجي تي پهتس ته هيءَ تصوير اندرا جي ٺي آهي، جا حسين پر

مغرور، هنيلي ۽ غصيلي هئي. سندس ڪردار جي اها ادا ڪنهن چترڪار کي وڻي بہ آهي، تہ ان سان گڏ کٽڪي بہ آهي، ڇاڪاڻ تہ لڳي ائين پيو ڄڻ تہ سندس ڪردار جي انهي پهلوءَ چترڪار کي اندرا جي ويجهو اچڻ نہ ڏنو آهي، جنهن ڪري هو هميشہ ڏکويل رهيو آهي. پر، الائجي ڇو اکين جي انو کائپ مسئلي کي ڪجهہ منجهائي ڇڏيو. اکين جي جوت، پيار ۽ ڪجهہ ٻين گڏيل جذبات کي ظاهر ڪري رهي آهي.

مون بہ وڌيڪ سوچڻ کي ڇڏي، تصوير کي کڻي اچي آتشدان مٿان ڪارنس تي رکيو. پوءِ ٿورو پريرو ٿي کيس وري جاچڻ لڳس. مون کي سندس بيهڻ جي انداز ڪافي متاثر ڪيو هو. ان ۾ بيباڪي هئي، جان هئي، جنهن کيس بلڪل زنده انسانن جي صف ۾ ٿي بيهاريو. ائين ٿي لڳو، ڄڻ تہ هوءَ زنده ڪارنس تي بيٺي آهي: سندس هڪ هٿ سفيد جبي جي ڪنڌ کي ڪجهہ مٿي کنيو بيٺو آهي، جنهن سان سندس رعب وڌيڪ نمايان ٿي ويو آهي، ۽ ٻئي هٿ سان ڪو اشارو ڪري رهي هئي. الائجي ڇو مان ائين محسوس ڪرڻ لڳس تہ واقعي هوءَ تصوير مان نڪري آئي آهي، ۽ ڪو حڪم ڪري رهي آهي: 'هيءَ ڪم ڪر، هو ڪم ڪر، تکو ٿي!' مان سندس تحڪمانہ انداز تي ڪجهہ چرڪجي ويس. يڪدم اکيون کڻي مَليم، پر ڏٺم تہ ساڳي تصوير هئي. انوکن جذبن جو انوکو مجموعو. ۽ مون کان زبان مان نڪري ويو "ڪاش، اها زنده هجي ها، ۽ مان بنا ڇهڻ جي کيس ائين ڏسندو رهان ها!.... ڪاش!...."

۽ پوءِ مون کي پنهنجي انهيءَ خواهش تي کل اچي وئي. منهنجي کلڻ جي آواز تي منگلوءَ، جو شايد ڪنهن ڪم سان مون ڏانهن ٿي آيو، هڪدم ڊڪ پاتي ۽ چيائين:

"سائين، سڀ سک!"

"ها، ڇو؟"

"الائي، بابوجي، توهان جو ائين پنهنجي ليکي کليو، سو يڪدم وهم اچي ويٺم. بابوجي، هونئن ئي هت پوت پريت گهڻا آهن. نہ بنگلي لاءِ بہ ماڻهو ائين چون ٿا. سو اوهان مڙئي خيال ڪجو. ڀڳوان پيو ڪرپا ڪري!

شائين، جاءِ جي تنگي نہ هجي ها تہ اسين هت هن رهون ها. پر مجبوري....
اڙي هيءُ فوٽو ڪٿان آيو؟"

"هڪ دوست موڪليو آهي."

"پر، بابوجي، هيءُ تہ ڪا آسامي عورت لڳي ٿي!"

"ها، اندرا جي تصوير آهي."

"اندرا جو فوٽو! توهان کي ڪٿان هٿ آيو؟ پر بيهو.... سچ، هيءُ تہ اندرا آهي.. نس پس اندرا! سندر، تيز، پر سٺي ڇوڪري."

منگلو الائجي ڇو اداس ٿي ويو، ۽ پوءِ ماٺ ڪري، تڪو تڪو بورچيخاني ڏانهن هليو ويو. مون کي ائين لڳو ڄڻ منگلو ڪا ڳالهہ مون کان لڪائي رهيو آهي، هو اندرا جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ ڄاڻي ٿو. دل چاهيو تہ کيس سڏيان، ۽ ڪائنس پڇان اندرا جي جيون ـ ڪٿا. پر پوءِ سوچيم تہ ڪنهن جي جيون ـ ڪٿا ۾ گهُري وڃڻ سان ڇا ٿو ٿئي: جڏهن ان جي گهاريل جيون جو هڪ عڪس ئي سڄي جيون جي اُپٽار ڪري رهيو آهي، تہ پوءِ باقي رهيو ڇا؟ ۽ پوءِ مان وري گم ٿي ويس ان لڪيرن ۽ ريکائن جي ديس ۾. ائين پئي معلوم ٿيو ڄڻ تہ اهو ديس ئي حقيقت آهي، باقي سڀ ڪوڙ.

مون کي ڇنو پٽو ياد آهي تہ اهو سڄو ڏينهن منهنجو ڪيئن گذريو. تصوير ڪارنس تي رکي هئي. مان سامهون ڪرسي وجهيو ان کي تڪي رهيو هوس. ان ۾ ايترو تہ گم رهيس جو منگلوءَ بہ ٻي دفعا مانيءَ جو پڇيو، پر مون ٽاري ڇڏيومانس. مان جنهن ديس جو سير ڪري رهيو هوس، تنهن جي منگلوءَ کي ڪهڙي خبر؟

دراصل مان انهيءَ ڪوشش ۾ مصروف هوس تہ اها تصوير جاڳي، ڪَرَ موڙي اُٿي، منهنجي تصور تي ڇانئجي وڃي، بلڪل منهنجي مرضيءَ مطابق، جيئن مان کيس چوريان، تئين چري، لطيف لهرون من ۾ پيدا ڪري. پر پوءِ ڏٺم تہ شام ٿي وئي، ۽ مان ناڪام رهيس. هوءَ ساڳئي انداز ۾ مون تي ڇانيل رهي. رُعب ۽ تمڪنت سان گڏ، هراسيندڙ ادا! نيٺ مون منگلو کي سڏ ڪيو ۽ ماني کاڌم. منگلو خاموش هو. هن ڪنهن قسم جو تبصرو

منهنجيءَ محويت تي نہ ڪيو پر مون چاهيو ٿي تہ هو ڪجهہ پاڻيهي چوي. اندرا جي ڪردار جي وڌيڪ اُپٽار ڪري، تان تہ هوءَ وڌيڪ واضح ٿي منهنجن جذبن مٿان ڇانئجي وڃي. پر جڏهن ڏنم تہ هو ڪجهہ خاموش ڪجهہ اُداس ٿي رهيو، تڏهن ڪيس ڪولڻ لاءِ ڪائنس پڇيم:

”ڇا ڳالهہ آهي، ڪاڪا منگلو ڪجهہ اُداس آهين؟“

”ڪجهہ ناهي، سائين. مڙئي آهي جِندگي گذارڻي.“

”آخر، ڇئہ ڪٽي!“

”سائين، ساڳي پراڻي ڳالهہ آهي. جمنا جي سسرال وارا گهڻو جهيز گهرن. نہ تہ چون ڇوڪري نہ کپي! مان غريب ڪٿان ايترا جيور ۽ ڪپڙا، ڏيان؟ ڇوري بہ وڏي ٿي ويئي آهي. سائين، بس، وڏو سور اٿم انهيءَ جو ڇا ڪريان! پر سائين، اوهين ڇو ويچار ڪريو؟ ڇڏيو انهيءَ ڳالهہ کي، اوهين ماني کائو.“

منگلو ائين چئي چپ ٿي ويو ۽ الائجي ڇو مان بہ ڪجهہ چئي نہ سگهيس. ماٺ ڪري ماني کاڌم، ۽ پوءِ ٻاهر نڪري باغ ۾ ڦرڻ لڳس. منگلو جي ڏک جي خيال ڪجهہ دير مون کي بہ ڏُکي ڪيو پر پوءِ اندرا جو ساڳيو روپ منهنجن خيالن مٿان ڇانئجي ويو. پر صرف انهيءَ ويچارسان، جڻ مون کي هراسي رهي هجي. بس، جي ڪجهہ ڪوملتا هئي، سا سندس اکين ۾ هئي. مون گهڻي ئي ڪوشش ڪئي تہ هوءَ ڇُري پُري ۽ پنهنجي هستيءَ کي جلا بخشي، پر هوءَ خاموش، هڪ پٿر مثل، ائين ئي ڇانيل رهي. مان وري ڇڪجي واپس ڪمري ۾ موٽي آيس.

منگلو کي مون رات جي مانيءَ لاءِ جهلي ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ منجهند جي ماني دير سان کائڻ ڪري پيٽ تي ڪافي بار پئي محسوس ڪيم.

مان ساڳي ڪرسي تي ويهي رهيس. تصوير وري منهنجي سامهون هئي. اوچتو مون کي هڪ خيال آيو تہ فنڪار جهڙي لباس ۾، جهڙي لباس ۾، جهڙي انداز سان ان کي ٻيهاريو آهي، ان ۾ نزاڪت يا لطافت تہ ڪڏهن بہ پيدا ٿي نٿي سگهي، ڇاڪاڻ جو مون کي هُري آيو تہ عورت کي لطيف ۽ نازڪ بڻائڻ لاءِ لباس ۽ زيور گهڻي قدر ذميوار آهن.

منهنجون نگاهون سندس اچي جبي کي جاچي مايوس ٿي ويون. ۽ پوءِ سندس خالي ڳچيءَ جي چوڏاري ڦري، وري ٻانهن تي اچي بيٺيون. اتان لهي، سنهڙين آڱرين تي آيون: 'نه هار، نه چوڙي، نه منڊي.... بس، اها تصوير فنڪار پنهنجي لاءِ ٺي ناهي آهي، اسان جي تصور تي ڇانئجي نٿي سگهي!" مان اهو سوچي اُٿيس. اوچتو منهنجي نظر پنهنجيءَ آڱر ۾ پيل سونيءَ، قيمتي ٻڙي واريءَ منڊيءَ تي پيئي، جا مون کي مڱڻي جي موقعي تي ڏني ويئي هئي. منڊيءَ کي ڏسندي ئي مون کي ڪجهه ياد پيو. مان يڪدم پنهنجي سامان واري ڪمري ڏانهن ڀڳس، پيتي کوليم، جنهن ۾ هڪ قيمتي بنارسي ساڙهي ۽ ٻه جڙائو سونا ڪنگڻ پيا هئا، جيڪي مون پنهنجي شاديءَ لاءِ گڏ ڪيا هئا.

ٻئي شيون کڻي، مان واپس ڊرائنگ روم ۾ آيس. آهستي آهستي، تصوير ڏانهن وڌيس. منهنجون نگاهون هر ساڙهيءَ کي، هر ڪنگڻن کي، ۽ هر منڊي کي تڪي، وري اچي اندرا تي ڪتيون ٿي. مون سوچيو ٿي ته ڪيتري نه سندريءَ جي سندرتا وڌي ويندي، هن وڳي ڊڪڻ سان ۽ زيورن پائڻ سان! مان لباس ۽ زيورن کي سندس آڏو ائين جهلي بيٺو هوس، ڄڻ ته سندس ڏاج کڻي ٿي آيس. مون سندريءَ جي آڏو لباس رکي، تصور ۾ ڪيس اهي زيور ۽ اهو لباس پهريل ڏسڻ ٿي چاهيو، پر ڏنم ته اندرا جي بت جي ساڳي حالت هئي. تصوير، تصويرئي رهي هئي، منهنجو ذهن ڪافي ٿڪجي چڪو هو ۽ مان پنهنجي تصوراتي مقصد ۾ ناڪام ٿيو هوس. مون ڪجهه خار سان لباس، منڊي ۽ ڪنگڻ اُتي ئي ڪارنس تي ڦٽا ڪيا، ۽ موٽيس پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ڏانهن. سمهڻ جي ڪوشش ڪيم، پر ننڊ ٿي نه اچي، تصوير جي سندرتا جي ڇايا ڇانيل ئي رهي. مان ان جي تصور کي موڙڻ سوڙڻ جون ڪوششون ڪندو رهيس. گهڻيءَ گهڻيءَ دير کان پوءِ ياد آيم ته ڊرائنگ روم جا در کليل ۽ ٻتيون ٻريل ڇڏي آيو آهيان. مان آهستگيءَ سان اُٿيس ۽ واپس ويهڻ واري ڪمري ۾ آيس. ٻتي وسائڻ چاهيم، پر قدم ڏڪجي آتشدان تائين ويا.

’اُف، هيءَ بيجان سونهن! ڪاش، جيڪر هيءَ روح ئي هجي، پر تصور ۾ تہ مختلف ادائن سان اچي، تشنہ آتما سڪون تہ حاصل ڪري، باقي هن هٺ، غصي، ۽ هڪ ئي سهڻيءَ پر مغرورانہ ادا سان ڇا ٿو ٿئي!‘ سوچيندي، مون ڪارنس تي پيل ساڙهيءَ، ڪنگڻ ۽ منڊيءَ تي نظر وڌي، ۽ محسوس ڪيم تہ واقعي هيءَ سندرتا جو مجسمو هن لباس ۽ زيورن کي پهري، تہ جيڪر لباس ۽ زيورن جي خود سونهن وڌي وڃي ها، هو ڦڪي اُٿن ها.

مون ڪنگڻ آڱرين ۾ جهليا، منڊي ڪڍي، آڱر ۾ ورائي پائي ڇڏيم، ساڙهي کي ڪلهي تي رکي، اچي ٻتيون وسايم ۽ در ڏنم، ۽ پوءِ واپس آيس سمهڻ واري ڪمري ۾، ساڙهي پلنگ جي مٿن ڪان پيل ٽيبل تي ڦٽي ڪيم، ڪنگڻ کي حفاظتي طور وهاڻي هيٺان رکي ڇڏيم، ۽ پوءِ ڪٽي پاڻ کي پلنگ تي سٽيم، آهستي آهستي، ننڊ جا پنڪ مون مٿان ڇانوَ ڪندا ويا.

ڪا مهل ٿي تہ مون محسوس ڪيو تہ ڪير منهنجي وهاڻي کي هيٺ مٿي ڪري رهيو آهي. مون وهم سمجهي، پاسو ورائي ڇڏيو. پر پوءِ پنهنجين آڱرين تي ڇهاءُ محسوس ڪيم، ۽ هڪ آڱر کي سخت ڇڪ آئي. مان يڪدم ٽپ ڏيئي اُٿي ويهي رهيس. واقعي، هڪ پاڇو منهنجي مٿي ڪان بيٺو هو! هاڻي هو رڙهي پرپرو ٿي ويو هو. مون يڪدم اُٿي بتي ٻاري،

’هان، هيءَ ڇا!‘

مان حيران ٿي ويس..... ساڳي تصوير، ساڳيو روپ، ساڳي ادا، ساڳيو هٺ ۽ غصو! بس، فرق رڳو ايترو هو جو هن جي هٿن ۾ ساڙهي، منڊي ۽ ڪنگڻ چمڪي رهيا هئا، ۽ هوءَ جيئري جاڳندي منهنجي سامهون هئي، هُن يڪايڪ سامان ورائي ٽيبل تي ڦٽو ڪيو ۽ سندس قدم مون ڏانهن وڌيا. منهنجي ويجهو اچي، گهُور ڪري، هوءَ خار ۽ غصي وچان مون ڏانهن نهارڻ لڳي.

”اندرا.... ديوي!“

”ها، اندرا. پر تنهن سان تنهنجو ڇا؟“ هن جا نازڪ چپ غصي وچان ڏڪي رهيا هئا. مون سندس اکين ۾ نهاريو جت ڪجهہ نرمي هئي، پر اتي بہ مون هينئر تيزي ڏٺي. سندري تمام گهڻو ناراض ٿي ڏٺي.

"اوهين ناراض آهيو؟"

"تو گهر آئي جو ايمان جو ڪيو!" هن جي لهجي ۾ تيزي هئي.

"ايمان؟" مان حيران ٿي ويس.

"ڪي شيون سوڪڙيءَ طور آريي. انهن ڪي موٽائي ونڻ. جڻ تہ مان انهن جي لائق ئي نہ هيس... ايمان ناهي تہ ٻيو ڇاهي...."

"مان شرمندو آهيان. اندرا ديوي! هيءُ سڀڪجهہ توهان جوئي تہ آهي. توهين ڀلي ڪڍو. پر...."

"پر ڇا؟"

"پر مان چاهيان ٿو تہ توهين هڪ مهرباني مون تي ضرور ڪندا وجو: پنهنجيءَ ڪنورتا ۾ غصي کي ڪوملتا ۽ مدرتا ۾ بدلي ڇڏيو تہ منهنجيءَ تشنہ آتما کي سڪون ملي!"

"هون، سڪون! سڪون واري ڪُتيا ۾ رهندي بہ سڪون جي ڳولا؟ پر توکي جنهن سڪون جي ڳولا آهي، اُهو ڪڏهن بہ نہ ملي سگهندو. اهو سڪون ڪوملتا ۽ مدرتا جو نچوڙ آهي: پر جيئن اهي شيون خود اڻلڀ آهن، تنهنڪري اهو سڪون بہ اڻلڀ آهي!"

"پر مان پنهنجي من کي ڇا ڪريان، جو ان تي ضد ٻڌي ويٺو آهي؟" مون بيتاب ٿيندي چيو.

"من کي مار! هون، جي من کي انسان ماري ها تہ جيڪر ههڙا افعال ئي نہ ٿين ها. تنهنڪري، توکي بہ من جي مارڻ جو، تن کي تسبي ڏيڻ جو اُپديش ڏيڻ بيڪار آهي."

هوءَ آهستي ڀنتي هتي، در وٽ وڃي بيهي رهي. هوا جا هلڪا لوڏا سندس لباس ۾ سهڻن گهاٽن ڪارن وارن کي لوڏي رهيا هئا. هن ڪنڌ ورائي مون ڏانهن ڏٺو. سندس اکين جي انوکي جوت موتي آئي هئي.

"ڪن ڪولي ٻڌ تہ تون جنهن ڪوملتا ۽ مدرتا جي تلاش ۾ آهين، سا تہ توکي ڪٿي بہ نہ ملي سگهي. مون جيڪي ڪجهہ انهيءَ دنيا ۾ رهي محسوس ڪيو آهي، ان جا آثار تون منهنجي چهري تي پسي سگهين ٿو. فنڪار جي ليڪن بلڪل صحيح نموني ۾ منهنجي ضمير، منهنجي روح

کي ڇنيو آهي. مون کي غصو آهي، دنيا جي اڍنگيءَ هلت چلت تي، مون کي بانور آهي. پنهنجي پاڪ ۽ نيڪ ضمير تي، مون کي هٺ آهي، پنهنجن خيالن تي، جن جي مدد سان مون هڪ الڳ دنيا ٺاهي آهي.“

”الڳ دنيا؟“

”ها، الڳ دنيا.... ليڪن ۽ ريکائن جي دنيا، جت خيال جو واسو آهي ۽ هٺ ڇُرن ٿا. زندگيون جنم وٺن ٿيون: پاڪ، نيڪ نيت، دنيا جي بغض، حسد ۽ ڪيني کان اڻواقف، دکن کان پريرو سک جي ڇانو ۾، پنهنجو جيون، پنهنجي دنيا! بس، ائين ڇئجي تہ هيءَ خيالي تخليق، حقيقي يا مادي تخليق کان بہ مٿيري آهي. جيتوڻيڪ خيالن کي جنم ڏيڻ واري هستي خود مادي تخليق آهي.“

مان مسحور ٿيو بت بڻيو خاموش انهن نازڪ لبن کي ڏسي رهيو هوس، جن مان فلسفيانہ ڪرخت نظريا نڪري رهيا هئا.

”مون صفا ڪونہ سمجهيو.“ مون پڙڪيو.

”تون سمجهندين بہ ڇا. توهين چاهيو تہ لطيف جذبا هجن، ۽ انهيءَ خيالي دنيا ۾ رهي صرف نفس جي پوڄا ڪندا رهو. توهان جو فرض آهي تہ ڪجهہ ڏسو سوچيو پنهنجي اردگرد ڦهليل زندگين تي ڪجهہ سوچيو. ڪڏهن توهان سوچيو آهي تہ ماءُ خود بکايل آهي، ٻار ڇاتي ۾ کير نہ پائيو اُن ڇاتيءَ تي منهن بہ هڻي رهيو آهي، ڦٿڪي بہ رهيو آهي، ۽ روئي رهيو آهي.. اُن مهل ماءُ جا جذبا ڪهڙا هوندا؟ ڳول، اُن ڇاتيءَ ۾ مذرتا ۽ ڪوملتا تلاش ڪر! ڪڏهن انهن خيالن تي طبع آزمائي ڪئي اٿو جڏهن ٻار بک وچان ڦٿڪي رهيا آهن، ماءُ- پيءُ ڳُڻتين ۾ آهن: ان وقت پيو حيلو ڪونهي، سواءِ انهيءَ جي جو ماءُ پنهنجي عصمت انهن ساهوارن تان گهوري ڇڏي ڪري: انهن مسئلن تي سوچ تہ تنهنجو ذهن، زندگيءَ جي عياشيءَ جي هٽي رخ کان واقف ٿئي. لطافت نزاڪت تہ اُتي بہ آهي، جت ڪنهن جي عصمت، ڇير پايو ڪوٺي تي چند ٽڪن واسطي نچي رهي آهي. پر شايد اُها ڪجهہ تلخ آهي، ائين نہ؟ شايد، اُن مهل بہ تون انهن جي ڇاتين ۽ چرندڙ جسمن ۾ ڪومتا تلاش ڪندو هوندين. جڏهن اُهي ڇاتيون پينر، زال ۽ ماءُ ڪٽي

رهيون هونديون: جسم ۾ ڍهڪاءُ هوندو طوفان هوندو ڇا نہ هوندو جڏهن هڪ ياءُ، هڪ مڙس، هڪ پٽ، هڪ مزدور، محنت ڪندي، مل جي مشين ۾ اچي وڃو هجي، ۽ ان جو ڇچريل لاش، بي ڪفنيو انهن آڏو پيو هجي. ڇئہ ڪجھ تہ ڇئہ! ٻال وڏوا جي جليل سڙيل جوانيءَ ۾ بہ هڪ نزاڪت ۽ ڪوملتا ٿئي ٿي، ڪڏهن انهيءَ تي غور ڪيو اٿئي؟ ڪڏهن ان پيءُ جي نراڙ ۾ پيل گهنج جن ۾ ان جي ڌيءَ جي ڪوملتا ڏني اٿئي، جنهن جي هٿن تي ميندي لڳيو نہ ٿيو وجي، ڄڄ در وٹ اچي موٽيو وجي، ڇاڪاڻ تہ اهو پيءُ ڌيءَ کي ڳهن ڳتن ۽ لباس سان نٿو جهنجهي سگهي. ڳول نہ! انهن سيني واقعن ۾ پنهنجي مڏرتا ۽ ڪوملتا! ڏس تہ اُها ڪهڙي رنگ ۾ آهي؟ ڳول نہ!.... هليو آ زندگيءَ کي مڏر ۽ ڪومل بڻائڻ!" هن جا چپ غصي وچان ٿڙڪي رهيا هئا. منهن ڳاڙهو هوس. سندس لفظن منهنجن ڪنن ۾ زوزٹ ٿي ڪيا. مان سچو پگهرجي ويو هوس. هڪ بت زندگيءَ کي بي نقاب ڪري رهيو هو منهنجو ڪنڌ هيٺ هو.

"تون ڪنڌ ڇو ٿو هيٺ ڪرين؟ مون اهو سيڪجھ ڏنو هو مون ڪنڌ هيٺ نہ ڪيو: مون انهن لاءِ سيڪجھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪي مون ڪان ٿي سگهيو. مان پڇاڙيءَ تائين اهو ڪجھ ڪندي رهيس، جنهن سان ماءُ جي سڪل ڇاتيءَ ۾ کير اچي سگهي، ٻارن جي ماءُ کي عصمت وڪڻي نہ پوي، پيٹ کي ڪوني تي نچڻو نہ پوي، شهيد ٿيل مزدور جي پينرن، زال ۽ ماءُ کي آٿت ملي، وڏوائون سهاڳڻيون بڻجي وڃن، غمگين پيءُ جي نراڙ جا گهنج لهي وڃن، ۽ ان جاءِ تي سک ۽ اطمينان جون لهرون هجن. پر ڏنم تہ هيءُ دنيا ايڏي تہ وسيع آهي جو جيڪڏهن هڪ دک جو خاتمو ٿو ڪجي تہ ٻيا دک ازخود پيدا ٿيو ٿا پون. تنهنڪري مون دنيا ئي الڳ ناهڻ جو ارادو ڪيو. مون زندگيون تخليق ڪيون: پينسل جي ليڪن سان انهن انسانن کي جنم ڏنم، جن جي پيشاني عزم ۽ استقلال سان چمڪندڙ هئي، جن جا جذبا سندن مضبوط ۽ سڀري جسم مان ظاهر هئا. سندن ٻارڙا، ننيڙن پر سهڻن گهرن ۾، خوش خوش ڦيريون پائيندا نظر ايندا هئا. سندن زالون، ڇپن تي آجيان جي مشڪ ڪنيو گهر جي ڪم ڪار ۾ مشغول هونديون هيون.

مائرن جون اکيون، پٽن جي خوشحال زندگي ڏسي.....تي ٿي ويندڙيون هيون. ڏيٺر پنهنجي پيءُ جي ڏنل سهاڳ جي ڪنگڻن کي ائين ڪڙڪائيندڙيون هيون، ڄڻ ڪو خوشيءَ جو نغمو الاپي رهيون آهن. اهڙين خوشين کي تخليق ڪرڻ منهنجو فرض هو جن کان هيءَ زندگي واقف به نه هئي. انهن خيالن کي پينسل جي ذريعي هٿ جي چرپر سان چٽيندي، مون پاڻ هن روپ ۾ اچڻ پسند ڪيو. مون پنهنجن چپن جي مشڪ انهن ڪاغذي ڪردارن کي ڏيئي ڇڏي. ڪوملتا، نزاڪت..... سڀ انهن مائرن، ڀينرن، زالن جي نالي ڪري ڇڏيم. پڇاڙيءَ جو پوترتا جهڙي قيمتي زيور کي ڪن ساهوارن مٿان گهوري ڦٽي ڪيم. مون اها ڪوشش پڇاڙيءَ تائين نه ڇڏي ته ڪيترو به ٿي سگهي، ساهوارن جي چپن تي مشڪ آڻي ڇڏيان، ۽ اُنهيءَ سان گڏ پنهنجيءَ حسين دنيا جي تخليق ڪندي رهيس.“

هوءَ ڪجهه وقت ماٺ ۾ رهي، ۽ مون بيتاب ٿي پڇيو:

”پر..... توهان جي پوترتا!“

”ڏنئه. ٿي وئين نه پوترتا جي ڳالهه تي بيتاب. توهين جسماني انسان سوچيو به جسم جي پاڪيزگيءَ جي باري ۾ ٿا. ڇو نٿا ضمير جي پاڪيزگيءَ جي باري ۾ سوچيو ڇو نٿا روح جي پوترتا جي باري ۾ سوچي امر ٿيو؟ نه ته اوهان جهڙو جيون ته ڪروڙين انسان گذاري ويا آهن. توهين جي اهڙو جيون گهاريندؤ ته ڪهڙو تير هڻي ڇڏيندؤ! منهنجو مثال ئي وٺ. مون کي ناز آهي پنهنجي ووبڪ جي پوترتا تي، جا مون جسم جي پاڪيزگي ڏيئي حاصل ڪئي آهي. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي جو هڪ چترڪار کي، جو غربت ڪري ڪاليج ڇڏي چڪو هو. پيءُ جي مري وڃڻ سبب نوڪريءَ جي ڳولا ڪرڻي پيئي. نوڪريءَ جو نيٺ ڪيس آسرو مليو. ان وقت سندس ماءُ اڏرنگ جي مرض ۾ مبتلا هئي، وڏو ڀاءُ ٽي. بي جي حوالي هو. ساماٽيل ڀيڻ بک جو شڪار هئي، ۽ ننڍي ڀاءُ جي حادثي ۾ ٽنگ ڪپجي پيئي هئي. مصيبتن جي هن اوڙاهه ۾ وبهي، هن گهٽيئي تصويرون چٽيون، پر سيني ۾ غم جون ريکائون ظاهر هيون، تنهنڪري ڪنهن نه ورتيون. ڇو، ’غم وارا غم خريد ڪن، خوشيءَ وارن جو غم سان ڪهڙو واسطو؟‘ مان ان غريب جي

وس آهر مدد ڪندي رهيس. پر آخر ڪيستائين؟ نيٺ هو انهيءَ نوڪريءَ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. جنهن جي هڪ شرط پاڙڻ سان هڪ زندگي سا تباهه ٿي وڃي ها، پر سڄو خاندان نه رڳو بچي ها، پر خوشحال زندگي گهاري ها. هن نيٺ سيٺ سان ها ڪئي، ۽ پيءُ کي چيائين ته تيار ٿيءُ ته توکي گهمائڻ ٿو وٺي هلان. دکن ماريل پيءُ به سڀڪجهه سمجهي ويئي... ته اڄ سندس قرباني ڏيڻ جو وقت اچي ويو آهي. هوءَ خوشيءَ سان تيار ٿي. ياءُ پيءُ کي وٺي هليو. چِتا تي چاڙهڻ.... شايد سَتي ٿي ڪيائينس. ڪيڏو نه جيون ۾ دک آهي!“

هن جي چهري تي غصي سان گڏ دک جون ريکائون به ڦلهجي ويون هيون. مون صرف ائين پئي محسوس ڪيو ته مان اڳ ڪنهن اونداهيءَ غار ۾ هوس، اڄ ڪا زندگي مون آڏو مشعل جهلي بيٺي آهي. ۽ مان سڀڪجهه ڏسي رهيو هوس... دک جي انتها، انسان جي بيڪسي، زندگيءَ جو اصل روپ. هوءَ بيان ڪندي رهي:

”جڏهن هو پيءُ کي سيٺ وٽ ڇڏڻ آيو تنهن کان اڳ مون کي خبر ملي چڪي هئي. مان سيٺ وٽ پهچي ويس، ۽ کيس ساڳيو زيور آڇيم جو هڪ ياءُ پنهنجيءَ پيءُ کان کسائي رهيو هو. سيٺ ڇوڪريءَ جي مٿي هٿ رکيو ۽ پاڻس کي بئي ڏينهن آفيس ۾ اچڻ جو چئي موٽائي ڇڏيو ۽ پوءِ موٽي اچي مون کان ان جي قيمت وصول ڪيائين. ياءُ پيءُ کي موٽائي گهر وٺي آيو. ڏاڍو خوش سوچيائين ته سيٺ ڪيڏو نه ديالو آهي! سيٺ جي انهيءَ ڳالهه ته هن ڪائنس امتحان ٿي ورتو کيس سڪون بخشيو. پر مون ته اها سچي تسڪين پاتي، جا خواب ۾ به نه ڏٺي هيم. مون زندگيون بچايون هيون. جسم تي گندگي ملي، جرڪندو ضمير پاتو هوم، انهي تي جيترو به بانور ڪريان، ناز ڪيان، ٿورو آهي.

”سيٺ وتان ٿي، سڌو مان چترڪار وٽ آيس. کيس زبان سان ڪجهه نه چيم، پر ڏانهنس ڏاڍي غصي وچان نهاريم. صرف انهيءَ ڪري جو هو پنهنجين زندگين مٿان ٻي زندگي کي قربان ڪندي نه هٽڪيو. ۽ پوءِ اتان هلي آيس. کيس اکين ۾ هڪ پيغام، هڪ جوت ڏيئي. مون پوءِ شام جوئي گندي جسم کي سمنڊ جي لهرن جي حوالي ڪيو ۽ صاف روح کي کڻي

اچي چترڪار جي خيالن تي قبضو ڪيم. جنهن مون کي هيءُ روپ ڏنو. واقعي 'روپ' مون کي صحيح روپ ڏنو."

"روپ؟" مون کان بي اختيار زبان مان نڪري ويو.

"ها. اهو ساڳيو ئي روپ آهي. هن سمجهيو تہ مان غائب ٿي ويئي آهيان. ماڻهن جي چوڻ تي تہ مان ڪنهن سان ڀڄي ويئي آهيان. تصوير هيڏانهن ڏياري موڪليائين. جيتوڻيڪ هن گهڻي ڪوشش ڪئي تہ مون کي جيترو ڪنور ۾ هٿ وارو ڏيکاري اوترو ٿورو آهي. ڇاڪاڻ جو مان سندس پريم جي بدلي ۾ پريم ڏيئي جو نہ سگهي هيس. بي سمجهہ هو نہ. هن کي ڪهڙي خبر تہ مون پريم جي ورڪا اڳي ئي پنهنجيءَ دنيا مٿان ڪري ڇڏي آهي. ها. سو ڳالهہ ٿي ڪيم تہ هو تصوير ڏاهي خود حيران ٿي ويو جو ان ڪنورتا ۾ هٿ ۾ بہ هڪ قسم جو شان هو. آخر ڇو نہ ٿئي؟ ڇو نہ بانور ڪريان پنهنجي آدرشي جيون تي! هاڻي تہ ڪنهن جي پرواهہ ڪانهيم... پنهنجي دنيا جو وسائي اٿم!"

هوءَ آهستگيءَ سان، در وٽان رڙهي، ٽيبل وٽ آئي. سندس نگاهون ساڙهيءَ، منڊيءَ ۾ ڪنگڻ تي هيون. هن آهستگيءَ سان انهن شين کي ڪنيو ۽ هٿن ۾ جهلي مون ڏانهن نهاريو.

"هونءَ... تہ هن لباس ۾ زيورن سان منهنجي نزاڪت ۾ مڏرتا وڌي ها؟ نيڪ تہ آهي.... منهنجي نہ. تہ ڪنهن ٻيءَ ڪنيا جي خوبصورتي وڌائيندي. جنهن جا هٿ شاديءَ رات جو خالي هوندا. لباس ڦاٽل هوندس. ٻيءَ وٽ نہ زيور. نہ ڪپڙا. بس هن جي ڪمر انهيءَ دک کان وڌيڪ جهڪي ويندي."

الائجي ڇو سندس انهيءَ جملي تي منهنجي آڏو منگلوءَ جي جهڪيل ڪمر ڦرڻ لڳي. ان سان گڏ منگلوءَ جا ڇيل دکي لفظ. جمنا جي خالي سينڌ. خالي ڳچي، خالي ٻانهون مون آڏو ڦرڻ لڳيون. ۽ پوءِ انهن سينڌن، انهن ڳچين، انهن ٻانهن جو تعداد وڌندو ويو. ائين پئي لڳو ڄڻ لاتعداد سينڌون اُجڙيل آهن. سندن لباس. سندن اُمنگن سان گڏ. تار تار آهن. 'اُف. دکي دنيا!' مون زور سان ڪنڌ ڌوڻيو. ڏٺم تہ اندرا ڪمري ۾ ڪانہ

هئي. يڪدم ٻاهر نڪتس. هوءَ باغ ۾ ويٺي هئي. هن جي. هٿن ۾ ساڳيون شيون هيون.

"اڄ، مان پاڻيان ٿي تہ جي مان هيءَ شيون ڪٽان تہ توکي اعتراض تہ ڪونہ ٿيندو."

لهجي ۾ ساڳي تيزي هيس.

مون ڪنڌ ڌوڻيو ۽ هن وري چيو:

"مان چاهيان ٿي تہ هي شيون صحيح حقدارن وٽ پهچن. هيءُ لباس، هي زيور ڪنهن جا بہ آهن. هاڻ اُن ڪنيا لاءِ آهن. جنهن وٽ ڪوبہ زيور ڪونهي، سواءِ عزت جي زيور جي. تنهنڪري هيءُ سامان منهنجي قبضي ۾ رهندو جيستائين ان جو صحيح حقدار پيدا ٿئي. تنهنجو فرض ٿيندو تہ ان جي صحيح مالڪ کي ڳولي، ان تائين شيون پهچائين!"

منهنجين اکين آڏو منگلوءَ جي تصوير ڦرڻ لڳي.

"حقيقت تہ اها آهي تہ اهڙين گهڙين ساڙهين، منڊين ۽ ڪنگڻن جي ضرورت پوندي. جي ٿي سگهيئي تہ ڪوشش وٺي خالي آڱرين، خالي ٻانهن ۽ خالي سينڌن کي ڀرڻ جي ڪوشش ڪجانءِ، جيئن منهنجيءَ آتما کي وڏيڪ تسڪين حاصل ٿئي. ۽ ٿي سگهيئي تہ ڪوشش ڪندو رهجانءِ جيئن ماءُ پٽ کي ٿڃ ڏيئي سگهي، ٻارن جي ماءُ کي عزت وڪڻي نہ پوي. پيءُ کي ڪوني تي نچڻو نہ پوي، شهيد ٿيل مزدور جي پينرن، زال ۽ ماءُ کي آٿت ملي. پر تون اهو سڀڪجهہ ڪٿي ٿو ڪري سگهين، مان ٿي پوري نہ پئجي سگهيس! پر، چڱو ڀلا. جي اينترو نہ ڪري سگهين تہ پوءِ اها دنيا تہ ضرور ناهج. جا خيالي پلي هجي، پر ان ۾ زندگي پنهنجي نالي سان نمايان هجي. پوءِ پلي چترڪاري هجي يا شاعري هجي يا نثر جي دنيا هجي، پر قلم هجي ۽ خيال هجن. پوءِ انهن انسانن جي تخليق ٿي سگهندي، خوشحال هوندا، بت تي ڪپڙو هوندن. کائڻ لاءِ سڀڪجهہ هوندن، رهڻ لاءِ چڱو مضبوط اجهو هوندن، سندن ٻارن جو مستقبل روشن هوندو، سندن زالن جي چپن تي سدائين وٽندڙ مشڪ هوندي، ۽ مڏرتا ۽ ڪوملتا خود بخود جاڳي نروار ٿيندي بيشڪ. اها دنيا دنيا هوندي، پوءِ خيالي ئي سهي پر انسان

جوڙيندڙ جي آڏو ائين تہ چئي سگهندو تہ ’اي پڳوان، پيٽ ڀيئي دنيائون: ڏس، اسان توکي ڇا ڪري ڏيکاريو آهي! انهيءَ دنيا جي تخليق ڪئي آهي، جنهن جهڙي تو هن دنيا کي بنائڻ چاهيو ٿي، پر ائين ٿي نہ سگهيو. پر اسان توکي الڳ هڪڙي دنيا ناهي ڏني، جتِ ڪوبہ غم نہ آهي، جت زندگيءَ جون لهرون آهن، قرب آهي، مِٺ محبت آهي، سڀڪجهہ آهي: ڪوملتا، مڌرتا، پوترتا، ڇا ڪجهہ ناهي؟ سڀڪجهہ. جيڪي تو وٽ موجود تہ آهي، پر ساهوارو مادي انسان حاصل ڪري نہ سگهيو ۽ خيالي انسان ڪيئن نہ حاصل ڪيو!“

هوءَ خاموش ٿي وئي، هن هڪ وڏو ٿڌو ساهہ کنيو.

”ڪيڏو نہ گهڻو ڳالهايو اٿم. سڀڪجهہ انهيءَ اميد تي تہ شايد ڪو بيو هڏ ڏوکي انسان پيدا ٿي پوي، ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڪري. مان ڪوشش ڪنديس تہ سيني وٽ وڃان، کين اهو پيغام ڏيان تہ يا زندگي ناهين يا تہ خيالي زندگيون ناهي، ساهوارن کي رشڪ ڏيارين تہ هو انهيءَ وانگر پنهنجي جيون کي بنائين. ڏسان، ڪيترا ٽا جاڳن، ڪيترا ٽا سمهي پون!“

مان بلڪل خاموش کيس تڪي رهيو هوس. مون کان ڪجهہ بہ اُڪلي نہ رهيو هو. دل چاهيو تہ ڪجهہ چوان، پر......

”مان سڀڪجهہ توتي ڇڏيان ٿي ۽ وڃان ٿي، موٽي پنهنجي ديس ڏانهن. هن دنيا جا ڦيرا ڀيئي ڪنديس، پر جي هيڏانهن نہ آيس تہ ڪو ڀولو نہ آهي، ڇاڪاڻ جو ڀانيان ٿي تہ تون گهڻو ڪجهہ ڪندين. ڪريان ڪجهہ اميدا!“ هن مون ڏانهن نهاريو. سندس اکين ۾ جوت هئي، پيغام هو. مون ڪنڌ ذوٽي ها ڪئي. ۽ پوءِ مون ڏٺو تہ هن جي پيشانيءَ جا گهنج هٽي ويا، اکين جي جوت وڌندي ويس، چهرو وڏيڪ ڀهڪڻ لڳيس: مشڪ چپن تي پنڌڙو ڪندي آئي، ۽ هوءَ کلي ويئي. هن هڪ ادا سان ساڙهي پنهنجن ڪلهن تي پکيڙي ڇڏي، ڪنگڻن کي پنهنجين ٻانهن ۾ پاتو منديءَ کي هڪ آڱر ۾ وڌائين، ۽ هڪ وڻندڙ مشڪ سان مون ڏانهن ڏٺائين. مان صفا ٻت ٻڻجي ويس. مون آڏو منهنجي تصور جي سندري هئي. بس، ائين پئي لڳو جڻ ڪا

نئين ڪنوار آهي، جا پنهنجي سندرتا ۽ سينگار تي ناز ڪري رهي آهي. ساڙهيءَ جي چمڪ وڌي ويئي هئي. ڪنگڻ ڀهڪي رهيا هئا. منڊيءَ جي ٽڪ تنهان ئي تيز چمڪي رهي هئي. ۽ هوءَ ديويءَ سمان هلڪي مشڪ مشڪندي رهي.

”چڱو ڀلا، مان هلان ٿي.“ هن جا نازڪ چپ چريا.

ائين چئي، هوءَ مست چال سان ڊرائنگ روم ڏانهن وري. هينئر نه غصو هو نه ڪنورتا، بس چوڌاري ڪومل فضا ڇانيل هئي. هوءَ ڪمري ۾ داخل ٿي چڪي هئي. مون ڪيس ويندو ڏسي ڊڪ پاتي..... تان خبر پيئي جو ڊرائنگ روم جي چائنٽ تان ٿابڙجي وڃي ٺهڪو ڪيم. هاڻ مون کي ڪجهه هوش اچڻ لڳو. ائين محسوس ٿيم، ڄڻ ڪو جادوءَ جو اثر هو جو هاڻ لهڻ لڳو آهي. سوچيم ته اهو سڀڪجهه ڇا هو؟ وڌيڪ، حيران ٿي ويس، جڏهين ڏٺم ته ڊرائنگ روم جا ڏنل در پٽيا پيا هئا ۽ وسايل بتيون ٻريل هيون. مان ٻڏتر ۾ پئجي ويس... ته پوءِ اهو ڇا هو؟ خواب يا حقيقت!

سامهون ڪارنس تي ساڳي تصوير رکي هئي. مان يڪدم ڏانهنس وڌي ويس. ساڳيو روپ، غصو، هٺ، اکين ۾ جوت. اوچتو منهنجي نگاهه ساڙهيءَ ۽ زيورن تي پيئي، جيڪي ڪارنس تي رکيا هئا. الائجي ڇو اها سوچ منهنجي مٿان ڇانئجي ويئي.

’ڀلي خواب ئي ڇو نه هجي، پر مون لاءِ اها حقيقت آهي. هڪ ديوي هئي، جا آئي هئي مون کي جاڳائڻ ۽ انهيءَ دنيا ڏانهن توجهه ڏيارڻ، جا انسانن جي دنيا آهي. جي هن دنيا جا دک مايوس ڪن ته پوءِ هڪ اهڙي دنيا ناهجي، جا خيالي بيشڪ هجي، پر قابل رشڪ هجي، جو يڪدم ساهوارا احساس ڪن ته ناهجي ته اهڙي دنيا ناهجي!‘

مون لباس ۽ زيور تي هٿ رکيو، ۽ تصوير ڏانهن مخاطب ٿي چيم، ”ديوي، ائين ئي ٿيندو جيئن تو چاهيو آهي. اها ساڙهي اهو جسم اهو جسم پائيندو جيڪو هميشه ليڙن ۾ گذاريندو آيو آهي. منڊي ان آڱر ۾ پوندي، جنهن ڪڏهن سون نه ڏٺو هوندو. ڪنگڻ انهن ٻانهن ۾ پوندا،

جيڪي هميشہ ٻُٽيون رهيون آهن. ۽ پوءِ ان ڪنيا جي سينڌ ضرور سندور سان پربي!“

منهنجي تصور ۾ منگلوءَ ۽ سندس ڪنواري ڌيءَ، جمنا، جون تصويرون ڦري رهيون هيون.

”مان اهڙيون گهٽيئي ڪنيائون سهاڳڻيون ڪندس، ديوي! مان اها به ڪوشش ڪندس ته مائرون فخر سان پنهنجن نونهالن کي ڇاتيءَ سان امرت اوتي ڏين. ڀينر سهاڳڻيون بڻجي پائرن جو ڪنڌ مٿي ڪن، استريون پنهنجيءَ لڄ کي وڪڻڻ بجاءِ پنهنجن ٻارڙن جي زندگيءَ کي سقلو ڪن ۽ پيءُ جي شيوا ڪن. منهنجين ڪوششن جي اها انتها هوندي جو مان شهيد ٽيل مزدورن جي وداوئن، مائرن ۽ ڀينرن جا ڳوڙها اُگهي سگهان. مان سيڪجهہ ڪندس، ديوي، سيڪجهہ!“

منهنجو ڪنڌ شرڌا وچان اُن تصوير جي آڏو جهڪي ويو. ڪنڌ ڪنيم ته ڏنم ته ديوي مشڪي رهي هئي. چوڌاري پوتر، ڪومل ۽ مڌر مهڪ ڦهليل هئي، جيڪا هر روح ۽ ضمير جي خوراڪ هوندي آهي.

(مهراڻ 1/1962ع)

❑

# واچوڙن ۾ لات

"ابا اُٺي، ٻاهر ڪمدار پيو ٿو رڙيو، تيار ٿي وٺ، مان نيرن کڻي ٿي اچان_!"

ماءُ جي اُٿارڻ تي هو ٽپ ڏئي اُٿي ويهي رهيو. کيس ياد آيو ته اڄ کيس ٻنئين تي وڃڻو آهي. هن گهڻن ڏينهن کان پئي ٽاريو، پر پوءِ خيال ڪيائين ته سڀ ڪجهه آخر کيس ئي ته ڪرڻو آهي. رات جو ئي ڪمدار کي چئي ڇڏيو هئائين ته فجر جو سويل ئي هلبو جيئن ڏينهن نه تپي وڃي. ٿڌڪري هوبه فجر جو ئي در تي گهوڙو جهلي بيهي رهيو.

هو جلدي جلدي تيار ٿيو ماءُ کان چانهه جو ڪوپ ورتائين، گرهه ٻيجي وات ۾ وڌائين، مٿان جلدي جلدي چانهه جو ڍُڪ ڀريائين. ماڻس کيس "في امان الله" چئي ڪم ڪار ۾ لڳي وئي. پاڻ حويلي جي ڏيڍي ٽپي ٻاهر آيو.

"ڪمدار سويل ئي اچي وئين_!"

"پوتار سويل وري ڪهڙي اهي، ڪم به ته سنياليو. پنج ديرا آهن، پنج ديرا. وري ٻي ترائي واري زمين جي چڪاس به ته هلي ڪيو ڏسو ته هيل ڇا ڪرايونس_!"

"چڱو چڱو هاڻي چڙهه ته هلون، وڌيڪ ڳالهيون اُتي_"

اختر ۽ ڪمدار وڏي گهوڙن تائين آيا. نوڪر گهوڙا جهلي بيٺو هو. اختر ٽپ ڏئي گهوڙي تي چڙهيو. شهر ۾ گهڻو عرصو رهندي به هيءَ سواري ڪا سندس لاءِ نئين ڪانه هئي. ها، ايترو سو هو جو گهڻي عرصي کان پوءِ هو گهوڙي جي سواري ڪري رهيو هو. ٻئي ڄڻا آهستي آهستي گهوڙن کي هڪليندا ڳوٺ جي ٻاهران آيا ۽ پوءِ ڪٽي گهوڙن کي ڪچي دڳ تي ڇڏيائون.

اختر، تر جي وڏي زميندار دين محمد جو اڪيلو پٽ هو. پٽس ڪيس هميشہ شهر ۾ رکيو۔ وچ، وچ ۾ هو ڳوٺ ايندو هو ۽ زمينون گهمندو هو. پر الائجي ڇو هو جڏهن بہ ڳوٺن ۾ گهمڻ يا ٻنئين تي ويندو هو تہ سندس هنيانءَ منجهڻ لڳندو هو. پٽس سندس بيزاري ڏسي ڪيس چرچي وچان چوندو هو ”منهنجو پٽ زنانو آهي، رڳو گهر ۾ويهي مکيون ماري ڇاڏي.... بس، چوويهہ ڪلاڪ ڪتاب هجنس، ٻيو ڪُل خير۔!“

واقعي هو بہ ائين، اختر پنهنجي زندگي کي خشڪ ساٿين يعني ڪتابن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. ڏوڪڙ پيسي جي گهٽائي هئڻ ڪري، چاپلوسي ڪرڻ ۽ ڪارڻ ورا ماڻهو ڪيڏ تہ گهٽا هئس، پر هو ڪنهن سان ڪونہ ٺهيو. ٺهيو تہ ڪتابن سان. علم سندس طبيعت ۾ مانائي پيدا ڪئي. سندس طبيعت نهايت ئي مائي ۽ ٿڏي قسم جي هوندي هئي۔ هو هر ڪنهن ڳالهہ تي ويچارڻ جو اهڙو تہ عادي ٿي ويو جو جيڪا بہ شيءِ ڏسندو هو اُن تي ويچارڻ ان سواءِ رهي نہ سگهندو هو. انهيءَ ڪري هو جڏهن بہ ڳوٺ ايندو هو ۽ ٻني تي ويندو هو تہ اُتي جون حالتون ڏسي، هارين جي ڪسمپرسي، زندگي جون اوڻايون پسي هو مايوس ٿي ويندو هو. ڪي گهڙيون تہ سندس آڏو هاريءَ جو پٽي لڳل پيٽ، پٺا اُگهاڙا، اکين ۾ ويراني، اُگهاڙا ٻار ڦاٽل ڪپڙن ۽ مٽيءَ ۾ پريل وارن سان، اُداس اُداس زالون، بک جا چڪ، جهيڙا، خون ۽ صدين کان هلندڙ عداوتون، اِهي سڀ ڳالهيون ڦرڻ لڳنديون هيون ۽ پاڻ ڪلاڪن جا ڪلاڪ انهي ۾ گم هوندو هو.

پٽس بيمار ٿيو پاڻ يڪدم ڳوٺ هليو ايو. اچڻ سان ڏاڍي ڪوشش ورتائين. ڊاڪٽر سڀ گهرايائين، پر ڪيس اڳ سجهيو ٿي تہ هاڻ سندس يتيمي جا ڏينهن اچي ويا آهن. هواُداس پر خاموش رهيو. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ڪي ڏينهن هن ماءُ جي اُداسائي کي ونڊيو ۽ هو غم ۽ ڏک جي ونڊ وريچ ڪندو رهيو. جڏهن ڏٺائين تہ وقت سندس ساٿ ڏنو آهي، ونڊڻ لاءِ ڪي يادون باقي آهن، تڏهن هن زمينن ڏانهن ڌيان ڏنو.

ڪيس ڪڏهن ڪڏهن خيال ايندو هو تہ هو اُنهن اکين جي حسرت ۽ آس ڪيئن ڏسي سگهندو جيڪي ڪُتل هونديون اُنهن داڻن مٿان،

جيڪي هو ميڙي چونڊي پنهنجي پنهنجي حصي ۾ ڪندو ويندو_ هوا ُهي فيصلا ڪيئن ڪندو جنهن ۾ هڪ هاريءَ ٻئي هاري کي لٽ هڻي ڪيڏي هوندي، ڇاڪاڻ ته هن سندس پاڻي جو وارو پڳو هوندو. صرف ان ڪري ته من هو ڪي داڻا وڌيڪ ڪٽي.

هو سوچيندو هو ته ائين نٿو ٿي سگهي ته پاڻ ٻنئين تي نه وڃي. هارين کي جيڪي وٽي سو هو ڪٽن، باقي منهنجي ضرورت جيترو اَنُ مون کي ڏئي وڃن. ائين نٿو ٿي سگهي ته هو اوطاق تي ويهي فيصلا نبيري، سڀ نهي وڃن، پراڻيون عداوتون ۽ ويڇا سڀ ختم ٿي وڃن_ ذري پرزي جي ڳالهه تان ٿيل جهڳڙا، خون، اُهي سڀ هو هڪٻئي کي معاف ڪري ڇڏين. ڪو ڪنهن کي نه اهنجائي، بس خاموشي، شانگي ۽ امن.

اختر هميشه ائين گهڻو ڪجهه سوچيندو رهندو هو. زندگي جي هلڻ جا انيڪ ڍنگ، طور ۽ طريقا.

اڄ جڏهن هو گهوڙي تي تيز وڃي رهيو هو ته سندس خيال به ان کان تيز ڊوڙي رهيا هئا_ هو ماٺ ميٺ ۾ زندگي جي مختلف پهلوئن تي ويچاريندو رهيو. هن پهلوئن کي ايترو ته پروڙيو جو شام ٿي وئي ته به هو ويچارن تي ويچاريندو رهيو. اُنهن ويچارن جي نتيجي ڪمدار کي حيران ڪري ڇڏيو.

هن ٻنئيون نهايت ئي انوکي طريقي سان ڪيون. زميندارِي لاپو معاف، ڪمدار کي ٽوبو زميندار جي حصي مان نڪري، هاري کي اَنَ جو صافي اڌ پلئه پئي، اُن مان ڪاٻه ڪاٽ نه ٿئي، صدين جو هارين تي قرض سڀ معاف. ڪمدار نٿي چاهيو ته صدين جي روايتن کي هو هڪڙي اُڇل سان ٽوڙي ڇڏي. هن جي پڇڪڻ تي اختر صرف ايترو چيو "چاچا، ورهيه ٿيا، اسان ٻنئيون پنهنجي مرضي تي پيي ڪيون آهن، هاڻي ڇڏ ته ڪي ورهيه هاري به پنهنجي مرضي سان ٻنيون ڪن، هو به ته نيٺ انسان آهن.... پورهيت انسان !"

هن آخر ۾ هڪ وڏو ٿڏو ساهه پريو. ڪمدار رکي ائين لڳو ته هن جو هاڻ ڪُجهڻ بيڪار آهي، هاڻي روايتون ئي نيون جنم وٺنديون. ڪمدار شام

تائين حيرانگي جي حد تائين پهچي ويو. هن اهڙا فيصلا نہ ڏٺا نہ ٻڌا، جو ٻن ٻولن سان ٻئي ڌريون ٺهي وڃن.

"ابا، ڇاتي جهيڙو آهي_؟" اختر پڇيو.

"سائين، خيروءَ سعيو ڪري پنهنجو مال منهنجي ٻني ۾ ڇڏيو مون ڪيس ڇيو. جنهن تان مون کي گاريون ڏنائين. مون ورائي گار ڏني مانس، تہ مون تي ڪهاڙي کڻي آيو جي چار ڇڱا وچ ۾ نہ پون تہ مون کي جيڪر ماري وجهي_" هڪ هاري چيو.

"خيرو تون ڇئہ بابا_!"

"سائين، نسورو ڪوڙ_!"

"ڏس تون تہ ڪوڙ نٿو ڳالهائين_!"

"سائين، نہ_ هُن مون کي گهٽيون گاريون ڏنيون_!"

"مان رڳو پڇان ٿو تہ تو ڪهاڙي کنئي يا نہ_!"

"ها سائين، پر هن سائين مون کي گهٽيون گاريون....."

"ٻئي ڇٽ آهيو. گارين تي ٿا ڪهاڙيون کڻو. ڇڱو ٻيلي خيرو تون ڏي مون کي گار ڏس مان ڪهاڙي کڻان ٿو_ ڏي جيڪا وڻئي_ گهٽيون گاريون ئي ڏي_ ڏي نہ_!"

خيرو ماٺ ڪري ڪنڌ جهڪائي بيٺو رهيو. ٿوري دير کان پوءِ وڏي آيو_ "بابو آهين. خطا ٿي وئي، بخش ڪر !"

"ڇڱو ٻئي ٻرچي وڃو_ ڏسان جيئن منهنجا هاري وري نہ وڙهن!"

ڪمدار اهڙا ٻئي فيصلا ٻڌا جن ۾ پرچاءُ، سڪ، محبت ۽ پيار کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. نڪي هيون زميداري گاريون. فريادي کي بہ تہ ڏوهاري کي بہ. نڪي هئا زميداري مار موچڙا. هو ٻنهہ ويچار ۾ پئجي ويو. هاري حيران، چڙ کين يقين نٿي آيو. ڪمدار وبتر حيران ٿي ويو جڏهن ڏٺائين تہ هڪ ديري تي اختر هارين سان گڏجي ويهي ماني کاڌي، ڏڌ جي هڪ وٽي مان سيني ٿي ڍڪ پريا، هاري ڏڳا پي پر اختر جي قربائتي ڪچهري کين نهال ڪري ڇڏيو. شام تائين هن پنجن ئي ديرن جي ٻنئي ڪري ورتي. هارين جا ٻہ_ ٽي فيصلا ڪيا. باقي رهيل هئس ترائي واري

زمين، سو سج لهڻ ۾ اجان ڪلاڪ ڏيڍ هو تہ هو اُتان بہ چڪر هڻي آيو. هاڻي سندس رُخ سڌو ڳوٺ ڏي ويندڙ رستي ڏانهن هو. زمينن جي ٻنن تان، پيچرن ۽ گسن تان هو گهوڙي کي تيز ڀوڙائي رهيو هو. ڪمدار پٺيان هئس. رکي، رکي ٿي رستي جو اُهڃاڻ ڏنائينس. اڄ سڄي ڏينهن جي مصروفيت اختر کي بجاءِ ٿڪ جي فرحت ڏني هئي. هو خوش، خوش، پٺائي جي بيٽن کي جهونگاريندي ٿي هليو.

اچانڪ ڪمدار گهوڙو ڀوڙائي آڏو آيس.

"سائين، ايڏانهن نہ، هيڏانهن_!"

"ايڏانهن وري ڪاڏي، هو رستو ڏسين نٿو تہ سامهون آهي، هيءَ زمين لتاڙي انهن سامهون وارن گهرڙن وٽان لنگهي سڌا رستي تي هلي پونداسين_"

"پر، سائين_ اهي زمينون پرايون آهن_!"

"هينئر وري ڪهڙين پنهنجين زمينن ۾ بيٺا آهيون_ پر هن زمين ۾ ڪو فصل بہ تہ ڪونهي جو زيان ٿيندو، ماٺ ڪري هلي آ_!"

"سائين، گستاخي معاف، ايڏانهن بنھ ناهي هلڻو انهن سان اسان جي پراڻي دشمني آهي_ اسان سان وڙهندي دير ئي نہ ڪندا. هو ڏسو ٻہ ٽي هاري گهرن ڏي ڊُڪ پيا وڃن، شايد ٻين کي اطلاع ڏيڻ. اسين بنھ سندن ٻني تي بيٺا آهيون، اچو هيڏانهن ڦري....."

"ڪمدار، اسان هلنداسين تہ ايڏانهن_"

ائين چئي هن گهوڙي کي اڙي هنئي، گهوڙو ٻنو ٽپي زمين لتاڙڻ لڳو ڪمدار رڙيون ڪندو رهيو پر اختر ڪافي اڳتي وڌي چڪو هو. لاچار ڪمدار بہ گهوڙو وڌايو ۽ اچي اختر سان مليو. اختر بيپرواھ ٿيو وڌي رهيو هو. پر ڪمدار جو رنگ ويو ٿي ڦرندو. تان جو هو انهن گهرن وٽ پهتا. مَنهنِ ۾ اوڏڪي پٽين جا نهيل گهرڙا. اختر جون الائجي ڇو نگاهون انهن گهرڙن ۾ ڪتل هيون. هو گهرن وٽان ڦيرو ڏئي لنگهيائي مس تہ سامهون ڇھ ست جاننا جوان دڳ جهلي بيهي رهيا.

"اڄ نہ ويندين ڪمدار_!"

”تون بہ نہ وبندين رئيس_!“

اختر پهريائين تہ واٽڙو ٿي وبو پر پوءِ پاڻ سنڀالي هيٺ لهي پيو. ڪمدار جو منهن لٺل هو، هر هر هن خشڪ چپن تي زبان پئي ڦيري.

”ڇا ڳالهہ آهي_؟“ اختر آهستگيءَ سان پڇيو.

”ڳالهہ ڪي پڇي ڇا ڪندين رئيس_ بس ايتري سو ڄاڻ هجئي تہ خونن جا بدلا آهن، پر بيهہ پهريائين ڪمدار سان صفائي ڪجي_!“ هڪ نوجوان اڳتي وڌندي چيو.

”ها، ڪمدار ڏي خبر، ڪيئن واٽ پلجي پئين. اسان جا ماڻهو تہ ڄاڻ ڏئي ٿي زمين مان لنگهيا، تہ بنهہ خون ٿي ويا. اڄ جو تون بنا ڄاڻ جي لنگهيو آهين..... هاڻ، تو سان ڇا ڪجي_؟“

”بخ.....ش...ڻ... رئيس.... ضد ڪيو..... نہ تہ.... توکي خبر آ... جڏهن ڪان اسان مڙساڻو واعدو ڪيو تہ نہ توهان اسان جي ٻني مان لنگهندو نہ وري... اسين... تہ پوءِ تون پاڻ آمين ٿي، ورهيہ ٿي ويو آهي... اسين ڪو لنگهيا آهيون... اڄ، رئيس....!“

”اڄ رئيس ضد ڪيو ادي غلام محمد ۽ ٻين کي اُڦٽ مارائي ڇڏيئہ، ڇئہ تہ اهو بہ رئيس جو ضد هو_ مون کي خبر آ تہ تو ڇو ادي غلام محمد کي مارايو صرف انهيءَ ڪري جو هن توهان جو هاري ٿيڻ پسند نہ ڪيو ڇاڪاڻ تہ ڪيس ڄاڻ هئي تہ، ڪمدار ۽ رئيس جي نيت سندس مڱ تي اڳ ئي خراب هئي_!“

”بخشا، ڪهڙا زنانا ڏوراپا وبنو ڏين، هڻ ڏڪ، لاهہ سِري، تہ ڪو اندر ٺري....!“ ٻئي ٻيروءَ بخشڻ کي هڪل ڏيندي چيو.

”اچيئي ٿو ڪمدار.... سنڀالجانءِ!“

بخشڻ ڪهاڙي اُپي ڪئي ۽ ڪمدار مٿان اُلر ڪئي، اختر يڪدم وڌي آيو.

”مٿان، جوان، مٿان_!“

”رئيس، مٿان، مٿان، ٻين کي ڪر، اسين توکي بہ ڪونہ ڇڏينداسين، مٿان ڪو ٻيو خيال پائنبن، جي تنهنجي مرضي ڪمدار ڪان

اڳ مرڻ جي آهي تہ پوءِ جيءُ بسم الله_!“ ائين چئي بخشڻ، اختر مٿان ڪهاڙي اُڀي ڪئي. ڪمدار اچي پيرن ۾ چنبڙيس.

”اڙي بخشا، هن معصوم تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي، جنهن اجان، ونيءَ جو بہ منهن نہ ڏٺو آهي..... تنهنجو ڏوهہ مون ڪيو آهي نہ_ مون کي مار..... مون کي مار بخشا..... مون کي... رئيس کي ڇڏ تہ هو وجي_!“

ڪمدار جي ليلائڻ، روئڻ ۽ ڳالهين کي ٻڌي، بخشڻ ڪي گهڙيون تہ ڍرو ٿي ويو. اچانڪ پر واري لوڙهي مان هڪ ننڍي نيٽي نينگر، نهايت ئي تيزي مان نڪري، ڪمدار مٿان اچي بيهي رهي.

”ڪمدار، زالن وانگر، روئڻ هينئر ياد آيو اٿئي، انهي مهل ڳوڙها ڪٿي هُيئہ، جنهن مهل منهنجو گهوٽ، ڪونڌر، تنهنجي سامهون هو ۽ تنهنجي ڪهاڙي مٿس اُڀي هئي. انهيءَ مهل سندس ونيءَ جو خيال ئي نہ آيئہ، هن جي معصوميت ئي ڪانہ ڏٺئہ، هينئر ٿي رئيس ننڍي جي ونيءَ ۽ معصوميت ياد پوينئي_ ادا، بخشڻ.... ويچار ڪهڙن ۾ آهين_ اهڙين ڳالهين تي ويچار ڪبا..... حالي تہ بدلا ٿين، پوءِ پيا ڳڻ ڏيندا سين_!“

نينگريءَ تيز نگاهن سان بخشڻ ڏانهن نهاريو. اچانڪ اختر وڏي ڏانهنس آيو.

”مان..... مان.... سمجهي نہ سگهيو آهيان... آخر ڳالهہ ڇا آهي... ماريو تہ ٿا پر ٻڌايو تہ سهي قصور ڪهڙو ڪو ڏوهہ، ڪو گناهہ..... آخر ڳالهہ جو ڪو منڍ ڪا پڇاڙي... ڪجهہ مان بہ تہ سمجهان......“

”رئيس، تنهنجي بابي، رئيس وڏي ئي ڪڏهن ڪنهن کي، ڪنهن جو ڏوهہ يا گناهہ، ڪنهن ڳالهہ جو منڍ يا پڇاڙي نہ ڏني، سو تون پڇي ڇا ڪندين... پر بيهہ، پلي تون راضي ٿي.... ڪمدار رئيس کي ٻڌاءِ، تہ قصو ڇا هو.... سڄي سربستي ڳالهہ ٻڌائينس.... ٻڌاءِ.....!“

نينگري ڏاڍي تيز پي ڏٺي. سندس منهن ڳاڙهو هو وار منهن ۾ پي پيس، جن کي هرهر هٿ سان مٿي ڪري پي ڳالهايائين. ڪمدار ماٺ ڪيو بيٺو رهيو.

”رئيس، ڏوهي ڪيئن ٻڌائيندو ته مون هيءُ ڏوهه ڪيو آهي. مان تي هن جو ڏوهه ٻڌايانءِ____“

”زبنا، تون چڏ ڏيگهه ڪي، هل گهر، پاڻهي ملائڪ ڪين ڏوهه ثواب ٻڌائيندا.“ هڪ پوڙهي چوڪريءَ کي پڪاريندي چيو.

”نه، بابا، مان گهر نه ويندس..... ظلم مون سان ٿيو آهي.... گهوٽ منهنجو ڪٿنو آهي.... مان ڪين مرندو به نه ڏسان..... اندر جو سور به نه سليان.....“چوڪريءَ جي شوخي ۽ تيزي گهٽجڻ لڳي، پر وري هوءَ ڪجهه هوش ۾ اچي ساڳئي وقار ۽ رُعب سان ڳالهائڻ لڳي.

”رئيس، اهو منهنجو بابو اٿيئي، هيءُ چار سندس پائر آهن، هيءُ زمين جو ٽڪر مڙني پائرن جي موروثي ملڪيت آهي. اسان نه رئيس کي ڏنو نه ورتو پر ڪمدار جي ڪا نظر مون تي پئجي وئي. آيو بابي وٽ. رئيس، سوچ ته سهين ڪاڏي ڪمدار، ڪاڏي مان. بابي انڪار ڪيس، تنهن تي ويو رئيس وڏي ڏي، ان کي آڻي مون مٿان بيهاريائين. مان ٻنيءَ ۾ گاهه پئي لڻيو. مون تي نظر وجهي تنهنجو بابو رئيس وڏو آيو منهنجي بابي وٽ، چيائينس ته ڪمدار کي سَڱ ڏي. بابي پهريائين انڪار ڪيس، پر پوءِ اهڙو ته زور وڌائينس، ڪي ڌمڪيون، ڪا لالچ، نيٺ بابي مڃيو.... اجا شاديءَ ۾ ڪي ڏينهن هئا ته منهنجو گهوٽ: جو رئيس جو هاري هو....!“

اختر، جو ڏيان سان ڳالهه ٻڌي رهيو هو منجهي پيو.

”تنهنجو گهوٽ.....؟“

چوڪري ڪجهه شڪجي وئي، ان سان گڏ ڪي ڏک جون ريڪائون سندس وٽندڙ چهري تي ڦهلجي ويون.... بخشڻ جو ڪهاڙي جي ٽيڪ تي بيٺو هو تنهن وراڻيس.

”ادي غلام محمد جي هيءَ گهرواري آهي.“

”هون.....“ اختر آهستگيءَ سان وراڻيس.

ٿوري دير سانت ڪان پوءِ چوڪريءَ آهستي چوڻ شروع ڪيو.

”اُنهي کي جو خبر پئي ته رئيس جي نيت بري آهي، مان ٿيان سا ڪمدار جي زال ها پر......“ هوءَ ڪجهه هنڪي بيهي رهي.

"رئيس، ڳالهين هٽي جوش ۾ را ڪري وڌا آهن. خير..... مان ٿو توکي سربستي ڳالهه ٻڌايان....." ڇوڪريءَ جي پيءُ اڳتي وڌي چيو.

"غلامو آيو مون وٽ. مون کي رئيس ۽ ڪمدار جي دغا کان واقف ڪيائين. مون يڪدم ڪمدار کي انڪار ڪيو.... ڪمدار کي به خبر پئجي وئي.... اچي لڳا غلامو جي ڪڍ. غلامو سِرُ بچائي آيو اسان وٽ. اسان کيس پناهه ڏني ـ ڳالهين کي ڪجهه ڏينهن ٿيا. ڳالهه لڪ مٿي ٿي وئي، غلامو اسان سان گڏ ٻنيءَ تي ڪم ڪرڻ لڳو. رئيس کيس هڪ به دفعا گهرايو ۽ کيس واپس اچڻ لاءِ چيو. مُنهن تي نالي خاطر ڪمدار کي به دڙڪايو.

غلامو جي سٽي هلت چلت مون کي موهيو..... مون سندس گهُر تي زينا کيس ڏيڻي ڪئي... شادي تي ڪمدار به آيو هو ڏاڍي ڏام ڏوم سان شادي ٿي ـ شاديءَ جي ٻئي ڏينهن جي ڳالهه آهي، ڪجهه سامان پيو کُٽي، سو غلامو پرواري ڳوٺ ڦليجن مان سامان وٺڻ ويو ورڻ موٽندي رئيس وڏي جي زمينن مان ٿي لنگهيو ته. چار جوان ڦري آيس، ڪٽي ٻڌائونس، چي ڦٽيون ٿي چورڻ آيو آهين ـ سائين توهان ئي انصاف ڪيو ڏينهن ڏني جو ديري ۾ پنجن ڇهن ماڻهن جي حاضريءَ ۾ ڪهڙي مائي جي لال کي همت ٿيندي جو چوري ڪري ـ پر سائين، ڏاڍي جي لٺ کي به مڃتا. وٺ وٺان ٿي وئي، غلامو وبچاري کي في الحال ته اڌ مئو ڪري ڇڏيائون ـ غلامون جي پنيان به همراهه اسان جي ڳوٺ جا جيڪي اسان جا عزيز هئا، پي آيا. جڏهن انهن وٺ وٺان ڏني ته ڊُڪي اچي پَرِ جهليائون. انهن ماڻهن کي چيائون جن ورنديءَ ۾ کين ٺڦون هنيون، تنهن تي هو به مچرجي پيا. هٽي ٻن ٽن کي في الحال ته لٺن مُڪن سان دسي وڌائون، پر هو ته تمام گهڻا هئا. بس سڌ تي پنج ڇهه ڄڻا ٻيا اچي لٿا، جن ۾ ڪمدار به شامل هو.

اختر ڪمدار ڏي نهاريو. هن جو ڪنڌ هيٺ هو.

"سائين پوءِ ته لٺ جي ڏڪ ڏڪان هئي، همراهه ڏڪجي پيا. پيو جو غلامو، اهو به پاڻ ڇڏائي اچي وچ ۾ پيو تنهن تي ڪمدار تڪي وني جو ڪهاڙي اچلي ته غلامون جو ساهه. تو ڏنو نه مون ڏٺو... اُهي به همراهه ته پوءِ ڀڄي پيا ـ اڙي ٻيرا، جانوءِ ولو آهن اِتي؟"

”نہ چاچا، شهر ويل آهن!“ هڪ نوجوان وراڻيو.

”سائين، اهي جوان ڪونهن نہ تہ سچي حقيقت توسان ڪن ها. هاڻي ٻڌاءِ پوتار اسين بدلو وٺڻ ۾ صحيح آهيون يا غلط_ وري ظلم تہ اِهو جو همراهہ اسان جا مارجن ۽ پوليس بہ اسان تي چڙهي آئي. چي، توهان ئي همراهہ هنن جي ديري تي موڪلي، ڦٽيون ٿي ڪٽايون_ ڏيو سائين منهن... بس سائين پوءِ تہ ڪيس پوڳياسين، مسين مسين جان ڇٽي. ڪونڏر بہ ڪسايوسين، عزت ۽ مانُ بہ وڃايوسين. باقي اسان وٽ رهيو ڇا؟ سائين، بس.... هن نينگر کي ڏسندو آهيان. غلامو جي شڪل اکين اڳيان ڦري ايندي اٿم ۽ پوءِ روئي ويهندو آهيان_ باهہ جنهن ۾ پچان پيو....“ پوڙهي جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هو وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيو. غلامو جي مرڻ جي واقعي کي دهرائڻ ڪري سڀ اُداس ٿي ويا هئا.

نينگرِ جي ڳلن تي بوندون ٿي چمڪيون. هن جون اکڙيون هيٺ هيون. اُداس چهري تي هن الائجي ڇا وڃائي ڇڏيو هو جو اختر جي اکين ان کي اهڙو سمجهي ورتو جو هو ڏکي اُٿيو ۽ هُن پٽي ورائي ڇڏي.

”چاچا، هاڻي ڳالهيون ٿي ويون. اسين بدلو وٺنداسين. ائين ڪين ڪونہ ڇڏينداسين“ هڪ نوجوان آواز کي اُپاريندي چيو.

اتي سڀ همراهہ سجاڳ ٿي ويا. هڪ نوجوان وٺندي ئي ڪمدار کي زمين تي ستيو پيو اختر ڏانهن وڌيو.

”ترسو_!“ اختر جو آواز جهڪو هو.

”مان توهان کي بدلي وٺڻ کان ڪونہ ٿو روڪيان. توهان پلي بدلو وٺو پر اهڙو بدلو وٺو جو توهان جو ڳاٽ اوچو رهي، جي توهان اسان کي ماريندؤ. اسان جا ماڻهو توهان کي ڇڏي ڪونہ ڏيندا. وري توهان هنن جا همراهہ ماريندؤ. انهيءَ نينگر جيترين ڪئين ئي عورتون ائين روئنديون رهنديون. اُنهن جو تعداد وڌندو رهندو. يتيم ٻارن جو تعداد وڌندو رهندو. بس پيو تہ ڪجهہ ڪونہ ٿيندو اُهي يتيم معصوم ٻار اُهي بيواهہ زالون، ائين چُڙي چُڙي، روئندي روئندي هُنن سان وڃي ملندا. اهو بہ ڪو جيئڻ چئبو؟“

”رئيس، اها تقرير بئي جهان ۾ ڪجاڻ“ هڪ نوجوان خار مان چيو.

”مون وٽ هڪ اهڙو رستو آهي، جنهن سان توهان بدلو به وٺي سگهو ٿا. جي قبول ڪيو ته مان چوان...!“

سيني جي چهرن تي ڪنهن به قسم جي دلچسپي جي لهر نه ڊوڙي، بس هو بدلي لاءِ آتا هئا.

”جيئن ته هينئر غلام محمد موٽي نٿو سگهي، نه وري اسان کي مارڻ مان ئي هو جيئرو ٿي سگهي ٿو مان چاهيان ٿو ته اسين کير کنڊ ٿي وڃون!“

”اِها اٽنيٽي آهي!“ ڪيئي آواز آيا.

”مان اُن لاءِ قرباني ڏيان ٿو. مان غلام محمد ٿيڻ لاءِ تيار آهيان..... نئون غلام محمد. هن ونيءَ جو گهوٽ!“ چوڌاري سانت ڇانئجي ويئي. نينگر جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ميڙ مان نڪري ويئي.

”رئيس..... تون اها اسان کي گار نه ٿو ڏين!“ بخشڻ جو آواز گونجيو.

”بخشڻ، مان اهڙو نيچ نه آهيان.“

”اهو دولاب آهي، پاڻ کي رئيس بچائڻ ٿو چاهي.“

”پر به اسين نينگر جو هٿ، نينگر جي مڙس جي خوني جي پٽ جي هٿ ۾ ڏيون، اها اٽنيٽي.“ هڪ پوڙهي ڪنڌ ڌوڻيندي چيو.

”مان چاچا، نينگر جي پيءَ کي چوندس ته هو سوچي، توهان سڀ گهرن ۾ خوش وينا آهيو. ڏيءَ جا ڳوڙها ته هو ئو ڏسي، بار ته هُن مٿان آهي، مان صرف اِنڪري انهيءَ ڳالهه تي ٿو زور ڏيان ته من منهنجي ابي جي ڪيل ظلمن کان پوءِ، اُنهي کان وڌيڪ خوشيون ملڻ تي توهان جا زخم پر جي وڃن ۽ پوءِ اُهي سڀ وبيا ختم ٿي وڃن، جيڪي جيڪر صدين تائين هلندا رهندا. بيو ته چاچا، هيءَ بدلو ئي ته آهي، چماٽ ئي ته آهي، اسان جي وڏن لاءِ.“ اختر ائين چوندي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو.

”رئيس... تو اهڙي ڳالهه ڪئي اهي... جو بس ڏکوبل رَڳ تي هٿ رکيو اٿئي.... تو ڳالهه اهڙي نموني ڪئي آهي جو اسان کي ويچار ۾ وجهي

چڙيو اٿئي۔ نہ تہ ايمان سئون اها ڳالھہ ڪري ڪير هتان بچي وڃي نٿو سگهي.“ چوڪريءَ جي پيءُ جو لهجو تيز ٿي ويو ۽ سندس ڳاڙهين اکين کي ڏسي ڪمدار چرڪي ويو. هو وڏي اختر ڏانهن آيو ۽ آهستي چوڻ لڳس:

”رئيس، ٻاراڻي نہ ڪر۔ اها ڳالھہ نياڻڻ ڏاڍي ڏکي ڳالھہ اهي۔ ماٺ ميٺ ۾ معافي وٺي هل، هو توکي ڪجهہ۔“

”تون ماٺ ڪر ڪمدار۔ تنهنجي انهن ڳالهين تہ هيءُ جهيڙا وڌايا آهن۔“ اختر. ڪمدار کي چنڀيندي چيو.

”چاچا، سوچڻ مهل ياد رک تہ هيءُ بہ تنهنجو بدلو آهي، منهنجي بابي کان، منهنجي خاندان کان۔ هن ۾ رڳو اهو فرق آهي تہ هُن بدلي ۾ رت جي ڳاڙهاڻ آهي ۽ هن بدلي ۾... مينديءَ جي ڳاڙهاڻ۔“ اختر مشڪي ويٺو.

هُن مجموعي ڏانهن ڏٺو اُت بہ هڪ قسم جي سوچ ۾ مُشڪ ڇايا ڪيو بيٺي هئي. اختر آهستگي سان وڌيو بخشڻ جي ويجهو اچي ڪانئس آهستگي سان ڪهاڙي ڇڏائي، زمين تي ڦٽي ڪري، ڪيس هڪ وڏو پاڪر پاتائين.

اُن ۾ الائجي ڇا ڪجهہ نہ سمايل هو. پوءِ هن سڀني جون ڪهاڙيون ڦٽي ڪيو ۽ سڀني کي پاڪر پائيندو ويو. هُن سڀني جي چهرن کي ڏٺو اُت ڳاڙهاڻ بجاءِ هڪ ٿڌي مٺي روشني ڇانيل هئي. هُن آسمان ڏانهن نهاريو اُت لهندڙ سج جي ڳاڙهاڻ ختم ٿي چڪي هئي، اڇاڻ واري هلڪي روشني ڇانيل هئي، هُن کي ائين لڳو ڄڻ صبح سوير و آهي.

هو وٺيءَ کي اُنهيءَ رات ئي نڪاح کان پوءِ وٺي ويو ۔ گهوڙي تي ڪيس پاڪر ۾ پيري چاڙهڻ مهل هو هڪ قسم جي خوشبوءِ ۾ ويڙهجي ويو. هُن سڃاتي تہ اها ميندي‌ءَ جي خوشبو هئي، صدين کان انساني ميلاپ جي شاهد۔ جنهن جي لالي، قرب، مِٺ ۽ محبت جو پيام ڏيندي آهي.

❑

منهنجين اکين تي ڪنهن جا گورا گورا ننڍڙا هٿ هئا. انهن هٿن کي مون پنهنجين اکين سان چمندي چيو ” زوبي!“ ۽ ڪنهن هٿ ڇڏي ڏنا. چوڌاري موسيقي ڦهلجي ويئي. هوءَ کلندي اچي منهنجي پرسان ويٺي!“

”زوبي، سچو ڏينهن لڙئين بہ ڪانہ!“

”۽ تون ڪٿي هئين ڀلا!“

”مان . . . مان تو وٽ. زوبي. انهن ڪارن ڇپرن واربن وڏين اکين ۾ ٿي تہ وبنو هوس!“

”هون! مان بہ چوان تہ اڄ منهنجون اکيون بند ٿي نہ پيون ٿين! هاڻي مسين مسين اکيون ٿيون پوڻجن. چڱو مان ڀلا گهڙي ساعت ننڊ ڪري وٺان جميل!“

”زوبي، تنهنجا هي ڦهليل سنهري وار مون کي ائين ٿا لڳن، جڻ چنڊ سان گڏ رات بہ هيٺ ڌرتيءَ تي لهي آئي آهي، ۽ چوي ٿي تہ منهنجي دامن ۾ ڦهليل خوشين کي ڏس، انهن کي ڏٺل وٽندڙ ۽ دل لڀائيندڙ رنگ کي ڏس. رنگن جي دنيا، رنگن جي ڪائنات! منهنجي زوبي، اسين جلد ئي هڪ ٿي ويندا سين.“

زوبيءَ ماٺ ڪري ويٺي هئي. اوچتو ٽپ ڏيئي پري وڃي ويٺي. زوبيءَ جي نگاهن ۾ تبديلي هئي. سندس چهري تي ڦهليل تاثرات ائين پئي ظاهر ڪيو تہ هوءَ هن واديءَ جي رهاڪو نہ آهي ـــ هوءَ هينئر پري نڪري ويئي آهي، تمام گهڻو پري.

”ڇو زوبي، تون ناراض تہ نہ ٿي وئينءَ؟ مون ڊڄندي ڊڄندي ڪائنس پڇيو ڇاڪاڻ تہ هوءَ عجيب طبيعت جي مالڪ هئي. سچ تہ سندس طبيعت بلڪل نرالي هوندي هئي. خوشيءَ جي ڳالهين تي رنج ٿيندي هئي، ۽ ڏک جي ڳالهين تي ٽهڪ لڳائيندي هئي.

”نہ جميل، ناراض ڇو ٿينديس... خير، مان هلان ٿي، اَمي منهنجي انتظار ۾ هوندي.“ هوءَ هميشہ وانگر شاديءَ جي ڳالهہ کي ائين ٽاڻي هلي ويئي. مان ويچاريندو رهيس. مان جڏهن انهيءَ لائق ٿيس جو زندگيءَ جي دامن ۾ ڦهليل رنگن کي نہ

صرف پرکي سگهان، پر انهن کي وڌيڪ ڦهلائي، منجهن زياده
خوشرنگي پيدا ڪري سگهان، تڏهن مون وڏا پروگرام ٺاهيا.
انهن مان هڪ هو__ هڪڙو ننڍڙو گهر، خوشين سان پرپور.“

مون جڏهن هن ٽڪريءَ تي هيءُ پلاٽ ورتو هو تڏهن ئي احساس ٿيم ته مان خوش نصيب آهيان جو ههڙو پلاٽ هٿ لڳو اٿم. گهر جوڙائيندي جوڙائيندي مان هنن ٽڪرين تي ڦهليل ننڍڙن سهڻن گهرڙن ۽ بنگلن کي ائين سجاڻڻ لڳس، جڻ منهنجيءَ آفيس واري ٽيبل تي رکيل گلدان ۾ گل، جن جا مختلف رنگ، جنهن وقت مان سوچ ۾ هوندو هوس ته منهنجي اکيان اندلٽ ٺاهي بيهندا هئا. جن جي آرپار مان زندگيءَ جا حسين خواب ڏسندو هوس. جيئن جيئن مان هرهڪ بنگلي وٽان لنگهندو هوس، زندگيءَ جي رنگ برنگي روپن کي پَسندو هوس.

منهنجي ننهندڙ گهر جي ويجهو ٻه سهڻا، وڻندڙ بنگلا هئا، جن جي وڏي خوبصورتي انهن جا رهاڪو هئا. هڪڙي بنگلي ۾ هڪ ڊاڪٽر رهندو هو. ڊاڪٽر ۽ سندس گهر واري ڏاڍا قربائتا هئا. جڏهن به مان اتي ويندو هوس، ته ڊاڪٽر، سندس بيگم ۽ سندن ٻه ڌيئون مون کي ڪافي وندرائيندا هئا. سندن دلچسپ ڳالهين ۾ ڪجهه وقت ته مان صفا گم ٿي ويندو هوس.

ٻيو بنگلو هو زوبيءَ وارن جو. زوبي پنهنجيءَ ماءُ سان گڏ هن گهر ۾ رهندي هئي. هوءَ گريجوئيشن ڪري رهي هئي جو منهنجي ساڻس واقفيت ٿي. گهڻ قربائتي ماڻس به ڪانه هئي زوبيءَ جو پيءُ هڪ وڏو واپاري هو. ۽ اڪثر پنهنجي ڌنڌي جي واڌاري لاءِ ٻاهر گذاريندو هو. زوبيءَ جي ماءُ ڪلمڪ خاتون هئي. جڏهن به ايندي ته پهريون سوال ڪندي هئي:

”ابا جميل، تنهنجي جاءِ جُڙي راس به ٿيندي يا . . . جڏهن ڏس، ڪم اوتري جو اوترو! مزورن کي مزوري ته ڏيندو آهين نه؟“

” ها امي! بس، پنيون ڪجي پوريون ٿيون آهن، چاڻ چت به پيئي، پوءِ صرف سنهو ٿلهو ڪم باقي رهندو.“

پنيون ڪچيون، چت پيئي. مون محسوس ڪيو ته پنين ڪجندي ڪجندي، منهنجي محبت جي محل جي اوساري به ٿيندي هلي. زوبيءَ جي

محبت جي پيڙهہ منهنجي دل ۾ پئجي چڪي هئي. آهستي آهستي اسين ايترو تہ ويجهو اچي وياسين جو هڪٻئي کان سواءِ بيچين ۽ بيقرار رهڻ لڳاسين.

منهنجي آفيس کان موٽڻ بعد زوبي يڪدم منهنجي گهر هلي ايندي هئي. اسين ڪافي دير ويٺا ڳالهيون ڪندا هئاسين. شام ٿيندي هئي تہ هوءَ هلي ويندي هئي، ۽ مان اڪيلو رهجي ويندو هوس. صبح جو هوءَ ايندي هئي، ۽ ٽڙندي، مون سان گڏ موٽر ۾ ڪاليج هلندي هئي. مان کيس ڪاليج ڇڏيندو آفيس هليو ويندو هوس.

هڪ ڏينهن جيئن زوبي ويئي پئي، مون کي الائجي ڇو محسوس ٿيو تہ هن کي وڃڻ نہ کپي _ هن کي هن گهر جي بهار هجڻ کپي. هن ويرانيءَ ۾ بهار ايندي، ۽ ضرور ايندي.. ۽ مون کيس ٻانهن کان ڇڪي ويهاري ڇڏيو.

”زوبي، تو ڏٺو آهي تہ جڏهن تون اچين ٿي تہ هن ويران ۽ اڪيلي گهر جي رخ تي بهار جا پاڇولا ڇانئجي وڃن ٿا. ۽ جيئن تون نچندي ڪُڏندي اچين ٿي تہ اهي بهار جا پاڇولا نچندا ڪڏندا هن گهر جي ٽُڪر ٽُڪر ۾ ڦهلجي وڃن ٿا. ۽ چوڌاري بهاريءَ ۽ موسيقيءَ جو گمان ٿيڻ لڳي ٿو. مان چاهيان ٿو تہ هن گهر جي بهار، هن گهر ۾ ئي رهي. ان لاءِ مان اميءَ سان ڳالهائيندس... منهنجو خيال آهي، زوبي، تہ مان. . .“

مان پنهنجو جملو ختم ڪري نہ سگهيس. ڏٺم تہ هوءَ اٿي بيٺي هئي. سندس چهرو ڪنهن بہ قسم جي جذبات کان خالي هو.

”مان وڃان ٿي جميل، امي منهنجو انتظار ڪندي هوندي“ هميشہ وانگر پنهنجو مخصوص جملو دهرائي، ڳالهہ کي نٽائي، هوءَ هلي ويئي. جڏهن بہ مان اهڙي ڪا ڳالهہ ڪيندو هوس تہ سندس منهن جي رنگت بدلجي ويندي هئي، هوءَ اندروني ڪيفيت کان مجبور ٿي، خاموش هلي ويندي هئي.

پوءِ اسين سمند جي ڪناري تي وڃڻ لڳاسين. گهران خوش خوش ۽ ٽڙندا نڪرندا هئاسين، ۽ موٽڻ ويل زوبي خاموش هوندي هئي ۽ آئون اداس. ٻنهي جا چهرا لٿل ۽ ڪوماڻيل هوندا هئا. مان پيار جون ڳالهيون

ڪندي، ڪندي شاديءَ جو ذڪر ڇيڙي ويهندو هوس، ۽ جواب ۾ زوبيءَ جي خاموشي پلئه پوندي هيم.

هڪ ڏينهن سمنڊ جي ڪناري سج کي پاڻيءَ ۾ غرق ٿيندو ڏسي، زوبيءَ چيو " الا! سمنڊ ڪيڏو نه ظالم آهي؟ سج جي ڀڪدڙ مڪڙي کي ڪيئن نه پاڻ ۾ غرق ڪريو ٿو ڇڏي. وري صبح جو ٺُڏي ڪيس ٻاهر اڇلايو ڇڏي "

"نه زوبي ائين نه آهي. سمنڊ جو اٿاهه سينو ته هڪ گهر آهي، جنهن ۾ سج محبت جا نغما ٻڌي ٿو. سڄي ڏينهن جي ٿڪ لاهڻ خاطر هو سمنڊ جي گود ۾ پناهه وٺي ٿو. سمنڊ سڄي رات ڪيس پنهنجي دامن ۾ لڪائي ٿڦڪيون ڏيئي سمهاري ٿو ۽ صبح جو نئين دم سج ڪر موڙيندو پنهنجي سفر جا سانباها ڪري ٿو. ڪيڏو نه گهرو سنبڌ آهي ٻنهي ۾!"

"گهٽ ۾ گهٽ مان انهيءَ کي پيار جهڙو پاڪ نالو ڏيئي نٿي سگهان. سچ ته جيڪڏهن اهو پيار آهي ته پوءِ خودغرضي ڇا کي ٿو سڏيو وڃي؟ دراصل ڪنهن کي ڪنهن سان پيار ڪونهي. هرڪو خالي آهي، ۽ هرڪو پياسو. هرهڪ پاڻ کي پرڻ ٿو چاهي. سڀڪو پنهنجي پياس اُجهائڻ لاءِ سرگردان آهي. پوءِ ڪنهن جا پيمانا محبت سان پُر ٿا ٿين، ته ڪنهن جي پيالي منجهه يادگيريون ئي پون ٿيون. سمنڊ ۽ سج صرف رات گذارڻ لاءِ هڪٻئي جو سهارو وٺن ٿا. صبح جو سمنڊ ڇولين سان راند رمڻ ۾ مشغول ٿي وڃي ٿو. ته سج جا سونهري ڪرڻا ڪنواربن مڪڙين جو مُک چمڻ ۾ لڳي ٿا وڃن. ٻيئي هرجائي ته ٿيا! ڪير ڪنهن کي پيار نٿو ڪري. جميل! پيار ته دراصل پياريون يادگيريون ئي آهن. ها نه ؟"

مان ويچار ۾ پئجي ويس ته هوءَ چوڻ ڇا ٿي چاهي؟ مان سمجهي نه سگهيس ــ ۽ نه شايد سمجهي سگهان، ڇو جو زوبيءَ سان مون کي عام پيار هو ــ پيار، جيڪو عام آهي.

مون شاديءَ جي مسئلي تي زوبيءَ جي ماءُ سان ڳالهايو هوءَ ڏاڍو خوش ٿي، ۽ چيائين، ” زوبي ئي تہ منهنجي زندگي آهي، پٽ! هوءَ جيئن چوندي، تيئن ٿيندو.“

واقعي ٿيو بہ ائين، جيئن زوبيءَ چيو. هن مون سان شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو! مون ڪانئس پڇڻ چاهيو. هن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو ۽ مون ڏک، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ وچان ساڻس ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو.

هوءَ پنهنجي مقرر وقت تي روز ايندي هئي، ۽ منهنجي پرپٺ منهنجي نوڪر کان مون بابت پڇي هلي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن شام ڏاري جيئن مان بنگلي مان ٻاهر نڪري رهيو هوس، منهنجا قدم وزني ٿي ويا. جيڪي ڪجهہ مون ڏٺو هو ان جو ڏاڍو ڏک ٿيم.زوبي هڪ ڪاليجي نوجوان سان ٺهڪ لڳائيندي ڪيڏانهن وڃي رهي هئي.! منهنجو دماغ ڪنهن بہ ڳالهہ سوچڻ کان قاصر هو. بيخيالو ئي واري بنگلي ۾ گهڙي ويس.

سامهون ڊاڪٽر جي وڏي ڌيءَ سلميٰ ويٺي هئي : ”او... جميل صاحب! اچو اچو. اڄ ڪيئن ڀُلجي پيا آهيو هن طرف.“

ڪلاڪ ٻن جي گفتگو کان پوءِ مون کي الاجي ڇو محسوس ٿيڻ لڳو تہ سلميٰ ڪا معمولي ڇوڪري نہ آهي. هن جي ڳالهائڻ ۾ شائستگي ۽ گنڀيرتا ڀريل هئي. گنڀيرتا سندس چهري کي عجيب رنگ بخشي ڇڏيو هو. سندس چهري جي معصوميت ۽ وڻندڙ گفتگو مون کي روز شام جو ڇڪي سندس گهر آڻيندي هئي. ۽ مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ وٽن ويٺو دل وندرائيندو هوس. سلميٰ سان اڪثر زندگيءَ جي مسئلن تي ڪافي دلچسپ بحث ٿيندو هو. پر جيئن مان ٻاهر نڪرندو هوس، سامهون زوبيءَ جو بنگلو هوندو هو.... ۽ گهڻو ڪري زوبيءَ کي ڪنهن نہ ڪنهن ڇوڪري سان گڏ ڏسندو هوس. ڪڏهن گهمڻ پيا ويندا هئا، ۽ ڪنهن وقت گهمي واپس ورندا نظر ايندا هئا. ان هوندي بہ هن منهنجي غيرحاضريءَ ۾ منهنجي گهر اچڻ

ڪڏهن به نه وساريو. ڪڏهن وارو نه بڱائين. جيئوٽيڪ مون ساڻس ملڻ ڇڏي ڏنو هو.

اهو الائجي ڪيئن ٿيو. ڇمبر نه اٿم ته منهنجي شادي سلميٰ سان ڪيئن طي ٿي ويئي. شادي طي ٿيڻ کان پوءِ، سيگهه ئي هڪ ڏينهن زوبي منهن ۾ ملي وئيم.

”جميل صاحب، مبارڪون! ڏاڍي خوشي ٿي اوهان جي شاديءَ بابت ٻڌي“

”مهرباني اوهان جي.“ مون وراڻيو.

” دعوت به ڏيندين يا رڳو مبارڪون وٺندين؟“

” ضرور، ضرور. پاڙي ۾ ٿي رهين، آخر پاڙي وارن کي نه سڏيندس ته ڪنهن کي سڏيندس. “

” ائين ئي سهي، سڏيندين ته سهي نه؟“

شاديءَ ٿي. زوبيءَ کلندڙ صورت سان شاديءَ ۾ شرڪت ڪئي. هر شرارت ۾ اڳري. پر الاجي ڇو مون محسوس ڪيو ته هوءَ ڪجهه وڃائي آئي آهي __ يا ته هوءَ خوابن جي دنيا جي رهاڪو آهي.

ان رات زوبي اينرو ته مون مٿان ڇانيل رهي جو سلميٰ ۾ به مون زوبيءَ کي ڏسڻ چاهيو ۽ هوءَ مون مان بيزار بيزار نظر اچڻ لڳي. صبح جو جيئن ئي مان ٻاهر نڪتس ته نوڪر مون کي هڪ چٺي آڻي ڏني. لکيل هو:

”جميل، سمنڊ کان سج جدا ٿي چڪو آهي. اڄ منهنجون همدرديون سمنڊ سان آهن. مان ان جي گود ۾سڪون جي تلاش لاءِ وڃي رهي آهيان. شايد منهنجو گهر اهو آهي. مان پيار کي سڃاڻي ڪانه سگهي هيس. اڄ جڏهن توکي وڃائي ويٺي آهيان، تڏهن خبر پيئي اٿم ته پيار ڇا آهي.___ زوبي.“

مان انهيءَ مهل سمنڊ ڏانهن ڀڳس. ننڍڙن پيرن جا نشان ڏسندو واريءَ جي هڪ ڊٺل گهر وٽ اچي پهتس. اتان پير اڳتي وڌيا. اڳتي، ...

اڳتي، ... ۽ مون چوليون ڏٺيون، رانديون ڪندڙ چوليون. هي چوليون وڏي رهيون آهن . . . وڏي رهيون آهن، . . . ۽ منهنجو ناهيل هيءَ واريءَ جو گهر بہ، الا، ميسارجي ويو!

مون چڙ ۾ سمنڊ طرف نهاريو. هن جي ڪاوڙ وڏي ويل پئي ڏسڻ ۾ آئي . ڏٺم تہ سج سمنڊ جي گود ۾ پناهہ وٺي رهيو هو. مون کي ياد آيو تہ مون کي بہ ڪنهن گود ۾ پناهہ وٺڻي آهي. سلميٰ ــ جنهن جي گود انهيءَ سمنڊ مثل هئي، جيڪو سج کي حاصل ڪندي بہ خالي خالي، رکو رکو ۽ اڪيلو هو. سمنڊ ۽ سج ــ مان، ۽ منهنجو ويران گهر.

(ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي شڪريي سان)

❑

ناتو هو. سڄي ڳوٺ وارا سنيرن تہ هو پروءَ مان مينهاڻي مست ڪيئن ليکيو.

پرو ڪو ڇائي ڇم کان مست ڪونہ هو. پرو ائين ئي هو جيئن عام ٻار ٿئي. هڪ غريب پيءُ ماءُ جو غريب پٽ. قاتل چولو هيئان ڪجهہ بہ نہ. گهٽيءَ ۾ ليٽڙبون پائيندڙ مٽيءَ سان راند، ٻاراڻي وهيءَ جي مستي، ڪيس انهيءَ ڳالهہ جو پتو ئي نہ رهيو تہ هُن جا پيءُ ماءُ مري ويا آهن. هڪ ننڍڙي گهر ۾ پڦين جي حوالي، چاچي جي مار موچڙي هيٺ پئي پليو. پروءَ لاءِ سوٽن جو ولڙ وڏي نعمت هو. کيڏڻ، رڙيون ڪرڻ، واڪا ڪرڻ سندس وس هو. ننڍڙي ڪچائين گهر جي وڏي اڱڻ ۾ ٻيهي جڏهن ٻارن جي لڏي سان گڏ ڦيربون پائيندو هو تہ سندس ڪيفيت ڪنهن مست کان گهٽ ڪانہ هوندي هئي. جيتوڻيڪ سندس ڪابہ اهميت ڪانہ هئي، پر هو پنهنجي دلبريءَ جا داوَ ڏيکاريندو رهندو هو. سندس ڪلٽي، ملوڪ منهن لاءِ ڪنهن ڪي ڪو خاص چاهہ نہ هو. هو هڪ يتيم ٻار هو ۽ اهڙا يتيم، اهڙا ٿوهہ پٽن ۾ ڪيئن پيا هئا.

پرو انهيءَ ۾ بہ خوش هو. سندس خوشي تڏهن وڏي ويندي هئي، جڏهن پنهنجي سؤٽ مومل ڪي آڱر کان وٺي هلائڻ جي ڪندو هو. هوءَ جڏهن پدمڙا پيرڪٽي هن سان گڏ اڱڻ ۾ هلندي هئي، تہ هو خوشيءَ وچان رڙيون ڪندو هو ۽ پڦي زينان ڪي سڏ ڪندو هو "پڦي، او پڦي، هيءَ مومل تہ ڏس ڪيئن هلي ٿي، جهڙي ٻيل!"

پڦي جنهن پروءَ کي پنهنجو ڪري رکيو هو ورانديءَ مان جواب ڏيندي هيس، "ها، ها پربيل مومل تہ ٻيلن جي بہ راڻي آهي." هو خوش ٿي، مومل کي مٺي ڏيندو هو ۽ زور سان چوندو هلندو هو: "هلي منهنجي ٻيل راڻي، هلي منهنجي ٻيل راڻي!" ۽ وٺي اچي پڦيءَ وٽ ويهندو هو. پڦي هيڏانهن هوڏانهن نهاري چوندي هيس، "اڙي پربيل، هوءَ تہ ٻيل آهي تون ڇا آهين، منو مور؟" تہ پرو مومل کي ڇڏي ٻانهون کولي مور وانگر نچندو هو ۽ نچندي ٽپندي ٻاهر هليو ويندو هو.

پروءَ جي اها نچڻ ڪڏڻ جي مستي ويتر وڏي ويندي هئي، جڏهن آرهڙ جا ڏينهن سانوڻ اچي ناريندو هو. مينهوڳيءَ جي موسم پروءَ لاءِ من

مستي ۾ ڦوهہ ڦلارجڻ جا ڏينهن هوندا هئا. هو پهرين ڪٽيءَ تي ٻاهر نڪري ايندو هو ۽ خوشيءَ وچان دانهن ڪندو هو ”پيج مولا!“ ۽ پوءِ سندس سؤٽ بہ هنبوچيون هڻندا نڪري ايندا هئا. نعرن جو ڏوڏڪاٽ هوندو هو. ”پيج مولا. چاندي جا گولا.“ ”پٽ تي نوڙي، مينهن آيو ڊوڙي.“ پر پروءَ جو وڻندڙ نعرو هوندو هو: ”هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏوا!“ نعري هڻڻ ۾ هو بنهہ مست ٿي ويندو هو. جڏهن تکو مينهن پوندو هو ٻار سڀ اندر ورانڊي ۾ ڊوڙي ويندا هئا. تہ بہ پرو بيٺو هوندو هو. سندس رڳ رڳ بهاريءَ ۾ هوندي هئي. هو مينهن ڦڙا بت تي ورائيندو ويندو ۽ مينهن ڦڙن کي پيئندو ويندو هو. ڪڏهن تہ گپ ڪٽي بت تي لائيندو. منهن تي ملندو ۽ ڪڏهن تہ ڏُبن مان پاڻي پيئندو هو. ڦقيس رڙيون ڪندي هيس: ”پرو، اڙي پرو، مري پوندين، اندر اچ.“ پر هو مينهن جي گوڙ ۾ ڇڻ تہ ٻڌندو نہ هو. پر جڏهن چاچو نڙ ڪڻندو هو ۽ ورانڊي مان اُلاريندي هيس: ”اڙي اچين ٿو يا نہ. هڏ گڏ ڀڃي ڇڏيندو سانءِ.“ تڏهن لاچار اندر ايندو هو. ڦقيس چولو لاهي سڪڻ وجهندي هيس ۽ هو پوتڙو ٻڌي، ورانڊي جي هڪ ڪنڊائتي در وٽ ويهي، مينهن جي ڪا لار جهٽي وٺندي هو.

مينهن اجا اڪري مس هلندا هئا تہ پروءَ لاءِ ساوا پَٽ، پَٽ پٽيهر ٻڻجي پوندا هئا. هو لهي وڃي رئيس جي باغ ۾ پوندو هو خوشيءَ جون للڪارون ڪندو ليٽڙندو ويندو. يارن سان مستي ڪندو ويندو. موٽندو تہ اچڻ سان مومل کي ڪٽندو ۽ چوندس، ”منهنجي ڊيل راڻي هلي تہ سائي پٽ پٽيهر تي. هٽ نہ هلي، هلي تہ سائي پٽ تي. راڻي! باغ ۾ هلندينءَ؟“

يڪدم چاچس رڙ ڪندي هيس، ”مٺا. باغ ۾ نہ ڪٽي وڃجانس. ڪو تو وانگر پنڌ ٿي ڪري. تنهنجي ٽنگن ۾ تہ لوهہ پيو آهي.“

”چاچي مومل وڏي ٿئي تہ پوءِ تہ هلندي؟“

”چڱو چڱو وڏي تہ ٿئي.“

هو مومل جي ٻدمڙن پيرن کي تڪيندو توريندو رهندو هو. پرو خوش هجي ۽ مومل پير نہ ڪٽي ۽ خوشيءَ وچان چيٽون نہ ڪري. مول جڏهن چِٺو ڳالهايو تڏهن بہ پروءَ دانهن ڪئي: ”ڦقي ڊيل تہ ٻولي ٿي!“ ڦقي وراڻيندي

هيس: ”ٻولي سدا ٻولي، منو مورا!“ ۽ هو ٻانهن جون ڪنيڙاتيون هڻندو پيرڙا ڪڻندو نچڻ لڳندو هو ۽ مومل بہ هاڻ ساڻس گڏ پيرڙو ڪڻندي هئي. مومل نچي ۽ پرو خوش نہ ٿئي.

ائين نئين موسم آئي، نئون سانوڻ آيو پروءَ ۾ جڻ تہ وڄ واسو ڪيو هو ۽ ڪيس اسڪول جو بہ خيال نہ رهيو نہ وري موسم جو ئي ڊپ! ڪڪرن جي اُهڃاڻ تي هو اسڪول مان ٻاهر نڪري آيو. ڇاڇو پڙهڻ ڇا جو لکڻ. هو پلا من جي مستيءَ ۾ بهاريءَ ۾ اچڻ وارو پکي. سو خشڪ پٽن، سڪل ميدانن کي ڏسندو ڊوڙندو آيو. ڪيس بس نہ هئي، جيستائين گهر نہ پهتو. هُن دانهن ڪئي، ”هڻ مولا گوڏي جيڏو.“ سيني سرتن گڏجي وراڻيو، ”هڻ مولا ڪو گوڏي جيڏو.“ مومل ٻاتائي چيو ”هن مولا تو دوڏي ديڏو.“ ائين ابر ۾ اُهاءُ ٿيو گوڙ ٿي، گجگوڙ جا نڪاءُ ٿيا. وڄُ وراڪو ڏنو بادل مستيءَ ۾ ورندا آيا، ڦڙ ڦڙ، ڦري لارون بڻي، پرو تيئن بهاريءَ ۾ آيو: ”هڻ مولا ڪو گوڏي جيڏو.“ وسڪارو ٿيو نيسارا وهيا. پر پرو اڃا بہ مستيءَ ۾ هجي، مور ڪٽي پر ڪنڊيريا، ڊيل پريان آواز ڪري، پرو ڪنيڙاتيون هڻندو وڃي، چوندو وڃي: ”مولا اصل گوڏي جيڏو گوڏي جيڏو- گوڏي جيڏو مولا-!“ جيئن پروءَ صدا هڻي تيئن ڪارونيار ۾ وڄ وراڪو ڏئي، وڄ جو وَڄُ اڃا وڃي بس ڪري تہ بادل ٻڙ ٿي ٻيهن ۽ گوڙ جا تڪاءُ هيان ڏڪائڻ ۾ مست هو. سندس ساٿي ورانڊيِ ۾ وڃي لڪا، هاڻ تہ مومل جو بہ آواز نہ هو پر پروءَ جي صدا صدين جون سڪون لاهي ڇڏيون. وسيو بہ ائين وسيو جو هاڻ پکي پکڻ لڪڻ لڳا. ماڻهوءَ جا تہ اڳيئي ڦڦڙ ڏڪڻ لڳا هئا. ڪچيون جايون، سو هڪ هڪ نڪاءُ تي سندن پٽيون ٿي لُڏيون، ڇتيون تہ اڳ ئي وهي هليون هيون. گهر وارن جو ٻنهہ ساهہ منجهيل هو. هر هڪ اهو پي وراڻيو ”جل تون جلال تون آئي بلا کي ٽار تون.“

پڦي زينو تہ ورانڊي ۾ ويٺي هئي، هاڻ تہ هوءَ پروءَ کي سڏ بہ نہ ٿي ڪري سگهي، متيون منجهيل هر هر ”حسبي الله...“ جو ورد پئي ڪيائين ۽ شوڪارا پئي هنيائين. چاچي، پڦي صفوران ۽ ماسي نعمت، تغاريون ۽ ٻالٽيون ڇِت هيٺان ڏيڻ ۽ گاري ڊوئڻ ۾ پوريون هيون ۽ چاچو تيشي ڪنيو

ٻرهلن کي بند ڪرڻ ۾ لڳو پيو هو. مينهن هٽي جاءِ کي ڇِني وڌو هو. ڪلاڪ ڪن ۾ مينهن اصل پوريون ڪري ڇڏيون.

ماسي نعمت تہ وهلور پئي ويئي، ”هئڙو مينهن نہ ڏٺوسين نہ ٻڌوسين. اصل قيامت اهي قيامت.“ ڇگي ويل وهي ويئي. مينهن بس نہ ڪري. ائين سيڪنهن کي محسوس ٿيو تہ ڪا خاموشي آهي. هاڻ مينهن گوڙ وچ جي نڪائن سان گڏ هڪ آواز بند ٿي ويو آهي. چاچو يڪدم اُٿيو ٿي ٻاهر ڊوڙيو. ٻَرُو اُتي ئي بيٺو هو. هاڻ هو نعرو نہ هٽي رهيو هو. هو مينهن جهٽي رهيو هو. آهستي آهستي ڀٽڪي رهيو هو. ”واهہ ڙي مولا واهہ. ٻنهہ بهاري ڪري ڇڏيئہ مولا. اصل رنگ لڳي ويا. واهہ منهنجا مولا!“

اِئين چاچي وچي ٻُتر کان جهليس. ڪنيي اندر ڪٺي آيس، ”ڪتي جا ڦر. اسان جو ٿو وچي سِرُ ۽ تون آن بهارين ۾. ”هڻ مولا گوڏي جيڏو“. هاڻي جهل دب. جاءِ جهڪي آ. ڇت وهي آ. اجا بہ مولا گوڏي جيڏوا!“ نڙ ڪٺي چلم مان ڪڍيائين ۽ اچي ورتائينس: ”اڙي چوندين هڻ مولا گوڏي جيڏو. پٺهين برگهل بند ڪندو ماڻهين گارو ڪندين. توکي اصل نہ ڇڏيندس. اڙي پيا کهڙا هئا. جن گوڏي جيڏو جو نعرو هنيو هو؟“

پين نينگرن جو ساهہ مٺ ۾ هو. ڪن تہ ڪندون پاسا ورتا هئا. گلو ۽ شيرل تہ کٽ هينان وچي لڪا هئا. ”نڪرو ٻاهر نڪرو. اڙي وَروُ شمو يارو هيڏي اچو.“

ڇوڪرا جيئن ايندا ويا تيئن چاچي نڙ ڦيرايو. ”اڙي گهوڙا ڙي مري وياسين. اڙي بابا ڙي. الاڙي۔ گهوڙا ڙي“ پي پئي. اِئين وڏو نڪاءُ ٿيو. سڀ ڇپ ٿي ويا. اُن سان گڏ ”ڌڪ“ جو آواز ٿيو. سيني ورانڊي مان ٻاهر ڏٺو. رنڌڻي جي ڇت ويهي ويئي هئي. اُن سان گڏ سيني ڏٺو تہ ٻرو ڇپ چاپ ٻاهر وڌيو. وچ اڱڻ ۾ ويهي رهيو. ننڍڙا هٿ مٿي ڪٽي چيائين ”مولا هاڻ هالار ۾ هارينس.“ هُن وري صدا هنئي ”مولا. هاڻ هالار ۾ هارينس.“ ”مولا۔ مولا۔ منهنجا مولا!“

پروءَ جي صدا بہ ڪا صدا هئي. مينهن جهڪو ٿيڻ لڳو. ڪا گهڙي نہ گذري جو مينهن بس ٿي ويو. پرو اتي ايستائين بيٺو رهيو جيستائين.

ٿو اچي، مان قرآن به پڑهيل نه آهيان. الف بي به پوري نه ٿي اچيم، مان ڪيئن ڪرامت وارو ٿيس؟"

پڦي، هُش ڪري آهستي چوندي هيس. "منو مور، ڪرامت جي صاحبن کي ٻاهرين علم جي ضرورت نه هوندي آهي. توکي باطني علم آهي پٽ! تون رڳو نيت سان اُبتو ليڪو ٿو پائين يا هٿڙو ٿو گهمائين يا پاڻيءَ ٿو شوڪارين يا پاڻيءَ ۾ ٿو هٿ ٻوڙين ته سيني جا ڪم سولا ٿيو ٿا پون ۽ اُن سان گڏ اسان جا به ڪم سولا!"

پرو ڪجهه به نه سمجهندي ڪنڌ ڌوڻيندو هو. پرو جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويو سڀ ڳالهه کيس سمجهه ۾ ايندي وئي. هن چاچي جي مجبوري به سمجهي، سڄي گهر جي بي وسي جو به پتو پيس. هن پاڻ کي مست سمجهڻ شروع ڪيو. هاڻ هنن جي گهر ۾ غريبيءَ جو نانءُ نشان نه هو. ڪچي گهر مان پڪو گهر ٿي ويو اوطاق نهي وئي، وڏي ڳالهه ته پروءَ لاءِ ڌار ڪمرو نهيو جنهن کي آڏو سهڻو ڇاپرو هو.سيڪجهه چاچي نصير جي نظرداريءَ هيٺ نهيو. آخر چاچو پراڻو رازو هو. هاڻ ته سندس هٿ به ڌڪندا هئا. پوءِ هو ڪيئن رازپو ڪري ٿي سگهيو! هونءَ به کيس رازپي جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ قدرت جا به عجيب رنگ آهن، ڪنهن کي هٿ ۾ شفا ڏئي. ڪنهن کي هٿ ۾ ڪرامت ۽ پروءَ جو ننڍڙو هٿ ڪجيو ناهي، ۽ سواليءَ جو سوال پورو ٿيو ناهي! هاڻ ته پروءَ جا هٿ مضبوط جوانن وارا هٿ هئا. ڪرامت ۾ به اوڏوئي زور هو.

پروءَ لاءِ هاڻ اِها ڳالهه ڪا دلچسپيءَ واري ڳالهه نه هئي، هن لاءِ جيڪي ڪجهه هو سا مومل هئي. مومل هاڻ پوري ڊيل راڻي هئي. هوءَ هُن جي سامهون جوڙ مڻائيندي رهي. هاڻ هوءَ هڪ خوبصورت ۽ ڊگهن وارن، جهٽ ڪلڻ ۽ جهٽ بند ٿيڻ وارين وڏين اکين واري سهڻي راڻي هئي. پرو جيئن کيس راڻي سڏيندو آيو هو تيئن سڏيندو ايندو هيس. مومل جو چاهه به رنگ مڻائيندو رهيو. هاڻ جڏهن هوءَ پروءَ جي پير ۾ وهندي هئي ۽ پرو سندس هٿ وني، مَٽ ۾ وجهندو هو ته ٿڌو پاڻي سندس رڳ رڳ ۾ ٿهلجي ويندو هو. اُهو پاڻي ٻين لاءِ ته شفا جو پاڻي هو. پر مومل لاءِ آب حيات هو. هوءَ روز اُن

نهاريو جت ٻرو پيو هو. هوءَ ڏک جي پرواهه نه ڪري پروءَ ڏانهن وڌي. نئڙي هُن کي ڏنائين. ڳوڙها ڳڙي آيس. پوءِ يڪدم هوش سنڀالي چيائين، "ادا گُلو! هن کي ڪٽوس". هُن پاڻ ٻيهي پروءَ جا زخم صاف ڪيا. سرمو پريائينس. آهستي آهستي هن جي پرسان ويهي رهي. ماسي نعمت جيڪا اجا به وهلور پئي وبئي، تنهن شيرل ۽ گلوءَ کي سرہاڻ ڪيو ته ٻروءَ کي ڪٽي سندس ڪونيءَ ۾ اُڇلي اڇو. مومل سُرہاڻ ٻڌو. ڪنڌ ڪٽي چيائين "خبردار جو ڪنهن پروءَ کي هٿ لاتو آهي. رڳو پنهنجو خير گهرو."

ان ويل وڏو نڪاءُ ٿيو ڪنهن ورانڊي مان دانهن ڪئي، "رڌٽو وبو."

اُن ويل ٻيو نڪاءُ ٿيو "وهنجڻ جاءِ وئي."

ٻئي ڏاڪي تي هيسيل آواز آيا، "ورانڊي جو هڪ حصو به هليو."

ائين سيني ڊوڙي اچي ڪمري ۾ پناهه ورتي. مومل پروءَ کي ڏسي رهي هئي، جيڪو هاڻ هوش ۾ هو ۽ مومل جي اکين ۾ اکيون هيس. هو گهڙيءَ کان پوءِ آهستي اٿيو وچ جو چمڪاٽ ڏنائين. مينهن جو شپڪو ٻڌائين. اصل ڪٿ تان لهي بيٺو مومل ٻانهن کان ورتس. پر هو اڳتي هلندو ويو ائين چوندو ويو "واهه منهنجا مولا اصل ٻهاري ڪري ڇڏيئه. اصل رنگ لڳائي ڇڏيئه. واهه منهنجا سائين؟"

هو ورانڊي ۾ ئي هو ته پرواري جاءِ جو ڌڌڪاٽ ٻڌائين. رڙيون واڪا. ان سان گڏ پاڙي مان ٻانگن جو آواز اچڻ لڳو. مومل اچي پرسان بيٺس: "پريل هاڻي بس. رب جي ذات بيشڪ وڏي آهي. هاڻي سندس در ڪڙڪاءِ پريل!"

"مومل. منهنجي مولا آڏو سڀ بندا ٻرابر آهن. تون به ٻاڏاءِ اچ مون سان."

وچ اڱڻ ۾ مينهن جي پناهه وٺيو ٻئي بيٺا هئا. مومل هٿڙا اُيا ڪيا، "مولا هاڻي بس."

"منهنجا مولا هاڻي هالار ۾ هارينس" "منهنجا مولا رحم!" ڪا گهڙي هوءَ ٻاڏائيندي رهي. رڙيون ڪندي رهي ۽ پرو خاموش بيٺو رهيو. ائين مينهن جهڪو ٿيو تان جو ڦڙ ڦڙ وڃي بچي. ويل ئي ڪانه گذري جو آسمان تي تارا چٽا ڏسڻ ۾ آيا. پروءِ آهستي سندس هٿ ورتو نڪر جي چٽيل چلي کي

ڦيرايو "راڻي اهو سچ آهي، شادي محبت جو معراج ناهي، پر هاڻي هيءَ جهڙ ڦڙ جون بهاريون نہ ٿيندريون، هاڻي مينهن نہ وسندا، هاڻي ملڻ ڪهڙا، جدايون تہ ڪينهن منهنجا سائين!" پرو آهستي سندس هٿڙو ڇڏائي وڏيو ۽ ڏيڍيءَ وٽ بيهي مومل ڪي ڏٺائين، جيڪا بت بڻيو بيٺي هئي، چوڌاري سپ ياتي مڙي ويا هئا. ماسي نعمت جو آواز چٽو هو "ٻڙي، هن جو خيال ڪيو هيءُ الله لوڪ نينگر اٿو ڪرامت ڪانہ ڏٺو. وني هلي اندر وبهاريوس، هتڙا الله لوڪ ماڻهو ڪانيءَ ڪرامت وارا ورلي پيدا ٿيندا آهن." پروڪڙو ڪولي ٻاهر نڪري ويو. هن جي وڃڻ تي مومل ڇڻ سجاڳ ٿي پئي، دانهن ڪيائين، "پريل- پريل!" پرو جيئن ڏيڍي چائنٽ ٽپيو تيئن وري نہ آيو. هو هاڻي سچو پچو مينهاڻي مست هو هڪ الفي ۾ پاڻ، ڪڏهن ڪهڙي دڪان تي، ڪٿان ربوڙيون ڪنيائين، ڪٿان پڳڙا، ڊوڙون پيو پائيندو رکي رکي دانهن پئي پوندس، "هاڻي جهڙڦڙ بهاريون نہ ٿينديون، هاڻي مينهن نہ وسندا."

ڪو ڳالهائڻ جي ڪندس تہ وارن ۾ ڍڪيل چپ کُلي پوندس ۽ کلي چوندو "مٺا، شادي محبت جو معراج ناهي."

ڪو دل جليو اُتي ئي پڇندس، "مينهاڻي مست! پوءِ محبت جو معراج ڇا آهي."

"جهڙڦڙ جي بهاري ۽ وسندڙن جو خيرا!"

"پر تون چئين ٿو تہ هاڻي مينهن نہ وسندا، هاڻي جهڙڦڙ جي بهاري نہ ٿيندي."

"اکين جي جهڙڦڙ کي ڪنهن روڪيو آ!"

پرو غلاموءَ جي دڪان تي گهڻو ويهندو هو غلاموءَ سان دل بہ هوندي هيس. رات جو سندس دڪان جي دڪيءَ تي سمهي پوندو هو. ٿڌ ۾، ولهہ ۾، سوڙ يا رلي بہ نہ ورتائين. دڪان مان بہ- تي قاتل ڳوٽيون ڪنيائين. جيڪي ڪيس رات جو اوچڻ جو ڪم ڏيندريون هيون. غلامو جو پاڻ بہ ڦتيل هو ڪو نينهن لاتو هئائين، پر دل جو دلبر ڪيس ڏڪ ڏئي هليو ويو هو. هو جڏهن ٻرندو هو تہ يڪدم دانهن ڪري ڇڏيندو هو "پريل! دل ڪنهن سان لائجي؟ هنن ماڻهن سان جن ۾ وفا ناهي؟"

هن پيري غلاموءَ کي جيئن پروءَ منهن تي چڙهيو اصل ٻرُ ٿي بيٺس: ”تون مست ٿيو آن، ڏوڙ جو ميٺهاڻي مست آن! تون الله لوڪ آن، رڳو عاشق جيئڙو آن. مومل جي عشق ۾ حيران، اڙي ڪو اٿئي هن ڏرتيءَ سان به عشق؟ ڏرتي دان گهري ٿي، ڏوڙ نه چاڻي. هاڻي وجي ڏوڙ پاءِ، مومل ڪارو منهن ٿي ڪرئي. سڀ مومل کي مڃائي آيا آهن. هوءَ توکان فقيري ۽ مستيءَ ۾ گهٽ ڪانهي، اڄ دعا گهرندي، ڏس ته منهنجو رب ڇا ٿو ڪري؟“

پرو ڪا گهڙي ڇمي ٻيهي رهيو پوءِ ٻوڙ پاتائين. سڌو وجي پنهنجي گهر جي ڏيڍيءَ وٽ پهتو پر چانئٺ نه ٽپيو. اندران مومل جو آواز پئي آيو ”مولا! هڻ ڪو گوڏي جيڏو!“

”پيچ مولا، منهنجا مولا رحم!“ پروءَ اُت بيٺي ئي سين هنئي: ”پيچ مولا! هڻ ڪو گوڏي جيڏو!“ هڪ ئي صدا تي مومل ٻوڙندي ڏيڍيءَ وٽ پهتي. پرو هن کي سڃاڻي نه سگهيو هڏن جو پڃرو! ڪاڏي ويا چوٽا چنبيل جا، ڪاڏي ويون پنبڻيون پناهه واريون، ڪاڏي ويا گل گلاب جا، ڪاڏي ويا عطر عنبير جا هڳاءُ! هو هڪ نوٽ خشڪ سڪل ڏرتيءَ کي ڏسي رهيو هو.

مومل هن جي ملوڪ منهن کي چيڙهالي وارن جي ڪڪرن ۾ پسي ڪو خوش ڪانه ٿي. اَڃي اُجري ماٺهوءَ کي ڏڏڙ ۽ مٽيءَ جي تهن ۾ ڏسي ڳوڙها ڳڙي پيس. هوءَ وڏي وتس آئي، پروءَ ڏيرج سان سندس هٿ ورتو، اُتي اهوئي ٺڪر جو چٽيل چلو موجود هو. هن ان کي قيرايو ۽ چيائينس، ”راڻي! هاڻ بهاريون ٿينديون، ميٺهن وسندا، سڀڪجهه اوجري پوندو، تون دل نه لاهه.“

۽ هن زور سان نعرو هنيو ”مولا! هڻ ڪو گوڏي جيڏو.“

هن ڏنو ته ماسي نعمت اڃي پيرن ڪان جهليو هيس، ”ابا، پٽتي نه موٽ بس، جيڪا ٿي، سا ٿي. مومل اڄ به تنهنجي آهي، تنهنجي رهندي، مون ڪان خطا ٿي.“

هن آهستي پير ڇڏايا ۽ گهوري ماسي نعمت ڏانهن نهاريو ”ماسي، مستن سان وڏيڪ مستي ڪنديءَ ته تنهنجي شيري کي خاڪ ڪري ڇڏيندو سائي.“

”اڙي ابا، هن تہ ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي. هن تنهنجي ڊپ کان مومل سان شادي ئي نہ ڪئي.“

”مومل سان شادي؟“ پرو ڪليو ڪلندي ڪلندي چپ پڪوڙجي ويس. ”هيءُ مومل ٿوروئي آهي، هيءُ تہ منهنجي ڌرتي آهي ۽ هن سان لائون لهڻ لاءِ ڳاڙهو گهوٽ کپي. ڌرتيءَ لاءِ سر ڏيڻ سُترو ناهي، ڌرتي دان کان سواءِ ڪنهن جي ڪانهي، سمجهيئہ ماسي!“

ماسي ڪجهہ بہ نہ سمجهندي وچي پٽ ۾ لڳي هئي.

پروءَ مرڪي، مومل جو هٿ ورتو. وني چلي کي ڦيرو ڏنائين ۽ صدائون هڻندو ٻاهر نڪري ويو. ”هڻ مولا گوڏي جيڏوا“ جيئن گهڻي تپي پرئين پر ٿيو تہ نظر وچي رئيسن واري باغ تي پيس، جتي هاڻ سلا بہ سڙي خاڪ ٿي ويا هئا. وڻن جي جڻ ڪنهن ڇانگ ڪري ڇڏي هئي. هو آهستي لهي ان پٽ تي بيٺو جيڪو ڪنهن وقت هن لاءِ پٽ پٽيهر هو جنهن جي سائي گاهہ تي هو ليٽڙيون پائيندو هو. هو ان ئي پٽ تي دڙها هڻڻ لڳو جيڪو هينئر خشڪ ميدان جي صورت اختيار ڪري چڪو هو جنهن جو هر حصو نوٽ ٻڻجي چڪو هو. گهڙيءَ ۾ ماٺهو اچي مڙيا. سڀ آسائتا، آسروندا، اُجايل اُج ڪنيو بيٺا هئا ۽ ڌرتي نوٽ هئي.

..................

هاڻ پروءَ جي مينهاڻي مست هجڻ مان ماٺهن جو بہ ايمان لڏڻ لڳو. پروءَ جي زبان نوٽ ٿي وئي هئي. هو نچي ڪڏي ٿپا ڏئي ڪنيڙاٽيون هڻي سهڪي پيو هو. سندس نڙي ويهجي وئي هئي، پر سندس صدائن ۾ ڪابہ ڪمي نہ آئي هئي، اُها ئي صدا، پر منهنجي رب جي ذات اجا گهڻي وڏي آهي، جڏهن راضي ٿئي. پروءَ کي الائجي ڇا ٿيو اوچتو هن دانهن ڪئي:

”ها منهنجا مولا، هيءَ نوٽ ڌرتي دان گهري ٿي، رت جو ريج گهري ٿي، تون سو منهن نہ موڙ، باقي ٻندو حاضر آهي.“ ائين چئي پرو نوڙيو وچي نراڙ پر فرش ڪنيائين ۽ زور سان ڌرتيءَ تي ٽڪر هڻڻ لڳو. پلا ڌرتي ورهين جي اُجايل، صفا نوٽ، اصل رُڪ ٿي لڳس، ٻئي ڌڪ ۾ رت جون ٽينڊيون وهڻ لڳس: پلا خشڪ زمين رت ائين پيئندي وڃي جيئن ڪو اُجايل اُڃ لاهيندو

آهي. پر پرو به ربيع ڏيندو وجيس ۽ هو ايستائين ڏڪ هڻندو رهيو. جيستائين ابر ۾ اُهاءُ نه ٿيو ۽ ٻهرين ڦُڙي مٿس وسڪارو نه ڪيو ۽ پرو بي نور اکيون مٿي کڻي چيو "واهه منهنجا مولا اصل بهاريون ڪري ڇڏيئه. اصل رنگ ڪري ڇڏيئه. بنهه بهاريون.....!" پرو وڏيڪ چئي نه سگهيو ۽ وڃي ڌرتي جو پاسو ورتائين. هاڻ سندس رت به ڌو پيو پئي ويو آهستي آهستي رت جي لالاڻ مينهن جي ڌارائن ۾ گڏجيو ڦهلبي وئي. ڪو وهڪرو ڪنهن طرف هو. رت جي لالائي پاڻي جي سونهن کي وڌيڪ سهڻو ڪري ڇڏيو هو. ڌرتيءَ جون رڳون آهستي آهستي ان ڳاڙهي پاڻيءَ کي کڻي رهيون هيون. سيني اهو به ڏٺو ته مٿاهينءَ تان، جتي مومل رهندي هئي، اتان جيڪي به وهڪرا آيا پئي، تن ۾ به اهائي لالائي، اُها ئي سرخي هئي. پئي وهڪرا جڏهن پاڻ ۾ ملي اڳتي وڌيا ته سڄي ڌرتي پٽ پٽيهر جو وڳو کڻي پاتو.

چون ٿا ته جڏهن به اسان جي ڌرتي نوٽ ٿي وبندي آهي ته ڪونه ڪو مست ان کي رت جو ربيع ڏيندو آهي ۽ الائجي ڪيترن مستن جو هن ڌرتيءَ کي ربيع ڏنل آهي، جو هاڻ ڪڏهن به هت سو ڪهڙ نه ٿيندي آهي، هميشه جهُڙڦُڙ جون بهاريون هونديون آهن ۽ اُني جي مند ڪڏهن به کوٽي نه ٿي آهي.

(مهراڻ)

□

آهيو؟“

گلو ڪيسي مان لپ بلورن جي ڪيڏي فرش تي اُڇلي ۽ پوءِ مُٺ ڀري ڪوهر به ڪٽي اُڇليائين: ”امان! ڏس هئي چمڪن ٿا نه ۽ گڏ ڊوڙن ٿا نه. مون ٻنهي کي ڊوڙندي آڳ پڇائيندي ڏٺو آهي، آمان! پر ڪوهر، ڪنچن کي آڳ ڏئي ويا ـــ آڳ ڏئي ويا.“

ائين چوندي هو ٽپ ڏئي اُٿيو هڪ تنگ پٽس جي ڪٽ تي رکي سَٽ ڏئي ڏانگاٽي تان ڪنچن جو دٻو لاٿائين ۽ هئي پير سان واپس ڏرتيءَ تي آيو. پوءِ هڪ ڇلانگ سان مَناهين ٽپي ٻاهر نڪري ويو. ماڻس ڇڻ ته ڇرڪ ڀريو. ”اڙي گلو ـــ اڙي گلڻ بيهه ته سهين، ڪاڏي ٿو وڃين، بيهه ته سهين ـــ.“

پٽس وري ڪنگهيو ۽ ڪليو پوءِ ڪنگهدو رهيو ايستائين جيستائين گلو به پُڙا ڪٽي نه موٽيو.

ماڻس جيئن ئي ڏانهنس وڌي، هُن يڪدم جِست جي ڀِڳل ٿالهه ۾ وڏو پُڙو ڪٽي پلٽيو ۽ ڇڻ ڇڻ ڪندا ڪچا ڇٽا ڦيريون پائڻ لڳا.

”امان ڏس منهنجا ڪنچا، تنهنجا بلور، ڪيئن نه پيا ڊوڙن، ڏس آهن نه ڪڙڪندڙ ڪنچا. ڪارا، پيلا ڪنچا ـــ.“

ماڻس جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. ”تو ڪنچا ڇو وڪيا گلڻ، تو ڪنچا ڇو وڪيا؟“ گلو ڳالهائيندو هليو ”امان، هنن ۾ ساوا ۽ صاف اڇا ڪنچا به اٿئي.“

”گلڻ، ڪنچا وڪٽي ڀِلا وري ڇٽا ڇو آندا اٿئي. جي توکي ڇٽا نتي وڻيا ته ڀنهنجي لاءِ ڪجهه ٻيو ونئي اچين ها مِنا!“ ماڻس روئندي سندس مٿي تي هٿ ڦيريو، ڪيس مٿس بي اختيار پيار آيو هو.

گلو هاڻي ڪمر ۾ رُڏل هو. هُنَ ديڳڙي کي ٿالهي ۾ خالي ڪيو پوءِ ڇٽا منجهس وجهي چُلهه تي رکيائين ۽ منجهس چپي جِستي گلاس سان پاڻي پيٽيندو ويو. سندس هٿ ڪم ڪندا هليا، ٻاهه پاڻ ٻاريئين، بصر وڍيائين، ليمي جون ڦاڪونِ ڪيائين، لوڻ مرچ گڏي مصالحو ناهيائين، ۽ جِستي ٿالهه ڏوئي سامهون رکيائين ۽ پوءِ وري ڳالهائڻ کي جنبي ويو.

"امان، چاچو نورل ٿو چوي تہ مان جواري آهيان، لوفر آهيان ۽ هو ڏانهن مولو ڪوهرن وارو خبر اٿئي ڇا پيو چوي، چي، 'ڪچ جي پيلا ڪهڙي قيمت، اَمان! مون کي ٻُک بہ ڏاڍي لڳي ٿي، اَمان جاءِ بہ تہ مون کي وراڻي آهي ۽ ڏنو اٿئي بابو هاڻي ڪيڏو نہ ڪنگهي ٿو۔۔ ڏس اَمان، تنهنجا ڪپڙا بہ ڦاٽي ويا آهن، پيرن ۾ جُتي بہ ڪانهي۔۔ اَمان هيءُ ڳُهر بہ ڪنچا اٿئي، ڏس تہ ڪيئن نہ قيمت ٿا ڪن، هن ڳچ جي وڏي قيمت آهي، اَمان، ڏس تہ ڪيئن نہ قيمت ٿا ڪن، ڏسجانءِ اَمان۔۔۔"

گلو وقلندو هليو، سندس ڳالهائڻ ايستائين هلندو رهيو جيستائين هن ٿالهہ مٿي تي رکيو ۽ مَنهَہ کان ٻاهر نڪري دانهن ڪيائين "تازا ڪوهر، هيءُ بلوري ڪوهر۔۔ هيءُ ڳنچا اٿئي سهڻا۔۔ هيءُ رنگ برنگي ڪوهر۔ ۔ هلُ ڳنچا ڪوهر دلبر۔۔ هيءُ ڳنچا ڪوهر۔ ۔!"

سندس آواز آهستي آهستي پري ٿيندو ويو ۽ سندس پيءُ هاڻي نہ ڪنگهيو نہ کليو، اُتي زال جي پير ۾ ويهي سندس ڳلن تان وهندڙ ڳوڙهن کي اُگهڻ لڳو.

(مهراڻ)

❑

# ويريون

[نوٽ: پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، هجري 1401 ۾ قومي ۽ صوبائي زبانن ۾ چيپيل بهترين ادبي ڪتابن تي انعام ڏنا آهن. سنڌي ڪتابن لاءِ منظور ڪيل "شاهه عبداللطيف ڀٽائي انعام" ممتاز سنڌي افسانه نگار حميد سنڌيءَ کي "ويريون" نالي سنڌس افسانن جي مجموعي تي مليو آهي. هت انهيءَ ڪتاب جي مکيه ڪهاڻي "ويريون"، مهراڻ جي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿي. ـ ادارو]

نورپور ڪنهن وقت ۾ ته ڳوٺڙو هو پر جيئن جيئن رئيسن جي رئيسي اوج تي پهچندي ويئي، نورپور به اوج تي پهچندي ويئي. چڱا سکر مڙس اچي وسيا. وڻج واپار ته هوئن ئي رئيسن جي دم سان هو. سنڌن ٻنيون ٻارا ايترا ته جهجها هئا جو شهر جي چڱي ڀلي ڀلاوٽي نيڻومل جي وس جي ڳالهه نه هئي، جو سمورو مال سودي وڃي. نيٺ رئيسن جي ڪڙم مان جوان نڪتا جن پاڻ سيٺڪي ڪئي ۽ سيٺين وانگر تر ۾ پنهنجو مال سودڻ لڳا. ماڻهو ساڪائتا هئا، سنڌن وک وک مان ڏاهپ پئي بکي. ترت ئي چڱا وڏا سيٺيون بنجي ويا. سنڌن وڻج واپار بمبئي جي ڪوٺين تائين وڃي لڳو پر سنڌن خانداني لقب رئيس نه هيٺ ٿيو نه مٿي ٿيو. رئيسپائي مان نڪري سيٺپائي تي پهتا هئا، پر ته به نه سنڌن ڪڙم جا نالو مٽيو نه وري سنڌن ڪي رک رکاءُ ۽ اٿي ويٺي ۾ فرق آيو. چڱو ڪائيندا چڱو پهريندا هئا، سنڌن ڪُڙم جو واڏارو ڏسي سنڌس وڏي رئيس گل محمد هڪ چڱي چوکي حويلي ٺهرائي. پرسان اوطاقون ۽ مال جون جايون ٺهرايون. سنڌس نگاهه ڊگهي هئي، سنڌس هٿ وڏا هئا، پر ۾ چڱا ڀٽ وني ڇڏيائين. رئيس گل محمد ڏاڍي تجربي وارو ۽ هوشيار ماڻهو هو. ساڻس عمر وفا ڪانه ڪئي ۽ سيگهه وڃي ٻرُ وسايائين. سنڌن پونيَر چڱا سمجهو هئا پر جيئن نه ڪو رئيس گل محمد ياڳ جي علامت هجي، سنڌس موڪلائڻ سان رئيسن جي راڄ جي به پڇاڙي ٿي. رئيس گل محمد جي نه رڳو واپار تي پر زميندارِي ۽ راڄ تي به نظر هئي سنڌس پونيَرن جي وري نظر واپار تي وڌيل هئي. سيڪجه وڪڻي به داءُ

واپار تي لڳايائون. ڪرٽي منهنجي مالڪ جي اهڙيءَ ٿي جو ٻي وڏيءَ جنگ ۾ ڪروڙپتين ڪر ئي نہ ڪنيو ۽ وچي پٽ پيا. اُتي هيءُ لکن ۾ مس هئا. سندن واپار ۾ هڙ جهڳوئي ناس ٿي ويو. اوسي پاسي جيڪي زمينون ۽ پٽ هئن سي وڪڻي وچي جان ڇڏايائون. پر هوجو چوندا آهن تہ نڪي نڪ ڪي مر لائبي نڪي ابي جي ٻَر وڃائبي. ڪهڙي بہ حال ۾ هئا پر پنهنجي ٻَرِ نہ وڃايائون. اٿي ويٺي مهمان ٽاٽي ڪي ڪارائڻ ٻيئارڻ، اُهيئي اوطاقن جا ميڙا قائم رهيا.

پر آخر ڪيستائين. آهستي آهستي آڪهيون وڌيون. ڪن وچي ٻاهر نوڪريون ڪيون. ڪن اُتيئي ڏنڌي ڪي ورتو پر اها اوچ وري نصيب نہ ٿين. هوندئن بہ نيٺ ڪمال کي زوال آ. نورپور جي اوچ بہ ڪا رئيسن جي دم سان هئي. آهستي آهستي، اهي ئي پٽون پاٽا، اُهي ئي چن ۽ وٿاڻ. جهڙيءَ طرح وقت سان گڏ ماڻهن جي طبيعتن ۾ بہ هيٺ مٿاهيون اچيو وڃن. اهڙيءَ طرح رئيسن جي حالت ۽ گهرن جون رونقون لتجي خزان جي صورت اختيار ڪري ويون. اڄ بہ نورپور جي شهر ۾ گهڙبو تہ منهن ۾ وڏي بازار پوندي جا نالي ماتر وڏي بازار وچي رهي آهي، جنهن ۾ سواءِ چند دڪانن جي ڪي بہ ڪينهي. اُهي ئي دڪان لتاڙي صابوگرن واري گهٽي ۾ پئبو ۽ جيئن وڏي مسيت ڪان هيٺين ميدان ۾ لهبو تہ چڱي مٿانهين تي هڪ ڪوٽ نظر ايندو. جنهن جا ڪنگرا جهور. سندس وڏين ڏگهين پٽين ۾ جهيرون. سندس پاڙون ڪٽل ۽ ڪاڏل. اها آهي رئيس گل محمد جي نهر ايل حويلي، جا اڄ بہ رئيسن جي حويليءَ جي نانءَ سان مشهور آهي.

جيئن ئي حويليءَ ڏانهن وجبو تہ هڪ چڱي چاڙهي چڙهي حويليءَ جي لنگهہ وٽ پهچبو. چاڙهيءَ جي هيٺان رئيسن جي پونيَرن جون مَنهين واريون اوطاقون نظر چڙهنديون. انهن اوطاقن جي اوچ اجڙيل آهي. سندس پونيَرن مان ڪنهن بہ اهڙي اوچ ڪانہ ڪئي. جي ڪن ڪئي بہ آهي تہ اهي ٻين شهرن ۾ نوڪرين يا ڏنڌي سانگي آهن.

حويليءَ کي هڪ تمام وڏو در ۽ هڪ ڏيڍي آهي جا اندر وڃي هڪ وڏي ميدان ۾ پوي ٿي. لنگهه شايد ان ڪري مختلف نه آهن جو سيني جا پاسا ورهايل ۽ طرف ڪنيل آهن.

ڪنهن وقت ۾ ته طرفن ۽ پاسن کي ڪنهن ڪنگهيو به نه ٿي جو وڏڙن جو قرب پريو ساهه به هڪ ٿي نڪئون ڪجندو هو. گهرن ۾ نه ويڇا نه ويريون، نه دوريون نه جدايون، بس پنهنجائي وارو ڪارخانو هو. رئيس گل محمد ڪي ناتا اهڙا اُٿيا هئا جو ڪي ورهيه ته ڪارخانو ائين پئي هليو. گڏ جا گهر، وڏ ۾ وڌ ڏاڏن جي نالي تي ڪمرا وراهيل، پر نه ڪو ڪي ڏار پتيون نه ڪي ويريون.

گڏ جو ڪاڻ، گڏ جو اٿڻ ويهڻ، لنگهه هڪڙو ڪهڙي پاءَ کي ڪهڙي پاءُ کان جدا ڪري ڳڻائجي. بس سڏجي ته بابا رئيس گل محمد جو ڪڙم. رنگيءَ جا رنگ آهن، ڪڙم جو ته وڃي هن دؤر ۾ هن رنگ ۾ نانءُ رهيو آهي. هاڻي هر هنڌ ڪڙم جي نانءُ کان اڳ هر ڪنهن جي پنهنجي حيثيت، ڳٽپ ڏارئون ڏار آهي. اڳ رئيس گل محمد جي آڪهه، پوءِ ٿي رئيسن جي آڪه. پوءِ ڇا، جي هي محمد ابراهيم جو ويڙهو هي نظير احمد جو ويڙهو هي ولي محمد جو ويڙهو هي شمس الدين جو ويڙهو. هيءُ سڀ هئا رئيس گل محمد جا پائر. اجان به اڳتي هلو ته شمن جو گهر، رسول بخش جو گهر، منڻ جو گهر، مولا بخش جو گهر، ۽ اڄ بس گهر ۾ گهر. ڪنهن جو نانءُ ونجي. اندر ويريون پئجي ويون، حويلي پاڱا ٿي ويئي، هيٺ اوطاقون ٽڪرا ٿي ويون. آڪهه وڌندي ويئي، ڪٽنب ڇجندا ويا. حويليءَ ۾ ٽڪرن ۽ پاڱن جو تعداد وڌي ويو پر جي نه ڇجي ها ته ڏيڍي نه ڇجي، جنان حويليءَ ۾ اندر داخل ٿيو هو ۽ اها پنهنجي ننڍڙي پر ڏکهي ڇٽ سان قائم دائم لنگهندڙن کي گس ڏيندي رهي. ڏيڍيءَ کي پنهنجا به در هئا، هڪ منهن ۾، هڪ آخر ۾. ڪير جي ٻن درن کي بند ڪري ته جڙ ته صفحو ٿي ٿي پيو. رئيس گل محمد جي آڪهه جو ڇڱو مڙس محمد ابراهيم پراڻي ڪهي جو ماڻهو پراڻن قدرن ۾ ايمان، پر ليکي چوکي ۾ ڏاڍو سخت ۽ ڏکئي طبيعت جو ماڻهو هو. سندس شمس الدين وارن سان اصل ڪانه پوندي هئي، جو رئيسن جي ڏاڏنگ ۾ ڪونه هو. هونءَ

ٻہ ناناڻي ڀرِ زالون ۽ ٻار پاڙيندا آهن. باقي مڙداڻي پَر اها آهي جو هميشہ ڏاڏنگ پيا ساراهيندا. شمس الدين جو گهر ڏيڏيءَ سان گڏ هو. شمس الدين پورهيت ماڻهو هو پر سندس نينگر پڙهي پيا. ان مان ڪو مليريا جو صاحب هو تہ ڪو فيملي پلاننگ ۾ هو. نوڪرين سانگي ٻاهر. گهر ۾ پيرسن شمس الدين ڏيڏيءَ جي پٽ کي ٽيڪ ڏيو آرسين لوپن ۽ جاسوس بليڪ جا جاسوسي چڪر وارا ناول پڙهي وقت گذاريندو هو. سندس گهر جو خرچ نينگر ڪنيو وينا هئا, هن رازڪو ڪم گهٽا ڏينهن ڇڏي ڏنو هو.

هڪ ڏينهن, جيئن هو اکين تي عينڪ چاڙهيو ڪتاب ڪنيو ويٺو هو ۽ ڏسي رهيو هو تہ ڪيئن جاسوس بليڪ, سمٿ کي دڙڪا پيو ڏي, ايميلي ڪارٽر کي سمجهائي پيو ڏي, سندس هٿ پٽ جي هڪ دز تي پيو. هن جو هٿ بي اختيار هٿوراڙيون ڏيندو رهيو ۽ هڪ هوشيار رازي وانگر پٽ کي توريندو رهيو ۽ ائين هن ڪتاب رکي ڇڏيو. هن ڪٽ ريڙهي پري هٽائي ڇڏي, هٿ لائي ڏنو تہ پٽ چڱي ڪاڏ ڪري ويئي ۽ ڪافي هنڌن کان ڏري ڇڄي بہ پئي آهي. پراڻو ڪاريگر هو قصي کي سمجهي ويو. صبح جو اٿڻ سان هڪڙو رازو جو سندس يار بہ هو بہ مزور وٺي اچي ڏيڏيءَ ۾ ٻيٺو. ڏيڏي ۽ سندس ڪمري جي پٽ مڙيوئي هڪڙي پٽ, سو خيال پچائڻ لڳو تہ اهڙو ڪم ٿئي جو پٽ جي مرمت ٿئي نہ تہ سڄي ڏيڏي ڇت سوڌي هيٺ لاهڻي ٿي پئي. شمس الدين ۽ سندس يار رازي گلڻ جا هٿ پٽ کي توري رهيا هئا تہ ائين محمد ابراهيم اچي لانگهائو ٿيو. پراڻي ٿلهن شيشن وارين عينڪ مان نظر ڪرڙي ڪري شمس الدين کي ڏٺائين ۽ لڪڻ کي زمين تي ٽيڪي چيائين: "اڙي ماما! ڇا کي لڳو آهين, پٽ ٿو ڊاهين ڇا!" اچان شمس الدين وراڻي ئي ورائي تہ مٿان ڦهڪايائينس, "ڏسجانءِ ماما ياڙين مٿان پٽ ڪانون ڪيرائي وڌي, ڪاٿي گلڻ پارا مٿان نہ پٽ ڪيرائينئي." شمس الدين کي خبر هئي تہ محمد ابراهيم ذکي طبيعت جو ماڻهو آهي, تنهنڪري سور پي چيائينس, "يائو ڏيڏيءَ جي پٽ ڪمزور ٿي پئي آهي, جي ڪري پئي تہ نہ رڳو ڏيڏي ويندي پر مون واري ڪوٺي کي بہ کنيو ويندي, تنهنڪري گلڻ کي وٺي آيو آهيان تہ ڪا صلاح ٻيهاريون تہ ڪيئن ڏيڏيءَ

سان شايد سچي حويليءَ جو بنياد ڍهي پئي ها، پر حويلي اڄ بہ قائم آهي. سندس ڪنگرا ۽ ڪوٽ جهور ٿي چڪا آهن، اندر ويريون ۽ دوريون اجا قائم آهن. ڏيڍي هاڻي هڪ گهٽيءَ ۾ تبديل ٿي چڪي آهي. وچ جو مال آهي. ڪير نهرائي. شمس الدين جي ڪوٺي انهيءَ ئي ڀڳل حالت ۾ آهي، ۽ انهيءَ ڀڳل حصي ۾ شمس الدين جا ٻار ٻڪريون ٻڌندا آهن. باقي ايترو سو ضرور ٿيو آهي جو نورپور يا اوسي پاسي هاڻي حويليون ڪونہ ٺهنديون آهن، جي ٺهنديون بہ آهن تہ انهن ۾ ڏيڍيون ۽ ويريون نہ هونديون آهن.

□

# ٻاڙي ناهي پروڙ

ٻاهر ٻنيت، هٿ حليمان جو اَنُ تڙڪاٽ ڪندو ڦُلن جو روپ اختيار ڪري اُڏرڻ لڳو. ڦُلا ڦولايا. حليمان جو هٿ هٽيو. پرڻ سان هن واري چاٽي ۾ ڇٻي ۾ وڌائين.

”ماسي! اهي ڦُلا منهنجا آهن.“ هڪ نينگر دانهن ڪئي.

”اهي منهنجا آهن ڪين.“

ماسي مُرڪي ٻنهي جا جهول ڀريا ۽ وري هڪ هٿ ۾ ڏنڊي کنيائين. جنهن جي هڪ مُنهن تي ڪپڙو ويڙهيل هو. ٻئي هٿ سان، ٻئي ڇٻي مان تئيءَ تي اَنُ لپ وڌائين. ڦُلا ڦولاريا رهيا ۽ حليمان ڇٻو ڀريندي، ڦلا ورهائيندي، ڪنهن کان ان لپ ته ڪنهن کان روڪڙ وٺندي انهيءَ پورهئي ۾ پوري رهي. ماٺهن جو ميڙ گهٽيو ته تئه ٻه هٽيو. هوءَ سٽ ڏيئي اُٿي، ڀسانگ سان ڪرڙ ڪانڊيرا ريڙهي لنبيل تئيءَ پوبان نهيل چلهه ۾ وڌا ۽ ٻنيٽ وري پڙڪو ڪاڏو. ڇيين ۾ نهاريندي هُن ڀريان نظر ڪئي ته هڪ ٻار تي نظر پيس. اُهو ڦلن جي ڇٻي وٽ نئڙيو بيٺو هو. هن اتان ئي دانهن ڪئي:

”ڇورا! ڇٻي ۾ هٿ نه وجهه. مان اچان پئي.“

ڇوڪري ڇرڪ ڀري ڏانهس نهاريو ۽ ڦلن جي لپ ڀري ڀڄڻ جي ڪيائين. پر ٻت ۾ جوپ، وڏي هڏ ڪاٺ واري حليمان جي لوهه ۽ ٻرانگهه اهڙي هئي جو اچي ڳچيءَ کان ورتائينس.

”اڙي ڪاڏي ٿو ڀڄين. ڪنهن جو ڇورو آهي؟“ ماسيءَ ٻيٺلن ڏانهن تڪيو.

ٻن ڇئن ٻارڙن، ٻن ڇئن وڏڙن، ڪنڌ ڌوڻي سڃاڻپ کان انڪار ڪيو. سامهون ئي گلو پڪوڙائيءَ جو دڪان هو. ماسيءَ رڙ ڪري گلوءَ کان پڇيو:

”اڙي ادا گلو! آهي ڪو جو هن ڇور ڇوري کي سڃاڻي.“

”ماسي، خبر ناهي، ڇور آهي ته ڏينس ڪاٺ ۾.“ گلوءَ اُتان ئي پڪوڙن کي تئي ۾ اُٿلاٽي ڏيندي وراڻيو.

ماسيءَ هن کي ٽيلهو ڏيئي، هيٺ جهڪائي وهاريو ۽ ڏانهس تڪيائين. ڇوڪرو هيسيل ضرور هو پر ڊپ بنهه نہ پئي لڪايائين. انگ تي وڏو چولو هئس ۽ هيٺان ڪجهہ بہ نہ. ماسي جيئن سندس ٻانهن ڇڏي تہ هن يڪدم ڦلن ڀريل مٺ ڪٽي وات ۾ وڌي ۽ هو تڪڙو ڦلا چٻاڙڻ لڳو. ماسي وائڙن وانگر کيس تڪڻ لڳي. ماسيءَ کي الائجي ڇو مٿس قياس اچي ويو. کيس ائين لڳو تہ هو بکايل آهي. ماسيءَ يڪدم کيس اٿاريو ۽ ڦلن لپ ڀري سندس جهوليءَ ۾ وڌي.

"ڀڄي وڃ ڇورا. هيڏي نہ اچجانءِ. الائي ڪٿان جا ڇورا. مائٽ ڇٽي گهٽين ۾ ڪٽي اڇلايا آهن. هاڻي ٻُک آ. جو گهٽين ۾ پئي واڪا ڪري." هوءَ يڪدم پورهئي کي جنبي ويئي. هاڻي ڇٽن جو وارو هو سو تئيءَ ۾ ڇٽا وجهي بہ اُٿلاٽيون ڏنائين ۽ پوءِ پاڻيءَ جي تري سان انهن کي ڏڏرڻ لڳي. گهڙيءَ ۾ ڇٽا پڳڙا ٻڻجي ماسيءَ جي ڇٻي ۾ آيا تہ خوشبوءِ چوڌاري واسو ڪري ويئي. جيئن هوءَ گراهڪن کي لپ لپ ڏيندي ڏوڪڙ وٺندي ويئي تہ اوچتو هڪ ننڍڙو هٿ سندس سامهون آيو. هن ڪنڌ کڻي مٿي نهاريو تہ سندس سامهون اُهوئي ننڍڙو نينگر بيٺو هو ۽ پوءِ هن چولو مٿي ڪري خالي جهولي ڏانهس ڦهلائي. هيڏي سيءُ ۾ سندس انگ اگهاڙو ۽ لبل ميرو جسم ڏسي ماسيءَ کي وري قياس آيو ۽ ڇٽن جي لپ ڀري سندس جهوليءَ ۾ وڌائين، پر يڪدم دانهن بہ ڪيائين:

"اڙي هيترا بينا آهيو ٻڌايو نٿا تہ هيءُ اوپرو نينگر ڪير آهي؟ هيءَ بک اچ ڪٿان هن گهٽيءَ ۾ پئي رُلي."

ڪنهن بہ ٻڙڪ نہ ٻوليو. سندس منهن تي تہ سڃاڻپ وارا پار پتا پڌرا هيا. هوڏانهن نينگر تڪڙو تڪڙو پڳڙا چٻاڙيندو اتان هٽي ويو. ماسي ڪنڌ ڏوٽي وري پورهئي سان لڳي ويئي. اتي اوندهيڙي اچي ٿي ۽ ڪوبہ گراهڪ نہ بچيو. ٻاهر بہ اچي وسامڻ جي ڪئي هئي ۽ ماسيءَ ٽيڙ ميڙڻ شروع ڪيا. دستور موجب گلڻ پڪوڙائي ڏانهن منهن ڪري واڪو ڪيائين:

"ادا گلڻ! ٻي آني جا سنها ۽ ٻي آني جون ڪچوريون. ڏسجانءَ، متان سڀ مال کپائي نہ ڇڏين ۽ منهنجا ٻچا بک مارين."

”ها ماسي، تنهنجي حصي جا پڪوڙا قابو آهن. فڪر نه ڪر. مال مٽين آهي، رڳو دل وڏي ڪر. تنهنجا ٻچا، سي منهنجا ٻچا.“

ماسيءَ مليل ان جوءِ ننڍڙيون هڙون ٻڌي ڇڄن ۾ رکيون. ڇڄي ۾ گڏ ٽيل روڪڙ مان چار آنا مُٺ ۾ جهليا ۽ ڇبا مٿي تي رکيائين. هوءَ سڌي گُلوءَ جي دڪان تي آئي. گلوءَ ڪيس پڪوڙن جو پُڙو ڏيئي ڪانئس ڪلي پڇيو:

”ماسي، ڪير ڇورو هو جو تنهنجي رڙ پئي پيئي؟“

”الائي ابا ڪير ڇوڪر هو جهڙي بک. مون ته هن پاڙي ۾ ڪڏهن نه ڏٺو.

”هوندو ڪو غريب جو ٻار. ماسي بک به ته ملڪ ۾ ڪاهي پيئي آهي.“

ماسي ڪنڌ ڏوٽي پڙو ڪنيو پر يڪدم دانهن ڪيائين:

”هيءَ ڇا گُلو! پڪوڙا ٿورا پيا لڳن.“

گلوءَ ٿڌو ساهه پريو: ”مهانگائي، ماسي، مهانگائي ڏس ماسي! ٻچن جو پيٽ توکي به پالڻو آهي ته مون کي به. مان يلا ڇا ڪريان؟“

ماسي ماٺ ميٺ ۾ پرو ڪنيو ۽ ويچارن ئي ويچارن ۾ ڇبا مٿي تي، پڙو هٿ ۾ لوڏيندي، گهٽيون لتاڙيندي، گهيڙ ٽپندي هلندي هلي. اوچتو ڪيس لڳو ته ساڻس ڪير گڏ پيو هلي. هن يڪدم بريڪ هنيو ۽ اوندهه ۾ پٺيان نهاريو. ڪيس ڪجهه نظر نه آيو. هوءَ هلڻ تي هئي ته اوچتو سندس هٿ کي سٽ آئي ۽ هُن ڏٺو ته ڪير ڪانئس پُڙو کسي وٺي ڀڳو. هن چنيءَ طرح سڃاتو ته اُهو ئي نيل اڌ اُگهاڙو نينگر هو جنهن جو ڇولو هوا تي اُڏامندو نظر آيس. هو ڏسندي ڏسندي سندس اکين آڏو غائب ٿي ويو. هوءَ ڪا گهڙي ته واٽن وانگر انهيءَ پاسي تڪيندي رهي، پوءِ جڏهن هن کي هوش آيو ته رڙين واڪن ۾ پئجي ويئي.

”ٻيهجان ڇورا! اڙي ڇورا! نياڳا! شل تنگون ڀڄندءِ. اڙي ڇورا! شل......“

هوءَ اوندهه ۾ رڙيون ڪندي، اچي گهر پيڙي ٿي. ٽپڙي کٽي در کي ڏڪو ڏيئي، اندر داخل ٿي. سندس زبان جهل ئي نه ڏئي.

”هي نماشام جو ڦُر... هيءَ ڌاڙو... هيءُ ڪيس..... هيءُ ڦهر...“

اوچتو سندس زبان کي ٻُنجو اچي ويو. سندس آڏو هڪ ننڍڙو هٿ وڏيو ۽ پوءِ هن اڌ ڳهاڙي بار جهولي ڦهلائي. هن کي پنهنجي ننڍڙي ٻڪايل بار کان مختلف نه پئي لڳو. ائين سندس نظر پنهنجن ٻارن تي پيئي، جن مان ڪي جهولي جهليو، ڪي هٿڙا وڌايو بيٺا هئا ۽ سندس نظرون ڇپي کي ۽ خالي هٿن کي تڪي رهيون هيون. هن کي هاڻ ائين پئي لڳو ته گهٽيءَ ۾ رلندڙ ٻک سندس گهر ۾ ڪاهي پيئي آهي ۽ ڪيس تعجب ٿيو ته هن اينتري دير انهيءَ نينگر کي ڇو نه سُڃاتو.

(مهراڻ 1983/4ع)

□

# زماني جو دستور

منهنجو اهو دستور هو تہ جڏهن بہ ڳوٺ ويجان تہ صبح جو سوير پنڌ ڪندي وڃي قبرستان نڪران. وڏڙن لاءِ "قُل" پڙهي وران تہ ڏينهن ٿيو وڃي. هيل ويس تہ نيم اهوئي. جيئن ئي اسٽيشن وارو چوڪ ٽپيم تہ ڏٺم تہ هڪ ڪچي پر ننڍڙي گهر مان ٽپڙي سوري هڪ ڏهن ٻارهن سالن جو نينگر ٻاهر نڪتو. ڇبو ساڻ هجيس، ڪٽي مٿي تي رکيائين. نڪرندي ئي هوڪو ڏنائين: "هَلُ! مٺا انگور اٿئي..... ماڪي مکڻ انگور....."

مون تي نظر پيس تہ سڌو مون ڏي هليو آيو. مان بہ بيهي رهيس.

"سائين انگور وٺو.. سُنا مِٺا اٿو....."

ڇبو لاهي ڪٽي اڳيان ڪيائين. گول ڳاڙها ساوا انگور هئا. مون ورائي ڏانهس نهاريو. مون کي ڇاتل سڃاتل مهاندو لڳو. "ڪنهن جو پٽ آهين؟"

"سائين شمس الدين جو."

"مامي شمن جو؟"

"ها سائين."

"پڻهين ڪيئن آهي؟"

"بابو بيمار آهي، ڪم بہ ڇڏي ڏنو اٿائين. هاڻ ميوو ڪپائيندو آهي، پر ڪجهہ ڏينهن کان سندس بيماري ڪري آءٌ ڇبو کڻندو آهيان."

"اڙي.. اڙي.....! تون ڇوڪ وٺ بيهہ. مان قبرستان کان موٽان تہ ڪانئس پُڇڻ هلبوءِ توکان انگور بہ وٺبا. ٺيڪ....!"

"جي سائين."

هُو هوڪو ڏيندو اڳتي وڌيو. "هَلُ.... مٺا انگور اٿئي.. ماڪي مکڻ انگور اٿئي...."

”ماما تون هاڻي ويهي رهه.“

هو سهڪندي چوندو هو ”پلا منهنجو وارو ڪڏهن ايندو.“

هُن غريب جو وارو مڙئي گهٽ ايندو هو. هيو مامي شمن کي ڳائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. ان وقت جا مقبول فلمي گانا پنهنجي بي سري آواز ۾ پيو ڳائيندو هو. گهڻو تڻو هوٽلن تي ويهي ئي آني واري ڪوپ تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺو گانا ٻڌندو ۽ انهن ڳائڻ سان ويٺو ڳائيندو. پيسا نه هوندس ته ڪٿان به پئي ستي هوٽل تي ويهندو ضرور. ائين ڪيس هوٽل تي ويهڻ جي چُوس پئي. ڪڏهن سُري ايندو:

”مائٽ! پلا به چار آنا آهن.“

خرچي ئي به آنا ملندي هئي، ڪيڏي ڪٽي ترِيءَ تي رکندو هيومانس. ڪٽي ٻوڙ پائيندو. ٻئي ڏينهن ملندو ته نوان گانا ڏُڻ ڏُڻ... ڪري ڳائيندو. محمد رفيع جو ته عاشق هوندو هو. ان جو ڳايل هيءُ گانو:

”غريب جان ڪي مجهه ڪونه تم بهلا دينا.“

ور ور ورجائيندو ”غريب جان ڪي..... غريب جان ڪي.....!“

مان جيڪڏهن جهونگاريندو هيس، ”غريب جانِ ڪي!“ ته يڪدم ڪٽي وات تي هٿ ڏيندو:

”مائٽ تون ته نه چئه!“

”چو!“

”تون غريب ٿوروئي آهين. غريب ته مان آهيان. شمس الدين غريب!“

خبر تڏهن پئي ته ”غريب“ سندس تخلص ٿي ويو ۽ فلمي گانن جي طرز تي ڪلام چوندو. جڏهن جو چيائين ”غريب جاڻي وڃجانءِ نه هنڙو چڏائي...“ ته سڄي سنگت کٽي منهن مٿو پٽيو. سوٽ گلڻ ته ڪيڏ هوندو هيس.

”اڙي شمس الدين غريب! ڪارا بيدولا! ڪهڙي توکي هنڙو ڏيندي؟ چئه ته ’غريب جاڻي پلي وڃجانءِ هنڙو چڏائي.‘ يار اسين جو ويٺا آهيون. پلي اچي.“

مون اخبار ۾ ويڙهيل انگور کيس کڻي ڏنا. ڳالهائڻ جي سگهه ڪانه هيم. منهنجو ڀاڻيجو جيڪو اڳ ٻاهر ويٺو هو اندر گهڙي آيو.

”امان، ماما وڏي اِهي سؤ رپين ۾ ورتا آهن.“

انهيءَ وچ ۾ ادي وڏيءَ به انگور کڻي وات ۾ وڌا، کٽا تڙهه لڳس.

”سو رپيا! پر ڀائو هيءُ ته انگور بنهه کٽا آهن.“

مان پير ۾ پيل کٽ تي ويهي رهيس. مان زمانو لتاڙي وڏو سفر ڪري آيو هيس. بنهه ٿڪجي پيو هئس.

”امان منهنجي! پر زماني جو دستور ائين ئي آهي، غريبن جا انگور هميشه کٽا نڪري پوندا آهن.“

❑

# بند ڪتاب جو بند باب

ڪمري ۾ هلڪي اونداهي هئي. ڪير اندر گهڙي اچي ته جهٽ پل ڪانپوءِ ڏسي سگهندو ته هيءَ هڪ مرمت گهُرندڙ پراڻو ڪمرو هو. پتين جا ڪيترن ئي هنڌن تان چاپڙ لَٿل هيا. هيٺان ڪان مٿي ڇت تائين ڏارون ٻرگهل ڪري ويون هيون. گرڊرن ۽ ٽيئرن واري ڇت به ڪيترن ئي هنڌن کان جُهڪي ويئي هئي. در دريون بند. پر سنهي ڪاٺ مان نهيل قديم طرز تي نقش نگارن سان سينگاريل، منجهن رنگين شيشا لڳل، جن مان دہيل پر رنگين روشني ڪمري جي اونداهيءَ کي هلڪو پئي رکيو. ڪمري اندر ساڳوان مان نهيل اسپرنگن وارو ڪوچ، جنهن جا اسپرنگ پراڻا ٿي ويل ۽ ويٺل، مٿن چڙهيل ڪپڙو گسي، رنگ وڃائي، اصل سونهن کان وانجهيل. ڪشمور جي جنديءَ تي لٿل پاون ولري نوار سان واڻيل وڏي، پر جهڪيل کٽ، جنهن تي چئن خانن واري ڦٽل ميري چادر، بنا ڇَوَ جي هڪ وهاڻو پرسان ئي هڪ ڪتاب ۽ ڪاڳر وڪريل. آبنوسي ٻن طاقن وارو هڪ ڪٻٽ، جنهن جو هڪ طاق کليل، جنهن مان مٿئين طاق تي رکيل دوائن جو ڍير، جنهن جي خوشبو سڄي ڪمري ۾ ڦهليل. هيٺين طاقن ۾ ڪتاب ۽ فائيل پريل. هيٺ مٿي ٿيل پڳل فرش، جنهن تي سندس لڙڪيل پر گهٽ ٽڪيل پير، ۽ چوڏاري هڪ عجيب ماٺ ڇانيل. اهڙي ماٺ، جو هڪ پراڻي آرام ڪرسيءَ تي ويٺل هڪ جهونڙو شخص به اُن ماٺ جو حصو پئي لڳو. سٺ سالن جي هن جهوني شخص کي گرم ٽوپ پيل، ڳلي جي چوڌاري مفلر ويڙهيل، اکين تي نظر جي عينڪ چڙهيل. هو اُن عينڪ مان پٽ تي ٽنگيل هڪ تصوير جي فريم کي تڪي رهيو هو، جنهن مان هڪ ڳلن پريل ٽوپڊ جو ڪوٽ ۽ سنهي ٽاءِ پهريل اڌڙوٽ ڪيس مشڪي نهاري رهيو هو ڄڻ ڪيس چئي رهيو هو ته "تون ختم آهين. ڏس مان ڪيئن نه جيئرو آهيان ۽ چمڪان پيو جرڪان پيو!" هُن جي چهري تي مرڪ ايندي رهجي

وجي ٿي. هو هڪدم نظر ڦيرائي ٿو پيءَ پٽ ڏانهن ڏسي ٿو. هڪ پراڻي آرٽسٽ گل محمد کتري جي ناهيل هڪ تصوير، جيڪا هُن کيس تحفي ۾ ڏني هئي. سسئي وندر پيئي ووڙي، جبل پيئي جهاڳي. رسيءَ جي سرڪڻ ڦاهي سوريءَ جي علامت طور سامهون اٿس. هيٺان شاهه سائينءَ جي بيت جي هڪ سٽ عنوان طور ڏنل آهي. هو اُها سٽ پڙهڻ جي ڪري ٿو ته اوچتو پاسي وارو در کُلي ٿو. روشني ور وڪڙ کائيندي آهستي آهستي اندر داخل ٿئي ٿي. هو آهستي آهستي ڪنڌ ورائي در ڏي ڏسڻ جي ڪري ٿو. هڪ عورت در وٽ بيٺي آهي. هوءَ ڪا گهڙي در وٽ بيهي اندر داخل ٿيندڙ ڏِنگن ڦڏن روشني جي ڪرڻن وسيلي ڪمري کان آگاهه ٿئي ٿي. هوءَ پهريائين درين ۾ لڳل رنگين شيشن مان ايندڙ رنگبرنگي روشني کي ڏسي ٿي، ۽ پنيان دروازو بند ٿي وڃي ٿو. هوءَ شيشن مان ايندڙ رنگين روشني کي ڏسندي اوڏانهن وڌي وڃي ٿي ۽ آهستگي سان هڪ دري کي کولڻ جي ڪري ٿي. دريءَ جا طاق ننڍا کُلن. هوءَ دريءَ ۾ لڳل هٿيئي کي زور سان پاڻ ڏي ڇڪي ٿي، ۽ ائين دري جا بيئي طاقُ کلي پون ٿا. ٽيهريءَ جي روشنيءَ جا انبار اندر داخل ٿي پون ٿا ۽ هوءَ مڙي اُن جهونڙي ڏي ڏسي ٿي، جو هاڻ پنهنجي ڪرسي وٽ اُٿي بيٺو آهي، ۽ سندس چپن تي مُرڪ اچي ويئي آهي. هو ٻانهون کولي بيهي ٿو. هاڻ هن عورت جو خاڪو چٽو آهي. هيءَ سنهڙي سيپڪڙي، وارن ڪٽيل، ننڍي قد جي خوبصورت عورت آهي. ٽيهن پنجٽيهن جي هوندي به ننڍي نيٽي لڳي پئي. هوءَ ڪليل ٻانهن کي ڏسي تڙي پوي ٿي ۽ هن وکن ۾ پنجن وکن جو فاصلو لتاڙي سندس سيني سان لڳي ٿي ۽ پوءِ سندس هلڪي لپسٽڪ سان سينگاريل سنهڙا پر خوبصورت چپ کُلي پون ٿا. ڳري لڳي هوءَ آهستي آهستي سس پس واري آواز ۾ ڪجهه چوڻ شروع ڪري ٿي ۽ جهونڙو هڪ هڪ اکر چٽي طرح ٻڌي رهيو آهي ۽ پوءِ هُن جا هٿ ڏڪڻ لڳا آهن. ٽنگن ۾ به سَتُ نٿو پاڻئي ۽ هو آهستي آهستي ڪرسيءَ تي ويهي رهي ٿو. هوءَ به سندس سيني لڳي رهي ٿي ۽ آهستي آهستي پاڻ جهُڪائي سندس قدمن ۾ ويهي رهي ٿي. هاڻ جهونڙي جي اکين مان پاڻي وهي رهيو آهي. هوءَ هڪ هٿ سان سندس ڳوڙها اُگهندي چوندي هلي ٿي:

"... گُل! توکي ھيءُ ڇا ٿي ويو آھي؟ تنھنجي سڄي حياتي ھونئن ئي خالي ۽ اڪيلي، پر ھيئن بنھہ پڙپانگ ٿي ويندي، مون بنھہ نہ سوچيو ھو! مڃان ٿي تہ ڏوھہ منھنجو آھي، گنھگار آھيان، ڏوھاري آھيان، پر ائين ڪبو آھي جو ٽي سال اڳ تنھنجي آڏو ڪيل ھڪ اعتراف ۽ ھڪ انڪار ڪان پوءِ تو اھا سزا ڏني جو تون بنھہ گم ٿي وئين! مان ڳوليندي رھيس. تنھنجي حيدرآباد واري گھر تي فون ڪيم. تنھنجي پٽ ڪان پڇيم. منھنجي گھٽي پيچا ۽ ڳڻتي ظاھر ڪرڻ ڪانپوءِ ھو آواز ٻڌي فون بند ڪري ڇڏيندو ھو. تنھنجي گھر جا سڀ ڀاتي جڻ تہ تنھجي وجود ڪان اِنڪاري ھجن. ائين پئي لڳو تہ ھو تنھنجي اندر دفن ٿيل راز ڪان آگاھہ ٿي ويا ھجن. ھُنن توکي شايد اھا سزا ڏني آھي جو تنھنجي پنھنجي ڳوٺ جي ھن پراڻي گھر ۾ توکي دفن ڪري وساري ڇڏيو آھي. ھن گھر ۾ تہ ڪير بہ ڪونھي. ٻاھر ھڪ ننڍو نينگر مليو جنھن تنھنجو ڏس ڏنو ۽ ھن ڪمري تائين پھچايو. ٽي سال مس ٿيا جو تون منھنجي شھر ۾ بہ دفعا تڪڙو تڪڙو آيو ھئين. اُن وقت تہ تون نيڪ ھئين. ھيئن ھڏائون پڃرو تہ نہ ھُئين. تون ھيئن مايوس پڳل ٽٽل شخص نہ ھئين. تون تہ اينترو پُر اُميد ھُئين جو تو منھنجي ڏنپيل حياتي کي ڏسي ڪيئي اميد جون مشعالون ٻاري ڏنيون ھيون. مون توکان پڇيو ھو تہ ويھہ سال اڳ ڏنل آڇ اڃان برقرار آھي، تہ تو وراڻيو ھو تہ جيستائين مان جيئرو آھيان، تيستائين نہ منھنجيءَ دل جا دروازا نہ بند ٿيندا، نہ گھر جا دروازا.

"تو اھو بہ چيو ھو تہ ماڻھو مرڻ گھڙيءَ تائين اميد جي مشعال آھي. اُھا تڏھن وسامي ٿي جڏھن قبر جي مٽي اُن تي پوي ٿي. مون ٻيو دفعو بہ اُھائي غلطي ڪئي، جيڪا ويھہ ورھيہ اڳ ڪئي ھيم ۽ تنھنجي آڇ موٽائي ڇڏيم. تو اُميد رکندي پيار لاءِ چپ وڌايا ۽ مون جواب ۾ پنھنجا چپ تنھنجي پيشاني تي رکي اُنھي باب تي آخري مھر ھڻي ڪتاب بند ڪري ڇڏيو."

اُن عورت سُڏڪندي ڳالھائڻ بند ڪري ڇڏيو. جھونو سندس مٿي تي ھٿ ڦيريندو رھيو، پيار سان وار سنواريندو رھيو.

”گُل! تون ڳالهائين ڇو نٿو؟ ڪجهه ته ڇئه. هنيانءَ جو بار ته گهٽ ڪر. هيءَ ڏس، مان تنهنجا خط به ڪٽي آئي آهيان.“

جهونو اڃا به خاموش هو. عورت پنهنجي پرس مان خطن جو بنڊل ڪڍيو. هُن خطن جا ورق ائين ورايا ڄڻ هڪ هڪ ورق ۾ اکر اکر کان واقف هجي. هُن چڪي هڪ خط ڪڍيو.

”هيءَ ڏس تنهنجو اُهو خط، جنهن ۾ تو نيٺ لکيو هو ته ’مان توسان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو‘. اُهو به تڏهن لکيو جڏهن مون توکان لکي پڇيو ته آخر تون چاهين ڇا ٿو. مون کي ياد آهي ته جڏهن تون ويهه ورهيه اڳ منهنجي شهر ۾ آئين، مسلسل پنج سال ايندو رهين. تنهنجي هر شام اسان جي گهر گذرندي هئي. تون ڪلاڪن جا ڪلاڪ مون سان عجيب ڳالهيون ڪندو هئين. مون کي ڪيترين ڳالهين سمجهه ۾ نه ايندڙ هيون. منهنجي عمر به ننڍي هئي، سترهن سالن جي هڪ نينگر. پر هيءُ سمجهه ۾ نه ايندڙ ناتو به عجيب هو. مان تنهنجي ويجهو رهڻ چاهيندي به هيس پر هر هر پَرِۇ ٿيندو هيم ته ڪٿي ڪنهن پيچ ۾ اڙجي نه وڃان. تنهنجون منيون ڳالهيون ۽ منو سياءُ اندر ۾ وَرُ ڪري ويهي رهيو هو. مان حيدرآباد آيس، تنهنجي ڪتنب سان مليس. تنهنجو ڪتنب به اسان وٽ آيو. رشتا اڳ به هيا پر آهستي آهستي رشتا گم ٿيندا ويا. بس تون ۽ مان بچياسين. منهنجا سڀ مائٽ توکي گهرندا هيا، خاص طرح منهنجي امي. سڀ اسان جي خاموش پيار کي به پسندا رهيا. پر هر ويلي مون کي اِهو احساس ڏياريندا رهيا، ته اهو سڀ سولو نه آهي. ’توکان پنجويهه ورهيه وڏو هيءُ ڪتنب وارو شخص توکي ڪجهه به ته نه ڏيئي سگهندو‘ مون خود غرض بڻجي پنهنجي Security لاءِ سوچيو. سوين ميل پري رهندڙ شخص کي فاصلن ۽ ملڪيت جي تصور سان توريو تڪيو. تو وٽان جڏهن پڪ ٿي ته هيءُ دوستي هاڻ شاديءَ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي، ته مان ڇرڪي هٽي ويس. پوءِ پنهنجي هڪ همعمر کي همسفر چاٽي ته هڪ عمر وارا ئي گڏجي رهي سگهن ٿا. ساڻس شادي ڪري ڇڏيم. مون سندس مستقبل به شاندار تصور ڪيو پر جلد محسوس ڪيم ته شاندار مستقبل به ماڻهوءَ جي من جي خوشين جو امين نه

سندس اکين مان ڳوڙها لڙي هن جي پيشانيءَ کي آلو ڪن ٿا. عورت جون اکيون بند آهن. هن کي اڃا بہ انتظار آهي. انهيءَ وچ ۾ هو پنهنجي گلي مان ويڙهيل مفلر لاهي ٿو ۽ سندس اکين کي چمندي هن جي اکين کي کولڻ جي ڪري ٿو. هوءَ اکين کي کولي سندس منهن ۾ آس سان نهاري ٿي، پر اُت ڪجهہ بہ ناهي. هوءَ حيران ٿي پوئتي هٽي ٿي ۽ سندس تپرس اڃا بہ وڌي وڃي ٿو جڏهن هن جي نظر سندس ڳچيءَ تي پوي ٿي. سندس ڳچيءَ جي چوڌاري ماس ڪوريل آهي. سُڪل زخمن جا ڪارا نشان اُماس ورتل چنڊ جيان چِٽا ٿي بيٺا آهن. هوءَ آهستي هٿ وڌائي اُنهن زخمن کي ڇُهي ٿي، پوءِ اُنهن کي چُمڻ جي ڪري ٿي. هو سندس ڇهري کي ڇڪي پنهنجي هنج ۾ آڻڻ جي ڪري ٿو. هوءَ خشڪ چپن کي آلو ڪندي پڇيس ٿي:

"ٿروٽ ڪينسر... آپريٽيڊ؟"

هو ڪنڌ سان هاڪار ڪري ٿو ۽ اشاري سان ٻڌائيس ٿو تہ انڪري هو ڳالهائي نٿو سگهي. هوءَ آهستي ڪنڌ لاڙي پنهنجو منهن سندس هنج ۾ آڻي اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي ٿي. پوءِ آهستي آهستي سندس روئڻ جو آواز جهڪو ٿيندو وڃي ٿو. اچانڪ هوءَ ٽپ ڏيئي اُٿي ٿي ۽ ڪيس ڇڪي اُتاري ٿي ۽ ٻانهن کان ڇڪي در ڏانهن وٺي وڃڻ جي ڪري ٿي. هن کان اکر نٿا اُجهن، پر اِشاري سان کيس چئي رهي آهي تہ ڇا بہ هجي توکي مون سان هلڻو پوندو... هلڻو پوندو. هو بہ وکون هلي بيهي رهي ٿو ۽ آهستي هٿ ڇڏائي موٽي ٿو. وهاڻي هيٺان پيل خطن جو بنڊل ڪڍي ٿو ۽ پلنگ تي پيل هڪ ڪليل ڪتاب کڻي ٿو ۽ واپس وري اُن عورت جي هٿن ۾ اُهو خطن جو بنڊل ڏئي ٿو ۽ پوءِ اُهو ڪليل ڪتاب، جو سندس ئي لکيل آهي، زور سان بند ڪري کيس ڏئي ٿو. هوءَ ڪتاب وٺندي ئي سندس سيني سان لڳي رُئڻ لڳي ٿي. کيس ڀاڪر پائي مٺيون ڏئي ٿي. هوءَ آهستگي سان سُري وڃي کُليل دريءَ جو پاسو وٺي ٿي. ٿڌي هوا سندس آلن ڳلن کي سُڪڻ وانگر خشڪ ڪرڻ جي ڪري ٿي. سڄ اُلهي چڪو آهي. اڱڻ ۾ ٻريل ٽمڪندڙ بلب جي روشني سندس وجود کي جر ڪاٽڻ لاءِ وڌي اچي ٿي. هوءَ

پئي. هن پراڻي ڪوچ ذي ڏنو اُتان بہ اُهوئي آواز هو. پراڻا اسپرنگ بہ اهوئي ڳالهائين پيا. سڄو ڀڳل فرش بہ ڪڙڪي پيو ۽ اُهائي سٽ چئي پيو. آبنوسي ڪبٽ جي هر ڪُلندڙ ۽ بند ٿيندڙ طاقن مان بہ اُهوئي سڏ هو. جنبڍي لٽل پاون واري ڪٽ تي پيل ڪتاب هر ڪُلن پيا، وري بند ٿين پيا، اُتان بہ اُهي ئي سڏڙا هيا. پنا ڪڙ ڪڙ ڪري اُڏامن پيا، ۽ سڄي ڪمري جي ڪردارن سان گڏ جهونگارين پيا، جڻ تہ ڪيس سڏين پيا. آواز وڌندا ويا، ۽ پوءِ هُن اُنهن آوازن سان هم آهنگ ٿي چيو. آواز نہ نڪتو ۽ سندس چچريل گلي ۾ گم ٿي ويو. پوءِ هن ڪوشش ڪري بند گلي مان هڪ ڏاڍي وڏي دانهن ڪئي. هن جو آواز جڻ تہ کُلي پيو ۽ هن پاڻ چٽو ٻڌو تہ هاڻ هو اُها سٽ سيني سان گڏ چئي پيو سگهي: ”سوريءَ سڏ ٿيو ڪا هلندي جيڏيون؟“ هو چوندو هليو: ”سوريءَ سڏ ٿيو ڪا هلندي جيڏيون؟“ سندس اکين مان ڳوڙها وهندا هليا ۽ پوءِ آهستي آهستي آواز گم ٿيندا ويا ۽ هو بہ ماٺ ٿيندو ويو.

ڪمري ۾ هاڻ اُهائي ماٺ هئي، پراڻي ڄاتل ماٺ. هميشہ وانگر هو ماٺ جو حصو بڻجي ائين ئي ويٺو رهيو. سندس نظرون سامهون واريءَ ڀت تي هيون، جت فريم مان سندس ماضي، سندس همزاد، ڪيس پيار مان مُرڪي ڏسي رهيو هو. هو خاموش ڪيس تڪيندو رهيو. پوءِ سندس چپن تي بہ ساڳي سندس تصوير جهڙي ئي مُرڪ ڦهلجي وئي.

☐

# ٽيس ڍهاڳڻ ڏيهم

هيءَ شهر بہ ڪوئي شهر هُيو. هن شهر جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي...! منهنجي ڳوٺ، مهنجي شهر، ڪي زمانا ڏسي دنگ ڪيو آهي. هاڻ نہ اُهي گهٽيون رهيون. نہ اُهي ماڳ مڪان رهيا، نہ اُهي راڳ رنگ جا روپ رهيا. ڳُتيل گهٽيون، چوڏاري جاين جو جوڙاءُ، لنگهہ بہ بازاريون، نہ اُهي باغ بستان، نہ اُهي مستيءَ جا پيمانا پيارينڌڙ پيرن فقيرن جون درگاهون. ماٿهو هاڻ زمان و مڪان کان بي خبر ٿيو وتن هڪ ٻئي جو شيل شڪار ڪندا. انهيءَ سڄي مانداڻ کان بي خبر ڪي بزرگ خاموش آستانن ۾ پنهنجي چوڌاري دفن ٿيل ماڻهن جي خبر لهندا رهن ٿا. هو پاڻ ڌرتي اندر هوندي بہ ڪنهن ڏيئي ٻارينڌڙ کان اهو بہ پڇندا رهندا آهن تہ ڪي ٻين قبرن تي بہ ڏيا ٻاريو ٿا يا نہ؟ انهن بازارين ۾ محل نما جوڙايل جاين جي پويان لڪل سنڌ جو عظيم شاعر شاهہ نصير بہ مدفون آهي. سندس مقبرو سڄو سارو ڪري پيو ڪنهن نہ جوڙايو. هو نٺهڻ ۾ ولهہ کان بي خبر چٽن ديوارن اندر پنهنجن سان گڏ آرامي آهي. اُن چوديواري کان ٻاهر ڪي سوين ستل هئا. پر جيئرن اصل ۾ مئلن جا مدفن ڍاهي، ڪٿين ئي گز زمين جا پنهنجي لاءِ جيئرن جا قبرستان جاين جي صورت ۾ جوڙايا آهن.

مان جڏهن انهيءَ ڳوٺ، اُنهيءَ شهر ۾ ويندو آهيان تہ وسنيون لتاڙي، گهٽيون ۾ ناليون ٽپي اُنهيءَ شاعر جي درگاهہ تي ويندو آهيان. هيءَ درگاهہ ڪڏهن تہ وسيل هئي. ڪيئي راڳي، مڏ ۾ مدمست ٿي سندس ڪلام بہ ڳائيندا هئا تہ لطيف، سچل ۽ ساميءَ کي بہ جهونگاريندا هئا. اڄ اُجڙيل درگاهہ اندر مڪان جون ڪي ڀڳل ڀتيون، ڪي قبرون ۽ سائين شاهہ نصير جي قبر ۾ اُن سان گڏ سندس ڪجهہ عزيز قريب ساٿس قرب ونڊڻ لاءِ ستل آهن.

”اجهو ٿي آٽيان“ چئي مائي چني ڪان نڪري اڱڻ ۾ چڙهيل چلهه تي وڃي ويٺي.

چاچي ۽ پير صاحب پاڻ ۾ پئي ڳالهايو. اوچتو ماستر علي نواز جيڪو اسان سان وَرڪ تي گڏ نڪتل هو سو سُري منهنجي پاسي ۾ آيو ”مٺل سائين، ڇا ٿا ڪريو هيءَ اصل پنگياڻي اٿو. اسان ڪي بہ هن جي هٿان چانهہ پيئڻي پوندي؟“

مون چني مان ٻاهر نهاريو. مائي نور چلهہ تي ويٺي هئي. ٻاهہ جي روشني سندس سانوري چهري کي چمڪائي ڇڏيو هو. سندس چهري تي عجيب چمڪ هئي. منهنجي لاءِ تہ جڻ هڪ گهريتڙي عورت چلهہ تي ويهي چانهہ ڪاڙهي رهي هئي. ائين پير صاحب جو آواز آيو ”نورا چانهہ جو ڇا ٿيو منهنجي لاءِ بہ ڪوپ ڪنيو اچجان، پر مٺي چانهہ جو“. سائينءَ کي شايد شگر هئي، اسان سان گڏ مٺاڻ جو چسڪو ٿي وُرتائين. سائين ڏاڍي پاٻوهہ ۽ پيار مان سڏ ڪيس. مون ڪنڌ ورائي استاد علي نواز کي آهستي مرڪي چيو ”پير ۽ سيد بہ هن جي هٿ جي چانهہ پين ٿا، اسان اُمتين کي ڪهڙو اعتراض“. مائي نور جهٽ ۾ چانهہ کڻي آئي. منهنجي ويجهو آئي تہ منجهانئس ڪانين جي دونهي جو هڳاءُ پئي آيو. سندس چهرو ڏُکي ڳاڙهو ٻاهہ ٿيو پيو هو. مون کي تہ ڪا ٻي ڏپ نہ پئي آئي. ڪانين تي ڪاڙهيل چانهہ جو مزو ئي پنهنجو ٿئي ٿو. چانهہ سيني پيتي. مون نذرانو رکيومانس تہ شرمائجي ويو ”مٺل سائين! اهو ڇا ٿا ڪريو؟ هر دفعي پيا بار چاڙهيو“. مون شرميلو پير پهريون دفعو ڏٺو. ٻاهر نڪتاسين پئي تہ مائي بہ نڪري آئي. مون ڪلي ڪيس ڪجه خرچي ڏني، ”اڄ نہ سائين! اڄ توهان منهنجا مهمان آهيو مهمانن ڪان مهمان نوازي جو ملهہ وٺبو آهي ڇا؟“ مان سندس ڳالهہ ٻڌي حيران ٿيس. پنگياڻيون ائين ٿينديون آهن؟ پوءِ تہ سڀ سٺيون ئي هونديون.

اليڪشن واري ڏينهن مائي نور ڏونڌل وڳو پائي وارن ۾ تيل وجهي چڪي چوٽي ڪري آئي هئي ۽ مردن واري پولنگ تي بيٺي هئي. ماستر علي نواز پڙڪو ڏئي آيو ”مٺل سائين، هيءَ مائي تہ چاچي سائينءَ جي وَرڪ

پئي ڪري پلا پنگياڻي جي چوڻ تي ٻہ ڪنهن ووٽ ڏنا آهن؟ ڪنهن ووٽ نہ ڪَرن خيال ڪيو“.

”جهڳي نہ هڻ ماستر! پنگي ٻہ انسان هوندا آهن. تون تہ هن جي هٿن سان ڪاڙهيل چانهہ بہ پي آيو آهين“. مون چڻ تہ ڪيس ڦوڙ هنيو هو اوڪارا ڏيندو ’ٿو ٿو‘ ڪندو پڇي ويو. مائي نور واندي ٿي تہ ڦري آئي، ”سائين! گاڏي ڏيندئو تہ سائينءَ کي وٺي اچان“. سائين آيو تہ منڊل مچي ويا. مائي نور پوش پوش ڪندي اصل هوڪا ڏيندي پير صاحب کي اندر وٺي ويئي. پير صاحب بہ ڪو سالن کان پوءِ ڪنهن اليڪشن تي آيو هو. ماڻهو بہ ڦري ويس. هيءُ شرميلو پير سيني سان ائين مليو چڻ سڀ ماڻهو پير هجن ۽ پاڻ اُمتي. ”بابا... بابلا... منهنجا سائين! منهنجي دل، منهنجا پرين“، ڪندو پيو ملين. سائين جو منهن ٻهڪي پيو. بقول ماستر علي نواز جي سائين جيئرو ٿي آيو آهي. اليڪشن تہ چاچي کٽي پر مائي نور هُلائي چڙيو تہ اها سائين پير صاحب جي ڪرامت هئي. سندس سياڳا پير هئا جن کيس اليڪشن کٽائي هئي. مون ۽ چاچي بہ ان جي تصديق ڪئي. خبر اها پئي تہ ڪجھ ماڻهو دعا سڳي ڦيٽي لاءِ وري وٽس وڃڻ لڳا هئا. وقت کي تہ پر لڳل آهن. مان وٽن ٿورن مهڻ لاءِ بہ وڃي نہ سگهيس. ڪجھ وقت کان پوءِ ٻڌم تہ سائين ڏاڍو بيمار هو. مون کيس ڪجھ نہ ڪجھ مدد موڪلي، پوءِ ڪجھ عرصو ڳوٺ وڃڻ نہ ٿيو. نيٺ هڪ عيد تي ڳوٺ ويس، درگاهہ جي دروازي وٽ ڪير بہ ڪونہ هو. سائين پير صاحب بہ ڪونہ هو. مائي نور کي بہ قبرستان ۾ ٻهاري ڏيندي نہ ڏٺم. مٽن مائٽن دوستن جي قبرن تي قل پڙهي، ڪي مايون ڪُندَ پاسي کان ويٺيون هيون. مان جيئين ئي دعا گهري واندو ٿيس تہ هڪ جهونگار ٻڌم.

”ليلا لُڇُ مَر ابتڙو اٿي اگڙ سوڙيا
ابو ڏاڏو گهوڙ پاڻ سوڏو پرين تان“.

مون ڪنڌ لاڙي ڏٺو: هڪ هڏائون پڃرو اکين تي عينڪ، اُها هڪ مائي هئي جنهن هٿڙا جهلي پئي دعا گهري.

”تان ڪا وائي وار دلاسي جي داسڙا!
تون منهنجو ولهو آئون تو ۾ طمعدار،
ڍڪي ڍول! گذار لڄ منهنجي لوڪ ۾“.

مان جيئن واپس پٺي وَريس ته سندس پاسي کان لنگهيس، ”سائين مٺل آهين!“ مون کيس غور سان ڏٺو. مائي نور هئي،ڏاڍي ڏتڙيل حال ۾ هئي. مان کيس سڃاڻي نه سگهيو هوس“. مائي نور آهين ڇا؟ هيءَ کهڙا حال ٿيا اٿئي؟“ مان بنهه ويهي رهيس.

”سائين! کهڙا حال ٿو پڇين؟ سائين بس هاڻي موڪلائڻ تي آهي. ڏاڍيون ڏکيون بيماريون ڪاتيون اٿئين. پورهيا ڪري پن سن ڪري سندس علاج ڪرايم پو وريو ڪي به ڪين. تون به ته ڪي ورهيه نه لڙين. ڏاڍا بڇڙا حال ٿيا آهن، سڀ مٺ مائٹ منهن موڙي ويا. شهر جي ته خبر اٿئي ڪو پُرسان حال ڪونهي. ماڻهن ڀاڻَ ته وِڪيا پر هاڻ قبرستان تي به آهن قبضا. سائينءَ جي ته خبر اٿوَ حضور شرم ماڻهو گهرڻ به گناهه سمجهي. کهڙي پاسي وڃون. سندس حويلي وارا به سورن ۾ آهن. آيو آهين ته ڪا اهڙي امداد ڪر جو ڪي ڏينهن ته لنگهڻ کان بچون!“

مان ماٺ ۾ اچي ويو هيس! هيءَ اُجڙيل ديار، چوڌاري، مڙهه ئي مڙهه، شاهه نصير بي وس، سندس خاندان رُليل ۽ ڏتڙيل! هيءَ فقيرياڻي پٺي اُنهن لاءِ خير گهري. مون کيسي ۾ هٿ وجهي جيڪي به هو ڪڍي کيس ڏنو.

”مائي نورا سائينءَ کان طبيعت پڇجانءِ. مون کان جيڪي پڇندو اُهو موڪليندومانس. چئجانس ته دل نه لاهي، مان پڇڻ به ايندومانس“. مائي نور جي منهن تي چمڪ اچي ويئي، جيڪا گهڙي اڳ اُجڙي پيئي هئي. جهڪي ڪٽي منهنجي پيرن تي هٿ رکيائين. مون کيس هينان ڪٽي مٿي ٻيهاريو ”ائين نه ڪر مائي نور، تو ۾ وڏي مٽيا آهي. وڏي نورَ واري آهين. ڀلا تو جو سوڀلي شاهه سائينءَ کي پٺي ڳائو سو به سُر ليلا چنيسر مان. تون ڳائيندي به آهين؟“

”سائين! منهنجي ماءُ هن درگاهه تي رتي ديري کان اچي ڳائيندي هئي. جهوني ٿي ته هتي ئي ڀهاريدار بڻي. مون کي به رتي ديري مان آڻي هٿ

”خير ڪٿي؟ سائين پير صاحب گذاري ويو! هاڻ مائي نور ڪي ٻڌائڻو آهي. ڪيئن ٻڌايونس؟ توهان ڪا مدد ڪيو. هوءَ اڳي ئي بيحال آهي“.

مون نينگر ڏانهن ڏٺو. ”ها سائين. اوهان امان نور کي ٻڌايو ۽ وٺي هلوس“. مان ڇرڪي ويس. هيءَ پير جو سيد نينگر هڪ جڳ مشهور ٻنگياڻيءَ کي امان پيو سڏي. مائي نور، واهہ تنهنجي وفا! هو سڏڪن ۾ هو. اکيون روئڻ ڪري ڳاڙهيون ٿيون پيون هيس. مون پوئتي نهاريو مائي نور مقبري جي دروازي وٽ جهولي جهليو پٺيري بيٺي هئي. مون کي ائين لڳو تہ ليلان هڪ دفعو وري ڏهاڳڻ ٻڻجي وئي آهي. سندس چنيسر ڪيس جيئري سنهہ ڏهاڳ ڏيئي ماري هليو ويو آهي. مون ۾ همٿ نہ هئي، مون نينگر جي مٺي تي هٿ رکيو ۽ چپ چاپ اڳتي وڌي ويس. پنتي وَرَ ڪري نهاريم تہ هو ٻئي اڃا اتي بيٺا هئا. مائي نور بہ اُتي ئي بيٺي هئي. مائي نور تہ دعا گهري هئي تہ ڌڻي ڪيس ڏهاڳ کان پناهہ ۾ رکي پر ڏهاڳ ڪيس ڏنيو بيٺو هو. هوءَ ائين پنڊپهڻ ٿيو بيٺي هئي، جيئن جُڳن کان جَڳ جهان جڙ ڏنيي ڇڏيو هئس. مون بي اختيار پڙڪيو: ”ڊولي ڊيلياس، ٿيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾“.

❑

# کھڙي مومل، کھڙو راڻو

ڪمري ۾ اوچتو روشني ٿي تہ هُن ڪنڌ مٿي ڪيو. سامهون ماڻس ويٺي هئي. هن جي اکين ۾ ڪي سوال هيا. ماڻس وڏي وٿس آئي ۽ ڪيس ڀاڪر پائي جيئن مِٺي ڏنائينس تہ ڏٺائين تہ هوءَ سڄي پگهري پيئي هئي. يڪدم وڃي دريون کوليائين. پوءِ پکي کي هلايائين.

"شانان! هن گهٽ ھوسٽ ۾ پاڻ کي مارينديئن ڇا؟ اُٿي، هٿ منهن ڌوءِ ۽ ڪپڙا مَٽاءِ. سانجهي ٿي ويئي."

ماڻس گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڪيس سندس اصلوڪي نالي سان سڏيو هو. شانان ڇرڪي ويئي. پوءِ دري مان ٻاهر نهاريائين. ٻاهر اونده ڦهلبي پئي ويئي.

"امان! مان اڄ شانان ٿي لڳان؟"

"تون منهنجي تہ شانان آهين." ماڻس پيار سان ورائيس.

هن ڏٺو تہ ٻاهر اوندهہ وڌندي پئي ويئي. پر هن کي انهيءَ اوندهہ کان وڌيڪ اندر جي اوندهہ جي گھٽتي هئي. ماڻس ٿرماس مان پاڻي ڪڍي ڪيس پياريو. هن جيئن ٻہ ڍُڪ پريا تہ اندر ٺري پيس. هوءَ سڄو گلاس يڪساهي پي ويئي.

"سڄو ڏينهن هُن جي انتظار ۾ ائين ئي گذاري ڇڏيئہ!"

"هون!"

"هو هِن هفتي ٻہ نہ آيو نہ!... هي چوٿون ڇنڇر آ نہ! انتظار ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏيو اٿئي. نہ ننڊ نہ آرام. پنهنجون سهڻيون اکيون تہ ڏس!"

"هون!"

"پوءِ ٻہ ڳالهہ نٿي سمجهين؟"

"ڇا سمجهان." شانان جواب ڏنو.

اک کٽي نہ نهاريو. اقبال کي ڏسي هرکي پئين جو ننڍو نينڻو ۾ سهڻو نوجوان هو. توکي اهڙو وٺيو جو تو نہ ڏنو اڳ يا پوءِ. اسان توکي ڇا سمجهايون؟ پاڻ وهيٺي آهين، توکي ڪير جهلي. ڏس اڄ هيءُ حال آهن. گل محمد مون کي سندس قصا پيو ٻڌائيندو هو، پر مون ڌيان نہ ڏنو. گل محمد اسان جو هڏ ڏوکي آهي ۽ هتي جو ئي ماڻهو آهي. هاڻي ترقي ملي اٿس، هتي ئي مئنيجر ٿيو آهي. جي توکي مڙس ڪرڻو هو تہ گل محمد جي زال کي ڪي سال مٿي ٿيا. پري تہ ڪونہ هو. ڪئين ٻيا بہ هئا جن پٺي چورايو پر اقبال ڏٺن ۾ آسرن تي بہ سال ڪڍي ويو ۽ توسان شادي بہ نہ ڪيائين. هاڻي حيدرآباد ۾ ويٺو نئين زال سان موجون ڪري. تو ڪڏهن پنهنجين ٻن نياڻين جي بہ سنڀار نہ ڪئي. جڏهن کان اقبال آيو تہ تو پٺ ڏئي نہ نهاريو. اسڪول کان گهر ايندي هئينءَ، پوءِ سڏو هن ماڙي تي. هيءَ ماڙي، هيٺين بينڪ، دوڪان، زمين، جائداد، مڙسهين جي توکي ملي، پر ڪنهن جي مهابي؟ انهن ٻن نياڻين جي ڪري نہ تہ مرهيات علي محمد جا واسطيدار مٽ مائٽ گهٽ هئا؟ انهن کيسن ڪڙن کان گهتايو؟ پر هنن نياڻين جي ڪري ڪورٽن ۾ تنهنجي سرسي ٿي. اڄ يارُ مِنو اولاد ڪوڙو ڏاهي ٿي مومل!" ماڻس هن دفعي سندس پيار جو نالو کنيو. ماڻس هٿ ڊرو ڪيو پر ڳالهائيندي مومل سندس هٿ کي هٽايو ۽ ڏانهس نهاربندي پڇيائين.

"نرمل ۽ ڪومل ڪٿي آهن؟"

"ڪٽي وري ڪٿي آهن، کين ساڻ وٺيو آئي هيس. سڄو ڏينهن پئي پُڇيايون. نٺيون تہ ڪين آهن سڀ سمجهين ٿيون. توکي اوندهہ ۾ فڪرن ۾ ٻڏل ڏسي اڱڻ ۾ هليو ويون آهن." سدوريون اهڙيون آهن جو ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ٿيون ڪڍن ڪيئن نہ چپ ويٺيون آهن. هوءَ ٽپ ڏئي اُٿي بيٺي ۽ ورانڊو ٽپي اڱڻ ۾ آئي. سندس ٻيئي نينگريون کٽ تان اُٿي ڊوڙي اچي کيس چنبڙيون. هو هيٺ جهڪي ۽ پوءِ ويهي رهي، ۽ کين ڇاتيءَ سان لائي مٺيون ڏيڻ لڳي. "مماں! تون وهنتين بہ ناهين. وار بہ چِپ چِپ پيا ڪن. آمان وڏيءَ تيل وڌو اٿئي نہ. ڏس منهنجا وار."

هن سندس پشم جهڙن وارن تي هٿ گهمايو ۽ آخر تائين سندس هٿ هليو ويو. هن کي محسوس ٿيو تہ هيءَ ننڍڙي ڪومل ڪيڏي نہ وڏي ٿي ويئي آهي. هن وڏيءَ نرمل ڏانهن نهاريو. ڪيس هوءَ ڏکهي قد سان ٻارنهن سالن جي نينگري سفيدي جي وڻ جيان وڌندڙ لڳي. هن ڪين اڱڻ ۾ پيل کٽ تي ويهاريو.

”ممان! توهان وٽ پهريائين تيار ٿي اَچو پوءِ ڳالهيون ڪنداسين.“ هوءَ مشڪي پيئي.

ڪمري ۾ ويئي تہ وري ويچار وڪوڙي ويس. هنن ڏينهن تي اقبال هتي هوندو آهي، هو ۽ پاڻ نڪو فڪر نڪو غم. هوءَ پلنگ تي اُن پاسي آهلي پيئي، جنهن پاسي اقبال ليٽندو هو. هو هيترا ڏينهن نہ آيو تہ بہ اُميد تي پئي هلي، پر اڄ سندس شاديءَ جو ٻڌائين تہ جهڄي پيئي. هن ڏاڍيان روئڻ پي چاهيو پر نينگرين جو خيال ڪري هن وهاڻو ڪٽي منهن تي ڏنو هوءَ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳي. اوچتو سندس نظر هڪ رومال تي پيئي جيڪو وهاڻي سان گڏ ڇهتيو پيو هو. وهاڻو هٽائي رومال ڪٽي ان کي چمڻ لڳي هيءَ اقبال جو رومال هو جيڪو هن وهاڻي هيٺيان رکي ڇڏيو هو. هن رومال ڪٽي منهن تي رکيو تہ ڪيس هڪ عجيب هڳاءُ آيو. هن جو روئڻ تہ ٻيهي ويو. پوءِ هوءَ رومال کي چمندي رهي. ڪيس لڳو تہ رومال بہ ڪيس چمڻ لڳو آهي، ائين جيئن اقبال هر گهڙي هر پل پيار ڪندو هو ۽ هوءَ ڪيس پنهنجين ٻانهن ۾ لڪائڻ جي ڪندي هئي. هو سڄو سارو ويڙهجي سيڙهجي اُن ياڪر ۾ سمائجي ويندو هو. مومل جي مڙس کي مئي ورهيہ ٿيا. هن مڙس جي مرڻ کان پوءِ ڪنهن ڏي بہ نہ نهاريو. پهريائين هو اندر شهر ۾ رهندا هئا. مڙس وڏو واپاري، زميندار ۽ پيسي وارو هو. هن مومل کي جيئري تہ سڪ ڏنو پر مئي بہ محل ماڙيون ڇڏيون. مومل آهستي آهستي هن هڪ ماڙيءَ واري گهر ۾ رهڻ شروع ڪيو. مڙس بہ ڪيس شانان بدران مومل سڏيندو هو ۽ هن ماڙي کي مومل جي ماڙي. هيٺيان دوڪان ۽ ٻي عمارت بئنڪ کي ڪرائي تي ڏنل هئي هوءَ ٻن نياڻين ۽ ماءُ کي وٺي هتي اچي رهندي هئي. هڪ تہ هيءُ هنڌ شهر کان ٻاهر مين روڊ تي هو ٻيو اسڪول کيس ويجهو هو جت هوءَ نوڪري

ڪري ها. عشق ائين جو انگ وڃائبو آهي؟ موت ائين ڏبي آهي؟“ هن سوچيو ئي پئي تہ ماٽس اندر آئي.

”اڃا ويٺي آهين؟ تيار بہ نہ ٿئين؟ جلدي مٿو ڍڪ ۽ ٻاهر اچ. گل محمد پاڻ آيو آهي. اقبال جي سربستي ڳالهہ ٻڌائي ٿو تہ ٻڌ تہ سهين. اُٿي اَمان اُٿي، ڏاهي ٿي، هيءَ چادر ويڙهہ. اچ ٻاهر.“

ڀهرياڻين تہ هن سوچيو تہ هاڻي ڪهڙا احوال ڪهڙا ليکا. هيترا ڏينهن تڙپي هئي، هن جو حال ساڳيو هو پر ماءُ جي زور ڀرڻ تي ٻاهر نڪتي. چوڪريون گل محمد سان ڪل مشڪري ۾ لڳيون پيون هيون. گل محمد بينڪ جو پراڻو ملازم هو. مڙس جي زماني کان وٽن ايندو ويندو هو. پوءِ ڪراچي وڃڻ ڪرڻ ۽ بينڪ ۾ اڪائونٽ سنڀالڻ ۾ بہ سندن مدد ڪندو هو. هوءَ وڌي آئي تہ گل محمد اُٿي بيٺو. هوءَ ڪانئس ڪو حجاب ڪانہ ڪندي هئي، هن کيس سلام ڪيو هن جواب ڏنو. پوءِ هوءَ چوڪرين جي پاسي کان واڌڻ تي ويهي رهي. گل محمد پنهنجي جاءِ آڇيس: ”ڀلا هتي ويهو.“ ماٽس ٻي کٽ تي ٽپ ڏيئي ويهي رهي هئي. ”مان هت ٺيڪ آهيان. ڀلا احوال ڏيو.“ هن نياڻين کي پيار ڪندي چيو: گل محمد نياڻين ڏي ڏٺو. هن ماءُ ڏي ڏٺو. ماٽس ٽپ ڏئي ويهي رهي. ”مان نينگرين کي گهر ڇڏي ٿي موٽان. هنن کي لڳي آ بُک، ماسي جنان ماني تيار ڪيو ويٺي هوندي، مان تولاءِ بہ ماني کڻي وران ٿي.“ مومل ڪوبہ جواب نہ ڏنو رڳو ڪنڌ ڌوڻيو.

هو ويون تہ هوءَ سامهون کٽ تي چڙهي ويٺي.

”ها، پوءِ ڪهڙي خبر آهي، گل محمد!“

”ڪهڙيون خبرون؟ توهان جو مون تي اعتبار ئي نہ آهي. ہ ٽي دفعا ڳالهائڻ جي ڪيم، پر توهان رُخ ئي نہ ڏنو. توهان جي اميءَ کي ڪيترا ئي دفعا ٻڌائڻ جي ڪيم هن ڪجهہ بہ نہ ڪڇيو.“

”ڀلا ڳالهہ کڻي ڪر.“

”ڳالهہ ڇا، اقبال هيڏانهن اوهان سان چڪر هلائي رهيو هو هوڏانهن حيدرآباد ۾ مائٽن سندس چڪر پئي هلايو. هيءُ بہ راضي هيو. مان سندن ڳالهيون ٻڌندو هيس. بدلي بہ پاڻ ڪرايائين. ڪيترا دفعا مون کي

فون ڪئي اٿائين. زور اهو ته سندس شادي جي پُٺڪ اوهان تائين نه پهچي. هو چوندو هو ته هو پاڻ ئي اوهان کي پرچائي وٺندو. توهان هن کان سواءِ رهي نه سگهندو. اج به فون ڪئي هئائين، شايد اج يا سڀان اچي ۽ پرچائي وٺي. مون کيس سمجهايو به هيو. اوهان ته کيس سڀ ڪجهه ڏنو. پيسا ڏوڪڙ به سندس حوالي. گاڏي وني ڏني، پر ان سان گڏ قرب جون گاڏيون ڀري ڏنيون. ايڏو پيار.. ايڏو پيار.......اسان پاري ماڻهو کي ڪير ڏئي ته نئون ۽ نوبنو ٿي پوي ۽ ان جا پير ڌوئي پيئي." مومل اک کٽي مٿي نهاريس، سندس اک ڪرڙي هئي. هو هبڪي بيهي رهيو پوءِ هوءَ بي اختيار کلي پيئي.

"عمر گهڻي هوندوَ."

"اهائي پنجيتاليهه ورهيه"، مومل کي خبر هئي ته هو عمر لڪائي رهيو هو.

"پوءِ به نوبنا ته لڳا پيا آهيو. اوهان کي ڪهڙي پيار محبت جي ضرورت."

"اها ڳالهه ناهي سائڻ، مون امان سان ڳالهه به ڪئي هئي. اسين ڪنهن کي به ڪٿي ٿا آڻڙجون يا وٺون؟" گل محمد رومال ۾ ويڙهي ڳالهه ڪئي. مومل جي منهن تي گهنج پئجي ويا. هيءُ پنجاهه ٽپيل. ڪارو بيڊولو شخص ڪيتري عرصي کان سندس خواب پيو ڏسي. کيس خبر هئي ته سندس مڙس جي مرڻ کان پوءِ هيءُ به اميدوار هو. زال مُيس ته هن سندس ماءُ کي وَٽ وڪڙ ڏنا. پر سندس نه هلي. پوءِ جو اقبال جي عشق جو سُٽيائين ته هو ماٺ ٿي ويو. ماڻهو سياڻو هو. اقبال جو زبردست ته هو پر پوءِ رازدار بڻجي ويو.

اج هيءُ سندس سامهون هلڪو ڪُليو هو. مومل کي بچان اچڻ لڳي ۽ خار پڻ. جيسين کيس تڙو ڪڙو جواب ڏئي، ڏاڪڙ هيٺان ڪار جي بيهڻ جو آواز پڌائين.

"گل محمد! توکي اقبال اج اچڻ لاءِ چيو هو؟"

هن ڪانئس تڪڙ ۾ پڇيو.

"هن چيو هو اج يا سُڀان."

هنَ ڊوڙ پائي ڊاڪٽر جو مٿيون در بند ڪري ڇڏيو. هوءَ پريرو ٿي بيهي رهي. ڊاڪٽر تي تڪڙي ٽپ ٽپ ٿي. دروازو وڄڻ لڳو. ڪيتري دير دروازو وڳو. پوءِ اقبال جو آواز گونجيو.

”مومل دروازو کول. مان آهيان، مان...“

هوءَ دروازي کان هٽي آئي ۽ گل محمد کي اشارو ڪيائين. کيس ڪمري ۾ اچي ويهاريائين. هوءَ خاموش صوفي تي ويهي رهي. دروازي جو کڙڪڻ بند ٿي ويو. چوڌاري خاموشي ڇانئجي ويئي. هوءَ خلا ۾ گهوري رهي هئي ۽ اُيا ساهه کڻي رهي هئي. ائين ماڙيءَ جي ٻي ڊاڪٽر جو در کڙڪڻ لڳو. اُهو در جتان اقبال ايندو هو. اُهو در جيڪو اڳ ڪڏهن نہ کڙڪيو هوءَ ان در کي سندس اچڻ جي ويل کان اڳ ئي کولي رکندي هئي. در پهريائين آهستي پوءِ ڏاڍيان کڙڪڻ لڳو. گل محمد کڙڪي تي کڙو ٿي ويهي رهيو ۽ ڏانهس تڪڻ لڳو. هو هراسيل پئي لڳو. مومل جهٽ رکي اُٿي ۽ پوءِ ڪمري جي ٻاهران ئي اُن در جي ويجهو ويئي. هن لوهي در جي لوهي ڪڙي کي ڇيڪ ڪيو ۽ پوءِ اُن کي چڱيءَ طرح بند ڪيو. قدمن جي آواز ۽ دروازي کي ڇڪي بند ڪرڻ مان اقبال محسوس ڪيو تہ مومل ئي در جي پريان بيٺي آهي.

”مومل! مومل...!“

”ڪير آ“. اوچتو مومل ڳالهايو.

”مان آهيان تنهنجو راڻو، مومل!“

”ڪهڙو راڻو؟ مان ڪنهن راڻي کي نٿي سڃاڻان. هِت ڪابہ مومل نہ رهندي آهي.“ مومل جي اندران ائين آواز نڪتو جو هوءَ پاڻ حيران ٿي ويئي. انهن لفظن ۾ سندس پيڙا سمايل هئي.

”منهنجي ڳالهہ تہ ٻڌ. منهنجي شادي زوريءَ مائٽن ڪرائي آهي. مان ساڳيو ئي تنهنجو آهيان. تو جيئن چوندين مان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مان تہ توسان شادي ڪرڻ لاءِ اڄ بہ تيار آهيان، تون بہ رڳو ها ڪر. دروازو کول من! مون کي ٻڌ تہ سهين.“

اقبال جو آواز رڻڪھار ڪو هو پر هن جو هيترا ڏينهن لوڙيو هو فراق جون گهڙيون گهاريون هيون. هن دفعي سندس دل لوڏو ئي نہ کاڌو. مومل ہڏو اڻ ہڏو ڪري ڪمري ۾ هلي آئي. گل محمد وري اُٿي بيٺو. هن ڪمري جي در بند ڪري چڏيو ۽ پوءِ تنگ تنگ تي رکي. وڏي طمطراق سان صوفي تي ويهي رهي. هن سائيڊ ٽيبل مان سگريٽ ڪڍي دُکايو. هوءَ اقبال سان گڏ سوٽا هڻندي هئي پر هاڻي تہ آئي وئي پيئندي هئي. دروازي ڪڙڪڻ جو آواز جهڪو ٿيندو ويو ۽ پوءِ بند ٿي ويو. مومل گل محمد کي اشاري سان وهڻ جو چيو پوءِ ڏاڍي ڪڙائي سان چيائين:

”گل محمد! تو سوبل چا چيو هو.“

گل محمد سندس هيءُ رخ ڏسي گهبرائجي ويو. ڪيس هيءُ مومل ئي نہ پئي لڳي، جنهن جي چهري تي عجيب سختي هئي. هوءَ حاڪماڻي انداز سان سگريٽ پي رهي هئي.

”جي، الائجي چا چيم“.

”هاڻي ئي وسارين ٿو. تو چيو هو تہ توکي ڪير ايڏو پيار ڏئي تہ تون بہ رڳو نئون نہ پر نوينو بہ ٿي پوندين، ۽ تون ان جا پير ڌوئي پيئندين.“

گل محمد منجهيل هو پر هن بہ دفعا ڪنڌ لوڏي ها ڪئي.

”توکي جي ايڏو پيار ملي ۽ جي ’مان‘ بہ ملي وڃان تہ تون...“ هو هڪو ٻڪو ٿي ويو.

”راضي آهين يا نہ.“

”مان ۽ نہ راضي ٿيان“. گل محمد ہئي صوفي تان اُٿي اچي سندس پيرن ۾ ويهي رهيو.

”جيئن چوان تيئن ڪندين.“ مومل جو انداز حاڪماڻو هو.

”تون حڪم تہ ڪر سائنڻ! مان تنهنجو ٻانهو ٿي گذاريندس.“

هن سندس مضبوط جسم ۽ ڳاڙهي ٻکندڙ چهري کي ڏٺو پوءِ سندس ملڪيت جي باري ۾ سوچيو تہ سندس دل ٽپا ڏيڻ لڳي. بنهہ خوشي ۾ نہ پيو ماپي.

”تون رڳو حڪم ڪر سائڻ!... حڪم سائڻ.“ هو جڻ وڦلي رهيو هو.

”توکي مون سان شادي ڪرڻي پوندي.“

”قبول آ.“

”پر اڄ جو اڄ. ڪلاڪ جي اندر.. نڪاح جو بندوست ڪر. امان، ماسي ۽ نينگرين کي گهرائي وٺ. ٻه چار ماڻهو پڻ، دير نہ پوڻ ڪپي.“

هو يڪدم اُٿي بيهي رهيو.

”ڳالهہ چڱيءَ طرح ٻڌ. ٻاهريون سڀ ڪٺون وڇرائي اُن تي چادرون وجهرائي ڇڏ. مٺائي چانهہ پاڻي جو بہ بندوست ڪر. هاڻي تڪو ٿي، دير نہ پوڻ ڪپي. سمجهيئہ.“ هو ائين ڊوڙيو جو ڪيس خبر نہ پئي پئي. ڪيترا دفعا تہ ٿاٻڙيو. هيءَ پويان ڏاڪڻ تائين آيس.

”گل محمد! آهستي... هن ماڙيءَ جي هر ڏاڪڻ ڏکي آ. چڙهڻ بہ ڏکي تہ لهڻ بہ ڏکي.“ پوءِ هن دروازو بند پئي ڪيو تہ اقبال گل محمد کي ٿيلهو ڏئي مٿي چڙهڻ جي ڪئي: ”پري ٿي گل محمد!“

”ڪير آن تون؟... خبردار ميان! جو پرائي گهر جي، ڏاڪڻ ٽپيو آهين.“ مومل اُتان ئي رڙ ڪئي. سندس رخ ئي ڦريل هو. هيءَ مومل ئي ٻي هُئي.

”مان اقبال! تنهنجو راڻو ڇا ٿيو آ توکي.“

”ڪهڙي مومل، ڪهڙو راڻو؟ ڇو ڇنتو ٿيو آهين. مان شانان آهيان ڌي رجب علي. گل محمد سان پنهنجي رضا خوشيءَ سان هاڻي هن وقت ئي نڪاح ڪري رهي آهيان، سمجهيئہ ميان محمد اقبال.“

پوءِ هن گل محمد کي گهوري ڏنو.

”گل محمد توکي غيرت نٿي اچي؟ هيءُ ڪير ٿيندو آ جو ائين گهر ۾ گهڙي اچي.“ هاڻ گل محمد جو وارو هو. هن ٿيلهو ڏيئي اقبال کي ڀنتي ڪيو ۽ ڏاڪڻ مان ڌوڪيندو هيٺ ويس. مومل وري گل محمد کي سڏ ڪيو.

”سائين گل محمد...!“ گل محمد ’سائين‘ ٻڌي ٺري پيو.

”ٻڌو... بينڪ واري چوڪيدار کي چئو تہ هاڻ هن در جي سنڀال ڪري، توهان جلد موٽجو... ڀهرياڻين امان جن کي موڪلجو.“ هن دفعي هن جي لهجو بہ ٻيو هو. هن مٿيون دروازو بند ڪيو. هن جي هلڻ ۾ ڪڙائي هئي هو. پڪا پختا قدم کڻي ڪمري ۾ آئي. آئيني آڏو بيٺي تہ هوءَ مومل نہ پر شانان هئي. هن ڪٻٽ مان زريءَ جو ڀريل پلو وڳو ڪڍيو. وهنجي سهنجي تيار ٿي نڪتي. وڳو پاتي، سينگار سڀ ڪيائين، تہ هوءَ پاڻ کي نہ پئي سڃاڻي سگهي. ڪڙڪي تي دروازو کوليائين. ماڻس اچي پاڪر پاتس، مٿيون ڏنائينس. هن رئي سان ڪنوار وانگر مٿو ڍڪيو ۽ ٽپ ڏيئي پلنگ تي پلٿي ماري ويهي رهي. ٻاهران هاڻ ماڻهن جا آواز اچي رهيا هئا. هن وڏو ٽڏو ساهہ ڀريو پوءِ نياڻين کي پير ۾ ڪري پاڪر ۾ قابو ڪيائين. چيائين، ”ڏسي اچو گهوٽ آيو آهي.“ هو هن جي سرتين وانگر ٽهڪڙا ڏيڻ لڳيون، هو بہ ساڻس گڏ کلڻ لڳي. پوءِ هو ڪلنديون ٻاهر هلي ويون.

هوءَ خاموش ويٺي هئي. سڀ ڪجهہ خاموشي سان ٿي ويو. نڪاح ٿيو ڇوهارا ورهايا ويا. آهستي آهستي ماڻهو بہ هليا ويا. ماڻس بہ نينگرين کي وٺي هلي وئي. هوءَ ائين ئي پلنگ تي ويٺي هئي. ڪافي دير گذري وئي پر گل محمد نہ آيو. هو اُٿي اڱڻ ۾ آئي، جتي ڪير ڪونہ هو.

وري ڪمري ۾ اچي پلنگ تي ويهي رهي. چڱي مهل گذري وئي، ائين ٻاهرين در جي بند ٿيڻ جو آواز آيو. گل محمد اندر آيو تہ ٽڙيو پئي! چانپن ڪبابن جا پڙا ٿيلهين ۾ وجهيو کنيو آيو هو. ٽيبل تي ٿيلهيون رکيائين ۽ پوءِ شانان وٽ هليو آيو. هن دفعي ڏاڍو پراعتماد پئي لڳو. سندس پرسان ويهي ٻانهن ۾ ٻانهون وجهي ڪيس پاڻ ڏانهن پاڪر ۾ پيرڻ لاءِ ڇڪيائين. لڳو پئي تہ هو نشي ۾ ٽُٻ هو.

”من! دل!... هيڏي تہ اچ.“

شانان ڇهاءَ تي سجاڳ ٿي وئي. هن کي وري اُهائي ٻيڃان اچڻ لڳي جڏهن هُن شام جو ساڻس کُلي ڳالهايو هو. جڏهن گل محمد ڪيس پاڪر ۾ پريو ۽ پيار ڪرڻ لڳو تہ سندس بيڊولن ڇپن کي محسوس ڪندي سندس هنيانءَ ڪڇو ٿيڻ لڳو. هن کي اُبڙ آئي ۽ ٽپ ڏيئي سندس هنج

”ڪهڙي مومل! ڪهڙي شانان!... گل محمد، توکي تہ هيءُ سڀ ڪجهہ کپي.“ هن پنهنجي جسم ڏانهن اشارو ڪندي آهستي چيو. ”اجهو مان حاضر آهيان.“

پوءِ خماريل نيڻ پوري گل محمد جي ٻاڪر ۾ سمائجي ويئي. گل محمد ٽڙي پيو. خوش ٿي ٻانهن ڏگهي ڪري ٽيبل تان پڪل گوشت جي چانپ کڻي چٻاڙڻ لڳو

❑

# ٿانداٺا ٿا ٿمڪن

عاشق اُن ڏينهن منهنجي سامهون جيترين ڦيرين پاتيون ۽ هن ننڍڙي فليٽ جا جيترا چڪر ڏنا، شايد ايترو پنڌ روڊن تي بہ هُن نہ ڪيو هوندو. هو بي چين روح جيان ڪنيڙاٽيون هڻندو هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري، ننڍڙي اڱڻ ۾ پيپل بالٽين، پڪڙيل ٿانون ۽ ڍير ميرن ڪپڙن کي لتاڙيندو مون تائين پهچي مون تي اڻ لکي نظر وجهي وري اَلوپ ٿيو وڃي. جڏهن ساٽو ٿيو تہ منهنجي سامهون پلنگ تي تپ ڏيئي چڙهي وينو ۽ ڏگها وڏا ساهہ کڻڻ لڳو. اوچتو مون ڏي گهوري ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ رڙ ڪري چيائين:

”اهو سڀ تون آهين، تو ئي منهنجو نانئو ڦِٽايو آهي. نہ تون اِهي روايتي Wisdom وارا Golden Word پنهنجي مُنهن مبارڪ مان ڪڍين ها، نہ هيئن ورهين جو ساٿ ٽٽي ها. خبر اٿئي، اج ڪائون ڏينهن ٿيو آهي جو هوءَ نہ آئي آهي. ميان! اٺ ڏينهن ٿي ويا آهن. مون سندس منهن ناهي ڏٺو. مان هاڻ ڪيس ڪاٿي ڳوليان. هوءَ پراڻو گهر بہ ڇڏي ويئي آهي. توکي خبر آهي Wise Man.“

مان ماٺ ڪيو سندس منهن ۾ ڏسندو رهيس. اوچتو هو ٿڏو ٿي ويو: ”تون ڪو ڏس پنڌ ڏئي. اڳي بہ تو ئي ٻُڏل ٻيڙا تاريا هيا. تون ئي اسان جو Wise Man آهين.“

مان ڪيس ڪهڙو جواب ڏيان تہ تو پاڻ پنهنجو نانئو ڦِٽايو ۽ هاڻ مون کي ٿو ذوهاري قرار ڏين.

هو ساٽو ٿي پلنگ تي پئجي رهيو هو. مان آهِستي آهستي اُتان اُٿي فليٽ جي ٻئي ڪمري ۾ پيپل کٽ تي پئجي رهيم. هو هوڏانهن ٿڪي رهيو هو، هيڏانهن مان ماٺ ميٺ ۾ يادگيرين جي جار ۾ وڪوڙيو ويس.

عاشق ۽ منهنجي دوستي اڄ جي ڪانه هئي، ننڍي هوندي جي ياري هئي. ڪو وقت گڏ پڙهيا هياسين. پوءِ هو پنهنجي والد سان نوڪري سانگي، سنڌ جا ڪئين شهر لتاڙي، نيٺ اچي هن شهر ۾ مليو هو. مان به پڙهڻ سانگي سنڌ جي هوائن ۾ اُڏامندو هن شهر ۾ اچي نڪتو هوس. بابي هيءَ مسواڙ تي فليٽ وٺي ڏنو هو ته اچان به پڙهان ۽ پڙهي وڏو آفيسر بڻجان. پڙهيم به پئي ته نوڪريون به ڪيم پئي.

شهر جون دوستيون- سو جُڙي وري ڏهن، ۽ ڏهي وري جُڙن. هڪ پکيءَ وانگر هوائن سان گڏ پئي اُڏريس. ڪڏهن مٽي آسمانن تي ته ڪڏهن هيٺ پٽ تي. جواني جو ڪوڙو جوش. ڪنهن تي اک پئي ناهي. موهه ڪنيو وڃي ۽ وڃي سُهڻن جي در ٻاهران ٻيهاري. دريءَ جو ديدار ڪيو لڙي پهر موٽان ته عشق ۾ ٻڏل. رات جو خواب ٿي خواب. عجيب زندگي هئي. اوچتو عاشق ڳولي لڌو. هيءَ حال ڏسي کِلي پيو.

"دلبر، هميشه جيان خوابن جا سوداگر، آخر تيرا ڪيا هوگا ڪاليا."

کلي مون به اُردو ۾ ٿي جواب ڏنو: "يار اسان جو ته هيءَ حال آهي. نه خدا هي ملا نه وصال صنم، نه اِدهر کي رهي نه اُدهر کي رهي."

"ڏس سهڻا، زندگي زنده دل ماڻهن وارن لاءِ آهي. هڪ دفعو ملي آهي، وري نه ملندي. جواني به هڪ دفعو ايندي آهي، موٽ ڪاڏائين ته هٿ نه ايندي. شاديءَ کان اڳ واري زندگي اسان جي پنهنجي زندگي آهي، خاص طرح جوانيءَ وارو دؤر. پيارا، رُڳو خيالي عشق ڪبو يا دردناڪ چٺيون لکبيون يا دريءَ وارن جو اشارن وارو ديدار ڪبو اِهو سڀ بيڪار آهي، مون کي ڏس!"

مون ڏانهنس نهاريو. سهڻو مست اکين وارو مست ڪندڙ جوان. مون کي چاڻ هئي ته سندس اکين جي تيک آڏو ڪيترين ئي سهڻين ٻيهي نه سگهنديون هيون. سندس مٺن ٻولن تي به عاشق، ته سندس ناهه نُوهه ۽ ڪپڙي لٽي جي ٻيهڪ به ڪين وٽس ڇڪي ايندي هئي. مان سندس گاڏيءَ ۾ ڪيترا ئي سهڻا مهانڊا ڏسندو هيس. ڪيترن ئي گهرن ۾ سندس اچڻ وڃڻ به هيو. سندس ڳالهين ۾ ڪيترين ئي حسينائن جو ذڪر هوندو هو. ڪڏهن

ڪنهن نازنين جي ڳالهہ تہ ڪڏهن ڪيترا ئي سلميٰ ستارا ڏرتيءَ تي لاهي ايندو هو.

هڪ ڀيرو دفعا هُن چيو تہ مان پنهنجي ڪنهن پرينءَ کي هِت وٺي اچان. مون کيس سختي سان جهلي ڇڏيو. گهريتڙي بار هجڻ سان گڏ، خاندان ۽ بابي جي ناموس جو خيال، اوڙي پاڙي جو ڊپ. مون کيس ناڪار ڪندي چيو:

”ڏس عاشق! منهنجي دنيا پنهنجي آهي ۽ تنهنجي پنهنجي. مون کي اِنهيءَ جواني جي اُبتن نشن ۾ مبتلا نہ ڪر. هتي ڪير بہ نہ ايندو. دوست، مت مائٽ اچي سگهن ٿا پر ڪا حسين نازنين، ماهہ جبين نہ ايندي. يهان ڪوئي نهين ڪوئي نهين آئي گا، سمجهيئہ.“

“I don't know when you will grow up.” عاشق پٽڪيو.

هڪ ڏينهن آيو تہ چُپ هيو. سوچ ۾ ٻڏو پيو هو. هونئن ئي پاڻ ڳالهائيندو هو ۽ پنهنجا تازا ڪارناما ٻڌائيندو هو تہ مان ماٺ ڪيو ٻُڌندو هُيس. اڄ جو هو چپ هيو تہ مون بہ ڪٽي ڳالهايو.

”عاشق سائين! ڇا ڳالهہ آهي؟ لڳي ٿو تہ اڄ سڀ عاشق حسينائون ماهہ جبينون شهر ڇڏي ڪنهن پڪنڪ تي هليون ويون آهن.“

هو ٻُڏو پيو هو. نيٺ آهستي پٽڪيو ۽ چيائين:

”يار هنن حسينائن جي رولڙن ۽ ڏِکن ماري ڇڏيو آهي. مان سوچيان ٿو تہ هڪ Permanent بندوبست ٿيڻ کپي.“

”توکي هونئن بہ مستقبل بندوبست جي ڪهڙي ضرورت آهي. تنهنجو اصل عشق مبارڪ شل دائم قائم رهي. پنهنجي مگيندي تہ وٽ موجود آهي، پوءِ توکي اِنهن لوٽن هٽن جي ڪهڙي ضرورت آهي. ڇو اچي خوار خراب ٿيون آن؟ تنهنجو اِهو مگڻو بہ تنهنجي عشق ۽ محبت جو وڏو ۽ پُراڻو نشان آهي. پلا ڪڏهن ٿو شادي ڪرين تہ جان ڇُٽي.“

يڪدم جواب ڏنو هئائين:

”يار، حالتن جي توکي خبر آهي. ڪا سٺي نوڪري ملي تہ شادي ڪبي ضرور، پر تون اِهو سمجهي ڇڏ تہ تنهنجي سوچ ۽ منهنجي سوچ ۾

وڏو فرق آهي. تنهنڪري پنهنجا Sermons پاڻ تائين رَکُ. هاڻي ڳالهه ٻڌ.“

مون ڏانهنس ڏٺو ڏاڍو سنجيدو پئي لڳو ۽ مون ڪن ڪڙا ڪيا.

”توکي ياد آ تہ مون توسان هڪ ڇوڪري گلشن جو ذڪر ڪيو هو.“

منهن جي چهري تي سوال جي نشاني اُڀري آئي. الائي ڪهڙي گلشن، ڪهڙي گلبدن يا وري ڪا گل بڪاؤلي. سندس عشق جا تہ الف ليليٰ وارا هزار داستان هيا.

”اڙي يار That girl . . . جيڪا اسان جي ڳوٺ جي هئي. سندس پيءُ هتي آفيس ۾ بابي وٽ ڪلارڪ هيو ۽ سندس ماءُ ۾ هوءَ هتي اسان جي گهر ۾ اچي ڪم ڪار ڪنديون هيون. اُتي ئي پيچ لڙيو ۽ پوءِ مان سندس پيءُ جي غير حاضريءَ ۾ سندن گهر بہ ويندو هئس. سندس ماءُ کي تہ اسان جي عشق جي خبر هئي پر پوءِ پٽس کي خبر پيئي تہ ڏينهن پڇاڻان سندس شادي پنهنجي هڪ مائٽ سان ڪرائي ڇڏيائين، جيڪو هُن کان عمر ۾ بہ وڏو هو.“

”پوءِ؟ هُن جي شادي ٿي وئي تہ شهزادي جانعالم جو عشق خير خوبيءَ سان پورو ٿيو. هاڻي وري ڇا ٿيو.“

”اڙي سڄي ڳالهہ تہ ٻڌ سڄڻ! سندس مڙس واڍڪو ڪم ڪندو هو پر گڙنگ موالي هو. شڪي طبيعت جو ماڻهو هو. ڪُتي سَتي هٽي سندس هڏ گڏ پيچي ڇڏيائين. ويچاري واپس اچي مائٽن وٽ ويئي. اُن ڏينهن ماءُ سان گڏجي اسان جي گهر آئي هئي. سندس پيءُ بہ هاڻي تازو گذاري ويو آهي. پورهيو ڪري وقت گذارين پيا. ڏاڍو رُئي پئي. پاسيرو ٿي مون سان ملي تہ چيائين تہ مون تي قرب جو هٿ رَکُ، مان گولي ٿي گذاريندس. جي پيار ۽ دوستي جو هٿ نہ رکندين تہ مان زهر کائي مري ويندس. پنهنجي پراڻي پيار جا واسطا ڪڍي وڌائين. پيرن ۾ ويهي رهي. يار دلبر! اهڙي نماڻي ۽ سباجهي نينگر منهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪانہ آئي. مان ونبي ايندوسانس، پوءِ تون پاڻ فيصلو ڪجانءِ.“

”ڇا جو فيصلو؟“

منهنجا ڪن وري ڪڙا ٿي ويا. مون شڪي نگاهن سان ڏانهنس نهاريو.

"يار ڳالهه سمجهه. مون هڪ پلان سوچيو آهي ته سندس ماءُ کي هتي رکنداسين."

"ماڻس کي؟ چريو ٿيو آهين ڇا." مون سندس ڳالهه کي اڌ مان ڪٽيو.

"يار ماڻس کي ڪم ڪار لاءِ رکنداسين. مانيءَ ٺانوَ ٻهاريءَ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ."

"پوءِ ڇا ٿيندو؟"

"ڪم عقلَ! هوءَ ماءُ ۽ ننڍي ڀاءُ سان گڏ هتي ايندي. گهڙي پل مون سان به ملندي. بس ائين ٻن عاشقن کي ملائڻ جو ثواب توکي ملندو." هيءُ ثواب جو ڪم مون کي سولو نظر نه آيو.

"يار عاشق! مان مارجي ويندس. مائٽن کي خبر پيئي ته پٽ ٻاٽ مان ڪڍي ڇڏيندا. فليٽ به کسجي ويندو. بابو چڙيو ته پوءِ سمجهين ٿو. وڏو رِسڪ آهي. اِهو مون کان نه پُڄندو."

مان تپ ڏيئي اُٿي ٻاهر نڪري ويس.

"دلبر! ڳالهه ته ٻڌ ــ ڳاله ته سمجهه."

هو چوندو رهيو پر مان هيٺ لهي روڊ تي پسار ڪرڻ لڳس. هو اُتي به آيو. منهنجو سوٽل منهن ڏسي پاڪر پاتائين.

"چڱو دلبر! تون چِڙُ نه. باقي مان هلان ٿو. رات اِن ڳالهه تي سوچجانءِ:
We have to help these poor people.

پوءِ پٺ تي ٿپڪي هڻي چيائين:

"You Are a Progressive Witer and Social reformar. Be brave!"

هُو هليو ويو. عاشق جڏهن به ڪنهن ڳالهه تي زور ڏيندو هو ته انگريزي گهڻي ڳالهائيندو هيو. خوش هوندو هيو ته اُردو شعر چوندو هيو. مان جڏهن ڪنهن ڳالهه تي فيصلو نه ڪري سگهندو هئس ته اُن تي وڌيڪ نه سوچيندو هيس. معاملو وقت ۽ حالتن تي ڇڏي ڏيندو هئس. ٻئي ڏينهن منجهند جو ڪم ڪار لاهي موٽيس ته فليٽ اندران بند هيو. مون سمجهيو ته عاشق اندر

هوءَ پراڻي جُتي گسڪائيندي ٻاهر نڪري ويئي. مون ڏٺو تہ گلشن جون اکيون حيرت کان ڦاٽل هيون. هيءُ عاشق ڇا ڪندو رهيو آهي! هنڙن غريبن کي پنهنجو تہ ڪري ٿو پر کين پالي تاتي نٿو. لٽو ڪپڙو گندي هِنن بہ لهڻي." مان ڪمري ۾ آيس تہ هوءَ هلي آئي.

"سائين! عاشق ڇا چوندو. عاشق سائين قرب ڪري وٺي آيو آهي. هُن چيو تہ پنهنجو گهر آهي تہ پنهنجو گهر آهي. پئسا تہ نہ وٺبا."

"عاشق ڀلي توهان کي پئسا نہ ڏئي. پر هِتي هِن گهر ۾ جيڪو بہ ڪم ڪندو مان اُن کي سندس پورهئي جا پئسا ضرور ڏيندس. مان پاڻ بہ پورهيو ڪري ڪمائيندو آهيان. ڀلا ڇڏ اِنهيءَ ڳالهہ کي، ماني پچائي اٿو ڇا؟"

"ها، عاشق سائين ڀاڄي، اٽو چانور گيهہ وٺي ڏيئي ويو هو ۽ تاڪيد ڪري ويو هو. ڀلا ماني کڻي اچان."

مون ڪنڌ لوڏي هائو ڪئي. مون ليٽو پائي ڏٺو. رنڌڻي ۾ هوءَ ويهي ماني گرم ڪري رهي هئي. رئو لهي ويو هيس. ٻاهہ تي سندس مُنهن ڳاڙهو ٿي ويو هو. هُن ڪنڌ ورائي ڏٺو. کِلي ڏنائين:

"ٻُک لڳي اٿوَ نہ. اِجهو ٿي آڻيان." منهنجي لاءِ سڄو سلسلو نئون هو. هن گهر کي عورتاڻو هٿ لڳي چڪو هو. سڄو گهر ڌوتل اڇو اُجرو پئي لڳو.

مان ٿنگون سِڌيون ڪري پلنگ تي اکيون بند ڪري ليٽي پيس. مون کي خبر ئي نہ پيئي. هوءَ آئي، ننڍي ٽيبل ويڇهو ڪري ماني رکي پوءِ مون کي ٻانهن کان لوڏيائين. هڪ عجيب ڇُهاءُ هو. مان ٽپ ڏئي اُٿي ويٺس. هن مُرڪي اِشارو ڪيو تہ ماني کائو. مون ايڏي لذيذ ماني ورلي کاڌي هئي. هوءَ اُپي بيٺي هئي.

"ماني ڪنهن پچائي آهي."

"ماني امان پچائي آهي. ٻوڙ مون رَڌو آهي. ڇو مزو نہ آهيس؟"

"عاليشان!... توهان جي هٿن ۾ خُوب شيري آهي."

هوءَ کِلي هٿن کي ڌسڻ لڳي. پوءِ اوچتو ڇرڪ ڀري چيائين، "عاشق سائين اجا تائين نہ آيو آهي." مون سندس چهري تي هلڪي پريشاني ڏٺي. پوءِ هوءَ ٿانوَ کڻي هلي ويئي. هوءَ ٿانوَ سهيڙي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويئي هئي.

مون ليئو پاتو. ڏٺم تہ هوءَ دري ڪان بيٺي هئي ۽ شايد عاشق جو انتظار ڪري رهي هئي. مان پنهنجي ڪمري ۾ اچي ليٽي پيس. هڪ ڪم ڪار ٻيو پورهئي جو ٿڪ. مٿان لذيذ ماني، پيٽ ڀريو تہ اک لڳي ويئي. چڱي دير کان پوءِ ڀٽڪي ۽ هلڪن ٺهڪڙن تي اک کُلي ويئي. آهستي اُٿي اڳڻ ۾ کُلندڙ دريءَ جي اڌ ڀيڪڙيل سير مان اندر ڪمري ۾ نهاريم. هوءَ ڪيس ڳرهہ ٺاهي ڪارائي رهي هُئي. ۽ هوءَ ڳرهہ ڳرهہ تي سندس آڱرين کي چڪ پائڻ جي ڪري رهيو هو. هُن تہ ڪلي آڱريون هٽائي پئي ڇڏيون. ائين هُن ڳالهايو. هِن دفعي گلشن جو آواز ٻيو هو. اُن ۾ ميٺاج جا مَٽ ڀريل هيا. اوتياڻين پئي تہ ڳروءِ ڪنهن نشي ۾ ٻڏل آواز هو.

”سائين، ايڏو انتظار ڪرائبو آهي؟ صبح جا ويل، هيءَ مهل ٿي آهي. مان تہ ائين آهستي آهستي ڪري هڪ اڌ ڏينهن ۾ مري ويندس.“

عاشق هُن جو ڳرهہ روڪي ڇڏيو.

”مان توکي مرڻ نہ ڏيندس، مِٺي!“ پوءِ هُن ڪيس ڀاڪر ۾ ڪٺي ڀريو. هوءَ آهستي سندس ڀاڪر مان کسڪي اُٿي بيٺي.

”ٿانوَ رکي اچان. توهان جا هٿ ڌٽاريان. ٻانهي تنهنجي آهي. تڪڙ نہ ڪر منهنجا سائين.“

منهنجي اندر ۾ الائي ڪهڙن طوفانن ڪرُ ڪنيو هو جو مان اُتان چُري نہ پئي سگهيس. سڌو ٿي پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيس. هوءَ ڀيڪڙيل در کولي ٻاهر نڪتي. هن پاسي ڏٺائين ۽ مون تي نظر پيس. هوءَ ٻنهہ هبڪي، مُرڪي رئو مٿي تي وجهي رنڌڻي ۾ لنگهي ويئي. گلاس ۾ پاڻي ڪٺي ويئي. موٽي اچي چلمچي ۽ لوٽو هٿن ڌٽارڻ لاءِ کڻي ويئي. موٽي اچي پنهنجا هٿ ڌوتائين. مان اُتي ئي ويٺو رهيس. هر پيري مُرڪندي موٽي. اوچتو هوءَ ويهي رَهي.

”اوهان کي ڪجه کپي؟“

مون ڪنڌ ڌوڻيو. آهستي ٽنگن کي چوريو. هُن دروازو بند ڪيو. پوءِ آهستگيءَ سان ٿوري کليل دري بہ بند ڪري ڇڏيائين. مان پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس. شام تائين دماغ ڳرو رهيو.

ڪپڙا مٿي ٻاهر نڪتس. ڪوبہ آواز ڪونہ هو. شايد سُتا پيا هيا.

مان نوڪريءَ سان گڏ ڪاروبار بہ ڪندو هيس. ڪڏهن ڪائين جو تہ ڪڏهن موٽر پارٽس جو. ڏنڌي گوُنج ڪڍيا هُيا. سوچيو هيم تہ ڏنڌو هلي پئي تہ اها هلڪي نوڪري بہ ڇڏي ڏيان. پيٽرول پمپ جي مامري کي لڳو پيو هوس. رات جو دير سان موٽيس تہ فليٽ تي ڪير بہ ڪونہ هو.

ائين سمجهيم تہ ڏينهن جو ڪو خواب ڏٺو هيم. اسان هونئن ئي خوابن ۾ رهڻ وارا. ساڀيان هجي تہ اعتبار گهٽ ايندو. رنڌڻي ۾ گهڙيس تہ ماني تيار پيئي هئي. چانور دمي ۾ پٽاٽا تري ڍڪي رکي ويئي هئي. ماني ڪمري ۾ کڻي اچي کاڌم. ماني کائي ليٽيس ۽ اکيون پوريم. نہ ڪو خواب نہ ساڀيان. هت تہ سڄي ڏينهن جي وارتا ۾ حقيقت ڳُر ڪنيو بيٺي هئي. سڄي ننڊ نہ آئي. سوچيم تہ مون کي ڪجھ بہ نہ سوچڻ کپي. ائين ڇڏڻ کپي جيئن اڳ ڪندو آيو آهيان. ڏاهپ جو ڏانُ اِهوئي آهي تہ پل وقت ۾ حالتون پاڻهي فيصلو ڪن. اُهوئي سٺو هوندو ۽ صحيح هوندو. ائين فليٽ ۾ جيڪي ٿيندو رهيو مان ميٽ ۾ ڏسندو رهيس. ڪڏهن ڏسان تہ گلشن کيس زور ڏيئي ننڊ پيئي ڪرائي. ڪڏهن مٿي کي مالش پيئي ڪري. ڪڏهن اچيو منهنجي ڪمري ۾ وهن. ڳالهيون سڄي جهان جون, ڪُٺن ئي نہ. ٿهڪڙا ئي ٿهڪڙا. پر مان ماٺ! ڪڏهن عاشق کيس شاپنگ ڪرائي وني اچي, گلشن پلن وڳن ۾ پلي ٿي پيئي هئي. رنگ بہ چٽو اچو ٿي پيو هيس. هڪ ڏينهن آئي تہ چمڪا ڪندي آئي. اچي پير پلنگ تي رکي پازيب ڏيکاريائين. اچڙن پدمڙن پيرن ۾ چانديءَ جا پازيب اهڙا ٺهيس پئي جو مون بي اختيار پازيبن کي تہ ڇهيو پر نرم نازڪ پيرن کي بہ ڇهي ورتو. هُنَ تي ڪوبہ اثر ڪونہ هو. هُن کي اها بہ ڄاڻ هئي تہ مان کين لڪي ڏسندو آهيان. پر هوءَ پنهنجي پيار ۾ مست مگن هئي. عاشق کي ڏسندي هئي تہ نري پوندي هئي. منهنجو لحاظ بہ نہ ڪندي هئي. ڪڏهن تہ منهنجي سامهون مِٺيون پئي ڏينديس, ڀاڪر پئي پائينديس. منهنجو جسم سڄو ڏڪي ويندو هو ۽ مان پاڻ کي پنڊ پاهڻ ڪري ڇڏيندو هيس. مان اُن کي کيل تماشو سمجهي لنوائي ويندو هئس. رات جو ڪوبہ کيل تماشو منهنجي سامهون ڪونہ

هوندو هو. مان ۽ منهنجيون ويڳاڻيون راتيون! مون بہ عشق ۽ فراق جا درد پرايا هيا. پر هٿ سڙيا جسم ٻريو اندر خاڪ هيو. اُن خاڪ ۾ چڻنگ باقي آهي يا نہ. مون اُن رک کي ڦولهڻ جي بہ نہ ڪئي. هيءُ نئون کيل تماشو منهنجي سامهون پئي ٿيو اِهو منهنجو ٿوروئي هو؟ مُنهنجو ڇا وَڃي، ڇئي منهن ڦيري ڇڏيندو هيس.

اُن ڏينهن عاشق عاشق اڪيلو رات جو اچي نڪتو. پريشان پئي لڳو. جڏهن قصو بيان ڪيائين تہ لڳم تہ ٻيلي منهنجو بہ ڪجهہ اِنهيءَ ۾ آهي. ڇا آهي، اهو بس هيئن ٿي هو. هُن ٻڌايو تہ مائٽن سندس شاديءَ جي تاريخ رکي ڇڏي آهي. هاڻي ڇا ٿيندو.

”سو ڇا ٿي پيو؟“

”سو ڇا ٿي پيو؟ عجيب ڳالهہ پيو ڪرين! شادي کان اڳ زندگي اسان جي آهي. شادي کان پوءِ واڳ ڌٽي وس ٿي ويندي. زال ماڻهوءَ کي ڪائي ڳهي ويندي. مڙد جو ڏس پتو ئي نہ پوندو. اُها سُريت، يارڙي هوندي آهي جيڪا خوف ۾ مبتلا هوندي آهي. شيلٽر هن جو وڏو مسئلو هوندو آهي. لڳندي تہ پير ڏوئي پئي پيئندي. هيءُ تہ ڇوري ڇني ٿي ويندي، پوءِ ڪاڏي ويندي؟“

”زال لاءِ بہ تہ مڙس ڇپر ڇانءُ هوندو آهي.“ مون ڪيس وراڻيو.

”اُهو نڌڪين زالن لاءِ، پر جن جا اَبا اَمان، ڇاڇا ماما، ڀائر حيات هوندا آهن، اُهي اُن ڪيري آهر پيون ڪڏنديون آهن. جيستائين هو جيئرا هوندا آهن، تيستائين مڙسن جي جسم تي ڇَم ئي نہ رهندو آهي. باقي رهندا آهن سندن هڏا، جيڪي زالون ۽ سندن ٻار چوپي ڇپاڙي ڇڏيندا آهن. پوءِ ٻلي سندس مائٽ سڀ مري وڃن. حڪومت هنن جي هوندي آهي.“ ساهي پٽي چيائين:

”ڇڏ اِنهيءَ ڳالهہ کي، هاڻي ٻڌاءِ تہ گلشن کي ڇا چئجي.“

”تو ڪيس ٻڌايو آهي.“

”ها، مون اَڄ منجهند جو ڪيس چيو هو.“

”پوءِ؟“

”هوءَ چوي ٿي تہ ڇا بہ ٿئي، مان ڪيس نہ ڇڏيان. ڀلي بہ زالون ڪريان، پر هوءَ چوي ٿي تہ هوءَ منهنجي گولي غلام ٿي رهڻ چاهي ٿي. ڏس يار، هُن سڀ ڪجھ مون کي ڏنو آهي. ايڏو پيار تہ شايد زال بہ نہ ڏيندي. هوءَ چوي ٿي تہ دلبر سائين جيڪڏهن ساٿ ڏئي تہ پوءِ بہ اَسين هِت ملي سگهون ٿا. ڇا دلبر، ائين ٿي سگهي ٿو. تون اِهو بار کڻي سگهين ٿو.“

”جي منهنجي بہ شادي ٿي وڃي. مان هتان هليو وڃان.“

”ڀلي، هوءَ هتي رهندي. هن فليٽ جو ڪرايو ۽ سندس خرچ مان ڀريندس. رُڳو شادي پُراڻي ٿئي. يار ڪا تہ مدد ڪر يا ڪو ڏس ڏي! Wise Man.“

مون آهستي آهستي ڇوڙڻ شروع ڪيو. مون کي ائين لڳو اُهو آواز منهنجو نہ هو. ”تو پاڻ ئي چيو تہ شادي کان پوءِ زال مڙس کي ڳُهي وبندي آهي. ۽ شايد سُريت لاءِ بہ هوءَ جاءِ نہ ڇڏيندي. ڇو ٿو ٻن حياتين کي برباد ڪرين. وڃ، وڃي پنهنجي معصوم زال کي بچاءِ، جيڪا ورهين کان تنهنجي انتظار ۾ ويٺي آهي. هن غريب گلشن کي ڪيستائين اُجاڙيندو رهندين. بہ مَن نہ ڪر. ڀڄنو نہ ٿي. رستو هڪ وٺ. ڪجھ ڏينهن ٿيا، هُن جي ماءُ مون وٽ آئي هئي. رُني پئي.“

”ڇا پئي چوي؟“

”بس رُئي پئي. پنهنجي ڌيءَ جي اُجڙيل قسمت تي رُئي پئي. ٻيو ڇا چوندي، وبچاري، تو بہ تہ قهر ڪيو آهي.“

عاشق ٿپ ڏئي اُٿيو.

”تون ڪاڏي وڃجانءِ نہ، مان آچان ٿو.“

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ آيو تہ گلشن ساڻس گڏ هئي. عاشق ٻنهي منهنجي سامهون کڻي وهاريس.

”هاڻي سمجهيائينس. هيءُ نٿي مڃي، پڇينس تہ ڇا ٿي چئي.“

مون گلشن ڏي نهاريو. هوءَ ڪجهي ڪانہ، رُئي پئي.

”ڏس، دلبر بہ چئي ٿو تہ مون کي هڪڙو رَستو وٺڻو پوندو.“

هُنَ مون ڏانهن نهاريو. پوءِ آهستي ڀُڪيو.

”چئوس تہ مون کي نہ ڇڏي. شادي پَلُ ڪري پر مون کي نہ ڇڏي. توهان چئوس، مون کيِ اِنهيءَ ڪمري مان نہ ڪڍي. مون کي ٻيو ڪجه بہ نہ کپي.“

هن پير مٿي ڪري، پازيب پٽي لاٿا. ڳچيءَ ۾ پيل سوني زنجير لاهي اُڇلي. منڊي بہ لاهي هن جي ترڙيءَ تي رکيائين.

”پوءِ چئوس تہ هاڻي مون کي نہ ڇڏي. مون کان سڀ ڪجه وٺي.“

مان سندس رُئڻ ڏسي نہ سگهيس ۽ ٻاهر نڪري ويس.

”Mad Girl“، هن دفعي مون بہ انگريزي ۾ پڙڪيو.

مان اڱڻ ۾ ويهي رهيو هئس. اوچتو ڏڪن جا آواز آيا ۽ عاشق ڪمري مان نڪتو.

”يار! هوءَ چري ٿي پيئي آهي. هاڻي ڏڪ بہ هنيا اٿئين. پٽي ٿي رُئي ۽ وڙهي I cannot face her. مان تڪڙو آهيان. تنهنجي ڀاڄائي زرين جا پيءُ ماءُ ۽ مائٽ ڳوٺان آيا آهن. سندن ماني آهي ۽ ڳائڻ وڄائڻ بہ آهي. ڪا رَسم بہ آهي. مان هلانئو. تون هينئن ڪر، جو هن کي پرچائي گهر ڇڏي اچجانءِ. مون سان هلندي تہ رستي تي بہ راڄ ڪلائيندي. هن وقت منهنجي پوزيشن نازڪ آهي. ڪنهن ڏنو بہ تہ ٺيڪ نہ آهي.“

هو آهستي مون سان ڳالهائي رهيو هو. اسان کي سمڪ نہ رهي. هينئن نهاربوسين تہ گلشن پاسي ۾ بيٺي هئي هن دفعي هِن ڳوڙها اُگهيا ۽ ڪيس گهوري ڏٺائين. عاشق اُن گهور کي شايد سمجهي نہ سگهيو.

”سياڻي اچجانءِ. وڏيڪ ڳالهيون ڪنداسين. فڪر نہ ڪر جاني.“ عاشق هٿ وڌائي ڪيس پاڪر لاءِ ڇڪيو. هُن ڪيس ٺيلهو ڏنو ۽ پوءِ پاڻ وري ڪمري ۾ گهڙي بُلٽ چاڙهي ڇڏيائين.

”پاڻهي ٺيڪ ٿي ويندي. سياڻي نہ آئي تہ مان وٺي ايندوسانس.“

هو تڪڙو ٻاهر نڪتو ۽ ڊوڙون پائيندو ڏاڪڻ ٽپندو هيٺ لهي ويو. مون ٻاهريون دروازو بند ڪيو ۽ هُن جي بند ڪمري کي ڏٺم. پوءِ اندر اچي مٿ جي ٿڌي پاڻيءَ جا بہ گلاس پيتم ۽ بہ گلاس پاڻ مٿان هاريم. منهنجو سڄو جسم تپي رهيو هو. پنهنجي ڪمري ۾ اچي ويٺس. سوچيم پٽي تہ ڇا

مون اِهو سنو ڪيو. يا سُنو ٿي ويو. مون اِهو سوچيو ئي پئي ته هڪ گهگهو آواز آيو:

”تو اِهو سنو نه ڪيو. دلبر!“

مون سمجهيو ته اِهو منهنجي اندران ڪو آواز آيو آهي، پر ڏٺم ته گلشن بيٺي هئي. شايد رُنڻ ۽ رڙين ڪري سندس آواز گهگهو ٿي ويو هو.

”تون ائين ڇو ڪيو.“

”مون ڇا ڪيو؟“

”تو عاشق کي ڇو چيو ته هو پنهنجي معصوم زال کي بچائي ۽ هُنَ جي زندگي تباهه نه ڪري، تنهنڪري مون کي ڇڏي ڏئي. مان ته ڪيس شادي کان نه جهليو هو. تو هُن کي مون سان واسطو رکڻ کان به روڪي ڇڏيو. اِهو تو ڇو ڪيو؟“

مان سمجهي ويس ته عاشق سڄي الزام مون تي مڙهيو هو. مان سجاڳ ٿي ويس.

”خير خواهي جي ڏوهه آهي ته مان ڏوهاري آهيان. هو هڪ پاسي توکي سُريت يا يارڙي ڪوني رهيو هو ٻئي پاسي زال لاءِ پريشان هو ۽ چئي پيو ته هوءَ هُن کي ڇِڳهي وبندي. تڏهن چيومانس ته تون هن غريب گلشن کي ڇو ٿو اُجاڙين؟ توکي خبر نه آهي گلشن. وڏا ماڻهو جڏهن شادي ڪندا آهن ته دوستيون، ڏکن سکن جا سفري ساٿي، رڳو سفري رهندا آهن. دوستيون ۽ ساٿ سڀ ختم ٿي ويندا آهن. هُنن لاءِ نيون سُريتون، نيون دوست ٻڻجي پونديون آهن ۽ پراڻيون دوست گنل ڦٽل سُريتيون، جن جو وٽن ڏُڪو به داخل نه هوندو آهي، سندن ڪاتي ۽ ڪنڌي جا صفحا هيءَ شاهوڪار ماڻهو بندين مان ڦاڙي ڪيڍندا آهن ۽ اُنهن صفحن تي نوان نمبر هٽي ڇڏيندا آهن.“

گلشن اڪيون ڦاڙي مون کي ڏسندي رهي.

”تون ڪنهن جي به هجين، پر مون لاءِ پُر بهار گلشن ٻڻجي آئين. هيءَ گهر تنهنجي اچڻ سان مون لاءِ نيون ڳالهيون ڪٽي آيو. مان نون جذبن سان آشنا ٿيس. تو هو ڪمرو گهريو هو هيءَ سڄو گهر تنهنجو آهي. اسان کي به آزمائي ڏس.“

هاڻ هن جو ڪنڌ هيٺ هيو.

هوءَ آهستي آهستي هلندي ٻاهر هلي ويئي. مان خاموش ويٺو رهيس، فليٽ ۾ خاموشي هئي. ٻاهر روڊ رستا بہ ويران هيا. رات لڙي هلي هئي. مون پنهنجي اندران هلڪو آواز ٻڌو "ڇا هيءُ سڀ ڪجه سٺو ٿيو هاڻ سڀ ڪجه صحيح ٿي ويندو."

صحيح ائين ٿيو جو مون رنڌڻي ۾ ٿانون جو ٺڙڪو ٻڌو. ڪجه دير لڳي، پوءِ سندس قدمن جو آواز هو. اُن سان گڏ ڏنم تہ هُن بيدا آمليٽ ۽ ڊبل روٽي منهنجي آڏو آڻي رکيا.

"توهان ڪجه نہ کاڌو آهي، ڪجه کائو."

مان کيس ڏسندو رهيس. پوءِ دل جهلي ٻانهن کان ڇڪي پاڻ سان گڏ کڻي وهاريم.

"تو تہ سچو ڏينهن ڪجه نہ کاڌو آهي."

هوءَ ماٺ ڪري ويهي رهي.

مون ڊبل روٽي ۽ آمليٽ کي گڏي گرهہ ناهي، سندس وات تائين کڻي ويس. هُن عجيب نظرن سان مون کي ڏٺو. پوءِ ٿورو نئڙي گرهہ ورتائين. هُن جي اکين ۾ اجا بہ پاڻي پريل هو پر هن دفعي اُهو پاڻي ڪجهہ ٻيو هو جو هُن هٿ وڌائي گرهہ ناهي مون کي کارايو. مون سندس سهڻين آڱرين کي ڏٺو. مون اُنهن کي چڪ نہ پاتو نہ وري کيس ڇڪي ڀاڪر ۾ آندو. ماني پوري ٿي، هُن ٿانوَ کنيا، پاڻي پيارپائين، منهنجا هٿ ڌوتائين ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي.

مان ليٽي پيس، آهستي آهستي اکيون ٻوٽجيون پئي وڃون. گهڙي پل لاءِ سمڪ نہ رهي. اوچتو مون محسوس ڪيو تہ ڪو منهنجي مٿان بيٺو آهي. ٽپ ڏيئي اُٿي ويٺس. گلشن بيٺي هئي.

"سائين، هن مهل مان گهر نہ ويندس. رات هِتي ئي رهنديس."

"ڀلي، ڀلي. جيئن تنهنجي دل چوي. سوير هلي ڇڏي ايندوسانءِ."

"مان هُن ڪمري ۾ بہ نہ سُمهنديس. هِتي ئي توهان جي ڪنڌ پاسي کان پئي هونديس."

هوءَ وهاڻو کڻي پلنگ جي پيرانديءَ کان ليٽي پئي. مون ڪيس اُٿاري سنئون ڪري پنهنجي پاسي کان سمهاريو پئي تہ هوءَ منهنجي ٻانهن ۾ جُهلي پيئي. آهستي سُرٻات ڪندي چيائين:

”دلبر سائين! مون کي پنهنجو ڪندين، مون کي پناهہ ڏيندين.“

پوءِ سُڏڪو ڀري چيائين: ”هن اُجڙيل گلشن کي سُريت ڪري رکندين؟“

منهنجي جسم ۾ سيسرات ڀرجي ويا. مون سندن ڳوڙها اُگهيا ۽ مِٺيون ڏنيون.

”مان جيسين جيئرو آهيان مون سان تون گڏ ئي گڏ هوندين.“ پوءِ مون کيس پنهنجي پاسي ۾ سمهاري ڇڏيو.

****

يادگيرين جي چار مان نڪرڻ سولو نہ آهي. اوچتو ٻاهرين در تي ٺڪ ٺڪ ٿيو. مان ڇرڪ ڀري اُٿيس. جيئن در کوليم، ڏٺم تہ گلشن بيٺي هئي.

”اڄ تون سوير ڪيئن آچي وئينءَ. اندر عاشق ويٺو آهي.“

”مان سوير ڪانہ آئي آهيان. روز واري وقت تي آئي آهيان. رات ٿي وئي آهي، ننڊ پيتي اٿوَ ڇا؟“ کلي چيائين.

مون کي يادگيرين جي درياهہ ۾ ترڳندي ڪو وقت لڳو هو.

”تون نئين گهر هل. مان عاشق کي روانو ڪري اَچان ٿو ۽ پوءِ گڏجي مونڌاسين. تنهنجو هجڻ ٺيڪ نہ آهي. ڇتو ٿيو ويٺو آهي.“ مون ڀڻڪو ڪيو.

”ڀلي عاشق هجي. مان ڪو ڪانئس ڊڄان ٿي؟ اِهي ڪوڙا عاشق مون کي ڇا ڪندا؟ تون رُڳو سچو هُج، منهنجا دلبر سائين.“

مُرڪندي اڳتي وڌي ڏٺائين تہ در ڀنيان عاشق بيٺو آهي. هوءَ ٻنهہ نہ هبڪي. کيس نظرانداز ڪندي سڌو مون واري ڪمري ۾ هلي ويئي. عاشق مون کي پاسي ڪري فليٽ جو دَرُ بند ڪري سڌو ٻئي ڪمري ۾ وڃي ويو.

”Oh! I see تو ئي ڪاٽ هنيو آهي!... پاڙي، ٻُزدل، گيدي!... Coward cunning fellow... تون دوستي جي نالي ۾ ڪاريهر نانگ

آهين... تو مون کي ڏنگيو آهي... مان توکي نہ ڇڏيندس.“ هُن جو آواز وڏو ٿي ويو هو. هو ڪاوڙ ۾ مون ڏانهن وڌيو.

”خبردار, جو دلبر سائينءَ کي هٿ لاتو اٿئي.“

گلشن آواز ہڏي, ڊوڙي هِن ڪمري ۾ آئي هئي.

”گلشن! هن توکي برغلايو آهي. دوکي سان مون کي پري ڪري, توکي پنهنجو ڪيو آهي.“ عاشق هن کي ڏسي, ڪيس ٿڏائيءَ سان چيو:

”دوکو هي ڇا ڪندو دوکو تہ تو ڪيو آهي, ميان عاشق حسين! اڙي مان تنهنجي سُريت آهيان, يارڙي آهيان, رکيل آهيان. اڙي مان تہ تنهنجي همسفر ۽ دوست رهي آهيان. ڏکن سُکن جي ساٿي. مون تہ توسان اڻ ميو پيار ڪيو هو. جيڪي عورتون پيار ڪنديون آهن ۽ پنهنجي محبوب سان شادي ڪري نہ سگهنديون آهن, ڇا سي سڀ سُريتون, يارڙيون ۽ رکيل هونديون آهن؟ تو ڪيئي لينگها لتاڙيا هوندا. ڪيئي گلشن لُٽيا ۽ لتاڙيا هوندا. تو هئڙو ڪو گلشن ڏنو جيڪو پاڻ تو وٽ لُتجڻ لاءِ آيو ۽ وَرُ وَرُ آيو تہ پلي منهنجو پرين مون کي لٽي ۽ لتاڙي. تنهنجي عشق ۾ هِن هڪ ڇري غريب ڇوڪري ڇا ڪجه نہ ڪيو. تو نہ اَجهو ڏنو نہ ڇُوڙ ڏنو. زال کي ڪپڙو لٽو اجهو ڇُوڙ نہ ڏيندين؟ ميان! ڳالهہ ہڏ. زالن ۽ يارڙين سا سُريتن ۾ ہہ ڪو خاص فرق نہ هوندو آهي. اهو هر مڙد جي هلت چلت ۽ روش تي ڇڏيل آهي. هاڻي ڏسان تہ تون پنهنجي زال کي زال سمجهين ٿو يا وري يارڙي--“

عاشق جو منهن ڪاوڙ وچان ڳاڙهو ٿي ويو.

”هاڻي وڌيڪ نہ ڳالهاءِ. مون کي خبر آهي تہ اِهي ڪتاب ڪهاڻيون ناول پڙهي, فلمون ڏسي ڊائلاگ پئي هڻين. تون بنهہ کري پئي آهين.“ هُن مون ڏانهن نهاريندي چيو. گلشن ہہ تپي بيٺي هئي.

”ها مان کريل آهيان. اگ توسان کريل هيس, هاڻي هِن سان.“ هُن مون ڏي اِشارو ڪيو ۽ اچي منهنجي پرسان بيهي رهي ۽ ياڪر پائي مون کي مِٺي ڏنائين.

هاڻ عاشق تهان پوءِ ٿڏو ٿي ويو.

وسايم. اِنهيءَ وچ ۾ سوچيم ته مان ڪيس ڪيئن ٻڌايان ته اسين زميندار ۽ سرمائيدار طبقي جا نوجوان پنهنجي خاندان ۽ هڪ جهڙن مان مڱڻا ڪندا آهيون، شاديون ڪندا آهيون، اُن سان گڏ ڪيئي سُريتون، يارڙيون چئو مستريس چئواِهي نالا مَٽ ڪري، پاڻ وٽ رکندا ضرور آهيون، پر اُنهن سان شاديون نه ڪندا آهيون.

بتي وسائڻ کان پوءِ ڪمري ۾ اونده ڦهلجي ويئي هئي. آهستي آهستي رڙهندو اچي پلنگ پيڙو ٿيس. پوءِ گلشن کي ياڪر ۾ ڪٽي پريم. سندس مُک کي چمڻ لاءِ نئڙيس ته اونده جي ڪري ڪوبه نقش نمايان نه هو. نه حسن جا جلوا ظاهر هيا. اُت هاٿي انيڪ ڳوڙها ٽانڊاٽن جيان ٽمڪي رهيا هئا. مون کي ڏاڍا وڻيا. مون پنهنجي چپن سان اُنهن چلڪندڙ چمڪندڙ ٽانڊاٽن کي ڇهيو. يڪدم سندس ٻانهن جو سونيون چوڙيون کڙڪيون. هٿ وڌيو ته سونيون منڊيون به چمڪيون. هُن اُن هٿ سان ريشمي رئي جو پلاند کٽي ڳوڙها اُگهي ڇڏيا. ائين سڀ ٽانڊاٽا وسامي ويا. هاڻ اُت ڳچيءَ جو هار ۽ پنڙا رئي هنڻ ڪري چمڪڻ لڳا.

مون کي ائين لڳو ته اِنهي سوني وکر جو ڪو به ملهه ڪونه هيو. اِنهيءَ سڄي چلڪ چمڪ ۾ ڪجه نه هيو. جيڪي هيو سو اُنهن ٽانڊاٽن جي ٽمڪڻ ۾ هيو. لڳم ته اونده ۾ جڏهن ڳوڙها ٽانڊاٽا بڻجي ٽمڪندا آهن ته اُنهن جو ملهه ئي ڪو ٻيو هوندو آهي. خاص طرح هنن غريب ٻي وس ڇوڪرين لاءِ ته هيءُ ڳوڙها، هيءُ ٽانڊاٽا، اَمله هوندا آهن.

❑

# هيءُ زهر ڪير تہ پيئندو؟

استاد شفيع محمد جي جيئن 1936ع جي پراڻي گهڙيال تي نظر پيئي تہ هو اهڙي ئي پراڻي ڪرسيءَ تان ٽپ ڏيئي اُٿيو. هو ٽنگڻيءَ ڏانهن وڌيو مس تہ گهڙيال ٻہ ٽڪاءَ هنيا. هن جيئن ٽڪر ۾ صدري ۽ ڌوتل پوتل اڇو وڳو ٽنگڻيءَ تان ڇڪي لاٿو تہ ٽنگڻي سوڌو وڳو ۽ صدري هٿ ۾ هيس. هن وڳو ڪٽ تي رکيو ۽ ٽنگڻي پٽ تي ڦهڪائي، ڪوڪا ساڳين سوراخن ۾ اٽڪائي هٿ سان ڪٽي نوڪيا. ٽنگڻي اُهائي ٽنگجي بيهي رهي. هن کي ان جو فڪر نہ هو جو ائين روز ٿيندو هو. هن وڳي ۽ صدري کي چنبڪو ڏنو ۽ پوءِ وڳو پائي مٿان اڇي صدري اوڍي ڪٻٽ ڏانهن وڌيو جنهن جا طاق ٻہ اُلڙيا پيا ها. هٿ وڌائي ترڪي ٽوپي ڪڍي پوءِ هڪ برش ڪڍيو جنهن سان ترڪي ٽوپي کي صاف ڪيو. برش رکي ڪٻٽ جي هڪ طاق تي لڳل آئيني ۾ ڏٺو. ٽُرڪي ٽوپي مٿي تي بيهاري ان کي جائيتو ڪيو ۽ پوءِ وري ڪنڌ ڪان رکيل مُنئي وارو لڪڻ کنيون تکو وريو. هاڻ هو آڳر ۾ هو جت سندس هڪ نياڻي ٿانو پيئي ڌوتا. ٻي نياڻي اگڻ ۾ نهيل ڇپر واري بورچيخاني ۾ ماني پئي پچائي. ٽين نياڻيءَ ٻهاري پئي ڏني. هو جيئن ٻاهرئين دروازي وٽ پهتو تہ ڇوڪري ڊوڙندي آيس.

”بابا بابا، اِهو ڇا، هاڻ تہ اسڪول ٽائيم تي پهچڻو ٻہ ڪونهيو پوءِ اِها تڪڙ ڇا جي؟“

هو ڇرڪجي بيهي رهيو. پوءِ هوءَ کيس ٻانهن کان ڇڪي ڇپري ۾ وٺي آئي. هڪ منجي تي کيس ويهاري ٻي منجي ريڙهي پاڻ وٽي ۽ مکيل ڊگڙي ڊبڪي ۾ وجهي آڏو رکيائينس. هن ڪاڙهيل چانهہ، ڪومچي سان ننڍڙي ديگڙي مان ڪڍي سندس آڏو رکيل ڪوپ ۾ وڌي. هو چپ چاپ ڊگڙي پور پور ڪري وات ۾ وجهندو ويو ۽ مٿان منئي چانهہ جا ڍڪ پريندو رهيو. هن ڪوپ کي ڏٺو سڄو ڏريل هو. هن رنڌڻي ۾ نهاريو پڳل سڳل ٿانو. اڱڻ تي نظر وڌائين، پور ٿيل سرون، ڪڏا ۽ ڪوبا. پٽيون پُريل ۽ ڏارون ٿيل سرون. هو

نهاريندو رهيو ۽ چپ چاپ ڪائيندو به رهيو. بي خيالي ۾ دٻڪي ۾ هٿ هنيائين. دٻڪي خالي ٿي وئي هئي. هو آهستي آهستي اُٿيو. ٻاهرئين در ڏانهن وڌيو. پوءِ مُڙي ڏيءَ کان پڇيائين، "عمران اُٿيو آ؟"

"بابا توهان به ڪمال ڪيو ٿا. هو هاڻ اُٿندو!"

هن ڪنڌ لوڏيو ۽ پوءِ ٻاهر لاءِ اُٿيو ئي ته سندس نياڻي ويجهو آيس. "بابا، سيڌو ڪيڏي ويو آ. هاٽي عثمان بقالي به اوڌر تي سامان نٿو ڏئي. اڄ ته ڪجهه سامان وٺيو اچجو."

پٽس ڪنڌ لوڏيو.

"ٻيو بابا شاهينا ۽ رضيه جا ڪپڙا به ڦاٽي پيا آهن. سندن گنديون ڏسو ٿا ـــ ڪي ٻه وڳا ته وٺي ڏيون." استاد پنهنجي وڏي نياڻي شانان ڏي ڏٺو ته سندس گندي به ڦاٽل هئي ۽ سندس وڳي ۾ به حال ڪونه هو. هو وڌيڪ نه ڪڇيو. وري به ڪنڌ لوڏيو ۽ سندس ٽوپي جو ڦندڻ ڦري آيو. پوءِ هو در پٺي ٽيڙي پري ڪري ٻاهر نڪتو. سامهون ئي غفور بيٺو هو. غفور رازڪو ڪم ڪندو هو ۽ استاد شفيع محمد جا پاڙيسري به هو ته يار به. غفور وڏي اچي هٿ ڏنس.

"استاد، هيڏانهن ته ڏس، سڄي جاءِ ڏري پئي اٿئي. ڪنهن به مهل هلي ويندءِ. سؤ دفعا چيو اٿمانءِ ته ڪجهه ته مرمت ڪراءِ نه ته وڏو نقصان ٿيندءِ. اڙي يار، مان ڪو توکان پيسا ونندس، رڳو سرون ۽ مزور ڪپن. گاري سان ئي ٻيهاري ڏيندو سانءِ."

استاد شفيع محمد ڪا گهڙي ٻڌندو رهيو پوءِ آهستي ڪُلندو ويو. "يار، توکان حال ته ڳجهو ڪونهي، ڇهون مهينو ٿيو آهي رٽائر ٿئي. هونئن به پرائمري ماستر يا هيڊ ماستر جي پگهار گهٽي. هاڻ ته پگهار به بند ته پينشن به بند. روز وڃان ٿو اسڪول، من پينشن جا ڪاغذ نهي آيا. هجن ۽ منظوري ملي هجي. ٿي نياڻيون گهر ويٺيون آهن. ڇوري عامر جي خبر اٿئي، نه پڙهيو نه ڳڙهيو. ڪيڏو سوچيو هيم ته پڙهي ڳڙهي آفيسر ٿيندو پر ڪيس لوفرپائي کان ئي فرصت ناهي. توکي به چيم ته پلا ڪو ڪم سيکارينس. توته ها ڪئي پر ڇورو به بيهي. گهر ڪِري يا مان ڪِران، ڪو فرق نه پوندو

غفور سائين! دعا ڪر، اڄ وڃان ٿو من ڪو پينشن جو منهن سر نڪتو هجي.“

اُستي غفور اوچتو سندس سورن کي روڪيو ۽ هو سُري وٽس آيو.

”ٻي ڳالهه ٻڌ. ٻڌو اٿم ته پٺهين هيروئن وڪڻي به ٿو ۽ پيئي به ٿو. ڪا خبر اٿئي؟“

استاد شفيع جي ترڪي ٽوپيءَ جو ڦندڻ ڦرڻ لڳو.

”نه يار، مون ته نه ٻڌو آ. نه ڪيس نشي جي حالت ۾ ڏٺو آ. لوفرڙو ضرور آهي، سندس ناني ڪيس ڪاري ٻُهر ڪري ڇڏيو. گهڻو ٽٺو وٽس رهي، ۽ ڏوڪڙ به اُنهيءَ ڪان ڦُري. اهڙي ڳالهه نه آهي پاڙي ۾ ته تون به ڏسين ٿو.“

”نه يار، هن پاڙي ۾ نٿو ڪري. ناناڻي ويندو آهي نه. اُنهي پاڙي ۾ اوسي پاسي هنتڙي به هٽندو آهي.“

”ماري وجهانس، موتي اچان ته وٺ پڪڙ ته ضرور ڪندوسانس. شام جو گڏ آهيون.“

هن ڳالهه کي لنوايو ۽ تڪڙو ٿيو. پر سندس دماغ صفا ڦري ويو هو. هن جو ڪنڌ جيڪو اڳ ٿورو ڏڪندو هو هاڻ وڏيڪ ڏڪڻ لڳو. ٽوپيءَ جو گل لڏڻ لڳو. هو سوچ ۾ هو ڪيس شڪ پوڻ لڳا. ڪيترن ڏينهن کان هن ڏٺو پئي ته پٺس جو رنگ مَٽيل هو. پيلا وڳا، نوان بوٽ، گل ڪيڏيل وار، ٻانهن ۾ نئين گهڙي. هن سمجهيو ته نانيءَ کي پائرن وٽان ٻني ٻاري جا ڪي نوان ڏوڪڙ اچي ويا هوندا. پئي ڏوهٽي تي لُٽائي. هاڻ هو ڪجهه سمجهي پيو ته آخر ناني ڪيترو ڏيندس. ڪيس پٺهنس جي يتيم ٻارن کي به پالڻو آهي. سند زال بيمار ٿي ته سسٽس دوا درمل ۾ مدد ڪيس. گذاري وئي ته جماڻا، چاليها ۽ ختما پئي ڪيائين. وٽس ڪو خزانو ته ڪونه هو. هئس ٻنيءَ ۾ پائرن سان اَباڻو حصو. ڪڏهن وڌ ڪڏهن گهٽ، پهچائي ويندا هُيس. هو اهڙن خيالن ۾ هو جو واٽ ويندي ماڻهن سلام پئي ڪيس ته ڪنهن کي وعليڪم سلام ٿي چيائين ته ڪنهن آڏو ڪنڌ لوڏي اشارو پئي ڪيائين ته ڪنهن کي نپ جواب. اوچتو ڪنهن وڏي واڪي سڏ ڪيس.

”او استاد سائين، بادشاهي برقرار، بابل سائين.“

هن ڪنڌ ورائي ڏٺو. مولي ڏنو موالي، اوتاري کان هيٺ ٿيو بيٺو هو.

”چو يلا ڪهڙي خيال ۾ آهيو استاد. اڄ سائين آمن شاهه جو سلام به نه پريوَ دعا به نه گهريوَ خير ته آهي؟“

هن يڪدم ڪٽي هٿ اُيا ڪيا ۽ پڙ پڙ ڪري ڪٽي منهن تي هٿ گهمايا.

”موليڏنا. تڪڙو آهيان ان ڪري نه ٿي بيٺس.“

”پر سائين ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن. نذر نياز به بس! ان کان ته عرمان پلو ڇٽبو جو هاڻ روز اچي ۽ درگاهه وسائي ڇڏي اٿائين.“

استاد شفيع محمد، موالي موليڏني کي جيڪو درگاهه آمن شاهه جو ٻهاريندار به هو، گهوري ڏٺو.

شڪ جا دروازا وري کُلي پيا. هو آهستي آهستي چُريو پر موليڏنو ڪيڏ آيس.

”بابل سائين، عمران کي ته موڪلجو. ڇٽجوس ته سندس يار انتظار ۾ وينا آهن.“

پوءِ پيپلا ڏند ڪڍي کلڻ لڳو. استاد پٺ ورائي ڏٺو.چار پنج ڇوڪرا اوتاري جي پاسي کان بيٺل نم جي وڻ هينان موالين وانگر ڪنڌ لاڙيو پيا هيا..

هن هاڻ رک تکي ڪئي. موليڏني جا پيلا ڏند ۽ کلڻ وارو نمونو کيس نه وڻيو. هاڻ سندس من ۾ شڪ جو پوکيل ٻوٽو وڏي وڻ ٿي ويو.

هو جيئن بزار مان لنگهيو ته ڪيترن ماڻهن يا دڪاندارن اُٿي ٻهي کيس سلام ڪيو ۽ کيڪاريو. استاد شفيع محمد پراڻو استاد هو. سڄي شهر کي پڙهايو هئائين. سندس عزت هئي پر الائجي ڇو اڄ جنهن به کيڪارس پئي يا سلام ڪيس پئي، هن کي ائين پئي لڳو ته هو هاڻ اهو سڀ ڪجهه رسمي طور تي پيا ڪن ۽ کين سندس پٽ جي افعالن جي خبر پئجي ويئي آهي. هو چُپ چاپ لڪڻ ٽيڪيندو وڌندو رهيو. ڪنهن کي مرڪي کيڪر جو جواب ٿي ڏنائين يا هٿ ٿي ٻڌائين پر سندس دماغ جاءِ تي نه هو. هر هر کيس من اِهوئي پئي چيو ته اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته هڪ استاد جو پٽ

هيروئنچي ٿئي ۽ هيروئن وڪڻي. ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو. اوچتو هڪ همراهہ دوڪان مان ٽپ ڏيئي اڳيان اچي بيٺس. هن سڃاتو عثمان بقالي هو. هُو عثمان جي دوڪان تان سيڌو سامان کنڌي تي کڻندو هو. کيس ياد آيو تہ اڄ سيڌي لاءِ ڏيڍس بہ کيس چيو هو ۽ کيس اها بہ خبر هئي تہ عثمان جي اوڌر چڱي خاصي ٿي هوندي. هو هاڻ ڪڏهن ڪڏهن شاهي بزار واري گهٽي لنوائي ويندو هو پر اڄ بيخيالي ۾ پراڻي پنڌ پيو هو. هن کي خيال آيو تہ هن کي سيڌي ڏيڻ لاءِ چوي پر عثمان هٿ ڏيندي ئي شروع ٿي ويو.

”استاد سائين، ناراض نہ ٿجو. پر هاڻ ڳالهہ چڙهي ويئي آهي. ڇهن مهينن کان کنڌي ۾ اوهان رپيو بہ جمع نہ ڪرايو آهي. اوڌر هزارن ۾ اچي پهتي آهي. مان وڏو واپاري تہ نہ آهيان. اڳ بہ چيو هيم پر هاڻ تہ دوڪان هلائڻ مشڪل ٿي پيو آهي. اوڌر وارا مهيني سوا اندر پيسا ڏئي ويندا آهن پر اوهان جو حساب ڳرو ٿي ويو آهي.“ هو اجا ڪجهہ ڪڇي تہ پر واري ڪپڙي جي دوڪان مان سيٺ هريرام لهي آيو.

”استاد اسين بہ اُميدوار آهيون. اڳين ٻن عيدن جي اوڌر ڪاتي جي تنگ ڪنيو بيٺي آهي.“ سوڙهي بزار ۾ ٽي چار ماڻهو بيٺا هئا تہ ٻيا بہ بيهي رهيا. هن هيڏانهن هوڏانهن لوٽو هنيو. پاسي وارن دوڪانن جا مالڪ هن ڏانهن گهوري ڏسي رهيا هئا. استاد کي محسوس ٿيو تہ سڄي بزار کيس ڇٽر وارين نظرن سان گهوري رهي آهي. هن آهستي هٿ سان سندن گفتگو کي روڪيو. خشڪ ٿيل نڙي کي کنگهي آلو ڪيو. هن ڪوشش پئي ڪئي تہ کين هلڪي لهجي ۾ سمجهائي، پر سندس آواز ڏاڍيان ٿيندو ويو ۽ ان ۾ شايد صبح کان ٿيل وارتا جي ڪوڙاڻ بہ شامل هئي.

”بابا مري تہ ڪونہ ويو آهيان، اڃا جيئرو آهيان. رٽائر ٿيو آهيان پر سُڃو ڪونہ ٿيو آهيان. توهان جي اوڌر ڪڏهن رهي آهي جو وچ بازار ۾ ڪٺي جهليو اٿوَ. دير سوير پئي ٿيندي آهي. پر ڪو مرم پويو ٿو. ماڻهو ئي نٺا ڏسو. وڏيوَ تہ وچ بازار ۾ هٽي کنهن شريف ماڻهوءَ کي پٽڪي لاهي ڇڏيو. وڏيوَ تہ لفظن جا تير تفنگ هڻو وڏيوَ تہ ماڻهوءَ کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو وڏيوَ تہ....“ استاد شفيع محمد جو آواز ويو بلند ٿيندو. اهڙو بگڙيو جو وٺ نہ ڏئي.

ٻنهي دڪاندارن ڪٽي ماٺ ڪئي. هڪ ٻيا دوڪاندار، جن جي هلڪي سلڪي اوڏر رهيل هئي، جن پريان بيٺي تماشو ڏٺو. تپ ڏئي واپس دوڪانن ۾ گهڙي ويا. استاد شفيع محمد ٻڙٻڙ ڪندو لڪڻ ٽيڪيندو، بازار ٽپي اچي پرائمري اسڪول جي ميدان ۾ گهڙيو. پرائمري اسڪول جي پراڻي جهريل عمارت سندس سامهون هئي. جيئن هو جوش ۾ وراڻدي ڏانهن وڌيو ته سندس نگاهه ٻن ٽن ماسترن تي پيئي، جيڪي اسڪول جي ورانڊي هيٺان ويهي ڪچهري ڪري رهيا هئا. سندن هٿن ۾ سگريٽ هئا ۽ دونهان ڪيڍي رهيا هئا. هڪ ٻن جو ڪيس ايندي ڏٺو ته سگريٽ وسائڻ ۽ لڪائڻ جي ڪئي. يڪدم هڪ همراهه روڪين.

"اڙي سگريٽ ڪي مفت جا آهن ڇا جو زبان ٽا ڪريو. استاد ڪو هاڻي اسان جو هيڊ ماستر ٿورئي رهيو آهي. روز اچيو اسان تي رعب ٿو رکي. ڀلي اچڻ ڏيسو سگريٽ ڦٽو نه ڪجو."

استاد سهڪندو سندن پرسان پهتو. ڪيس ڪلاس ڇڏي ٻاهر سگريٽ پيئندي ڏنائين ته ٻنهه ٻرُ تي ويو. اڳيئي ڇتو ڪيل هاڻي ته گگ پئي وهيس. "اڙي استاد ٿيا آهيو! شرم نه ٿو اچيو؟ هڪ ته ڪلاس نه ونو ٻيو ٻاهر ويهي ٻيڙيون ٽا پيو. ڇورا ڇا سکندا. ڪاٽي آ توهان جو هيڊ ماستر غلام علي، ڇهه مهينا ٿيا اٿس پر اسڪول جو منهن ڪارو ڪري ڇڏيو اٿائين. جي مان روز خبر نه لهان ته پيننگ تي وڃي."

اوچتو سندس نظر اسڪول جي عمارت جي پڇاڙي تي پيئي، جتي ڀت جي اوٽ ۾ ٽي چار ننڍا وڏا ڇورا وينا دونهان ڪيڍي رهيا هئا. ڪي ليٽيا پيا هئا. الائي خالي سگريٽ يا نشي جا سگريٽ پئي پيتائون.

"اڙي هو ڏسو منهن ڪارو پيو ٿيوَ. هاڻي ته نشو به هلي ٿو. لخ جي لعنت هجيوَ."

هو ڪين گاريون ڪيڍندو سهڪندو هيڊ ماستر غلام علي جي آفيس ۾ در ڪي ستاڪ ڪري ڪوليندي اندر گهڙيو. غلام علي به پن جي ٻيڙي وات ۾ جهليو دونهان ڪيڍندي سوچ ۾ ٻڏو پيو هو. اوچتو جو در ٽڪاءُ ڏٺو ته هن

چرڪ پريو ۽ ٽپ ڏيئي اُٿي بيهي رهيو. 'ڪٿي ڪو اسڪول جو صاحب ته نه آيو آهي،' پر استاد شفيع محمد کي ڏنائين ته پيٽ ۾ ساهه پيس.

'سائين اڄ ته ساهه ڪڍيو هُيوَ" هن کي ڪاوڙ ۾ ٻڙٻڙ ڪندي ڏنائين ته غلام علي چوڻ لڳو "سائين مان ڇا ڪيان. توهان جي پينشن لاءِ ايس ڊي او جي آفيس به ويو هوس. توهان به ته ٻه ٽي دفعا ويا آهيو. هاڻ هو ڪاغذ نٿا ڪڍن ته مان ڇا ڪيان. توهان به دنياداري ڪيو نٿا. ڪجهه ڏوڪر اڳواٽ گهرن ٿا. اوهان به ٽڪو پيسو ڏيو نه ته ڪاڳر ڪيئن نهندا؟"

هو اڃا وڌيڪ ڳالهائي ته هن ڏٺو ته اُهي چارئي اُستاد سامهون بيٺا هئس ۽ انهن جو منهن ڦريو پيو هو. هن سمجهيو ته ڳالهه مڙئي ڪا ٻي آهي. استاد شفيع محمد نٽپ هنيو بيٺو هو. هو جيسين ڳالهائي هڪدم هڪ استاد وڏي واڪي ڳالهايو:

"سائين جي پينشن نهي يا نه، اسان ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو روز اچيو بيعزتو ڪيو وڃي. ڪڏهن ڪنهن استاد کي بڇڙو ڪيو وڃي ته ڪڏهن ڪنهن کي. اڄ به اسان چئن کي ٻُجا ۽ گاريون ڏيئي هيڏي آيو آ. اها جي صورتحال آهي ته اسان ڪم ڪونه ڪنداسين. اگ ته پاڻ هيڊماستر هو ته اسان سَنو پئي. هاڻ ڪو اسان جو صاحب آهي جو پيو بڇڙو ڪري."

غلام علي هيڊ ماستر يڪدم پڙڪيو.

"سائين ائين ته نه ڪيو."

"ائين نه ڪيان؟ ماستر ورانڊي آڏو بيهي شاگردن جي سامهون سگريٽ پيئن، ڪلاس ڇڏيو اچن. ڪين ڪجهه نه چئجي. ڪين وهڻ جو ڪمرو به ڏنم ته اُتي وڃي ٻاڙَ پوري ڪيو پر هاڻي هو اگهاڙا ٿيو بيٺا آهن. ڇورا سندن سامهون ويٺا سگريٽ پيئن. الائي نشو ٿا ڪن. سندن ئي منهن ڪارو پيا ڪن، پر آهي ڪا هنن بيشرمن کي سَمَڪ؟"

استاد شفيع محمد اڃان وڌيڪ ڳالهائي ته ساڳئي استاد جنهن استادن جي ٽولي جي اڳواڻي پئي ڪئي، سندس تقرير کي روڪيو ۽ هيڊماستر غلام علي ڏانهن نهاريندي چيو. "هاڻي بس، اسان وڌيڪ گاريون نه کائيندا سين. سائين اسين وڃون ٿا. هاڻ توهان ويٺي ويهي اسڪول

هلايو.“ چارئي ڄڻا ٽپ ٽپ ڪندا نڪري ويا. غلام علي ڦان ٿي ڪرسيءَ ۾ ڪري پيو. استاد شفيع محمد ڪا گهڙي بيٺو رهيو پوءِ هڪ ڀڳل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ڪمري ۾ سانت هئي. ٻيئي چپ هئا. هيڊماستر غلام علي ڪجهه چوڻ لاءِ چپ کولي وري بند ڀڙي ڪيا. استاد شفيع محمد ڇت کي گهوري رهيو هو. ائين سانت ۾ اوچتو اسڪول جو گهنڊ وڄڻ لڳو. گهنڊ جو آواز هن دفعي ايڏو تيز هو جو هو ٻيئي ڄڻا ڇرڪ ته نند مان ڇرڪ ڀري اُٿيا هجن.

هنن هڪٻئي ڏانهن نهاريو ۽ سوچيو ته اڃا رسيس جو ٽائيم به نه ٿيو آهي، پوءِ هيءَ گهنڊ؟ ائين هڪ استاد جيڪو نائب به هو اندر گهڙيو.

”سائين، استاد ڏاڍا ڪاوڙيا آهن. وٺ ئي نٿا ڏين. هنن پاڻ گهنڊ وڄائي موڪل ڪري ڇڏي آهي. هو چون ٿا ته استاد سندن بيعزتي ڪئي آهي. هاڻ جي استاد ايندو رهندو ته هو نه ايندا.“

هو ڏڪوئجي ويو. ٻارن جي گوڙ ۾ جوش وارن آوازن استاد شفيع محمد کي ڏڪويو. هن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. نائب ڪيس رئندي ڏسي پاڻي ڀري آيو. هن پاڻي جا ٻه ڍڪ پيتا.

پل ۾ ٻارڙن جا آواز پري ٿيندا ويا ۽ پوءِ چوڌاري چپ چپات ٿي وئي. هو آهستي آهستي اُٿيو ۽ ڳالهائڻ کان سواءِ هيڊ ماستر جي ڪمري مان نڪري آيو. ورانڊي مان هيٺ لٿو ته هن ڏٺو ته سندس ناهيل ننڍڙو باغيچو به سُڪي ۽ ويران ٿي ويو هو. ڪنهن ان کي پاڻي به نه ڏنو هو. گل ٻوٽا ۽ ڇپر سڙي خاڪ ٿي ويا هئا. هو ڪا گهڙي بيٺو رهيو. ڳوڙها وري جاري ٿي ويا. هو تڪڙو تڪڙو ميدان ٽپڻ لڳو.

ميدان پورو ٿيو. هن جي سامهون هاڻ گهرن جي گهٽين جو جار وڇايل هو. هن گهٽين ۾ گم ٿيڻ کان اڳ پوئتي ورائي اسڪول جي عمارت کي ڏٺو. هو ڪا گهڙي ان ڀڳل سڳل عِلم جي گهر کي گهوريندو رهيو. پوءِ هن کي احساس ٿيو. هاڻ ته اوڏانهن وڃڻ لاءِ مٿس بندش پئجي وئي آهي. هن گهورڻ بند ڪيو.

هن جون اکيون وري ڳوڙهن سان پرجي ويون. هاڻ اها عمارت کيس چٽي به نظر نه پئي آئي. هن يڪدم اسڪول جي عمارت کي پٺي ڏني ۽ پوءِ هڪ گهٽيءَ ۾ گهڙي پيو.

هو گهٽيون لتاڙيندو هليو پر کيس لڳو ته سندس من اهڙو منجهيل آهي جو سُٽ جيان منجهيل گهٽيون کيس دڳ نه پيون ڏين. ائين جيئن هو هڪ وڏي ۽ موڪري گهٽي لتاڙي رهيو هو ۽ اوچتو چرڪ پريائين. پريان هڪ نينگر تيز ڊوڙندو آيو ۽ کيس ڌڪيندو پاسي واري گهٽيءَ ۾ گهلبيندو ويو. پهريائين ته کيس ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي پوءِ ڏٺائين ته هيءُ سندس پٽ عمران آهي. عمران يڪدم به ننڍڙا پُڙا قميص جي کيسي مان ڪڍي سندس صدري جي ٻنهي کيسن ۾ دٻائي زور سان اندر وڌا، پوءِ آهستگيءَ سان چيائين:

"بابا، هيءَ امانت اٿو ڪو ماڻهو ڪٺڻ ايندو."

ائين چئي هو اڳتي ڊوڙندو ويو ۽ ننڍين گهٽين جي جار ۾ گم ٿي ويو. هُن کيس گُم ٿيندي ڏٺو ۽ سامهون ڏٺائين. کيس به ٽي اڇن ڪپڙن وارا ماڻهو نظر آيا، جيڪي ڊوڙندا وڏي گهٽيءَ مان الوپ ٿي ويا. هو ڪا گهڙي بيٺو رهيو پوءِ هن کيسي مان هڪ پُڙو ڪڍيو. پُڙي ۾ ڪافي پڙيون پيل هيون. هو سمجهي ويو ته اِهي اُهي ئي پُڙيون آهن، جيڪي 'پُڙيون' سڏبيون آهن ۽ جن جو ذڪر اُستي غفور ساڻس ڪيو هو.

هن پٽ لاءِ ڪيڏا نه خواب ڏٺا ته پڙهي ڳڙهي ڪو وڏو آفسر بڻبو. لاڏ پيار کيس مئٽرڪ فيل تي بيهاريو هو. ڪا گهڙي اُن پاسيري ننڍي گهٽي ۾ بيٺو سوچيندو رهيو سندس بت وڏيڪ پگهرجي ويو پوءِ ڳرين وکن سان اڳتي وڌيو ۽ وڏي گهٽي ۾ داخل ٿي پنهنجي رُخ ۾ هلڻ شروع ڪيائين. گهٽي پوري ٿي ته هو آمن سائينءَ جي درگاهه وٽ هو. اوتاري آڏو موليڏنو موالي بيٺو هو.

"سائين آبڪاري وارن ڇاپو هنيو دلبر عمران ائين ڇانگ ڏيئي ڀڳو جو فرشتا به نه ونيئس. انهي گهٽي ۾ اڏار ڪيائين.

توهان سان مليو؟ استا، شفيع محمد چپ بيٺو رهيو. ڏٺائين ته موليڏنو بي اونو هو. هاڻ اوتاري ۾ ڪوبه ننڍو وڏو موالي ڪونه هو. استاد جي ڇهري

پوءِ هن ڏٺو تہ عمران سوٽ بوٽ ۾ گهر ۾ داخل ٿيو. سندس نياڻيون پلن وڳن ۾ ملبوس، هٿن ۾ طعام، ساڻس گڏ اچي بيٺيون آهن. اوستو غفور بہ پٺيان آيو ـــ مزور ساڻ، هٿن ۾ تيشي ۽ مارو. ”استاد. جاءِ جوڙيون پيا.“

ائين استاد غلام علي هيڊ ماستر گهڙي آيو ۽ چيائين، ”استاد پينشن بہ اچي ويئي اٿو.“

استاد گدگد ٿيڻ لڳو. پوءِ هن اکيون کوليون پر اُتي تہ ڪير بہ نہ هو. دروازي ڏانهن ڏٺائين، دروازو بند هيو پوءِ هن وري اکيون بند ڪري ڇڏيون جو اُتي تہ ڪير بہ ڪونہ هوا!

❑

# رومانس جي خودڪشي

ڪجھ عرصو ٿيو تہ ڪنهن اخبار ۾ هڪ مضمون جو عنوان پڙهيم: "خودڪشيءَ جو رومانس"

وري هڪ نوجوان ليکڪ جي ڪتاب جو عنوان پڙهيم: "خودڪشي جو رومانس." وري سنڌ ۾ روز عام جام خودڪشين جا واقعا خبرن ۾ پڙهيم تہ وري عنوان اچڻ لڳا: "خودڪشي جو رومانس."

هر معاشري ۾ خوڪشيءَ جو تصور ڪڏهن بہ وڻندڙ يا قابل قبول نہ رهيو آهي، توڙي جو اُن جا سَو دليل هجن. اُن سان، اُن ماڻهوءَ نينگرن يا نينگرين جي ذڪر، جداين جو خاتمو ٿيندو هجي تہ خدا کي خبر پر اُن دوران سندن توڙي اُن کان پوءِ واسطيدار عزيزن قريبن جو ڪهڙو حشر ٿئي ٿو اُهو وڌيڪ دکدائڪ ۽ تڙپائيندڙ آهي. پر ڳالھ اِها آهي تہ خودڪشي 'سان' رومانس آهي يا خودڪشي 'جو' رومانس آهي، اِهو ڪجھ سمجھ ۾ نہ ايندڙ قصو آهي. سمجھڻ لاءِ ڪٿي ڊڪشنري کوليم. ڏٺي پلو ڪري عزيزم عبدالرشيد ميمڻ جو جنهن وڏي جاکوڙ کان پوءِ انگريزيءَ مان انگريزي ۽ وري اُن جي سنڌيءَ ۾ معنائن سان ٽن جلدن ۾ ڊڪشنري پڌري ڪئي آهي. وڏي محنت ڪئي اٿائين. ڪٿو ڪاسو دوستن ۽ اسان جو بہ هيو. ياءُ شمس کي جو جلد موڪليائين، تہ مون ڪٿي قبضو ڪيو. ڪٿي کوليان تہ Suicide (خودڪشي) جي معنيٰ لکيل هئي: 'پاڻ گهات، آتم هچا، آپ گهات، پاڻ مارڻ، خودڪشي وغيره وغيره.' وري لکيل هو Suicide pact جي معنيٰ 'ٻن ماڻهن جي وچ ۾ آپ گهات جو معاهدو' وري Suicidal جي لاءِ لکيل هو تہ 'آپ گهاتڪ، نقصانڪار، خودڪشي ڏانهن راغب ڪندڙ تباهڪار، تباهيءَ طرف ويندڙ وغيره.' سوچيم تہ 'مارا هيءَ تہ وڏي سلسليوار واردات آهي. هڪ پاسي خودڪشي معنيٰ پاڻ مارڻ يا آپ گهات ڪرڻ، تہ وري ٻئي پاسي آپ گهات جو معاهدو ڪري مرڻ.'

پر جاڻايل اِهو معاهدو Unitcd Nations Pacts جا معاهدا يا NATO جهڙا معاهدا تہ نہ آهن. جن ۾ گڏ مرڻ جيئڻ جا واعدا هوندا آهن. پر وقت تي ٽيندو ائين آهي،" چڙهہ جا بيٺا سولي، پر ۾ پڳوان پلي ڪري گا." پر ڪي معاهدا جيڪي ايفائي عهد نہ ٽيندا آهن شايد اُهي Suicidal هوندا آهن. جنهن جي معنيٰ لکيل آهي خودڪشي ڏانهن راغب ڪندڙ يا تباهيءَ طرف وٺي ويندڙ. جيئن شايد عاشق معشوق گڏ جيئڻ مرڻ جا واعدا ڪري زهر گڏ پيئندا آهن. خبر تڏهن پوندي آهي جڏهن هڪ جو زهر سچو هوندو آهي ۽ ٻئي جو ملاوت مليل. چون ٿا تہ روميو جوليٽ وارو رومانٽڪ قصو اصل ۾ هيئن هو تہ ٻنهي گڏ مرڻ جو معاهدو ڪيو هو. جوليٽ نڳي ڪري ملاوت يا نشي وارو زهر پيتو هو. پاڻ بچي ويئي، روميو وچي ڏٽيءَ کي پرتوا شيڪسپيئر يا ٻين بہ ڪٽي جوليٽ کي اَمر ڪيو تہ هُن خنجر ڪٽي پاڻ کي هنيو. پر ڪي چون ٿا تہ اِئين نہ هو جوليٽ جيئري رهي ۽ خوش ٿي اُن همراهہ سان شادي ڪيائين. جنهن ڪيس عجيب زهر آٽي ڏنو هو جو هوءَ ڪجهہ وقت لاءِ نہ جيئرن ۾ هئي، نہ مئلن ۾. (نوٽ: دروغ برگردن راوي) سائين! ڇا بہ هجي، پر اهڙا داستان بہ آهن. جن ۾ رومانس جي چاشني ڏاڍي وڻندڙ ۽ جيئري رهڻ وارن جذبن کي پالي تاتي وڌو ڪري ٿي.

هڪ ڏينهن هڪ همراهہ زندگيءَ مان ڏاڍو مايوس ٿيو ۽ خودڪشيءَ جو پڪي سوچيائين ۽ اچي مون سان صلاح ڪيائين. مون چيو مانس،"چريو ٿيو آهين، خودڪشي پيري ڪر پر Suicide Pact واري ڪنهن سان رومانس ڪر، اٽبرابري وارو رومانس. ان کي ڏٺا پوزيون ڏيئي، ٻئي جهان ۾ ملڻ ۽ ميلاپ وارا سبز نيرا پيلا ڳاڙها خواب ڏيکار. پوءِ هڪ معاهدي هيٺ خودڪشي ڪر، اَمر ٿي وبندين. ان طرح سچي ڳالهہ کي رومانوي بڻاءِ" وري جو عزيزم عبدالرشيد جي ڊڪشنري مان Suicidc Pact جي معنيٰ ڏيکاري وري Romanticizc ڪرڻ جون ڪيتريون معنائون ڏيکاريون مانس تہ وري پڇيائين تہ،"سائين رومانس ٿيندو ڇا آهي."

مون وري ڊڪشنري کولي رومانس Romancc جون ڪجهہ معنائون ٻڌايون."حيرت انگيز واقعو رومانوي داستان، معاشقو مبالغہ آميز رنگين

گاڏي، من موهڻي سنڌ جا سير ڪرائيندي، سنڌو درياهه بادشاهه جون ڇوليون پسائيندي، ڪٿين بيٺ، پيٽ، پيٽارا پارڪرائيندي، کيرٿر جبل جي جُسي ۽ جان مان لنگهندي، لڪيءَ وٽ پير صدرالدين شاهه بادشاهه واري لَڪُ ٽپي، قلندر جي ننگري سيوهڻ تي ساهه پٽائيندي هئي. مان سڄو رستو گاڏيءَ جي دريءَ مان بيون قديم ۽ قديم قدرن جي امينن جون وستيون، مانجهند، سنُ، آمري، قديم رٽي ڪوٽ ڏانهن ويندڙ رستو ڏسندو لڪ ٽپندو، لڪي شاهه صدر وٽ درياهہُ جو آباد ڇهچ سائو پيٽ ۽ ڇرون پسي اندر ۾ خوشي محسوس ڪندو هئس. سائين صدرالدين بادشاهه کان اجازت پني، قلندر سائينءَ جو پري کان چمڪندڙ مقبرو ڏسي، دل مان اِها دعا نڪرندي هئي تہ "بادشاهه! هيءُ سرسبز ۽ آباد سنڌ جي ننگري هميشہ آباد رکجانءِ."

سيوهڻ جي اسٽيشن ماڻهن سان سٽيل هوندي هئي. ٻهڪندڙ ڇهرا، ملڪان ملڪ کان آيل آسروند، چوڌاري نعرا نينهن جا. گاڏي جيئن قلندر سائينءَ جي مقبري وٽان موڙ مَٽيندي هئي تہ "سنڌڙيءَ جا شهباز قلندر.......حق قلندر.........دما دم مست قلندر" جا نعرا لڳندا هئا. خدا آباد، بوبڪ ڏسندا، دادوءَ جي جادونگريءَ ۾ داخل ٿيو هو. ڪي دوست ڦوٽي ۽ کير واري خوشبودار چانهہ کنيو بيٺا هوندا هئا، مُرڪون ئي مُرڪون هيون. لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو.............. ڪامريڊ سوڀي جو شهر! دوست سليم خواجہ يا ديوان گوپال داس انب کنيو ٽفن جهليو بيٺا هوندا هئا. حبيب ڪوٽ جنڪشن ٽپي شڪارپور پهچبو هو تہ سڳنڌ ئي ٻي هوندي هئي. ڪي دوست شڪارپوري خوشبودار ڪلفي ۽ ديوان جي سگر واري منائي کنيو ايندا هئا. هٿن ۾ ڳچيءَ ۾ گلاب ۽ موتئي جون ڪنڊيون، چوڌاري خوشبو ئي خوشبو! ماڻهن ۾ چرپر ۽ حياتيءَ جا اهڃاڻ پسي خوش ٿيندو هئس. شڪارپور نينهن وارن ۽ شوقينن جو شهر آهي. حسن سان گڏ خوشبو سندن سينگار آهي. جيڪب آباد......جان جيڪب جي گهڙيال ۽ ٽاور وارو شهر. عبدالڪريم گدائي، غالب لطيف، فتاح عابد ۽ سڏايي جو شهر، قرب وارا چانهہ جهليو بيٺا آهن. رات بہ لڙي هلي آ. گاڏي آهستي آهستي بلوچستان جا ٻرپٽ ميداني علائقا، جهٽ پٽ، ڊيره مراد، سبي، لتاڙيندي،

جابلو علائقا ٽپندي، ٻن انجڻين سان ڏوڏات ڪندي، ڇُرن ۽ غارن (ٽنيلز) مان ٽپندي، صبح جا نظارا پسائيندي اچي ’آب گم‘ پهچندي هئي. هن اسٽيشن تي ٽڪر جي ڪمرن ۾ چانهه، حلوو پوري ۽ پڪوان. جابلو سيءَ جو مزو الڳ. ٽڪ ٻڪ لهي ويندا هئا. ماڻهو جڻ هڪ پوري رومانٽڪ دور مان لنگهندو هڪ نئين رومانس ۾ قابو ٿي ويندو هو. اوچتو خبر پڙهيم ته ريلوي اختياري وارن بولان ميل بند ڪري، زندگيءَ جي هڪ روان دوان سفر کي ٻنڊيو ڏئي ڇڏيو آهي. ائين جڻ ڪنهن وهندڙ پاڻيءَ جي وهڪري يا مست سفر کي ٻنڊيو ڏئي ڇڏيو هجي. مون پڙهيو ۽ منهنجي اندر ۾ هن سفري رومانس مرڻ شروع ڪيو. دوستن، خاص طرح عزيزم غلام رباني زور ڏيئي چيو ته”رومانس کي ٻنهه مرڻ نه ڏي، تون هاڻ ٽي ان گاڏيءَ ۾ وري وڃي چڙهه. توڙي ڪٽي اُها هاڻي بولان ميل نه رهي آهي. ڇاڪاڻ ته مهيني اڌ ۾ اها به بند ٿيندي اڃان ويل وئي ناهي. تنهنجي اندر ۾ وهندڙ رومانس ڪجهه وقت لاءِ يادگيرين ۾ ته زنده رهندو.“ سو هڪ ڏينهن وڃي گاڏي ۾ ورُ چڙهيس. هيءَ اُها ميل نه هئي، ٻن ڇئن گاڏن واري لنڊي پئسينجر پئي لڳي. عمر ڏٺاسين خواب سهڻا سهڻا، سو خواب ساڻ ڪري دل کي دلبو ڏيئي چيم ته ڪا ڳالهه نه آهي. سنڌ جي عشق کي ورُ مچائڻ لاءِ، اُن جي ماڻهن، ماڳن، مڪانن، اسٽيشنن، جبلن، سنڌو دريا جي مست پنڌ ۽ وهڪري کي پسڻ ۽ ملڻ لاءِ، اُنهن سان رومانس کي زنده رکڻ لاءِ اِهي لنڊيون به چڱيون. بلوچستان جو حُسن الڳ ڏسبو.

ڪوٽڙيءَ کان گاڏي هلي، ٻگل گاڏا، ٻگل دريون. ائين لُڏان پيو. جڻ ڪنهن ڇڪڙي ۾ وينو هجان. پر عشق عشق آهي. مان دريا شاهه کي ڏسڻ لاءِ ڪڏهن هڪ دريءَ کان، ڪڏهن ٻيءَ دريءَ کان پئي ڦريس. دريا شاهه پَٽا ڏيئي گم ٿي ويو هو. ڄامشورو به ٽپي آياسين. دريا شاهه، جيڪو سنڌ جي گجگوڙ هو سنڌ جي مستي، موج ۽ سُڪار جو اهڃاڻ هو ٻنهه پَٽا ڏيئي ويو هو. واري ۽ مٽي پئي اُڏاڻي! ڪٿي ڪٿي سنواريل پاڻيءَ جا ڍُبا هئا. جيڪي ٻڌائين پيا ته هتان ڪڏهن ڪو درياهه شاهه نالي واٽهڙو لنگهيو هو. جيڪو هڪ مسافر جيان هيو. الائي سفر جي ڪهڙي موڙ تي دڳ وڃائي ويهي رهيو.

ٻيٽارا، ٻيٽ، ڍنڍيون، ڍورا سڀ سُڪل هيا. صدرالدين بادشاهہ نٿهڻ ۾ هيو وڻ سُڪي ڪوڪلا ٿيل هئا. لَڪ وٽان هيٺ نهاريم، سرسبز پَٽن ۾ پوکن جي جاءِ تي نوٽ ڏرتي هئي. چمڪندڙ ڇوليون هٽندڙ ڇرون جڻ زمين اندر پيهي ويون هيون. ڪرڪنا ٿيل هن گاڏيءَ سيوهڻ تائين پهچائيندي سج لاهي ڇڏيو هو. اسٽيشن تي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو هئا. چڙهيا تہ ڏٺم تہ سندن منهن پيلا ۽ لٿل هئا. حالي احوالي ٿيا تہ چيائيون،"قلندر جي ننگريءَ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بجلي ڪانهي. چون ٿا تہ لوڊشيڊنگ آهي. پيئڻ لاءِ پاڻي ڪونهي، دريا شاهہ سڪو پيو آهي، واهہ واتر بہ سُڪا پيا آهن. فصل سڙي ويا آهن. شايد دريا شاهہ جي بہ لوڊشيڊنگ ٿي آهي." ڳالهائين پيا تہ سندن اکين ۾ لڙڪ اوتجي پيا اچن. گاڏي هلي تہ ڪو نعرو ٻڌڻ ۾ نہ آيو. ايترو ضرور ٿيو جو قلندر سائينءَ جي مقبري ويجهو موڙ وٽ گاڏي پهتي تہ ڪيترن ئي دعا لاءِ هٿ کنيا. هڪ نوجوان، جيڪو پڙهيل ڳڙهيل هو سو دل جي درد سان پُر هيو. دانهن ڪندي سُر سان شاهہ پڙهيائين:

اندر جُهڙ جهور وهي ٻهر ڪڪر نہ ڪوءِ،

وسائي سا وجڙي جنهن کي حُب هوءِ،

لالن جهين تِن اوڪاڻين نہ اکيون،

پيو جوان هر هر اِها دعا پيو گهري:

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار.

ڪنهن چيس تہ اڳتي بہ چيءُ تہ ڳوڙهن گاڏڙ ڪل ڪليو ۾ آڱر مٿي ڪٽي چيائين" اڳتي سندس مرضي." سيوهڻ کان اڳتي بہ ويراني هئي. اوندهہ هوندي بہ پسجي پيو تہ خدا آباد جا زبون پراڻا آثار وڌيڪ ويران هئا. ٻوٽڪن واري ساوڪ جو هڳاءَ بہ نہ هو. لڳو پئي تہ سوڪهڙي جو شڪار هئي. ٻوٽڪن جي پنگ جڻ تہ سڙي وئي هئي، پر شايد نشئي طوطا بہ اُڏامي هليا ويا هئا. دادوءَ جو جادو پورو ساروهو. هڪ يار آيو، وبندر کان سڙيل چانهہ جو ڪوپ وٺي پياريائين. اصل نسل خوشبو واري چانهہ جو پڇيو مانس تہ

گاڏي هلندي هلي ۽ مان سوچيندورهيس:"هئه ڙي سنڌ، تنهنجو دريا بادشاهه وجائجي ويو ساوا پَٽ برپٽ بڻيا، نه سلا نه گاهه، مينهن ڪير ڏيڻ ڇڏيو. پيئڻ لاءِ پاڻي ڪونهي. سنڌ ۾ غريبن جو ڪاج پڪوڙو به پاروٺو. انب رُس ڇڏي ويا. ماڻهو اُباڻڪا، پيلا منهن. ڳٽتين ڳاريل، باقي رهيو ڇا؟" شڪارپور جو بورڊ ڏٺم ته خوش ٿيس ۽ سوچيم ته ڪي يار ضرور آيا هوندا ۽ ڪا لکي دروازي واري ڪلفي ڪٺي آيا هوندا. تپ ڏيئي لٿس. اُنهيءَ همسفر ساٿي ڪي شڪارپور ۾ لهڻو هو. مون لهي پنهنجن يارن کي ڳوليو پئي ته سوري آيو. پڇيائين ته ڪنهن کي ڳوليو ٿا. ڇا چوانس؟ چيم"يار! سُئي پيو ڳوليان." هو واٽڙو ٿي ويو. "يار، دوستيون ۽ قرب جو ساٿ هاڻ سُئي مثل رهيو آهي. پل ڪلفي يا منائي نه کارائين ها پر اچن ته ها." کلي چيائين."سائين اديب آهيو تڏهن ائين چئو ٿا. ٿي سگهي ٿو شڪارپور کي شرم کان پرچاڻ لاءِ نه آيا هجن. نه ڪير ،نه بجلي، نه برف. رجيل پاڻي واري ڪلفي کارائين ها ڇا. ديوان جي اصل ڪلفي ۽ سگرن واري منائي هاڻ خواب رهيو آهي." مان چپ ڪري گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺس، ڪائنس موڪلايم به نه.

گاڏي جيسين جيڪب آباد پهتي، منهنجو سڄو سارو سنڌ جو رومانس چڙيون هٽي رهيو هو. مون اجان اُن کي مرڻ نه ڏنو. تپ ڏيئي جيڪب آباد تي لهي پيس. هاٽي ڪهڙا وجي حلوا، سيرا، پوريون، پڪوان کاوان يا بلوچستان جي مٺي جي سڄنڌ ڏيندڙ کُمرن ۾ وجي چانهه پيان يا ٿڌڙن مٺن سيئن جو مزو ونان. گاڏي گذري ته جيڪب آباد جي اسٽيشن بنهه ويران ٿي ويئي. هٽ به ڪير اڳ جيان چانهه جو ٿرماس ۽ بسڪوٽن جا پُڙا کڻي نه آيو هو. اُهي يار دوست شايد جان جيڪب جي مَرم شرم کي پرچائڻ ڪارڻ نه آيا هئا. نه وري هاڻ اُت گدائي هو يا فتاح يا غالب هو. هڪ خالي بينچ تي آهلي پيس."هيءَ سفر ڪيڏو نه پيانڪ هو." وسوسن انديشن اندر گهر ڪري ورتو هو. مان موٽي پنهنجي پوٽڙي سلمان ارشد کي ڇا ٻڌائيندس، جنهن کي اُٿندي وهندي دريا شاهه، سنڌ جي سونهن، ماڻهن جي سُڪيي ستابي هجڻ جا داستان، وفا محبت ۽ بهادريءَ جا قصا ٻڌائيندو هئس. هاڻ سلمان انهن آسُن ۽ اُميدن تي وڏو ٿي رُج پسي مايوس ٿي ڇا نه ڪندو؟ مان ڏڪي ويو هئس.

صبح ٿي ويو هو. آهستي وجي نل تان منهن ڌوئي. ٽيلهڙو ۽ خالي هٿ لوڏيندو اسٽيشن کان نڪتس. دوستن جي گهرن کان لنگهيس. اُهي سڀ دربند هئا. جيڪب آباد اڄ مون کي آباد نہ پئي لڳو. پراڻي ميونسپلٽي پرسان اُنهي ديوان جي هوٽل تي آيس، جتي دال پوري، پاڃي ڦلڪا، مڇي يا پلو تريل ملندو هو. اڄ اُت ڪاريءَ وارا ڪک هئا. اڳيان هڪ ٻيو هوٽل هو. وڃي ويٺس. بيرو ڦري آيو. ”ڇا کائيندو ۽ ڇا پيئندو؟“ ”ابا ڪا مڇي، ڪو پلو ڪا مڱن جي دال. ڪو ڦلڪو ڪا ڍڳڙي“ بيرو کلي پيو. ”سائين ڪهڙن ڏينهن جي ڳالهہ ٿا ڪيو؟ پاڻي ليپي ڪونہ..... ڇا جي مڇي، ڇا جو پلو. فصل ٿيا ڪونہ. مڱن جي دال بہ مهانگي، ڪير چاڙهي؟ چيم ”يا ڪو ڏس پنڌ؟“ وراڻيائين ”سائين ٻڌو اٿم تہ درياهہ ۾ پاڻي آيو آهي. سکر روهڙي وڃو. شايد اُتي ملي پوي. باقي چانهہ پرانو چئو تہ ڏيانو.“ مون چانهہ گهرائي، اُوڦراٿو هاڻ پرانُو پرائو ٿي ويو هو تنهنڪري اُنهيءَ کان پاسو ڪيم. ڪا ڍڳڙي يا ڦلڪو هجي ها تہ کٽي کاوان ها. بسڪوٽ چانهہ سان کاڌم. اُتان اُٿيس تہ بس اسٽينڊ لاءِ ٽانگو ڳوليم. سوچيم تہ ٽڪ ٽڪ ڪندو گهوڙي جي سنبن سان سُر ملائيندو پراڻن واقف رستن کي سجاڻندو منجهيل من کي پرپائيندو ڪو مزو وٺندس. چيائون تہ سائين هاڻ ٽانگا گهٽ ، ڪيونچڪي تي وڃو. هيءَ موٽر سائيڪل سان جوڙيل رڪشا جهڙي سواري هئي. ٽپ نينگ ڏيندو هليس. ٽانگي وارو رومانس تہ پورو ٿي چڪو هو. بس هلي تہ اُهي ئي سوڪهڙي وارا نظارا. سارين جا ٻيجارا سڙيل هئا. ڪن تہ ٻيجارو ئي نہ ڪيو هو. ماڻهن ۾ اِها ئي ٻُولاچاري هئي. هن رستي تي ڪئين ئي پنڌ ڪيل هئا. علي نواز پنهور جي ڳوٺ، آباد، مفتون ۽ نياز همايوني جو شهر همايون، آغائن ۽ پٺاڻن جو سلطان ڪوٽ، عجيب ماٺ، مايوسي ۾ موڳائي هئي. شڪارپور ٿيي سرسبز سي، اينڊ ايس ڪاليج وٽان لنگهيس تہ اُهو بہ اُجڙيل هو. جهانو لڪي لنگهياسين. ٻهراڙيءَ جي هوٽلن تي ماڻهو چانهہ تي ائين ويٺا هئا، ڄڻ ڪي پياڪ غم غلط ڪري رهيا هجن. سکر جو شهر برابر شهر هو پر ڪو ڪاڏي پئي ڀڄو ويو ڪو ڪاڏي، افراتفري جو عالم هو. مان نئين پل تي نئين بس اسٽينڊ تي لٿس. رڪشا ملي ويئي،

چيومانس، ”يار چون ٿا سنڌوءَ ۾ پاڻي آيو آهي. پري کان ڏسڻ آيو آهيان. چون ٿا تہ ڏنيرو بہ آهي تہ پلو بہ آهي. يار اُتي وٺي هل تہ ڪو دريا شاهہ جو ديدار ڪيون.“ رڪشا وارو ٻهرياڻين منهنجي منهن ۾ ڏسڻ لڳو پوءِ يڪدم چڙهي ويٺو. ڦٽ ڦٽ ڪندو سڌو بند روڊ تي دريا شاهہ جي ڪناري تي رڪشا بيهاريائين. مون کي ٻانهن کان وٺي، بند تپائي اشارو ڪري چيائين،”هُو ڏس پنهنجو دريا شاهہ“ هڪ واهڙُ هو جو وهيو پئي. ڪي ٻيڙيون پاڻيءَ جي آسري سُڪيءَ تي بيٺيون هيون. سنڌوءَ جاڪنارا آسارا آسارا هئا. هڪ جهونو مهاڻو سُري آيو. مون کي سڃاتائين. ”سائين، توهان مرحوم رشيد ڀٽيءَ جا دوست آهيو نہ. توهان رشيد سان گڏجي ڏنيرو وٺڻ ايندا هئا. تڏهن تہ پلا بہ جام مرندا هئا. اڄ پلي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. سير آهي ئي ڪانہ تہ پلي جي سواري ڪٿان ايندي، ڏنيري ۾ ڏينهن لڳندا . ڪو پاڻي چڙهي، ڪو مالڪ کي رحم پوي، ڪو دريا شاهہ کي جوش اچي. ڏنيرا ڪُرڙا ڪوڙ.“ مان ماٺ ميٺ ۾ موٽي اچي رڪشا ۾ ويٺس. چيومانس تہ روهڙي اسٽيشن هل، ڪا گاڏي حيدرآباد لاءِ ملي ويندي مان نہ مَلڪن نہ سيدن ڏي ويس، جو سندن سور سُڃهيا پئي. مون سڃي واٽ رشيد کي ياد پئي ڪيو جنهن سان سکر آباد هو. اياز ۽ رشيد ڀٽي پوڻ پيڙا ٿيا. رڪشا وارو، جيڪو ڏاڍوفهميندو هو تنهن آرام سان هلي اسٽيشن آڏو ٿلهي تي رڪشا بيهاري، پئسا ڏنامانس تہ چيائين.“ سائين، اوهان نٿا سڃاڻو آءٌ بہ رشيد ڀٽيءَ جي پاڙي جاگيراڻي پاڙي جو آهيان. ننڍو هئس تہ مون اوهان کي سندس اوطاق تي ڪئين ڀيرا ڏٺو هو. ٻگن سائين (رشيد ڀٽي) جهڙا ماڻهو نہ رهيا تہ سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو آهي. بگن سائين جهڙا سخي، قربائتا، بهادر ماڻهو هليا ويندا آهن تہ درياهہ بہ سُڪي ويندا آهن. سو سائين، آءٌ پئسا نہ وٺندس.“ مون کيس حيرت مان ڏٺو. هو پنڌپهڻ ٿيو ننڍپ هنيو بيٺو هو. مون کيس ڀاڪر پاتو پيار ڪيو پر هو مون وانگر مايوس نہ هو جو هن منهنجو چهرو پڙهي ورتو هو. پوءِ چيائين ”نيٺ هيءَ لُڙ لهي ويندا. ڏسو مان بي.اي پاس آهيان پر پنهنجي محنت ۽ پورهيي سان سکيو ٽڪر کان ٿو. سنڌ جي ڪُک هميشہ سائي رهي آهي اسين نوجوان پنهنجو پاڻي ورائينداسين. هر

نئون نسل سنڌڙي کي آباد رکندو ايندو پيو اوهان جهڙن سجاڻ ماڻهن سان بہ اُٿيا ويٺا آهيون. اهوئي اسان لاءِ گنج آهي، اُهو بہ تہ ڪنهن ڏينهن ڪم ايندو. مان هڪ گاڏيءَ ۾ چڙهي پيس مون کي هوش نہ هو. چاڪاڻ تہ منهنجي اندر ۾ گهڻو ڪجهہ پچي پيوهو. ائين لڳو پئي تہ چڻ ڪو مري ويو آهي. شايد منهنجي رومانس خودڪشي ڪري ڇڏي هئي.

پر چوندا آهن تہ"جيئڻ ڪارڻ جيڏيون وڏا وس ڪيام." سنڌڙيءَ سان هيءُ رومانس مرندي مرندي شايد ڪا اميد جو هڪ ڪرڻو ٻاري ويو هو. اُهو هو رڪشا واري نوجوان جو ڪردار ۽ اندازا مون سوچيو تہ خالي هٿين گهر وڃان پيو. ننڍڙو سلمان، ڪا نہ ڪا شيءِ گهرندو تہ پوءِ مان ڪيس اُن رڪشا واري پورهيت جي ڪهاڻي ٻڌائيندس، جيڪو اجان بہ ننپ هنيو اسٽيشن تي اُميد جو اهڃاڻ بڻجي بيٺو آهي. سندس پيشاني منهنجي رومانس جي آخري چمي سان چمڪي رهي آهي.

(هڪ ڪالم ڪهاڻي)

❑

درد ۾ وچوڙي جا ماريل چوندا آهن تہ سانت پاڻ هورا ڪورا جو نالو آهي. سانت ۾ ئي تہ طوفان ڊوڙندا ايندا آهن. سڪون تہ سانت جي خوفناڪ خاموشي ڪان ڊجي ڀڄي ڀئي پاسي هليو ويندو آهي. مون سان بہ اُهائي ڪار هئي. اندر جي پيڙا اُهوئي چاڻي جيڪو اُنهيءَ پيڙا سان گڏ رهي ٿو. مون سان تہ ورهين ڪان راند پئي ٿي. پيڙا، ڏک، جهوريون جي گڏ هيون، تہ 'پيار' ۽ 'اميد' جون سانتيڪيون گهڙيون بہ تہ گهاريون هيم. اج جڏهن سڀ هٿيار ڦٽا ڪري پيڙو جڻ هوائن جي حوالي ڪري آيو هيس ۽ پانيو هيم تہ شايد ائين ئي مالڪ کي منظور آهي، تہ هورا ڪورا وڌي وئي هئي. ائين مون سڀ ڪجهہ وسارڻ پئي چاهيو پر هيڏو اَجگر جيڏو بارُ ڪير کڻي! توهان جي بار کڻو تہ کڻي هيءَ پري لاهي توهان جي ڪُلهي تي چاڙهي چڏيان. پر بار کڻندو باري جي گهڻو بار سمجهو تہ پل لاءِ ئي کڻو پوءِ پلي لاهي ڦٽو ڪجو ۽ يقين رکو تہ مان وري کڻي وٺندس. جي گهڙي پل لاءِ بار کڻندو تہ هنياءَ تان تورُ تہ جهڪو ٿيندم. يارو! اهڙي سولائي ڪريو تہ جوُد ڪريو.

هاڻي ٻُڌو مان هن وڏڙي ڳوٺ جو پراڻو رهواسي تہ نہ آهيان، پر هن ڳوٺ جي چپي چپي کان واقف آهيان جو مان پرپاسي جي ننڍڙي ڳوٺ جو رهواسي آهيان. پنڌ گهڻو؟ بس، ڊوڙي ايندو هوس. هوُ جو اوندهہ ۾ بہ جرڪي پيو. اُهو ماڙي وارو حاويلي وانگي ڪچو پڪو وڏو گهر، رئيس ڪريم بخش جو گهر اٿو. هو تر جو چڱڙو زميندار هيو. اسان سان ڪا مائٽاڻي لِچ هيس. ماڻهو پلو ۾ راجائتو. اَبي سان قرب جو رستو هيس. امان کي پيڻ ڪيو هئائين. ڪو ويچو سَنڌو نہ هو. اِنهيءَ گهر سان منهنجو تہ عشق هو. ننڍي هوندي کان اج تائين جوانهيءَ گهر ۾ منهنجي "سنجها" رهندي هئي. سنجها ويل جهڙي اَچي اُجري، مُک روشن روشن. پدمڙن پيرن سان اچڻ واري هيءَ 'سنجها' منهنجو سڀ ڪجهہ هئي. ٻالجتيءَ کان وٺي سندس نِسرڻ مون ڏٺو. توڙي جو مون کان عمر ۾ وڏڙي بہ هئي. وڏي ۽ ڊگهي پڌر ۾ اسان ڊوڙون گڏ پاتيون. ڳوٺان هٽي جي اسڪول ۾ پڙهڻ اچان تہ بہ مامي ڪريم بخش جي گهر ضرور وڃان. سندس ڊوڙون ٻسان ۽ گدگد ٿيان. اوڙي پاڙي جا ٻارڙا گڏ

ڪري ڪيس ڏوبڙي ۾ ڦر ڦر سونتي واري راند ڪُڏايان. پر سندس ڪي شغل پنهنجا هُيا. گُڏين راند سندس چاهه وٽان هئي. مامِي شادان ڪيس پُراڻن ڪپڙن جي بچيل اڳڙين مان گُڏيون ۽ گُڏا ٺاهي ڏنا هيا. مان وڏڙو ٿيس تہ اتي ڏڪر ۾ چدن راند ڏي رخ رکيم، هوءَ ساهيڙيون سرتيون ساڻ ڪري پيئي گڏين راند ڪندي هئي. آهستي اهستي پاڻ گڏيون ۽ گڏا ٺاهڻ لڳي، انيڪ اڪيچار گڏيون ۽ گڏا. ماڙيءَ تي ڪٽي هُنَ اُنهن جي دنيا ٺاهي ۽ ڪئين ئي سانگ رَچايا ۽ لايا سجايا ڪيا. ڪڏهن گُڏن گُڏين جي شادي تہ ڪڏهن ڳيچ پيا ڳائجن. ڪڏهن تاهريءَ جو پت پيو رڌجي ۽ ڪائجي. مان اُنهيءَ دنيا ۾ تڏهن ويندو هيس، جڏهن ماڙيءَ ۾ هوءَ اڪيلي هوندي هئي ۽ سندس پنهنجون سرتيون گهرن ڏي هليون ويندڀون هيون. ويٺي پنهنجي ليکي اُنهن سان ڳالهيون ڪندي هئي. مان چگِّيءَ سانيُر سان هيس، ۽ ويٺو سندس وٽندڙ مُک کي تڪيندو رهندو هيس. نيٺ هڪ ڏينهن چئي ڏنو مانس: "سنجها!... تون ڪيڏي نہ سُهڻي آهين. هِنن چپن مُنهن وارين گُڏين ۾ تو ڇا ڏٺو آهي؟ تون آئيني ۾ پاڻ کي بہ ڏس ۽ هي اڳڙين جي ڍير مان ٺهيل ڪاري سُٽ سان اُٽيل بدشڪل بوتا بہ ڏس!"

پوءِ هوءَ خار مان مون ڏي نهاريندي هئي. خار ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي هئي. وارن جون ڪي چڳون لڙي مُنهن تي مڙي ايندڀون هيس. "منهنجن هنن شهزادين ۽ شهزادن لاءِ ائين نہ ڳالهايئندو ڪر. هيءَ سڀ منهنجا ساٿي آهن. هيءَ مون سان ڳالهائيندا آهن. مان ڪلان خوش ٿيان تہ هيءَ بہ ڪلن ۽ خوش ٿين، جي رُئان تہ هيءُ مون کي پرچائين. توکي ڪهڙي خبر، تون وڃي پَٽ تي چِڏا چُٽِ ۽اِتي ڏڪر ڪيڏ."

پوءِ مون کيس ڇوڙ ڇڏي ڏنو. وقت کي پَرَ آهن. جبل جيڏي جواني پنهنجي سونهن ۽ رعنائي کڻي آئي، مان تہ ٿيس هڪ پورهيت جو پُٽ، پر هڪ سُکيي رئيس جي گهر جي هيءَ نينگر ڄڻ اَپسرا ٿي پيئي.

هڪ پُوري، مٿان وري ڇوٽا واسينگن جيان ڪَرُ ڪنيو ڪيس بدنظر ڪان بچائڻ لاءِ پيا جتن ڪندا هئا. هيءَ جواني ڪيس تہ راس آئي، پر مون لاءِ وڇوڙو کڻي آئي. ڪا اهڙي ڇؤيچو ۽ هولاچاري ٿي جو امان جو حڪم ٿيو

چڙهي ايندو هو تہ بہ ڪيس سمڪ نہ رهندي هئي. هوءَ گڏين ۾ گُڏن جي دنيا ۾ يا پڙهڻ ۾ اهڙو تہ غرق هوندي هئي، جڻ هِت آهي ئي ڪانہ. هوش ايندس تہ ٽپ ڏيئي پيءُ کي چنبڙي پوندي. سنجها، رئيس ڪريم بخش کي ڏاڍي پياري هئي، جو هيس ئي هڪ اولاد! اهڙو پانيائينس جو سنجها چڱي وڏي ٿي ويئي پر هو ڪيس اُٿارڻ لاءِ ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هو.

مان نوڪري سان وڃي لڳو هوس. امان کي پاڻ چيم. آمان رئيس ڪريم بخش جو رُخ ڏسيو ويٺي هئي. ٻيو تہ رئيس وارا رئيس هئا ۽ اسين ٻنهہ ٽِٽ پيل. بابو منهنجو پهريائين مزوري ڪندو هو پوءِ رئيس جي ڦٽين واري ڪارخاني جو منشي ٿيو. توڙي جو ٻنهي جي دوستي هئي، پري جي مائٽي بہ هئي، پر رئيس هڪ ڏڪ ۾ سگ ڏيڻ کان انڪاري ٿيو. پر الائجي ڇو منهنجو قضاني اچڻ وڃڻ بند نہ ڪيائين. مون بہ دل ۾ نہ ڪيو. سوچيم تہ سنجها اڄ بہ منهنجي آ، سُبان بہ منهنجي. اِتي آ تہ بہ منهنجي آ. مامي رئيس جي رُخ جي خبر هئم تہ هو سنجها کي ٻاهر نہ ڪيندو. هُن کي سنجها سان عشق هو. ٻيو تہ هوءَ ڪيس هڪ ئي هئي. هوءَ جوان ٿي وئي. پر هو ڪيس اڃا ٻار سمجهندو هو. اُنهيءَ دفعي جڏهن ڳوٺ ويس تہ هميشہ جيان سنجها سان ملڻ ويس. هوءَ بہ هميشہ جيان ماڙيءَ تي هئي. مامي شادان ۽ ماسي ڦاپان ڪٽ تي چڙهيو ويٺيون هيون، پر هيون مُنجهيل ۽ مُوڙهل. ٻانهن کان ڇڪي ڪٽي پنهنجي پرسان وهاريون ۽ آهستي آهستي ڳالهہ کي چوريون:

”ابا. اِجن! تون ئي سنجها کي سمجهاءِ، انهيءَ ماڙيءَ اسان کي ماري ڇڏيو آهي. هاڻي تہ هيٺ بہ نٿي لهي. عجيب ڳالهيون پيئي ڪري. ماسي چئي ٿي تہ مٿس جنن جو اثر ٿي ويو آهي. پٽس ڪيس ڏسي ٿريو پيو ٺري. تون ڪا واهر ڪر.“

مامي شادان بس ڪئي تہ ماسي ڦاپان شروع ٿي ويئي.

”مُنهِ کان وٺي پئي رڙيون ڪيم تہ ڇوڪرِ کي ماڙيءَ ۾ نہ ڇڏيو. ابا! ڪير ٿو منهنجي ٻُڌي؟ ابي ڏاڍي کان ٻُڌندا اچون تہ اِنهي ماڙيءَ ۾ هُنن جو ديرو آهي.“

”هو ڪير؟“

”هو بابا، هو. . .! نالو نه ڪٿبو وڏيءَ طاقت وارا آهن. ڪنهن مروڙبندي دير نه ڪندا آهن. هاڻ ته سنجها به هُنن جي ٻولي پيئي ڳالهائي. تون پاڻ وچي ڏس. گڏيون ۾ گڏا به ڪيڏي ڦتا ڪيا اٿئين. بس هڪ گڏو ڪٿي ناهيو اٿائين، جيئي ٿي ته اهو جنن جو شهنشاهه آهي. بادشاهه ته ٻڌوسين، پر هيءُ شهنشاهه الائي ڪٿان آيو آهي. هاڻي تون ٻڌاءِ، ڇوڪرِ سنئين ڇئبي؟ پڪ اُنهن جي اثر هيٺ آهي.“

مان يڪدم اُٿي ماڙيءَ ڏي ويندڙ ٻاهرينءَ ڏاڪڻ کان مٿي ويس. کُليل وڏو پڊر لتاڙي ٻن ڪمرن واري ماڙيءَ ۾ داخل ٿيس. در ته ڪجهه کُليل هو پر دريون بند هيون. اندر اوندهڙي هئي. سامهون وڏي کٽ تي سنجها ويٺي هئي. سنجها پيلو وڳو ڪٽي پاتو هو. مٿان وڏو رئو ڪٽي وڏو هئائين. ويڙهي ويٺي هئي. ڪمري ۾ اگربتين جي خوشبو هئي. هُن جون اکيون ڪنهن هنڌ کُتل هيون. مون هنڌ ڳوليو ته سامهون ڏنم ته هڪ وڏي سائيز جو گڏو ويٺل ڏنم. مون اُهو گڏو ڪڏهن نه ڏٺو هو. ويجهو وڃي ڏنم ته هيءُ گڏو عجيب هو. تمام گهٽي اچي ڪپڙي جو ٺهيل هو. اُن جو منهن به ڏاڍو سنياري سنواري ٺاهيو ويو هو. عجب اِهو ته سندس مٿي تي ڪلنگي به ناهي وئي هئي. هوءَ ساڻس چپن ۾ الائي ڇا جو ڇا ڳالهائي رهي هئي. ٻولي ٿي ٻي هئي، جيڪا سمجهه ۾ نه ايندڙ هئي. لڳي پيو ته هوءَ اُنهي گڏي سان ڳالهائي رهي هئي. مون هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. طاقن ۾ ڏانگاٽن تان ٻيون سڀ گڏيون غائب هيون. اُن جي جاءِ تي گلدان رکيل هئا. جن ۾ گلاب جا گل سجايل هئا، جن جو هڳاءُ الڳ هو. ڪمري ۾ هيٺ هڪ غاليچو وڇايل هو. اُنهن جي پاسن کان وڏا به وهاڻا رکيا هئا پيرن کان پتراڻي رکيل هئي. هڪ هنڌ خوبصورت صُراحي رکيل هئي. ساڻ هه نقشي پيالا به رکيل هئا. مون کي هيءُ ڪمرو عجيب لڳو ۽ سوچڻ لڳس ته ڇا هتي ڪو ٻيو به رهي ٿو! مون پُٺي ورائي سنجها کي ڏٺو. هاڻ هُنَ ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو هو. هوءَ پوءِ رئي جي پلئه کي جهولائيندي اُنهيءَ ۾ گڏي کي ڪٽي ڇاتيءَ لاتو. کٽ تان هڪ لهر سان اُٿي ۽ تيزيءَ سان گڏي کي ڪٽي اچي هڪ ڏُول وهاڻي سان ٽيڪ ڏياري وهاريائين. پوءِ پاڻ اُن جي پرسان ٻئي طول وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي ويٺي ۽ ڪنهن ڪٽي مون ڏي نهاريائين.

سندس مُک تي عجيب جوت هئي. منهن ڀڪيس پئي. پوءِ مون کي اشارو ڪيائين تہ ويهہ. مون سندس ويجهو هيٺ ويهڻ جي ڪئي، پر يڪدم اشارو ڪيائين تہ مان پرڀرو ڪنڌائتو ٿي وهان. پوءِ اشارو ڪيائين تہ بوٽ لاهي وهان. مان سندس سامهون هُيس. پر نہ هُن ڳالهايو پئي، نہ وري مون ئي ڪجهہ ڪڇيو. رَئو هٽيس پئي تہ چڪي پيشانيءَ تائين پئي آندائين. اوچتو رَئي جو پُڪل هٽي گهُنڊ ڪيڏي منهن بہ ڍڪي ڇڏيائين. پوءِ هوءَ جهولڻ لڳي. مان تہ ڄڻ پنڊپاهڻ ٿيو ويٺو هوس. اکر نہ پئي اُجهيم. ائين گهُنڊ مان اندران ڳالهائين.

"سهڻا شهنشاهہ!... هن کي چئہ تہ هليو وڃي. وقت کوٽي نہ ڪري. هيءُ هنڌ سندس وهڻ جو ناهي.

هيءُ هنڌ اسان جو آهي. چئوس تہ هليو وڃي."

هاڻ هُن اِنهي گُڏي کي سيري ويجهو ڪيو. پوءِ گهُنڊ اندر ڪٽي ويئي. اوچتو اندران گهگهي پرڳري آواز ۾ چيائين:

"ميان اِجن!... جنن جو شهنشاهہ توکي حڪم ٿو ڪري تہ هتان هليو وَڃ. هت نہ ايندو ڪر. منهنجو ۽ سنجها جو وقت کوٽي نہ ڪر. هتان هليو وَڃ. پري هليو وَڃ. پنهنجي مُلڪ هليو وڃ. جتان هاڻي آيو آهين. هليو وَڃ. چوانءِ ٿو هليو وَڃ."

سنجها جو آواز ڳرو ٿيندو پئي ويو ڄڻ گوڙ وانگر گجي پيو. مون کي مجال نہ ٿي تہ ڪجهہ ڪُڇان. مان اُتان ائين اُٿيس، ڄڻ ڪنهن عامل پنهنجي معمول کي حڪم ڪيو هجي ۽ هُن اُن جي تعميل ڪئي هجي. بوٽ پائي ٻاهر نڪتس. اگڻ ۾ ويهي رهيس. سوچيم تہ هيءُ سڀ ڇا آهي. اهڙا قصا ڳوٺ ۾ ڪئين ئي پيا ٿيندا هئا. ننڍو هيس تہ ڊڄندو هيس. هاڻ تہ شينهن مڙس هيس. ورهين کان شهر ۾ هيس ۽ وري پڙهيل ڳڙهيل نوڪري وارو ماڻهو ڪاٿي ٿو ڊپ ٿئي يا اِنهن ڳالهين ۾ اعتبار ۽ ايمان اچي. يڪ ڄاتم تہ سنجها ذهني مرض ۾ مبتلا آهي. هيٺ لٿس تہ مامي شادان ۽ ماسي ڦاپان اُتي ئي ويٺيون هيون. هنن مون ڏي ائين نهاريو ڄڻ ڪجهہ پڇنديون هجن. مان سندن پرسان ويهي رهيس. آهستي آهستي ڳالهہ ڪيم. "مامي!

سنجها بيمار آهي. ڪيس ڪا ذهني بيماري آهي، جنُ بنُ ڪونهي. سنجها کي توهان اڪيلو ڇڏي ڏنو هو سو سوچي سوچي بيمار ٿي پئي آهي. منهنجو هڪ سنو دوست ڊاڪٽر آهي. اِنهن نفسياتي مرضن جو ماهر آهي. مان اڄ شهر وڃان ٿو ڏينهن ٻن ۾ ڪيس وٺي اچان ٿو. ڏٺي ڪندو تہ نيڪ ٿي ويندي.“ مامي شادان تہ چُپ هئي پر ماسي ڦاپان ڀهريائين توبهون ڀريون، نڪ کي موڙا ڏنا. پوءِ ڀُڻ ڀُڻ ڪري ڳالهائڻ لڳي:

”توبهہ ڪر ڇورا. توبهہ زاري. هنن لاءِ ڪجهہ نہ ڇئہ. نالو ٿي نہ ڳنهہ. هيءُ ڪنهن کي وڻندا آهن تہ ٻنهہ ڪو نہ ڇڏين. . . “

سالوءَ جي ڇوڪري جنان جو حشر ڏنو هئيہ. ڳلان جي پاڙيجي شانان مرندي مري ويئي، انهن مان جان نہ ڇٽس. ملان ڇتيءِ پوپي ڪيڏو زور لاتو پر ڪجهہ نہ ٿيو. هوءَ ڇا نالو هيس.

”ماسي! انهن ڳالهين جي مونکي سڀ خبر آهي. توهان ڳوٺ وارن ۾ اُنهن جي مائٽن گڏجي ڪين ماريو. ڇا جا جن، ڇا جي غيبات. اِنهن مُلن ۾ پوين ئي تہ پينگ ڪئي آهي، جنن ۾ غيبات کي پيو ڪم ڪونهي جو وتندا عشق ڪندا ۽ ماڻهو آزاريندا. اُتيس پئي تہ مامي شادان پٽڪو ڪيو:

”ڊاڪٽر پلي وٺي آءُ، پر مامنهين مڃيندو؟ توکي تہ خبر آ تہ حاويليءُ ۾ حڪيم بہ اندر نہ آيو آ. پنهنجي ابي کي ڇئہ تہ اُهو ڪو مڃائينس. ٻئي جي تہ ٻُڌي ئي نٿو. جوان ڏيءُ ويهاري ڇڏيائين. ڪنهن جي بہ نہ ٻُڌائين. هاڻ ڪجهہ بہ ڪُڇ تہ اُلري ايندو. بس ڇي، سنجها ٻار آهي. اِها گُڏي گُڏين جي راند آهي، پلي پيئي ڪيڏي. هيءُ عمر آهي گُڏي گُڏين جي راند ڪرڻ جي. . . . . . “

هوءَ ڳالهائيندي رهي پر مان نڪري آيس. وکون وِڇڙيون پئي، سوچن جا ڍير هئا. سهڻي سنجها کي هنن جڻ ولوڙي ڦٽو ڪيو هو. هيءَ سنجها تہ نہ هئي، ڪو پاڇو پئي ڀانيم. ڪي اولڙا پئي جرڪيا. ڇا سنجها هئي ۽ هنن منهنجي سنجها کي ڇا مان ڇا ڪري ڇڏيو آهي! مان ٽڙندو ٽاپڙندو سڌو ابي وٽ آيس. ڪيس گهڻي خبر هئي. سربستي ڳالهہ ڪيم تہ ماٺ ٿي ويو. ابو زماني جو ماڻهو هو. اُٿيو ويٺو هو ۽ شهر ڪاروبار سانگي ايندڙ ويندڙ هو. هاڻ

تہ مون وٽ اچي رهندو هو. گهر ڪو جاهلن وارو گهر نہ هو. هو جيڏو مون سان پيار ڪندو هو اوڏو سنجها سان. هوءَ بہ سندس هٿن ۾ پَلي وڏي ٿي هئي. پوءِ ڇا جو بابو اُن وقت غريب هيو. بابو منهنجي ڳالهہ ٻڌي ٻڌي ويو هو. ويٺي ويٺي هُنَ تپ ڏنو ۽ اُٿي بيهي رهيو.

”اِجن! دير نہ ڪر. وَڃ جيترو جلد ٿي سگهي ڊاڪٽر کي وٺي آ... مان چاڻان، ادو ڪريم بخش ڇاڻي... ڪريم بخش ڪير ٿيندو آهي جو هڪ معصوم کي ائين ماري ڇڏي... ٻچا! تون وَڃ، دير نہ ڪر، اُڏامندو وَڃ اُڏامندو آچ.“

مون نفسيات جي ماهر ڊاڪٽر عليءَ کي وڃي هٿ ڪيو. پراڻو پڳ مٽ يار ماڻهو هو سو يڪدم هليو آيو. سڄو گهر آياسين، ابو جڙ تہ تيار هو. هُن رئيس ڪريم بخش کي راضي ڪري ورتو هو. اسين سِڌو حاويلي وياسين. ماڙيءَ ۾ گهڙياسين تہ سنجها ائين ئي جُهنڊ هنيو ويٺي هئي. گُڏو ساڻ هجيس، اُنهي ئي گهگهي آواز ۾ چيائين:

”ميان اِجوا... وري آيو آهين... پاڻ تہ مرڻ آيو آهين، پر اِنهيءَ ٻئي شودي کي ساڻ ڪري هِت ماراڻ وٺي آيو آهين... هليا وڃو نہ تہ ڪنڌ مروڙي ڇڏيندو سانوَ.“

ڊاڪٽر ٻي ڊپو ٿيو بيٺو هو. پوءِ هوُ اڳتي وڌيو. در ديون کوليائين پوءِ هُن سنجها ڏي رُخ رکيو.

”خبردار جو اڳتي وڌيو آهين ۽ سنجها کي هٿ لاتو اٿئي.“

”جِن سائين! سنجها بيمار آهي. مان شودو نہ ڊاڪٽر آهيان. مون کي ڪيس ڏسڻ ڏيو نہ تہ سنجها مري ويندي. پوءِ تون ڇا ڪندين، ٻي سنجها وٺي ايندين؟ جن بادشاهہ تہ ائين نہ ڪندا آهن، تون تہ شهنشاهہ آهين.“ ڊاڪٽر ڳالهايو.

جهٽ پل لاءِ خاموشي ٿي وئي. ڊاڪٽر عليءَ سَٽ پائي وڃي سنجها جو گهُنڊ کوليو. چوڌاري جڙ تہ روشني ڦهلجي وئي. سنجها جو مُک ٻهڪي پيو. هُنَ ڇرڪ ڀريو. ڪنڌ مٿي کڻي ڏٺائين. سندس اکيون هرن جيئون. پوءِ هڪ وڏي چيٽ ڪيائين ۽ مورڇا ٿي ڪري پيئي. ڊاڪٽر سندس هنج مان

اُهو شهنشاهي بوتو ڪڍيو ۽ ڪٽي ڪٽ تي ُچلايو. ڊاڪٽر علي صراحيءَ مان پاڻي پيالي ۾ اوتي ڪٽي آيو. سچو جو سچو پيالو سنجها جي منهن ۽ جسم تي ڪٽي هاربائين. وري ٻيو پيالو ڀري آيو. اُهو هاربائين. ائين سنجها کي ڄڻ تہ وهنجاري ڇڏيائين.

هاڻ سنجها وڏا ساهہ کڻڻ لڳي ۽ هٿ پير هٽڻ لڳي. پوءِ اکيون کوليائين ۽ اُٿي ويٺي. هيڏي هوڏي نهارڻ لڳي. مون هٿ ڏنو مانس ۽ اُٿي بيٺي. اوپرو ماڻهو ڏسي رَئو سولو ڪري اوڍيائين.

”اِجن! ڪيڏي مهل آيو آهين. هيءَ ڪير آهي.“

”سنجها هيٺ هلون؟“ هُن ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي.

هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري اسان سان گڏ ماڙيءَ جي اندرئين ڏاڪڻ تان هيٺ آئي. هيٺ وڏي ڪمري ۾ ماڻس پڻس، ماسي، منهنجو ابو سڀ اُڀي پيرين بيٺا هئا. سنجها سيِن سان سولي تي ملي. ائين ئي هئي جيئن هوندي هئي. ماڻهوءَ جهڙو ماڻهو. ڊاڪٽر عليءَ پاڻي گهرائي ڪجهہ پڙهي سنجها کي پياريو. ٻيو گلاس ڀري ڏنائينس. وري ٻُڪَ ڀري پاڻي جا ڇنڊا هنيائينس. پاڻيءَ ۾ ڪا شفا آهي! دير ئي نہ ٿي، جو هوءَ کلي ڳالهائي پيئي! مان حيران تہ ڊاڪٽر علي ڪڏهن ڪان مُلان مولوي ٿي ويو آهي. پوءِ ڊاڪٽر علي منهنجي هٿان ڊاڪٽري وارو ٿيلهو گهرايو. هڪ ٻئي مٿان ٻہ سُيون هنيائينس. هلو سائين، ڊاڪٽري علاج بہ ٿي ويو. پوءِ ڪجهہ دوائون لکڻ وينو تہ عينڪ نہ پئي لڀيس. پوءِ ياد آيس تہ هُن عينڪ لاهي مٿي ڪا ڪٽ تي رکي هئي. ’يارا عينڪ مٿي رهجي ويئي. ڊوڙ پاءِ ۽ مٿان عينڪ کڻي آ. پڙهي پڙهي هن عمر ۾ ئي انڌا ٿي ويا آهيون‘. مان مٿي پهتس تہ عينڪ ڪٽ تي نہ هئي. هيٺ ڪري پئي هئي ۽ شيشا ڏري پيا هئس. الائي ڪيئن ڪري! عينڪ کنيم پئي تہ ڏنم تہ گُڏي وارو بوتو بہ هيٺ ڪريو پيو هو. هيءُ بہ تہ ڪٽ تي رکيل هو. هيٺ ڪيئن ڪريو؟ مون بوتي کي کڻي ڪٽ تي رکيو ۽ پل لاءِ سوچ ۾ پئجي ويس. وهم وساري سوچيم تہ سمجهيم، ڊاڪٽر بي خيالي ۾ ڪٽ تي عينڪ کڻي اُڇلي هئي ۽ اُن وچي ڌڪو ڪيو هوندو.

اِهو بوتو بہ ڪٽي اُچليو هئائين ۽ آذر تي هوندو. دريون در جو ڪُليا تہ ڪو هوا جي جهوٽي ڪيرايوهوندو. ڊاڪٽر ڪڇيو ڪو نہ. بس اُها ڏربل شيشن واري عينڪ پائي نسخو لکيو ۽ مون کي ڏنائين. رئيس ڪريم بخش اُهو نسخو مون کان ورتو ۽ ابي کي چيائين: "ادا! هيءُ دوائون شهر کان گهرائي وٺ." ڊاڪٽر تپ ڏيئي اُٿيو ۽ سنجها جي ويجهو وڃي ڪيس مٿي تي هٿ رکيائين. "ڪاڪي هاڻ نيڪ ٿي ويندي. توهان ڪو بہ خيال نہ ڪيو. نيڪ ٿي ويندينءَ نہ؟" سنجها ڪنڌ لوڏيو ۽ چُپ رهي. "دوائون وقت تي کائجانءِ. پيو پاڻي جو جام استعمال ڪجانءِ."

ڊاڪٽر ڪمري مان نڪري اڱڻ ۾ آيو پوءِ هلي حويليءَ واري دروازي جي ڪنڊ تي بيهي رهيو. هُن رئيس کي ڪا گهڙي گهوري ڏٺو پوءِ چيائينس: "سائين! توهان پاڻ سياڻا آهيو. دُنيا الائي ڪاٿي پهتي آهي. ٻهراڙيون بہ شهر بڻجنديون پيون وڃن، ڇا جا جِنَ، ڇا جا بادشاهہ، ڇا جا وري شهنشاهہ؟ ڇا جي ڳالهہ ڇاجي مهاڙ. اوهان جي نياڻي هسٽيريا جي مريض آهي، ٻيو ڪجهہ نہ آهي. هنن بند حاويلين ۾ گهرن ۾ ائين ئي ٿيندو آهي. ڪاڪيءَ جي عمر بہ چڱي ٿي وئي آهي. دوائون کيس وقتي آرام ڏينديون. هن بيماري جو علاج ڪاڪيءَ جي شادي ۾ آهي. معاف ڪجو اِهو اوهان جو گهرو مسئلو آهي. پر ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ منهنجو فرض آهي تہ اوهان کي آگاهہ ڪيان. اِهو بہ ٻڌائي ڇڏيان تہ اِڳتي هلي اهڙو وقت اَچي سگهي ٿو جو دوائون بہ ڪم نہ ڪن ۽ سندس جان کي خطرو ٿي پوي. وڏي ڳالهہ تہ هي گُهٽ وارو ماحول آهي. شادي ٿيندي تہ ڪاڪي هن ماحول مان بہ نڪرندي، وڏيڪ توهان پاڻ سمجهو آهيو."

هاڻ هُنَ مامي شادان ڏي ڏٺو. هوءَ بہ اسان سان گڏ بيٺي هئي. مامي شادان تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ پڙهيل بہ هئي. هُن ڳالهہ کي ڪنڌ لوڏيندي هاڪار ڀئي ڪئي. اوچتو ماميءَ ڳالهايو:

"پر ڊاڪٽر صاحب! سڄي ڳوٺ ۾ هُليل آهي تہ ڇوڪرِ تي تہ جن آيل آهي. هاڻ ساڻس شادي ڪير ڪندو؟ اڳ مِٽيون آيون پر رئيس سائين نہ ٻيٺو."

"اِهو توهان جو مسئلو آهي، ڳوليندو ته ڪانه ڪا مِٽي لپي ويندي."

ڊاڪٽر ڳالهائيندي مون ڏي ڏٺو. پوءِ موڪلائي اڳتي وڌي حاويليءَ جو در ٽپي ڏيڏي اُڪري وجي ٻاهر نڪتو. ابو ۽ مان ماميءَ ۽ مامي رئيس ڪان جيسين موڪلائي ٻاهر نڪتاسين ته ڊاڪٽر علي گهٽي هيٺان رستي تي ڪار وٽ بيٺو هو.

"يار! اِجن! جلدي ڪر، شام تائين ڪلينڪ پهچڻو آهي."

"ائين ڪيئن ٿيندو." ابو ڪيس زوري گهر وٺي آيو. مانيءَ تي ويٺاسين ته ڊاڪٽر عليءَ ڳالهه چوري ڪيس سنجها سان منهنجي اُلفت ۽ پيار جي چڳيءَ پر خبر هئي جو اسين ٻيئي شهر ۾ گڏ پڙهيا هئاسين. گڏ رهندا هئاسين. هو وجي ڊاڪٽر ٿيو مون وجي بينڪ ۾ آفيسري ڪئي. ڊاڪٽر پهريائين هبڪيو پوءِ اٿليو. منهنجي ماءُ کي چيائين:

ا"امان! اڳ جواب ڏنو هئائون، هاڻ هو جواب ڏيڻ جو پوزيشن ۾ نه آهن. توهان ڳالهه نه چوريو."

"پر ابا! اڳ جي ڳالهه ٻي هئي. هاڻ اِها ڪنيڙائين واري مَک ڪير ڳهي؟ غيبات — هاڻي لُبيل ڇوڪري ڇا ڪنداسين؟"

اِتي مون پڙڪو ڪاڏو مون کي ڳالهه بنهه نه وڻي.

"امان! پلي اوهان سنجها سان شادي نه ڪرايو پر هُن لاءِ اهڙا اکر نه چئو. هوءَ بيمار آهي، هوءَ نيڪ ٿي ويندي. ڪيئن علي؟"

"بالڪل، ذهني مرض ڳرا به ٿيندا آهن. هيءَ معمولي مرض هستيريا آهي. ڪو شيزوفرينيا يا ڪو ٻيو مرض ڪونهي جنهن ۾ شادي جي منع هجي. هن مرض جو علاج ماحول ۾ تبديلي، مصروفيت ۽ جذبات ۾ ماٺار اچڻ ضروري آهي ۽ شادي ۾ سڀ ڪجهه آهي. ٻيو نه ته هن غريب عاشق جو به نه خيال ڪريو."

ائين چئي وڌو ٽهڪ ڏنائين. ابو به کِليو پر امان سوڙهي ويٺي هئي. اِتي ابي ڳالهايو:

”هئڙا جوان پٽ چون ٿا تہ توکي بہ اعتبار ڪرڻ گهرجي. جِنن ڀِنن جون ڳالهيون اجايون آهن. سنجها بيمار آهي. ڊاڪٽر علي سندس علاج بہ ڪري پيو. شادي ٿي تہ ڇوڪرِ بہ سنئين ٿي پوندي، ڇو ٿي ڪم ڦٽائين.“

”مون کي ڇاهي، سڀ راضي آهيو تہ وڃي پاڻ ھيڙو ھني لايو. مان وري ادي جن ڏي سڱ گهرڻ نہ ويندس. اڳ ئي بڇڙي ٿي آهيان.“

”چڱو پوءِ مان ويندس. ڳالهہ کهڙي آهي.“ ابو اڳيرو ٿيو پر امان ماٺ ماٺ ۾ وڏو نڪاءُ ڏنو.

”تون ڀلي ڪراءِ پر هڪ ڳالهہ ياد رکجانءَ تہ منهنجي پٽ جي سڄي حياتي برباد ٿي ويندي. غيب جو علم رڳو خدا کي، پر توهان غيبات کي سڏي پنهنجي گهر ٿا وٺي اچو ميان! اِجن ۾ ڊاڪٽر بہ اکر پڙهي پيا سو ڇا ٿي پيو! جنن جي مخلوق کي ٿا پُٺي ڏين. ڏٺي پيو خير ڪري، ٿري پاسو ڪيو تہ بهتر. باقي مان زال ماڻهو منهنجو عقل تہ ڏائي کڙي ۾ آهي، ائين نہ؟“

امڙ ڊنل هئي. اسان ٻيئي ماني کائي روانا ٿياسين. ڏينهن ڪو نہ گذريا تہ بابي جو نياپو پهتو تہ هفتو موڪل وٺي پهچ. پهتس تہ ڪم تيار هو. ٻن ٽن ڏينهن اندر مڱڻو ميندي، نڪاح ۽ شادي هئي. نہ ابي ڪو ڪتراڳ ڪيو هو نہ وري مامي رئيس ڪريم بخش ڪو اڊمبر ڪيو. ڏاڍو ڪم سادو ۽ تڪڙو پئي هليو. منهنجو سنجها وارن ڏي وڃڻ بند هو. مون کي سنجها جي طبيعت جي ڳڻتي هئي. مون ڊاڪٽر عليءَ جون ڏنل نيون دوائون ڪيس موڪلڻ بدران پاڻ وٽ رکيون هيون. سوچيم تہ ٻہ ٽي ڏينهن پيا آهن. هٿ سان کارائيندوسانس. امڙ کان سنجها جو پڇيم تہ اُٿي هلي وئي. وري ويوءمانس تہ چيائين، ”پاڻ ئي ڏسجانس في الحال ڪجهہ ماٺ آهي، پر ڪنهن مهل ڇيٽون ڪري بيهوش ٿي ٽئي پوءِ پيا پاڻي هاريوس يا پياريوس. سامت ۾ اچي ٿي تہ سنئين آ. ابا! ڪاٿي ٿو اِهو شهنشاهہ ڇڏيس. هوءَ قابو آ، پُٽ!“

امڙ اُهائي مايوس هئي. جي ابي ۽ منهنجي مَرضي نہ هجي ها، عليءَ جو آسرو نہ هجي ها تہ امڙ ڪڏهن ڪانہ بيهي ها.

شاديءَ واري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ ماسي ڦاپان گهر آئي. مون سمجهيو تہ ائين ملڻ آئي آهي. هَئو مَئو ٽريو تہ پاسو وٺي مون کي سنجها جي چٺي ڏنائين. چٺيءَ ۾ هو تہ:

"اِجن! جنن جي شهنشاهہ جو حڪم آهي تہ هيءَ شادي نہ ٿيڻ کپي. جيئن تہ مان پيءُ ماءُ آڏو بيوس آهيان، ڪجهہ نٿي سگهان. ماءُ کي گهڻو سمجهايو اٿم پر ابي جي ڊپ کان هوءَ بہ ڪجهہ نٿي. توهان مرد ماڻهو آهيو همٿ سان گهڻو ڪجهہ ڪري سگهو ٿا. اسان ٻنهين لاءِ بہ بهتر آهي تہ هيءَ شادي نہ ٿئي. اوهان هن شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو نہ تہ وڏي تباهي اچي سگهي ٿي. . . . سنجها."

ماسي ڦاپان تہ هلي وئي پر مان وڏي وسمي ۾ اچي ويس. اسان جهڙن پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن تي شهنشاهن جا فرمان ڪهڙا هلندا؟ اِها تہ ڳالهہ ڪانہ ٿي، پر ڇا سنجها جي پنهنجي مرضي بہ ڪانهي. اِهو وڏو سوال هُيو پر پوءِ خيال آيم تہ هوءَ پنهنجي وس ۾ ڪانهي. ذهني بيماري هسٽيريا جي اثر هيٺ هوءَ جيڪي وٽيس پل چوي، اُهو سڀ سچ پائنبو ڇا؟ پلي پيئي چوي. مون کي پاڻ تي ڀروسو هو پنهنجي پيار تي ڀروسو هو. اُميد وڏي شئي آهي، انهي اُميد آسري تي تڳيس پئي. ائين ڪيئن هٿيار ڦٽا ڪبا. شادي ٿي ۽ عزت آبرو سان ٿي. دوستن ۽ راڄ جي چڱن مڙسن پير پريو. وڏي ڳالهہ تہ ڪنواريتن بہ وڏو مان ڏنو. رُتبي جي لحاظ کان هو گهڻو مٿي هئا، پر پنهنجائپ ڪري ٻنهہ وچائجي ويا. شاديءَ جي رات جا پنهنجا سوڻ، پنهنجا ويس وڳا ۽ رنگ هوندا آهن. منهنجو لائنن لهڻ مهل سنجها سان مُڪاميڙو ٿيو. اُن مهل مون حسن کي مانيٽي محور ۾ جڪڙيل ڏٺو. هيڏو حُسن، هيڏا جلوا، پر مُک تي خوشي يا ڪنهن انديشي جو اُهڃاڻ بہ نہ هو. هن سرد ۽ خاموش حُسن مون سان ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو. مون کي جڏهن اُنهيءَ ماڙي واري ڪوٺي تي ٻاهرين ڏاڪڻ چاڙهي وٺي ويا تہ ڏٺم تہ اُهو ماڙيءَ وارو ڪمرو بند هو. اُن کي تالو ڏنل هو. ڪوٺي جو پلوڙو ڏنل ٻيو حصو هو ۽ ماڙيءَ جو ٻيو ڪمرو کُليل هو جنهن کي اندران ڏاڪڻ نہ هئي. اڱڻ باغ بهار هو. وڏي نوار واري کٽ، جنهن جا جنديءَ تي پاوا هئا. اُن تي سيج وڇايل هئي. گُلن جون

لَڙيون اوسي پاسي لڙڪن پيون. گلاب ۽ موتئي جي هٻڪار هئي. فرش تي گلم غاليچا وڇايل هئا. پرسان ٽيبل لڳل ۽ تي چار وڏيون آرام ڪرسيون. ٽيبل ميوات ۽ مٺائي سان ڀريل. ننڍڙي تپائيءَ تي ڪير ۽ پاڻي جا جڳ. مٽين ۽ موتين سان جڙيل ڍڪن سان ڍڪيل. وڏن بلبن ۽ جهرمر ڪندڙ ننڍڙين بلبن سان سڄو ڪونو روشن هو. روشني ايڏي هئي جو آسمان ۾ ستارا بہ نظر نہ پئي آيا. سنجها بہ روشني ۾ ٻڏل هئي. مون کي مامي شادان، امڙ ۽ ٻيون مايون ڇڏي ويون تہ پوءِ مون سنجها کي چڱي طرح ڏٺو. هوءَ گهونگهٽ ڪڍيو ويٺي هئي. بادلي ۽ ستارن سان ڀريل سنهي رَئي مان مُنهڙو پئي پسايائين. اوچتو هيٺان ڪنهن اِنهن وڏن ننڍين بلبن کي وسايو. عام هلڪا بلب اگهڻ، ڇاپري ۽ ڪمري ۾ پئي ٻريا. اُن جهڪي روشني ۾ تهان وڌ سندس منهن مهڪيو پئي. اُن رئي اندر جڻ ڪو بلب روشن هو. مان آهستي سُري ويجهو ٽيس ۽ سندس گهونگهٽ هٽائڻ جي ڪيم. هوءَ اوچتو ٽِپ ڏيئي اُٿي. پيرين اگهاڙي تکي تکي ڪمري ۾ هلي وئي. مون لاءِ تہ جڻ سڀ جهڪيون روشنيون بہ وسامي ويون. هُن ڪمري جو درُ ڏئي ڇڏيو. هاڻ مون لاءِ چٽو آسمان ۽ اُن ۾ چِٽا تارا هئا. جن جي سونهن پل لاءِ موهيو پوءِ موهہ وڃائي ويٺا. مان سيج پلنگ تان لهي آرام ڪُرسي تي ٿي ويٺس. ڳچيل ڪَنَ ڪانپوءِ ڪڙڪو ٻڌم. ڏٺم تہ ڪمري جو در کُليو ۽ سنجها سامهون هئي. هوءَ آهستي آهستي پيرين اُگهاڙين، ڪاڏي ويا ويس وڳا، ڪاڏي ويو هارُ سينگار، سڄي ڏوتل پوتلِ. گهر جي اَچي وڳي ۾ رڙهندي اچي پلنگ تي ويٺي. ڪٽ جي ايس تي ائين ويٺي هئي جڻ آڏر تي ويٺي آهي. پير اڏو گابرا فرش تي ٽڪيل. منهن کُليل ۽ اکيون خالي خالي، هوءَ مون ڏي تڪي رهي هئي. هيءَ ڪنوار سنجها تہ ڪانہ هئي پر مون لاءِ اُهائي سنجها هئي — منهنجو پيار ۽ منهنجي اُميد. منهنجي جهلَ ۽ منهنجو آسرو. هُن مون ڏي جو نهاريو پئي تہ مون بہ سندس اکين ۾ ڪٽي جهاتي پاتي. پر هُن اکڙيون ڦيرايون ۽ لڪائي ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”نيٺ نہ مُڙين! توکي گهڻو جهليم، تو سُنو نہ ڪيو تو سنو نہ ڪيو.“

هُن جو آواز ڏڪارو ٿي ويو هو. مان تپ ڏئي سندس پرسان وڃي ويٺس. سيري ڪيس سولو ڪري وهاريم. سندس هٿ پڪڙي ڳالهائڻ جي ڪيم. سندس هٿ کهرا ۽ ڇلر لٿل لڳم. ميندي رتن هٿن تان ميندي لاهي نشان ڊاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. ان ڪوشش ۾ سندس هٿ به ڦٽجي پيا هئا پر ان ناتي رتل ميندي رَتي سارتي، رنگ جهڪو ڪندي پر ويندي ڪانه نه خوشبو ويندي نه سونهن. مون سندس کُهرن زخميل هٿن کي ڪٽي چميو پوءِ ڪيس ڇڪي ڪٽي ڇاتي لاتم. بس دير ئي ايتري هئي. الائي هن نازڪ نازنين ۾ ڪٿان طاقت آئي جو هُن هڪ سَٽ ۾ پاڻ کي ڇني ڏار ڪيو ۽ اُڇل ڏئي جو اُڇليو ته مان پري وڃي غاليچي تي ڪريس. هوءَ ائين جو ائين اٽڃاڻ وبني هئي. هوءَ نه اُٿي آئي ۽ نه وري ڪو اظهار ڪيائين. ڏک ته ڪو نه لڳو پر ڏک ضرور ٿيم. مان اِنهيءَ ڏک ۽ ويچار ۾ اُٿي اڱڻ ۾ پسار ڪرڻ لڳس. اڳتي وڃي پوئتي موٽيس ۽ پوءِ پلوڙي جي پريان ماڙيءَ جي بند ڪمري واري پاسي هليو ويس. اوڏانهن ڪجهه اوندهه هئي. اوچتو سنجها دانهن ڪئي، ”ايڏانهن نه، ايڏانهن نه.“ ائين منهنجي پيرن ۾ ڪا نرم ۽ ڪئنرو ننڍڙو وجود هو. اُت به ’چين چين‘ ڪندڙ چيچٽن جا آواز ٿيا. هاڻ سنجها هن پاسي ڊوڙندي آئي هئي. وٺي دانهون ڪيائين:

”اڙي پري ٿي، اڙي پري ٿي۔۔۔۔۔۔ تو معصوم ڇِٽي ڇڏيا. ٻچا ڦٽي ڇڏيا. شهنشاهه جا ٻچا ماري ڇڏيا۔۔۔۔۔۔ شهنشاهه ڪاٿي آهين۔۔۔ منهنجي آسري تي تو ٻچا ڪيئن ڇڏيا؟۔۔۔ تون چو مون کي ۽ هنن ٻچن کي ڇڏي ويو آهين۔۔۔ مون تي اعتبار نه هيئه۔۔۔۔۔۔ اِجوا ڪو الله پڄندءِ۔۔۔۔۔۔ شهنشاهه جا ٻچا چچريا اٿئي، جيڪر تنهنجا ٻچا به ائين ڇِتجن ۽ چچرجن.“

هوءَ هيٺ ويهي روئڻ لڳي. پوءِ يڪدم اُتي اُيي ڪيل ڪٽ کي هُن سڏو ڪيو. ڊوڙندي پلوڙي پويان وئي ۽ سيج پلنگ اُجاري سجو سارو هنڌ گهليندي هن پاسي ڪٽي آئي ۽ ڪٽ تي وڇايائين. پوءِ هو هيٺ جهُڪي ۽ ائين ڪا شئي کنيائين، جڻ ڪنهن ٻارڙي جي وجود کي کڻندي هجي. پوءِ وري نِوڙي ٻئي وجود کي کنيائين. اشارن سان ٻئي وجود کي به ڪٽ تي

ليٽايائين. ائين لڳو پئي ڄڻ ڪين زور پئي ڏئي. ڪو منهن ڪو هٿ ڪو پير پئي چمي.

پوءِ اهڙي ٻولي ڳالهائڻ لڳي، جيڪا سمجهه ۾ نہ ايندڙ هئي. ائين لڳو ڄڻ ٻارن کي پرچائيندي هجي. ڪنهن مهل پنهنجي ٻولي پئي ڳالهايائين: ”نہ من، نہ دل، سور لهي ويندو. توهان جو بابا اِجهو آيو.“ وري ٻي ٻولي پئي ڳالهايائين. هُن سنهي ريشمي پٽراڻي ائين اوڍي، ڪجهه پاڻ تي ڪجهه ڄڻ هنن جي وجود تي هوءَ اُتي ئي آهلي پيئي. مان جيڪو پٽ سان لڳو بيٺو هيس، ڇُرندو پلوڙي پريان، اُجڙيل سيج پلنگ تي وڃي ويٺس. ڪا فراسي ڪو وهاڻو بچيل هو اُتي ئي آهلي پيس. ڪا مهل ٿي جو ٻُڌم تہ سنجها ڏاڍيان ڪنهن سان ڳالهائي رهي هئي، اُنهيءَ ئي ٻي ٻولي ۾. مان رڙهي ويس. هُت ڪير ڪو نہ هو هوءَ ڄڻ هوائن سان ڳالهائي رهي هئي. پوءِ هُن اُهي نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ وجود ڪنيا ۽ هوا ۾ چڏيا. ڄڻ ڪنهن کي ڏيندي هجي. ڪا گهڙي هوءَ آسمان کي تڪيندي رهي، پوءِ ساٽي تي ڪِري پيئي. مان سندس ويجهو وڃي مٿانئس بيٺس. هوءَ سجي ڏڪي پئي. ائين هٿ پير هٽي پيئي ڄڻ ڪو بي چين روح هجي. مان يڪدم ڊوڙي پاٽي کٽي آيس. ٻُڪ پاٽي جا هنيامانس. صدري جي کيسي مان گوربون ڪڍيم ۽ ڪيئن نہ ڪيئن ڪري پڪوڙيل ڏند کولي کارايون مانس. جهٽ پل ۾ هوءَ هوش ۾ اچي ويئي. کيس وٺي اچي هُنَ پاسي ڪُرسيءَ تي ويهاري، هنڌ ويڙهي کٽي اچي وري سيج سجايم، ۽ هُن کي اُن تي سمهاري ڇڏيم. جهٽ پل ۾ شايد گورين جي اثر جي ڪري سمهي پيئي. مان اُن آرام ڪرسي کي ريڙهي پرسان ٿي وينو مانس، هوءَ سُتل رهي، مان سجي رات تارا ڳڻيندو رهجي ويس. هُن صبح جو مون کي ڪرسيءَ تي گهڏندو ڏٺو تہ اُٿي مٿان اچي بيٺي. مان اکين جي وٿين مان کيس ڏٺو پئي. هوءَ ڪمري ۾ وئي، وڳا ويس کٽي هيٺ لهي ويئي. مان ٿوال کٽي ڪوٽي تي نهيل ننڍڙي اڏ چتيءَ واري غسلخاني ۾ ويس. وهنجي سهنجي آيس تہ هيءَ تيار ٿي هيو پلو وڳو پائي هلڪو سينگار ڪري، چانهه کٽي آئي. مون کلي هٿ ملايومانس.

”تو ٻاڻ هيءَ تڪليف ڇو ڪئي.“

ڪلي چيائين: ”تون هِت منهنجو مزمان آهين. هيٺ هل، اصل وڏي مزماني تہ امان ڪئي اٿئي.“

واقعي نيرن زبردست هئي. سنجها ڏيڪارڻ لاءِ گهڻو آڳو پيڇو پئي ڪيو. مون بہ ساڻس ڪلي پئي ڳالهايو. پر مامي شادان ۽ امان الائي ڪيئن سمجهي ويون تہ هيءَ سڀ ڏيکاءُ آهي. هنن جو مَنُ اجا ريڌل ڪونهي. منجهند تائين اسان پنهنجي گهر آياسين. بين لاءِ خوشيون، رسمون، ڪل پوڳ تهڪ ۽ گهڻا هئا، پر سنجها وچي موڙهبي. رات تہ ٿي پر مان پنهنجيءَ جاءِ تي مُنجهيل ۽ ڊڳل هجان. هوءَ رکي رکي ڇرڪ پيئي پري. هيءُ اسان جي جاءِ جو ننڍڙو پوبون اڱڻ هو ڪونڻو نہ هو تنهن هوندي بہ هوءَ بي چين ۽ اڌ کُليل آسمان ڏي هر هر پيئي تڪي. ڪنهن ويل ڦڪي ڪِل ڪِلي تہ ڪنهن ويل اکيون پرجي اچنس. مان ڳلي لاتو مانس تہ اوچنگارون ڏيئي روئي پئي.

”اِجن! مان ڦاسي پيئي آهيان، توکي ڪهڙي خبر تہ ورهين جا ساٿ ۽ قرب جون گهڙيون ڪهڙيون هونديون آهن. شڪر جو تون ڪٿي ڦاٿو ناهين.“

مان ڪيس ڇا ٻڌايان تہ منهنجو بہ تہ ورهين جو ساٿ آهي. هيءُ ٻيو ڇا آهي. ڦاٿل ڪي اَجا ڪي سگ ٿيندا آهن ڇا؟ مون ڪيس دوائون ڪارائي، ڳري لڳائي ننڊ ڪرائي. هوءَ مون وٽ ائين جو ائين سُتل رهي، جيئن ڪو معصوم ٻارڙو ننڊ ڪندو آهي. ڏينهن ٿيو مون دير نہ ڪئي، ڇا جا سناوڙا، ڇاجون رسمون، مون مامي ڪريم بخش ۽ مامي شادان کان هٿ ٻڌي معافي ورتي. سنجها ۽ مامي کي زوريءَ کنيي کنيم ۽ شهر واري بينڪ طرف ڏنل ننڍڙي پر سهڻي گهر ۾ پهچي دنگ ڪيم. شهر کان پرپرو ڳلن ٻوٽن سان سجايل، ننڍڙو خوبصورت لان، وڏو وراندو اُن ۾ وڏيون دريون، جتان هر ويلي تازي هوا اچي. مان صبح جو سنجها کي لان ۾ وٺيو وينو ويندو هئس. شام جو پريم پارڪ، راڻيءَ جو باغ، جت ڪا راڻي يا بادشاهہ يا اُنهن جو شهنشاهہ نہ هو. آهستي آهستي هوءَ مون ڏانهن مائل ٿيندي پئي وئي. ڪوئٽا گهمائڻ وٺي ويومانس تہ تڙي پيئي. اُها هلڪي سرد شام هئي جو سج جلدي لَڪن ۾ لڙي ويو. بازار گهمائي ڍير لال لبيس وٺي ڏنا مانس تہ هاڻ مت موڙهل نہ پئي لڳي.

گيسٽ هائوس جي ڪمري ۾ پرت پريل لوئي ويڙهي ويٺي هئي. ڏاڍي خوش هئي. سندس ڳاڙهن ٽڙندڙ ڳلن ۽ مُرڪندڙ چپن کي ڏسندي مون کان رهيو نہ ٿيو. ڪٽي پاڪر ۾ پريومانس. آهستي آهستي حجاب ٽُٽندا ويا. هوءَ هنج ۾ جهُلي پيئي. پوءِ تہ جڏهن بہ ڪيس پاڪر ۾ پري پنهنجي پيار ۽ محبت جو اظهار ڪندو هئس تہ موٽ ۾ هُن وٽ بہ اڻ مَيو پيار هوندو هو.

مان ڪيس ڳوٺ گهٽ وٺي ويندو هوس. ساهري گهر ويندا هئاسين تہ جڻ پٽ کي هٿ لائي موٽندا هئاسين. ماڙيءَ جو منهن ئي نہ ڏيکاريندو هيومانس. پنهنجي گهر ڏينهڪ ٽڪياسين تہ ٺيڪ. نہ تہ واپس. سنجها شهر وارو گهر اهڙو تہ ٺاهيو هو جهڙو بهشت برين. گهر پاڻ سهيڙي، ماميءَ سان گڏ رڏي پچائي، پنهنجي رَڌل شئي پنهنجي هٿ سان گرهہ گرهہ ڪري کارائي. ڪاڏي ويا شهنشاهہ، ڪاڏي ويون اُن جون شهنشاهيون. ڪڏهن مون کي لڳندو هو تہ هاڻ مان ئي سندس شهنشاهہ آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ماضي موڙهيندو هيس تہ مان وَر ڪيو وَري ايندو هيومانس. اُهو ڪجهہ وسارڻ ۾ وبرم نہ ٿيندي هئي، جيڪو هُن جو پنهنجو جهان هو. پر هيءُ نئون جهان، سندس لاءِ خوشيءَ ۽ حيرت جا انبار ڪٽي آيو هو. ڊاڪٽر علي ڪيس ڏسڻ ايندو هو چوندو هو تہ "سنجها جي اُيرڻ ۽ نسرڻ جي هيءَ ويل بہ تہ ڏس. مون چا چيو مانءِ؟ پر ڪجهہ دوائون اجا هلنديون. پيو تہ ڳوٺ گهٽ وڃبو. سنجها جا مائٽ يا تنهنجا مائٽ ايندا رهن جو هيءَ وندريل رهندي. "سڀ مائٽ ايندا رهندا هيا. پر هُن جي وندر گهر ۾ مان هئاسين. ڊاڪٽر علي جڏهن ٻارين ٻچين ايندو هو تہ هوءَ ٻارن پوبان مست هوندي هئي. هنن سان گڏ ڊوڙون پائي، کيڏي، کلي خوش ٿئي. هو هليا وڃن تہ اُداس ٿي وڃي. هڪ ڏينهن ڊاڪٽر عليءَ جي ٻارڙن جي وڃڻ کانپوءِ چُپ ويٺي هئي، تہ چيومانس: "ڏٽي ڪندو تہ توکي بہ پنهنجا ٻارڙا ٿيندا. تون ڳڻتي نہ ڪر. توکي جو ٻارڙا وڻن ٿا تہ مون کي بہ وڻن ٿا. سَڏ مون کي نہ هوندي؟ مان ڪو ڳڻتي ڪريان ٿو. مان تہ تنهنجي پيار جو پانڌيئڙو ۽ اُميد سان گڏ جيان ٿو. پيار ۽ اُميد وڏيون شيون آهن."

هُن اکيون مٿي ڪنيون تہ اُنهن ۾ اُداسي ۽ مايوسي سان گڏ سوين وسوسا بہ هئا.

”الائجي ٻار ٿين يا نہ ٿين. پر اِجن! مان ڏجان ٿي.“

”ڏپ ڇا جو؟ مالڪ مهر ڪندو.“

هوءَ چپن ۾ چوڻ لڳي ”ها مالڪ مهر ڪندو ها مالڪ مهر ڪندو.“

رنگيءَ جا رنگ آهن. سنجها ڳورهاري ٿي تہ سنجها ۽ منهنجا پيءُ ماءُ، مٽ مائٽ پيرو نہ پچن. پريا مهينا ٿيا تہ مامي شادان چئي تہ پهريون ٻار آهي، اسان جي گهر ٿيندو. مون ڪيس جواب ڏنو. ٻار بہ ڳرو ٿيندو ويو. سنجها اڳ ئي ڏبل هئي پر پوءِ چوندي هئي، ”مالڪ مهر ڪندو. مالڪ مهر ڪندو“ ڊاڪٽرياڻي گهڻو خبردار ڪيو هو پر سندس هوشياري خبرداري ڪم نہ ڪيو. ٻارڙو ويچارو اهڙو ڦاٽو جو وڏي ٽُڪي ڪڍيائونس. سنجها تہ ڏک کان هيٺي ٿي وئي. مالڪ مٿس مهر نہ ڪئي. مون، ڊاڪٽر علي اُن جي گهر واري ۽ مامي شادان کيس ڏاڍي پرپائڻ جي ڪئي. عليءَ جي ٻارن کي وهاري وينا هوندا هئاسين تہ ٻارن ۾ موهہ رهيس. ڏينهن ۾ هوءَ سنئين ٿي پئي. سال کن ۾ ٻيو ٻار ٿيو. هوءَ اڃا بہ ڏبل هئي. ويچارن ۾ ڳريل، رڳو آٽ ۽ اُلٽيون ڪاڏو نہ جوريس.

پيئي تسبي سوربندي هئي. مون ۽ ڊاڪٽر علي وارن وسان نہ گهٽايو. هن دفعي ٻار ڄائو پر وقت کان اڳ اندران ئي جهان ڇڏي آيو هو. ڪمزور ۽ نبل، جهڙو جهرڪيءَ جو ٻچڙو پورو بہ خيرڪي نهيو هو. هٿ پير لڙڪيل، جڻ ڪنهن لتاڙيا هجن. ٻچڙي کي ڏسي روئي پيس. لحد ۾ ڇالاهيانس، پاڻ لهي ويو. سنجها تہ آسرا پلي تسبي بہ ڇڏي ڏني هئي پر مان بہ لُڏيو پيو هئس. دير تائين آفيس ۾ ويهي رهندو هيس يا گاڏي کنيو اجايو پيو ڊوڙائيندو هيس. ڪڏهن پريم پارڪ ۾ پريم اپار تي اڪيلو ويهي سوچيندو هوس.

سنجها آهستي پاڻ سنڀاليو تہ منهنجي حالت ڏسي وبتر ڳري پيئي. مان ئي تہ سندس سهارو هيس، سندس مَن جون سڀ ڳڙڪيون هاڻ مون واري پاسي کُلنديون هيون. پر مان اهڙو جُهري پيو هيس، جو منهنجي مَنَ اندر هر وقت واچوڙا پيا گهُلندا هئا. ڳڙڪيون پيون لُڏنديون. کُلنديون ۽ بند ٿينديون

هيون. ڪجهه ڏينهن کان مون پوري ماني کائڻ ڇڏي ڏني هئي. چانهه ۽ سگريٽ تي مارو هيو. ڪڏهن بي اختيار ڪنگهه اُپرندي هئي ته هوءَ بي چين ٿي پوندي هئي. اُن ڏينهن جڏهن ماندو ٿيس ته منهنجا هٿ ڪٽي جهليائين ۽ سگريٽ وني ڦٽو ڪيائين. پوءِ هٿ چُمڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي: "منهنجا مٺا، منهنجا سائين! مون کان ڏٺو ته نٿو ٿئي پر سَنو به نٿو ٿئي. تو هيترو منهنجي لاءِ ڪيو آهي، هاڻ ڪجهه مون کي به ڪرڻ ڏي. پلي پار ڪُهائي ٿين، پر مان پار ڇٽيندي رهنديس. توکي پار ڪپن، اجهو مان حاضر آهيان. پوءِ پلي پار ڇٽيندي مري وڃان." هوءَ مون کي منيون ڏيڻ لڳي ۽ پاڪر پائي چنبڙي پيئي. پر جيئن چيم ته مَنَ جون ڳڙڪيون ڪڏهن بند، ڪڏهن کُليل. سو مان به ڪيس هٽائي سامهون ڪٽي ويهاريو. منهنجي مَنَ اندر واچوڙا هئا. مون اڳ ڪڏهن ٻڙڪ نه ٻوليو هو اڄ بند ٽٽي پيا.

"اِهو سڀ شهنشاهه آهي، جنهن منهنجا ٻچا ماريا آهن. منهنجو ته پُلَ ۾ سندس ٻچن تي پير پيو. سندس ٻچا چيپياٽيم پر ماريم ڪو نه. هُن ته منهنجا ٻچا ڪپي ڪوري، ڇٽي ڇچري ماري ڇڏيا. پر تون خاموش آهين. اِنهي شهنشاهه سان مان ڳالهائيندس، جنهن ڀريائين منهنجو محبوب ڦريو. مان پنهنجو محبوب پرين اُڏاري ڪٽي آيس. ايڏي طاقت هيم. انسان ۾ وڏي طاقت آهي. اِهي جن ڇا ڪندا؟ ڪاٿي آ اهو شهنشاهه. ماڙيءَ تي لڪو ويٺو آ نه. مان ماڙيءَ تي وينديس."

هوءَ خاموش هئي. سندس منهن هيڊو پيلو ٿي ويو هو. هوءَ آهستي اُٿي ويئي ۽ وڃي گوربون ڪاڊائين. پاٽي پيتائين ۽ وڃي سمهي پيئي. مان اهڙو جوش ۾ هيس جو گاڏي ڊوڙائيندو وڃي ڳوٺ نڪتس. بند ماڙي کولايم ته سڀ پريشان ٿيا. جڏهن مٿي پهتس ته ماڙي اُجڙيل هئي. نه گلم غاليچا، نه هنڊپتراٽيون، نه هڳاءُ نه خوشبو. نه گُڏا نه گُڏيون — ڪٽ به اونڌي پيئي هئي. چوڏاري جرڻ مٿي پيئي وسي! مان اُن مٿيءَ ۾ پلٽي هٽي هيٺ ويهي رِيس. پاٽي ۾ جي شفا آهي ته مٿي ۾ به ڪا مٽيا آهي. وهڻ سان منُ مانو ٿي ويو. ور ور سوچ اِها پئي آيم ته هيءُ سڄو ماندڻ ماٺهوءَ سان آهي. سنجها ڪانهي ته ڪجهه به نه آهي. نه شهنشاهه آهي نه سندس غوغاءُ آهي. سندس آواز

سنجها هئي. سندس سرجيندڙ سنجها هئي، هيءَ سڀ مانداڻ اجايو آهي. مون کي سنجها وٽ موٽي وڃڻ کپي. سڀ ڪجهه سنجها وٽ ئي آهي. مان تکو موٽيس. رات جو دير سان گهر پهتس. سنجها جاڳي پيئي. مون کيس پيار ڪيو. هوءَ ماٺ هئي. پوءِ پرپرو ٿي بيٺي. اُتان مون ڏي گهوري چيائين: "مون تہ پاڻ وٽ شهنشاهہ کي ماري ڇڏيو هو. تون وتين ٿو اُن کي جيئرو ڪندو! تون ماڙيءَ جي مٽيءَ ۾ پريو پيو آهين. اِها مٽي هِت نہ چندجانءِ. اِنهي مٽيءَ ۾ بہ شهنشاهہ آهي."

مون چرڪي پاڻ کي ڏٺو. مون مٽي بہ نہ چندي هئي. ڪپڙا پير ۽ ٻانهون بہ مٽي ۾ پريل هيون. يڪدم مون کيس ورائيو هو: "هن مٽيءَ ۾ شهنشاهہ ڪونهي. هيءَ مٽي مون لاءِ خاڪ شفا آهي، جيئن تولاءِ پاڻي. شهنشاهہ جي تو ماري ڇڏيو آهي تہ شهنشاهہ ڪٿي بہ ڪونهي، مون لاءِ سنجها سڀ ڪجهہ آهي." مان وهنجڻ هليو ويس. ٻيو وڳو پهري تہ آيس. پر اُن کان اڳ انهيءَ وڳي جي مٽي چندي چپٽي کن گڏ ڪري رکيم جو سمجهيم پئي تہ اها مٽي سنجها جي پيرن ۽ سڄي ساري وجود جي مٽي آهي، مون جڏهن کيس ويجهو ڪري ڀاڪر پاتو تہ سُڏڪي پيئي.

"ائين مون کي ڇڏي نہ ويندو ڪر. مان اڳيئي مُئي پيئي آهيان، مون کي جيئري تہ دفن نہ ڪر."

"مان توکي مرڻ نہ ڏيندس."

مون هُن کي مرڻ کان بچائڻ لاءِ وڏا جتن ڪيا. هُن پنهنجو سڄو سارو وجود ٻن جاڙن ٻارن ۾ منتقل ڪيو. ڪي ٽي چار ورهيہ ٻارڙن سان کيڏندي رهي ۽ آهستي آهستي مرندي ويئي. چيائون تہ کيس برين ٽيومر رهيو آهي. هاڻ وڏيڪ جيئڻ مشڪل آهي. ڪن ڊاڪٽرن تہ چيو تہ هيءَ سڀ جنات غيبات جو اثر ۽ ظهور اُن ڪري هو. ڊاڪٽر علي اِن ڳالهہ کي رد ڪندو رهيو. هو هسٽيريا ۽ نفسيات ۾ يقين رکندو هو. ڪهڙي ڳالهہ تي يقين ڪجي؟ ماڻهو تہ ويچارو هميشہ يقين ۽ اڻ يقين جي ٽياس تي ٽنگيل پئي رهيو آهي. مون سندن نالا "پيار علي" ۽ "اُميد علي" رکيا هئا. مون لاءِ هو پيار ۽ اُميد جو وڏو اهڃاڻ هئا. مان ازل کان پيار ۽ اُميد لاءِ جڙ تہ واجهائيندو

رهيو آهيان، سو سنجها پيار ۽ اُميد منهنجي حوالي ڪيا ۽ ائين هلي ويئي جڻ هئي ئي ڪانه! برين ٽيومر جو ڪو عذاب ٿو ٿئي. ڦٿڪندي هئي ته به ڪچندي نه هئي. ٻارڙا مٿان بيٺا رئندا هئا. مامي شادان ۽ مان پرچايان ته به نه پرچن. مون هڪ ڏينهن ڪين ماءُ سان ٻي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندي ٻڌو اُن ئي ٻوليءَ ۾ جيڪا ڪڏهن سنجها ڳالهائيندي هئي. ڳالهائيندي هو مون کي ڪا ٻي مخلوق ۽ ٻيا لڳا. هئا به ته ٻيا، پورا چٽا، وار به پورا، اکيون نيريون گهريون. هٿ پير ڪونئرڙا، وراءِ ته رڍڙ وانگي ورن! جيئن جيئن وڏڙا ٿيا ته ماڻهو ڪين حيرت سان ڏسندا هئا. ٻوليون ٻولن ته سنهڙا پر وٽندڙ چيچاٽ جهڙا آواز ڪين. ڪڏهن ٻاڻ ۾ وهن ته اُهائي اُبتي سُبتي ٻولي ڳالهائين، جيڪا مون کي ته سمجهه ۾ ڪانه پئي اچي، پر مامي شادان تڙي پيئي ڪنڌ سان هائو ڪندن. هلندي چلندي پئي اور گهور ٿيندين. منهنجي لاءِ هو منهجو 'پيار' ۽ 'اميد' هئا. منهنجو ته منجهن ساهه هيو. پنجن جا ٿيا ته مون ڪين اسڪول ۾ داخل ڪرايو. ذهين اهڙا جو هنن جون ماستورياڻيون حيران. ڳوٺ وڃن ته سيني جون دليون ڪٺيو اچن. آهستي آهستي ڪوني تي وڃڻ لڳا. اُتي پيا ڪيڏن. پوءِ ماڙيءَ ۾ وبهي ڪيڏڻ لڳا. مامي شادان رڙيون ڪري هيٺ لاهيو اچين. ماڙي بند ڪري ته رڙيون ڪري کولائين. مون کي دانهن ڏنائين مون ڏي خير هو. مون لاءِ شهنشاهه ته جڻ سنجها سان گڏ مري ويو هو. هيءُ ٻاڻ ئي ست شهنشاهه هئا. پر هڪ ڏينهن ويس ته هيءُ مٿي هئا. مٿي ويس ته ٻاهر ڪوني تي ڪو نه هئا. هي ماڙيءَ منجهه سادو گلم جيڪو راند لاءِ وچارايو هئائون، اُن تي چڙهيا ويٺا هئا. وبني اُن ٻي ٻولي ۾ ڪنهن سان پئي ڳالهايون. مان در تي بيهي رهيس. سوچيم ته هيءُ وري ڇا؟ مان يڪدم اندر داخل ٿيس. هو ماٺ ٿي ويا. مون گهبرائجي تڪڙ ۾ چيو "توهان ڪنهن سان پئي ڳالهايو". ته هو چُپ رهيا. پوءِ دڙڪو ڏيندي چيومان، "ڪجهو چو نٿا. سچ ٻڌايو ڪير هيو؟" مون ڪين اڳ ڪڏهن به دڙڪو ڪو نه ڏنو هيو. هُنن منهنجو سخت لهجو ۽ پريشان شڪل ڏني ته ٻنهي يڪ آواز چيو:

"سائين بابا شهنشاهه سان."

"سائين بابا، شهنشاهه؟ . . . ڪٿان آيو، ڪير آ شهنشاهه سائين بابا."

"هڪ ماڻهو اسان کي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پورو چٽو اسان جهڙو آهي، هو چوندو آهي تہ توهان جو وڏو سائين بابا مان آهيان. مون سان گڏ هلو. مان توهان کي گهمائيندس ڦيرائيندس. ڊيڊي! اسان هُن سان وڃون؟ چئي ٿو تہ مَمان سان بہ اوهان کي ملائيندس. اسان وڃون؟ وڃي چڪر ڏئي اچون. بابا شهنشاهه چئي ٿو تہ مان اوهان کي موٽائي وٺي ايندس."

مان سڄو سارو چرڪي ويس. هيءُ وري ڪهڙي پنڌ وڃن ٿا؟ اُتان الائجي موٽن يا نہ! وهم وسوسا وري موٽي آيا هئا. الائجي سنجها ڪو شهنشاهه جو پٽڪو ساڻن ڪيڏيو هو. وينڌي ڪو ڏس پنڌ ڏسي وئي هين. ڪا ٻولي بہ سيکاري وئي هين. مون ڇڪي کين ٻاهر ڪيڏيو. ماڙيءَ کي قلف ڏيندو، کين ٻانهن کان ڇڪيندو ڊوڙندو هيٺ ٿي لٿس تہ ڪن ڏاڪن تي اچي کين هنج ۾ کڻي قابو ڪيم ۽ پاڪر ۾ پريندو حاويليءَ جي اڱڻ ۾ آيس تہ مامي شادان منهنجي منهن کي ڏٺو. پگهريل جسم، يڪدم دانهن ڪيائين. "ابا! ڇا ٿيو؟" مان کيس ڇا ٻڌايان تہ مون سان ڇا ٿيو آهي. ڇا چوانس تہ شهنشاهه جڻ جيئرو ٿي ويو آهي. شهنشاهه کي هيءُ موٽائي وٺي آيا آهن. مون کيس پريشان ڪرڻ نہ پئي چاهيو. "مامي، ڪجهہ ناهي. ڏاڪڻ تان تڪڙا لٿا آهيون نہ. کيئن پيار، کيئن اُميد!"

مامي شادان ٻنهي کي هنج تان لاٿو. ٻُرا تہ ڪو نہ هيا. هلڪا جهڙي هوا. پاڻ کڻي کين کنيو. پوءِ هلڪيون ٿڦڙيون هڻندي اهو چوندي وٺي ويئي، "شيطان ٿي پيا آهيو، پيءُ کي تنگ ڪيو اٿو. هاڻي مٿي وڃڻ بند. مان ڏاڪڻ کي قلف هڻائي ڇڏيان ٿي."

مون سوچيو تہ اڄ ئي شهر روانو ٿجي. هت رهڻ ۾ خطرو آهي. اڻڄاتل خطرا وڏيڪ هنيارءَ ڏڪائيندا آهن. پر مامي شادان چيو تہ ٽپهري تہ ٿي وئي آهي، تون هاڻ تہ آيو آهين. صبح جو خير سان هلنداسين. مان ورانڊي ۾ وينو هيس تہ پيار ۽ اُميد ڦري آيا. "ڊيڊي! گهمڻ هلون."

مان ڪڏهن ڪين ڳوٺ کان ٻاهر هن وٽراهہ تائين گهمائڻ وٺي ايندو هيس. اڄ بہ مان کين هتي گهمائڻ وٺي آيو هيس. مون کي ڪهڙي خبر

تہ مون سان ھھڙو ڪيس ٿي ويندو. ھيئن آباد دنيا اُجڙي ويندي. ٻني ٻارو ٽپياسين ۽ هن وڏراهہ تي ايندي هنن ڪا شئي ڏني. منهنجيون ٻئي چيچون ڇڏائي وٺي ڀوڙيا.

”ڀيڊيءَ! سائين بابا شهنشاهہ!“

هوُ هن وڏراهہ جي چيڙي تائين پهچي ڪا گهڙي بيٺا. جڻ تہ ڪنهن سان ڳالهايائون. پوءِ مون ڏي منهن ڪري بيٺا ۽ هٿ لوڏيائون. جڻ خدا حافظ چوندا هجن. پوءِ ڏاڍيان ايترو سو چيائون. ”ڀيڊيءَ! اسين سائين بابا شهنشاهہ سان ممان ڏي وڃون ٿا. چڪر ڏيئي موٽي اچون ٿا.“

هوائين تڪڙا تڪڙا هلندا ويا. جڻ ڪنهن سونهين سان هجن ۽ ائين پئي لڳو جڻ هو ڪنهن جون چيچون پڪڙي پيا وڃن. پيا اڳتي وڃن. منهنجو جسم جڻ سُنُ ٿي ويو هو. ٽنگون چوريان تہ ٽنگون نہ چُرن. مان شايد شاڪ ۾ هيس. جيسين اُن شاڪ مان نڪران تہ سامهون ڪجهہ بہ نہ هو. ڀوڙيم ڀُڪيم. رڙيون ڪيون اٿم. اِجهو ساڻو ٿيو اوهان سان حال ورايان ٿو. توهان الائجي آهيو بہ يا نہ. ٻڌو بہ ٿا يا نہ. بس هاڻي اُٿان ٿو. ڪيتري دير ٿي وئي آهي، اوندهہ وڪوڙيندي وڃي ٿي پر ڪهڙي منهن سان گهر وڃان. ”اُميد“ ۽ ”پيار“ جي سيڻي عاشقن کي ڇا چوان؟

مون هڪ دفعو وري ڏاڍيان، اُميد ۽ پيار لاءِ پڪاريو آهي. بہ چار سڏڙا وَرُ ڪيا اٿم. اوچتو هڪ آلاپ ڪنين پيو اٿم:

”حبيبن هيڪار منجهان مهر سڏ ڪيو.“

ڪجهہ پريان ٻاهڙي پيئي ٽمڪي، ڪو فقير هو جيڪو ڏاڍيان سُر سان وَرُ وَرُ آلاپي رهيو هو.

”حبيبن هيڪار منجهان مهر سڏ ڪيو.“

الائجي ڇو مون کي اُن ويلي سنجها وري سامهون اچي وئي. جيڪا مهر لاءِ پڪاريندي پاڻ مهر جو مجسمو بڻجي موڪلائي وئي، مون لاءِ مهر، ’پيار‘ ۽ ’اُميد‘ لاءِ مهر. مان تڪڙو اُن ٽمڪندڙ ٻاهڙي ڏانهن وڌيو آهيان. اُت پهچان ٿو تہ ڏٺم هڪ فقير آهي، جيڪو دونهڙي دُکايو منهن مونن ۾

هنيو وينو آهي. ڪڙڪي تي ڪنڌ ڪٽي، مُرڪيو ۽ وري سُر سان آلاپڻ لڳو آهي.

”حبيبن هيڪار منجهان مهر سڏ ڪيو.“

هاڻ اڳتي چيو اٿائين.

”سو مون سڀ ڇمار، اورڻ اُهوئي ٿيو.“

هن وري چيو ”سو مون سڀ ڇمار اورڻ اُهوئي ٿيو.“

هاڻ مان جهڄي پيس ۽ روئڻ لڳس. پوءِ هُن هٿ سان حويليءَ ڏانهن اِشارو ڪيو آهي ته هاڻي مان اوڏانهن وڃان. مون ۾ اُميد جاڳي آهي. ’پيار‘ ۽ ’اُميد‘ ٻنهي چيو هو ته هو موٽي ايندا. ٻئي رستي ڪان مَنَ موٽيا هجن. هُنن کي ڳولڻ جو ڪير نه آيو آهي، سو پڪ سان ڦري گهري پهتا هوندا. اڳڻ ۾ لڪ لڪوٽي ڪيڏندا هوندا. شهنشاهه جي آهي ته ايڏو ظالم نٿو ٿي سگهي. باقي سنجها ته اهڙي ديس وئي آهي جت هوءَ جيئرن جگرن کي ڪيئن روڪيندي. شايد شهنشاهه ئي هنن کي اڳڻ تي يا ڪوٺي تي نه ته ماڙي ۾ ضرور چڙهي ويو هوندو. مان تڪڙو حاويليءَ ڏي هلندو هلان ٿو. هلندو هلان ٿو. ’پيار‘ ۽ ’اُميد‘ لاءِ ئي ته وڏان ٿو پر آهيان ته اُهوئي هڪ بيوس انسان، جيڪو هميشه يقين ۽ اڻ يقين جي ٿياس تي ٽنگيل هوندو آهي ۽ پيو ’پيار‘ ۽ ’اُميد‘ لاءِ واجهائيندو آهي.

مال ملڪيت بہ لڪائي ورتي هئائون. سفوران جو مڙس لالچي هو. هُن تہ جي چڱي وڏي زميندار کان الڳ پئسا وٺي ڪيس سڳ ڏيڻ قبوليو هو. شهمير هنن تي ٺيڪ ٺاڪ زوربار وڌو. چار چڱا ميڙ بہ وٺي ويو پر هنن نہ مڃيو. زميندار کي پنهنجي ورتل سڳ مٿان چڙهت ۽ شهمير ۽ شانان جي لڪي ملڻ ۽ معاشقي تي غيرت آئي. هُن شهمير کي تہ ماريو پر سفوران کي بليڪ ميل ڪري قبولرايو تہ شهمير کي هُنن ئي ماربو آهي."

"اگر اِها ٿيوري آهي تہ پوءِ سائين! مائي سفوران پاڻ تي ڇو الزام ڪنيو؟" مون سينئر صاحب کان پڇيو.

هـُن کلي مون ڏي ڏٺو "آهي نہ ادبي سوال!"

"بابا! بس هڪ ڌمڪي رئيس طرفان ڪافي هئي تہ تنهنجي ڌيءُ شانان کي 'ڪاري' ۽ شهمير کي 'ڪارو' ڪري مارينداسين. هاڻ غيرت واري سوال تي مائي ڇُٽيو پئي ٿي وڃي يا هلڪي سزا ٿي مليس. ڦاسي يا عمر قيد کان بچي ئي بچي."

"سَر! مون کي ڇا ڪرڻو آهي؟"

"ثابت اِهو ڪرڻو آهي تہ It is not honour Killing (غيرت جو سوال ناهي.) مائي سفوران پنهنجي مڙس ۽ وڏيري جي چـُرچ تي، شهمير جي ملڪيت ڦٻائڻ ۽ پنهنجي ڌيءُ شانان جو سڱ وڏيري کي ڏيڻ لاءِ هيءُ ڊرامو رچايو آهي. هوءَ قاتل آهي. اُن سان 302 لاڳو ٿيڻ کپي."

مان ٻُڏتر ۾ پئجي ويس. منهنجي سينئر مٿان اِهو بہ چيو تہ "ميان! هڪ ڳالهہ ياد رکجانءِ تہ توکي Prosecution جي ڪيس مطابق هلڻو آهي. مٿان پنهنجي طبيعت مطابق هيڏانهن هوڏانهن ناسون هڻي ڪا ڪهاڻي يا ڪالم يا مضمون لکي وهين. هيءُ نازڪ مسئلو آهي. اڳ ۾ بہ هڪ ٻن ڪيسن ۾ اخبار ۾ تنهنجي راءِ جو اظهار مڙيوئي مهانگو پيو هو. اِن ڪري هن دفعي معاملو اهڙو ڏنو اٿمانءِ جو توکي رُڳو سرڪاري وڪيل سان تعاون ڪرڻو آهي ۽ فريادي ڌُر جي داخل ڪرايل ايف. آئي. آر. مطابق هلڻو آهي. سمجهيئہ. آهين تہ هوشيار ۽ سمجهدار."

”سَرا بالڪل سمجهيم. توهان فڪر نہ ڪريو. قانون کان مٿاهون ڪير بہ ڪونهي. ادب بہ نہ.“

❊ ❊ ❊

هن ننڍي شهر ۾ قائم ڪيل هيءَ ڪورٽ مون کي اِنڪري وڻندي آهي، جو شهر جي ڪجھ ٻاهران هڪ روڊ تي آهي. انگريزن جي دَور جي هڪ ننڍي عمارت اٿس. چوڌاري ڪمپائونڊ وال ۽ اندر ننڍڙو باغ بہ اٿس. باغ قتل آهي. باقي وڻ ڪي سُڪل، تہ ڪي ساوا قائم آهن. هتي اچڻ وڃڻ گهٽو ٿيندو آهي، جو منهنجي سينئر جا گهڻا ڪيس مڙيوئي هِت آهن. ڪورٽ ننڍي آهي، انڪري پاڻ گهٽ ايندو آهي. اسين جونيئر اِنهيءَ ننڍي ڪورٽ جي ورانڊي ۾ بينچ تي يا ڪنهن ڇڊي ڇانوَ ڏيندڙ وڻ هيٺان ويهي اصيل سان ٻولا چاري ڪري يا پٽ ٻاهران نهيل ٻاڪڙا هوٽل تان چانهہ گهرائي، اوٻاسيون ڏيندي وقت گذاريندا آهيون. ڪورٽ سڄوريءَ پاران سڏ ٿيو تہ اندر پهتاسون. ڪيس هليو نہ هليو تاريخ وٺي روانا ٿيندا آهيون.

❊ ❊ ❊

اُن ڏينهن ڪورٽ ۾ ڏاڍي رونق هئي. جنهن ڏينهن مسمات سفوران جو ڪيس هو. ٻاهر ماڻهن جا ميڙاڪا هئا. مائي ڪورٽ جي ايوان ۾ اسان واري وڻ جي ڇانوَ تي قبضو ڪيو ويٺي هئي. پوليس گيٽ بند ڪيو مائيءَ تي پهرا پئي ڏنا ۽ خرچي وٺي مائٽن سان ملڻ پئي ڏنائون. ڪن اوپرن ماڻهن لوٽا پئي هنيا تہ ڏسون تہ اِها مائي ڪهڙي منهن مهانڊي آهي، جنهن سڄو پاڻيجو ماريو آهي. مائي ڪورٽ کي پُٺ ڏيو پٽ واري پاسي منهن ڪيو وڏي رئي سان پاڻ کي ڍڪيو سُڪل سڙيل ڇپر تي ويٺي هئي.

مان اِهو لقاءُ ڏسندو اڪ ٽيٽ سان ورانڊي مان ٻيهي مائيءَ جو جائزو وٺندو رهيس.

ائين جج صاحب جو نائڪ آيو. ”صاحب سڏيو اٿو.“

جج صاحب سان اِتي ايندي ويندي منهنجي سُٺي نيازمندي ٿي وئي هئي. جنهن ڏينهن منهنجو ڪو ڪيس هوندو هو تہ ويٺو انتظار ڪندو. نوجوان هو ۽ پروگريسو خيالن جو هو. علم ادب سان بہ چاهہ هئس. ڪميشن

معرفت سڏو چونديو ويو هو. اردو اسپيڪنگ هو پر سنڌي سمجهندو به هو ته ڪجهه ڳالهائيندو به هو. پهرين پوسٽنگ انهيءَ ڪورٽ ۾ ٿي هئس. صبح جي پهر ۾ جيسين ڪورٽ جي تياري ٿئي ۽ هلڻ وارن ڪيسن جي چاڻ مليس، تيسين وينو مون سان ٻولاچاري ڪندو هو. سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي صورتحال ۽ ريتن رسمن کان گهڻو آگاهه نه هو پر وينو مون کي ڪوليندو هو. سندس چئمبر ۾ داخل ٿيس ته وڏو ٺهڪ ڏنائين:

"سائیں! دیکھو آج ہماری کورٹ میں بھی میلا لگا ہوا ہے"۔"بس سائیں! یہی ہماری سندھ کی بد نصیبی ہے۔ ابھی ابتدا ہے، دیکھنا انتہا کہاں پر ہوتی ہے۔ عورت بیچاری ہمیشہ مظلو رہی ہے۔"

"یہ مظلوم ہے؟ بھانجے کو مارا ہے"۔

"پتہ نہیں سَر! بھانجا مظلوم تھا یا نہیں، یا پھر دونوں."

جج منهنجي منهن ۾ ڏسڻ لڳو ۽ سوچ ۾ پئجي ويو ۽ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪندي چيائين. "ته پوءِ اصل ڳالهه ڇا آهيس."

"سَر! ڪيس هلي، خبر پئجي ويندي. مون ڪيس پڙهيو آهي. ڳالهه ۾ ڪو رولو آهي."

نائڪ چانهه کڻي آيو هو. هُن چسڪي ڀريندي ئي چيو "پر مائي قبولدار ٿي آهي. 164 جو بيان پڙهو. مگر ميمن صاحب! توهان ته فريادي ڌُر پاران آهيو توهان ته رولو نه ٻڌايوس."

"سرا هيءَ ڪيس منهنجي سينئر جو آهي. مان اديب آهيان، هِن معاشري جو سجاڻ فرد آهيان. سينئر صاحب اِنهيءَ عمل کان جهليندو آهي، پر مان پنهنجي مزاج کان مجبور آهيان. ڳالهه جو ڳاتو جهلبو ضرور، پر پروفيشنل بي ايماني به نه ڪبي." مون ڪلندي ڪيس چيو.

جينوٽيڪ مائيءَ جو سيشن ڪورٽ مان عورت هئڻ ڪري ضامن ته ٿي ويو هو پر پروفيشن ۽ قاعدي قانون مطابق ڪيس هليو ۽ خوب هليو. مائي قابو هئي. سرڪاري وڪيل ۽ مون شاهدن ذريعي ائين وڃي ڪيس ٻيهاريو ته مائي ملڪيت جي لالچ ۾ ۽ سڱ لاءِ وڏيري کان پئسا ونئي هيءَ

قتل ڪيو آهي ۽ مڙسس بہ هن ۾ شامل آهي. هيءَ سڌو سنئون مرڊر ڪيس آهي، غيرت جو ڪو مسئلو نہ آهي.

❊ ❊ ❊

هڪ ڏينهن ڪيس آخري مرحلن ۾ هو ۽ مان واندو ٿي نڪتس تہ ڏٺم تہ مائي باغ ۾ هڪ بئنچ تي هڪ ٻن ماين سان گڏ ويٺي هئي. ڪورٽ ۾ هاڻ ماڻهو نہ رهيا هئا. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو هو. ڪورٽ بند ٿيڻ واري هئي. وراندي جي ڪنڊ تي اُنهن مان هڪ مائيءَ اچي منهنجو اڳ جهليو "اَبا ترس! سفوران توسان ڪجھہ ڳالهائيندي. ٿورو هيڏانهن اَچ."

مان بيهي رهيس. پهرين سوچيم تہ ڪيس جواب ڏيئي ڇڏيان. جو پروفيشنل ذميوارين ڪري جوابدار ڌُر سان ڳالهائڻ مناسب نہ هو. ٻيوِ اهو بہ سوچيم تہ منهنجي سينئر کي خبر پوندي تہ بنهہ جونيئري واري نوڪري مان ڪڍي ڇڏيندو. پر طبيعت کان مجبور اندر ۾ ويٺل اديب ۽ ڪهاڻيڪار کي ڪيئن روڪيان. ڳالهہ جو ڳاٽو تہ جهلبو ۽ مان اُن وڙ ڏانهن هليو ويس، جنهن هيترن مهينن ۾ بہ نوان گونج ڪونہ ڪيا هئا. هاڻ تہ سرءُ بہ ويجهو هو. پن ڇڻي هيٺ ڍير پئي ٿيا. شاخن مان اُس نڪريو پئي آئي، پر اُن ۾ تاءُ نہ هو. هيءَ هڪ ڍگهي مضبوط جسم جي عورت هئي. جڏهن اُٿي تہ هُن رَئي جو پُڪل کوليو تہ ڇڙڻ کان رهجي ويل ڪرٽا سندس اَڇي اُجري منهن تي وڇائجي ويا ۽ سندس منهن رَتو ڪندا پئي ويا. هيءَ سُهڻي سيبتي عورت هئي. مون ڪورٽ ۾ ڪڏهن سندس منهن نہ ڏٺو هو جو هوءَ منهن اڏ ڍڪيو ويٺي هوندي هئي. مون رڳو سندس ڏيلُ ڏٺو هو. هاڻي هُن ڳالهايو تہ سندس اڇا ڏند بہ جَرڪي پيا، پر سندس منهن تي مُرڪ نہ هئي.

"وڪيل صاحب! هيءَ توهان مون سان ڪهڙو ظلم پيا ڪريو. ڪيس کي ڪاڏي پيا وٺي وڃو. مان تہ ڦاسي چڙهي وينديس، پر جنهن نياڻيءَ لاءِ هي سڀ پوڳيان پيئي، مون کان پوءِ اُن جي سنڀال ڪير ڪندو... بگهڙن جي وَرُ چڙهي ويندي." مون سندس نياڻيءَ ڏانهن ڏٺو. هوءَ بہ هُن وانگر وڻندڙ ۽ هُن جهڙي ئي هئي.

مان گهڙيءَ کن لاءِ تہ چُپ رهيس، پوءِ بي اختيار چئي ڏنم، ”تو هن معصوم کي هٿ سان بگهڙن جي وَرُ چاڙهيو آهي. پنهنجي سڳي ڀاڻيجي کي هٿ سان ماري هن معصوم نياڻيءَ کي هڪ جهوني بدبودار بگهڙ جي حوالي ڪرڻ لاءِ توئي تہ سيڪجھ ڪيو آهي. تون سمجهين ٿي تہ تنهنجي نياڻي هندورن ۾ لُڏندي ۽ تون هتان بچي پوءِ موٽي وڃي سندس چاشني ۾ پلاءُ وارو ڪاج ڪائيندينءَ؟.... مائي سفوران! تيستائين تہ تنهنجون هڏيون بہ نہ بچنديون. تون ڪهڙي خيال ۾ آهين. الائي ڪيترا بگهڙ گڏجي هن معصوم کي رڙڪي کائي ويندا. تنهن جي خبر پوءِ پوندءِ.“

مون وڏي سندس نياڻيءَ مٿان هٿ رکيو. پوءِ سفوران جو هٿ وٺي اُن جي مٿي تي رکيو. هوءَ منهنجي منهن ۾ ڏسڻ لڳي.

”کاءُ قسم هن نياڻيءَ جو تہ جيڪي تون چئين ٿي، سو سڀ سچ آهي. کاءُ قسم اُن معصوم نوجوان جو جنهن جو خون بہ تنهنجي سر تي آهي. بيئي خون تنهنجي سر تي آهن. ياد رک، هيءَ بہ نہ بچندي.“

مائي سفوران پنهنجو هٿ يڪدم نياڻيءَ جي مٿي تان کڻي ورتو. سڄي هيڊي پيلي ٿي ويئي. سندس ٽنگون ٿڙڪڻ لڳيون. هوءَ بيهي نہ پئي سگهي. ٻي مائيءَ کيس بئنچ تي ويهاريو.

”منهنجي مدد ڪر وڪيل صاحب! ڦِي توکي مان ڏينديس.“ سفوران ڳوڙها ڳاڙيندي چيو.

”مان اهڙو ڪم نٿو ڪري سگهان. جيڪي ڪجھ سچ آهي، سو سمورو ڪورٽ سڳوري کي ٻڌاءِ. پوءِ ئي ڪجھ ٿي سگهندو.“

”ڪورٽ کي ٻڌاءِ تہ تو پنهنجي سڳي ڀاڻيجي شهمير کي ڪيئن ماريو. ها واقعي هُن پنهنجي سهڻي پياري مڱيندڙ، جنهن سان هُن جو ننڍي هوندي کان پيار هو، اُن کي ڇڏي توسان زوري ڪئي. ڪا سولي ڳالھ تہ ڪر!“

سفوران روبو پئي رني. اوچتو منهنجي ويجهو اچي سُرڪات ڪندي چيائين، ”سائين، شهمير منهنجو ڀاڻيجو هو مان اُن کي ڪيئن ماريندس؟ هو تہ مون کي ماءُ وانگر ڀائيندو هو. هو ڪيئن بڇڙي نگاھ رکي مون تي

حملو ڪري زوري ڪندو. هو تہ منهنجو ٻچو هو. مان اُن کي ڪيئن ماربنديس؟“

”پوءِ ڪنهن ماريو؟“

هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. مڙسس شهر ويو هو اجا نہ موٽيو هو.

”سائين، اِهو ظلم منهنجي مڙس عدلوءَ ۽ وڏيري شمن خان گڏجي ڪيو. وڏيري جي ڪمدار خميسي ٻن ٽن همراهن سان گڏ اچي ڀريائين شهمير کي ماريو. پوءِ ٻينا هن نياڻيءَ کي مارڻ تہ شهمير سان ’ڪاري‘ ٿا ڪيونس. وڏيري ۽ منهنجي مڙس مون کي ڪٺي پٽ ۾ رُنبيو تہ هيئن قبولدار ٿئين ٿي تہ واهہ. نہ تہ تنهنجي نياڻيءَ کي ٿا ڪاري ڪري ماريون. مون کين اهو بہ چيو تہ مون کي پِل ڪاري ڪري ماري ڇڏيو پر هيئن ذليل نہ ڪريو. لعنت آهي هن جيئڻ تي، پر مان رڳو هن نياڻيءَ لاءِ جيئرو رهڻ چاهيان ٿي. مان هاڻ سندن اکيون ڏسيو ويٺي آهيان. وڏيرو روز رات جو ماڻهو ٿو موڪلي تہ ڇوڪريءَ کي اوطاق تي موڪل. مان تہ جيئري ئي مري ويٺي آهيان. الله انهي منهنجي مڙس عدلوءَ جو منهن ڪارو ڪندو جنهن جو پيٽ ئي نٿو ڀرجي.“

مون سندس حالت ڏسي ويجهو وڃي ساڻس ڀُٽڪندي ڳالهايو: ”اٿئي همت تہ سڀاڻي پنهنجي بيان تان ڦري وڃ، ۽ ڪورٽ کي هيءَ سچي حقيقت بيان ڪر. پوءِ ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي. هاڻي هنن کي طاقت نہ ٿيندي، جو هو تنهنجو يا تنهنجي نياڻيءَ جو وار بہ ونگو ڪري سگهن. تون همت ڪندينءَ تہ سيڪجهہ سٺائو ٿيندو. نہ تہ تنهنجي لاءِ سِرڪڻ ڦاهي تہ ٺهي ئي پيئي آهي.“

مون ڀُٽڪڻ بند ڪري سندس منهن ڏي ڏٺو. هيءُ هڪ معصوم عورت جو چهرو هو. وهيل ڳوڙهن جون لارون هاڻ سُڪڻ لڳيون هيون. مان آهستي آهستي ڇُرندو ائين ڪسڪي آيس. جڏهن اُن پاسي ويو ئي نہ هئس. گيٽ کان ٻاهر نڪتس تہ سفوران جو مڙس عدلو سيڏي سامان سان ٽانگو پرائي اچي پهتو ۽ مون ڏانهن اجائي سجائي نظر ڦٽي ڪري زوريءَ کنگهڪار ڪندو اڳتي وڏي ويو. مون اج ڪيس غور سان ڏٺو. هيءُ هڪ قتل،

بندرو، ٿلهو ڪارو ۽ بيڊولو شخص هو. سفوران جو نوڪر پٺي لڳو. هوڏانهن مائي سفوران اڇي، پوري، سهڻي، سيبتي، وڏي هڏ ڪاٺ واري قداور عورت هئي. جي هن ڪُـڏي مامري ۾ نہ ڦاسي ها تہ سندس رعب تاب ۽ ڏيل ڏيا ڪي ڪوبہ لوڏو نہ هو. هاءِ ڙي قسمت!

پر مائيءَ ۾ اجا بہ ڪي جولان باقي هئا. آخري بيان ڏيڻ لاءِ ڪورٽ ۾ بيهي تہ هڪ سَٽ سان ئي ڪئين ڏڏڪا ڪيندي وئي! هوءَ پنهنجي اڳئين بيان تان صفا ڦري ويئي. هـُن واردات ٻڌائيندي مڙس، وڏيري شمن خان ۽ سندس ڪمدار ڪاراون کي ڏوڙ ڪري ڇڏيو. جج سدورو هو ۽ اسان واري ادبي چڪر ۾ لڏي جو هو. مائي سفوران کي اهڙو ڳالهائڻ ڏنائين. جو ڪورٽ ۾ سانت ڇانئجي ويئي. رڳو سندس ئي آواز پئي گونجيو ۽ گونجندو رهيو ۽ آخر ۾ چيائين: "مون اِهو ڏوهہ صرف ان لاءِ قبوليو هو تہ مان پَل 'ڪاري' ٿيان، پر منهنجي نياٽي ڪاري نہ ٿئي. اڳيون بيان عدلوءَ ۽ وڏيري شمن خان مون کي ڌمڪيون ڏيئي زوريءَ ڏياريو هو."

جج دير ئي نہ ڪئي. حڪم جاري ڪيائين تہ "نئين سر انويسٽيگيشن ڪئي وڃي ۽ شڪ جي بنياد تي في الحال تہ سفوران جي مڙس، وڏيري ۽ سندس ڪاراون کي ٻڌي ريمانڊ لاءِ پيش ڪريو. مسمات سفوران اڳيئي ضمانت تي آهي، تنهنڪري پل ضمانت تي هجي." اهڙي سفارش هـُن سيشن ڪورٽ کي بہ ڪئي. پوليس کي هدايت ڪيائين تہ مائي سفوران ۽ سندس نياٽيءَ کي پوليس پروٽيڪشن ڏنو وڃي. پبلڪ پراسيڪيوٽر کي حڪم ٿيو تہ ري ٽرائيل لاءِ ڪيس تيار ڪيو وڃي. مان ٻاهر ئي ويٺو هئس تہ نائڪ آيو "سائين! صاحب سڏيو آهي."

مان چئمبر ۾ داخل ٿيس تہ جج ٽهڪ ڏيئي چيو "يو ناٽي بواءِ!... آخر اديبن واري ڪار ڪيئہ. مون کي ڪجهہ خبر پيئي آهي." مون ڪلي ڪيس چيو "قانون جي ديويءَ کي پَٽي ٻڌل هوندي آهي. اسان ماڻهن جو ڪم ئي آهي تہ ڪجهہ وقت لاءِ ديويءَ جي اکين تان پٽي لاهي ڇڏيون."

"پروفيشنل ذميواريءَ جي پڇڪڙيءَ جو ڇا ٿيندو؟" جج صاحب مُرڪندي چيو.

”جيڪي ٿيندو اُن کي ڏٺو ويندو توهان ۽ اسان انصاف جو دامن نہ ڇڏيو آهي. هنن بي گناهہ ۽ مظلوم ماڻهن جو داد فرياد ٿيو آهي، اهو ئي مون لاءِ گنج آهي.“

چئمبر مان ٻاهر نڪتس تہ مَن تي بار نہ هو. مون وراندي ۾ ويهي نهاريو. مائي سفوران پنهنجي نياڻيءَ سان گڏ وڻ هيٺان ويٺي هئي. هوءَ مون ڏانهن ڏسي رهي هئي. سندس اکين ۾ چمڪ ۽ چپن تي مُرڪ هئي ۽ سندس نياڻيءَ جي منهن تي سَرهائي هئي.

مون وڻ ڏانهن نهاريو. مون کي ائين لڳو جڻ اُن ۾ نوان گؤنچ نڪري آيا هئا. هن مُند ۾ بہ وڻ تي بهار جي مُند ڇانيل هئي ۽ منهنجي مَن ۾ ڪئين ڪنڊهار ڪڙي پيا هئا!

❑

# اڪيڙيون ميگهہ ملهار

هيءُ هڪڙو وڏو گهر هو جنهن ۾ ڪيترا ئي ڪتنب مِٺ محبت سان گڏ رهندا هئا. مان اُت وڏي گهر ۾ نپجي سيني ڪتنبن جو پيارو ۽ لاڏلو نينگر ٿي وڏو ٿيس. اِن گهر جا ٻہ اهم اُهڃاڻ هئا: هڪ تہ داخل ٿيڻ وقت ڏيڍي ٽپڻ لازم هو ۽ هن ڏيڍيءَ ۾ ڪيئي وَر وَڪڙ هئا. جيڪي عام ڏيڍين ۾ ڪونہ هوندا آهن. شروع ۾ ئي هڪ ڏيڍي اُها هئي جيڪا ورهائجي ٻن ڏيڍين ۾ تبديل ٿي ويندي هئي. اڳتي هلي اسان واري ڏيڍي ور وڪڙ کائيندي وچي وڏي اڱڻ ۾ پهچندي هئي. جتان اُن وڏي حويلي جهڙي گهر جا عجب نظارا پسبا هئا. ڪرت واريون. قرب ونڊڻ وارا. ڪل خوشيءَ وارا جيڪي نہ رڳو اڱڻ جو مَرڪُ هئا پر شاهي ڏکهو وراندو جنهن ۾ گهريتڙيون ۽ وڏڙيون واندڪائيءَ ۾ويٺيون ڪچهري بہ ڪنديون هيون. تہ ڪي چلم مان بُڙڪاٽ ڪڍندي مسئلن جا سڳا سوريندڙيون هيون. وڏڙا ڪم ڪار لاهي ايندا هئا تہ روٽي پاڻي سان گڏ سندن ڳالهين ۽ چلم ۾ ياڳي پائيوار ٽيندا هئا. هن گهر جو ٻيو وڏو اُهڃاڻ هن گهر جي وڏي منهنجي ڏاڏي سونل هئي. جيڪا سنئين سڌي. بنا ڪنهن وَر وڪڙن جي. 'سنئين راند سونٿي واري' ۾ يقين رکندڙ هئي. هن جا فيصلا سيني ڪتنبن ۽ هن وڏي خاندان لاءِ هڪ قانون جو درجو رکندا هئا. پاڻ ۾ سڱن پنڌن جا مامرا هجن يا ننڍين جهيڙن جهتن جا فيصلا هجن يا ڪنهن ٻاهرين ڪتنب سان پير ڪٽجي يا نہ سندس حڪم اٽل هوندو هو. چون ائين ٿا تہ اسان جو ڏاڏو مرحوم. جيڪو هن خاندان جو وڏو هو تنهن جو حڪم بہ ائين نہ هلندو هو. جيئن ڏاڏي سونل جو حڪم. سندس ڏاڪو بہ ڏاڪو هو جو ڏاڏو سائين بہ سندس سامهون ماٺ ٿي ويندو هو. اُن وقت ڏاڏي سونل جي مُک تي ڏيا ۽ ارادي جي پختائي واسو ڪري ويندي هئي، خاص طرح جنهن وقت فيصلي جو وقت هوندو هو يا ڪنهن سان اختلاف ڪرڻ جو وقت هوندو هو. پر سندس

حياتي ۾ ڪيترا اهڙا واقعا بہ پيش آيا، جيڪي ڪي قدر سندس مرضي جا نہ هئا ۽ ڪيس ڪڏهن ان جو ڏک بہ ٿيندو هو. ماسي آسيت ڪاسائڻ جو صدمو ڪيس جڻ تہ جيئري ماري ويو.

هن گهر جي ڏيڏي ڪي ٿي ور وڪڙ هئا تہ قاعدا قانون بہ پنهنجا هئا. اُنهن ڪي عمل ۾ آڻڻ، نبيرڻ، ڏاڏي سونل جي اختيار ۾ هو. ڪيس خاص اختيار هو تہ نُهرن ڪي پنهنجي مائٽن ڏي موڪل ڏئي يا نہ. سندس پٽن جي مرضي پلي هجي پر ڏاڏي سونل کين گهٽو ڪري نہ ڇڏيندي هئي. گهر جي وڏڙن جي اِنهيءَ فيصلي جي پابندي ۽ پوئواري ڪرڻ سندس ذميواري هوندي هئي تہ جيڪي نُهرون ڏاريون هيون، اُنهن جي عزيزن قريبن ڪي ملڻ جي اجازت صرف اُنهن وَر وَڪڙ ڏيڏين ۾ هئي، جيئن ڏارين ماڻهن جو وڏي گهر جي ٻين رهواسين تي پاڇو بہ نہ پوي. هوءَ پنهنجين نُهرن ۽ نين ڪُنوارن سان سنو هلندي بہ ٻاهر اچڻ وڃڻ جي پابندي تي سخت روبو رڪندي هئي. سندس ڇهري تي اُن وقت سختي اچي ويندي هئي. سنهڙن ڇپن جون ڪنڊون سوڙهيون ۽ مُرڪ ڪان آجيون ٿي ونديون هيون، جڏهن نهرن جا پيئر يا پائر ساٿن ملڻ ايندا هئا. هوءَ ڏيڏيءَ جا ٻاهريان دَر ۽ اوريان در بند ڪرائي وچ واري حصي ۾ کين پنهنجي مائٽن سان ملاقات ڪرڻ جي اجازت ڏيندي هئي. حڪم وڏڙن جو هوندو هو ۽ اُن حڪم تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڏاڏي سونل بندوبست ڪندي هئي. اُنهن نُهرن يا نين ڪنوارن جون مائرون پينر يا مائٽياڻيون اندر اينديون بہ هيون تہ سندن آڏرياءُ ڪو وٽندڙ نہ هوندو هو جو هو ڏاريا هئا ۽ هيءَ نُهرون يا ٻيون ڪناورون "ڏاريون" سڏبيون هيون. هتي جنهن جو آڏرياءُ ٿيندو هيو اُها هئي ماسي آسيت ڪاسائڻ، جيڪا هڪ ڇپيءَ ۾جيرن ٻُڪين ۽ ٻوٽين جو شيخون پچائي وجهي ڪٽي ايندي هئي. سندس اچڻ سان سڄي گهر جا ٻار ٻچا ۽ مايون گوشت جون پڪل مرچن مصالحن سان ٻُرڪيل شيخون وٺي سوسات پري کائينديون هيون، پر وڏي خوشي ڏاڏي سونل کي ٿيندي هئي. وسيع ورانڊي ۾ هوٻئي جٽيون جڏهن ڪٽ تي چڙهي ويهي پنهنجيون پرايون ڳالهيون ڪنديون هيون، تڏهن وقت جڻ تہ بيهجي ويندو هو. ماسي آسيت جي ڳالهين ۽ چوپولن تي ڏاڏي سونل

ايڏو تہ ڪلندي، ٽڙندي خوش ٿيندي هئي ۽ سندس ٺهڪڙا گونجندا هئا جو ائين لڳندو ئي نہ هو تہ هيءَ ڏاڏي سونل آهي. هڪ سخت گير منتظم ۽ هن گهر جي پنهنجن قاعدن قانونن جي پاسبان. ڏاڏي سونل ۽ ماسي آسيت جي هيءَ دوستي ورهين جي ساٿ جو نتيجو هئي. ماسي آسيت جو هن حويلي ۾ اَچڻ وڃڻ شايد منهنجي ڄمر کان بہ اڳ جو هجي. مون جڏهن کيس ڏٺو تہ کيس ڏسندو ئي رهجي ويو هيس. ڏاڏيءَ جو مون سان گهڻو پيار هوندو هو. ماسي آسيت ايندي هئي تہ ڏاڏي ڪڏهن ٽڪو يا آنو خرچ ڪري مون کي بہ پڪل نندي شيخ وٽي ڏيندي هئي. مان سوست پريندو پڪل جيرا يا بوٽين جا ٽڪر چباڙيندو هوس. ماسي آسيت جو پوٽو گلڻ وڏڙو ٿيو تہ ساڻس گڏ ايندو هو. ڏاڏي اُن کي بہ پيسو ٽڪو خرچي ڏيندي هئي ۽ مون سان گڏ کيس بہ مٺيون ڏيندي هئي. مان پرسان ٿي وينو گلڻ سان کيڏندو هوس ۽ ڏاڏي سونل ۽ ماسي آسيت جي ڪچهري نہ کٽندي هئي. ماسي شام جو ڇبو گهڻو ڪري خالي ڪري ئي نڪرندي هئي. اوڙي پاڙي جا ٻارڙا بہ هتان اچي پڪل شيخون وٺي ويندا هئا. ماسي آسيت ڪڏهن بيمار ٿيندي هئي ۽ نہ ايندي هئي تہ سيني کي اون ٿي پوندي هئي ۽ سيني گهرن جا ياتي پيا پڇا ڪندا هئا، پر وڏي ڳڻتي ڏاڏي سونل کي هوندي هئي. ماسي چاڪُ ٿي وَرُ اچڻ لڳندي هئي تہ سيني کان وڌيڪ ڏاڏي سک جو ساهہ کڻندي هئي، ماسي آسيت ڪنگهندي بہ ڏاڍو هئي پر بيڙي پيئڻ نہ ڇڏيندي هئي. ڏاڏي کيس منع ڪندي هئي ۽ پنهنجي چلم سندس ويجهو ڪندي چوندي هيس: "اَدي آسيت! اِها نياڳي پن جي بيڙي نہ پي، ڦوڪ پرٽي اٿئي تہ چلم جي ڦوڪ پر، هيءَ ٺڏي اٿئي."

ماسي هڪ بہ ڦوڪ پري وري پن جي بيڙي ڪڍندي هئي. پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪنگهہ اُپڙندي هيس تہ ماسي ساٽي ٿي ويندي هئي. ڏاڏي کيس پاٽي پياريندي هئي، پُٺيءَ کي مهٽيندي هيس ۽ هوءَ سامت ۾ ايندي هئي تہ اُهي ئي گهر گهرَ جا قصا، ڪنهن جي گلا تہ ڪي پنهنجا سور. ڏاڏي پنهنجين نُهرن جون شڪايتون ڪندي هئي تہ پٽڪي سان. باقي پنهنجن پٽن سان ۽ نهاٽين سان عشق هوندو هيس. مون کي اهو سڀ ڪجهہ ياد آهي

۽ اُهو صبح بہ ياد آهي جڏهن ڪاسائين جي پاڙي مان اوطاق تي نياپو آيو تہ رات ماسي آسيت گذاري وئي. سڄو گهر وسمي ۾ اچي ويو. نيٺ ڏاڏيءَ کي بہ ٻڌايو ويو. آسيت ۾ ساهہ هيس. هوءَ صفا ماٺ ۾ اچي وئي. چون ائين پيا تہ صدمي جي ڪري کيس ڳوڙهو بہ نہ آيو. سندس اکيون خشڪ هيون. هوءَ سنيري تہ ڪاسائين جي پاڙي وڃان ۽ وڃي آسيت جو منهن ڏسي اچان. هن اوطاق تي نياپو موڪلي ٽانگو پئي گهرايو تہ اوطاق تان گهر جي وڏي ننڍي ڏاڏي عثمان جو حڪم آيو تہ ڪاسائين ۽ حجمن جي پاڙي اسانجيون مايون نہ وينديون آهن. تنهنڪري زالاٽو پير نہ پربو ۽ ڏاڏي سونل يا ڪو ٻيو بہ نہ وڃي. ڏاڏيءَ کي اهائي ماٺ اچي وئي. ماسي آسيت آهستي آهستي هن وڏي گهر جي ڪنهن وسريل باب جيان ميساربي پئي وئي، پر ڏاڏي اُنهيءَ کٽ تي چپ چاپ ويٺي هوندي هئي. هن آهستي آهستي چلم بہ ڇڪڻ ڇڏي ڏني هئي. هوءَ منجهند جو اُن وقت تي ورانڊي کان پئي ٻاهر نهاريندي هئي جڻ کيس اوسيئڙو هجي تہ ماسي آسيت ضرور ايندي. آسرو پلجي ويندس تہ ململ جو آر تي پريل رَئو ڊگهو ڪري پاڻ مٿان وجهي منهن ڍڪي سمهي رهندي هئي. هن گلوءَ جي پڇا ڪئي، پر گلو جو پنهنجي ڏاڏيءَ لاءِ ڏينهن رات رئندو هيو. کيس ٻڌس مائٽن وٽ شهر کان ٻاهر موڪلي ڏنو. آبو چاچا ۽ ٻيا عزيز قريب ڏاڏي سونل جو ڏک سمجهندا هئا. وٽس هاڻ اچي گهٽو وهندا هئا. ماسي آسيت لاءِ ڪونہ ڪڇندا هئا پر لڱندو ائين هو تہ وٽس تعزيت لاءِ ويٺا آهن. ڏاڏي عثمان (اسان جي ڏاڏي جي ننڍي ڀاءُ) گهر کي ماسي آسيت جي ويچار ۾ جو ڏنو تہ سيني کي دڙڪا ڏنائين تہ "ازڙي انهيءَ ڪاسائڻ جو تڏو وڇايو اٿوَ ڇا؟ اِها ڪاسائڻ توهان جي ماءُ لڳندي هئي جو گهر ٿي اونڌو پيو آهي. گهر کي جي ماٺ هئي تہ ڏاڏي سونل بہ چپ هئي. هوءَ جا نَهي جُڙي ڪنن ۾ پنڙا پائي ٿڪي ڦوڪارا ڪري کٽ تي ويهي حڪم هلائيندي هئي، تنهن هاڻ نہ رڳو پنهنجو حڪم هلائڻ ڇڏي ڏنو پر آهستي آهستي حاڪمن جا حڪم مڃرائڻ بہ ترڪ ڪندي وئي. نُهرن کي هلڪي سلڪي

ڏاڏي سونل يڪدم مون ڏانهن رخ ڪيو: ”بابلا وچ وچي تانگو ڪري آ مان هاڻ هتان ئي ڪاسائين جي پاڙي وبندس، ڏسان تہ مون کي ڪير ٿو روڪي؟“ منهنجي سوٽ کي چيائين ”اڙي وَچ منهنجو وڏي چادري ۽ چمپل کڻي آ.“

هوءَ اُتي ئي مٽي ۾ ويٺي هئي ۽ گلڙ کي پرچائي رهي هئي. ”نہ منهنجا ٻچا، بس، بس گهور وڃانءِ مان هلان ٿي نہ تنهنجي گهر، تنهنجي ڏاڏيءَ لاءِ تہ هلان ٿي نہ.“ هوءَ هن دفعي روئندي رهي روئندي رهي، سندس اکيون هاڻ ميگهہ ملهار ڪيو بيٺيون هيون، جن آڳ وسڻ کان بس ڪئي هئي تن اڄ وسڻ کان بس نہ پئي ڪئي.

□

# اڪٿيون ميگهہ ملهار ڪان پوءِ

## (چوٽڪاري جو پيغام)

ڏاڏي سونل جڏهن چادري پائي جهُنڊ هٽي هڪ اک سان دنيا جهان کي ڏسندي اچي ٽانگي ۾ چڙهي تہ هن جو ڳاٽ فخر کان اوچو هو. هن حويليءَ جي سالن کان هلندڙ روايتن کي جنهن نموني سان شڪست ڏني هئي، اهو سندس ئي مَرڪُ هو. سندس جگر ۽ همت کي شاباس جو اچ هيءَ ڪاسائين جي پاڙي پنهنجي ساهيڙيءَ جو مرٽي جو پيير ڏيڻ پئي وئي.

هوءَ ٽانگي تي پويان ويٺي هئي ۽ هن مون کي چادري جي اندران هڪ ٻانهن سان قابو جهليو هو ۽ ٻئي هٿ سان چادري کي سوگهو جهلي اک کڏيو ويٺي هئي. سندس هنج مون لاءِ ڪشادي هئي، پر مائي ڪاسائڻ جو پوٽو منهنجي پرسان ويٺو هو ۽ هوءَ ان کي بہ جهڻ سنڀاليو ويٺي هئي. يَڪُو ٽانگي وارو هن ڪٽنب جو پراڻو خدمت گذار هو. حويلي وارن يا اوطاق وارن سيٺين کي جنهن مهل وهٽ جي ضرورت پوندي هئي تہ يَڪُو دايو ٽانگي سوڌو هڪيو تڪيو حاضر هوندو هو. پر اڄ يڪو بہ ٽيڪيو ويٺو هو ۽ ڪيس خبر هئي تہ سندس خاص الخاص سواري ڪير آهي. هن وڏي خاندان جي سربراهہ ڏاڏي سونل پنهنجي وَڏوَرَ پوٽي سان گڏ سوار هئي. سيٺين جي حويليءَ کان نڪرندي رستي جي پرئين پاسي سيٺين جا باغ آهن. ڏاڏي سونل جي وڏڙن جا هنيل باغ. ان جي رستي سان هيءُ وٽراهہ گهوڙي جي مستانا چال، ڏاڏي سونل کي آزادي واري فضا ۾ آٽي چڙهيو هو. هوءَ هيڏانهن هوڏانهن نظر هٽندي اڳتي وڌي رهي هئي. هن کي اڄ اهو محسوس ٿي رهيو هو تہ ٻاهر جي دنيا کي بہ ڪئين ئي رنگ آهن. ساين ڪجين جا لهرائيندڙ ٻاڇا ڪٿي گهرا ڪٿي چڊا، ڪٿين ئي سر سبز ساوا پَٽُ. ڪٿي بہ هن ساوڪ کان سواءِ، پَٽُ نہ ڏٺو. هن کي لڳو تہ اها ئي ساوڪ، اها ئي پوک اهي ڏگها سڌا هنيل ڪجين جا وڻ، سندس وڏڙن جي عظمتن ۽ اوچاين جا اهڃاڻ

آهن. هنن پونيرن ڪيس ڪهڙي بند ۾ اچي هنيو آهي. هوءَ شايد اهو ڪجهه سوچيندي ئي هلي. مون کي بہ ائين لڳو تہ هيءَ سڳنڌ واسيل جهان ڏاڏيءَ کي بي چين ۽ وياڪل ڪري رهيو آهي. هوءَ جهاڪن سان گڏ ڦٿڪي رهي هئي. سندس جسم هيڏانهن هوڏانهن ڦٿڪي رهيو هو. هن مون کي ويجهو ۽ قابو جهليو هاڻ مان هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ بہ ٻڌي رهيو هوس. ان گرمائش کان منهنجو وجود الڳ نہ هو. مان ان ماحول ۾ ڏاڏي جي وجود ۾ احساس کان الڳ نہ هوس. ائين مان احساسن جي خوابن مان جاڳي پيس، جڏهن يڪي ٽانگي واري ٻُچڪرن سان گهوڙي کي روڪيو: "بس! پٽ بس... شاباس پٽ شاباس!" گهوڙو ربڻن جي ڇڪڻ ۽ ٻچڪرن تي ڪاسائين جي هڪ ويڙهي جي وڏي در وٽ بيهي رهيو.

ائين گُلو ڏاڏيءَ جو هٿ ڇڏائي سڌو هيٺ ٽپو ڏنو. ڏاڏيءَ گهڻو "هان هان" ڪئي پر گلو هوا تي وبو ۽ ويڙهي جي اڌ کُليل در مان رڙيون ڪندو اندر داخل ٿيو.

"اڙي امان وڏي آئي آهي... اڙي ڏاڏي سونل آئي آهي."

ائين ويڙهي جون مايون رڙهي اچي در وٽ بيٺيون. ڏاڏي سونل ٽانگي مان آهستي آهستي لٿي، هلي اچي در وٽ بيٺي. ماسي آسيت جي پيڻ وڏي اچي ڏاڏي کي ڀيڪاريو. جيئن ڏاڏي در اندر داخل ٿي، تہ مايون وڪوڙي ويس، "ڏاڏي ڀلي آئينءَ"، ننڍين ڀيڪاريس.

"ادي ڀلي آئينءَ". وڏڙين اچي ڀاڪر وڌس.

"ماسي ڀيڪاريومانءِ... ڀلي آئين... جيءُ آئين". ميڙ مان ڪي ه ڪاٽ جون ٽڪڙيون ۽ سَبرُ مايون نڪري آيون.

ڏاڏيءَ جو هڪ هٿ چادري جي ٻُڪل مان نڪري هنن سان ملندو وڃي، ٻئي هٿ سان هُن مون کي قابو جهليو هو.

هن ويڙهي ۾ چڱا گهر هيا. ڏاڏيءَ کي هڪ ڀڪي گهر جي ورانڊي ۾ کٽ تي رلي وڇائي اچي وهاريائون. ڪي مرد ننڍا يا وڏا يڪدم ٻاهر نڪري ويا. ڏاڏي چادري لاهي بالم تي کٽ تي ائين چڙهي ويٺي جڻ پنهنجي گهر اندر ويٺي هجي. هيءُ چوڌاري جيڪو راڄ مڙيو هو سو سندس پنهنجو هو.

وڏڙين سيني کي هيءَ سجاڳي پئي. شادي غمي ۾ هيءَ وَلَرَ سندس خاندان جي واهر ڪندا آيا هيا. اڳي هو وٽس ويندا هيا، اڄ سندن خبر گيري ڪرڻ واري خاص طرح ماسي آسيت جي ساٿياڻي وٽن هلي آئي هئي. ڪي سامهون کٽن تي چڙهي ويٺيون. ڪن کي هن چڪي پاڻ واري کٽ تي ويهاريو جو همسري ڪري ساڻس گڏ وهڻ کان هٻڪيون پئي.

سڄي ويڙهي ۾ هر هڪ جا عجب جذبا هيا. ڏک ۽ خوشي جون گڏيل ريکائون سندن چهري تي ڦهليل هيون. مون اهو سڀ ڪجهه ڏٺو ۽ محسوس ڪيو جو مان سمجهه سان هيس. گُلو کان ته وڏو هيس. ڪن رنو پئي ته ڏاڏيءَ به ڳوڙها پئي ڳاڙيا، ڪن جا ڳوڙها ڏاڏي پئي اگهيا. غم جا پاڇا گهڙي ۾ جهڪا ٿي ويا ته ڏاڏي هڪ هڪ جو نالو کڻي ساڻن خوش خير عافيت ڪئي.

"ادي شفاعت! تون خوش آن... ادي موملِ! ڪيئن آهين، هاڻ ته ڇوڪرا ڪمائڻ لڳا هوندءِ... ادي شانل! تنهنجون نُهرون ڪيئن آهن؟... ۽ ادي آسيت تنهن جون نُهرون ڪٿي آهن... اڙي ڇوڪريون ويجهو اچو ته ڏسانوَ ته سهي ته ادي شانل ۽ ادي آسيت ڪهڙيون موملون آنديون آهن."

ڪي نينگريون ڪجڪو ڪنديون هڪ ٻئي کي اڳ ڪرڻ جي ڪندي اچي ڏاڏيءَ سان جهڪي مليون. ڪن منهن موچارين سان چڱي طرح ملي ته ڪن شڪل جي سادين کي ڏسي ٿورڙو منهن کي موڙو ڏنائين. ڏاڏيءَ جي ڪچهري، ملڻ جلڻ، ڪلڻ بحال ٿي ويو هو. آهستي آهستي محفل مچندي وئي. ڏاڏيءَ لاءِ سندس پسند جي جوئر جي ماني، بصرن، مرچن مسالن سان پريل مکڻ جو مَکُ ڏنل ۽ لسي کڻي آيا. مون کي ڍڳڙي تي مکڻ ۽ مٿان کنڊ ٻُرڪي ڏنائون. ڏڏ مون به پيٽ پري پيتو. يڪي ٽانگي واري جي ٻاهر لئه لڳي پئي هئي. ائين يڪي پٽڪو ڪڍيو ته "اندر ڇئو ته ڏينهن تپي ٻاهه ٿي ويو آهي... جيجيءَ کي چئو ته جيترو جلد نڪري اوترو سنو."

اسان اچڻ ۾ منجهند ته ڪري ڇڏي، هاڻ ڪجهه پاڇا به لڙيا هيا پر ٽئين پهر جي گرمي کي پنهنجا رنگ آهن. ڏاڏيءَ جو ٻڌو ته ٻرُ ٿي وئي: "ماريي يڪي جو مٿو به تپي ٽامڻي ٿي ويو آهي. روز روز ته نڪرڻ نه

ڏيندا. اجا حجمن جي پاڙي به هلٽو آهي. ٻڌو اٿم ته ڪمون حجم جي گهر واري.. مُلي ڏاڍي بيمار آهي... جيڪر وڃان ۽ ڪيس پل لاءِ به ڏسي اچان."

ڏاڏيءَ کي پوپان جا سور سُجهيا پي، هوءَ پٽڪندي اُٿي ۽ به به پاڪر پري هر هڪ ڪان موڪلايائين ويڙهي جي در تائين هيءَ سادڙيون سودڙيون، نندڙيون وڏيون پر قربائتيون مايون نڪري ٻاهر ٿي بيهي رهيون. ڏاڏي ٽپ ڏئي پوپان وبني ته مان به پرسان ٿي وينس. هن مون کي اهو ئي پاڪر ۾ قابو ڪيو. گلو هن دفعي ٻڪي سان اڳيان ٿي وينو. ٻڪي ٽانگي جي ڦيٿي ۾ لڪڻ وجهي ٺڙ ٺڙ جا آواز ڪيندو وڏي رستي تي آيو ته ڏاڏي اتان ئي هڪل ڪيس.

"هان هان! ٻڪا تنهنجو ۽ تنهنجي گهوڙي جو هڪڙو ئي رستو ڏٺل آهي ڇا. هيو تڪڙ ڇاجي لاتي اٿئي. ابا! نڪتا آهيون اوير سوير انهيءَ عثمان جي ديري تي پهچي ويندا سين." ڏاڏيءَ جو عثمان جو نالو ونندي وات ڪوڙو ٿي ويو. "في الحال ته حجمن جي پاڙي عبدالڪريم ڪمونءَ جي گهر هل ته سندس گهرواريءَ کان پڇي اچون."

ٻڪو ٽانگي وارو هن حويليءَ جو پراڻو ٽانگي وارو هو. حويلي جي ديوتي يا اوطاق وارن ڏاڏن يا چاچن جي ديوتي مٿس هئي. سندس پٽ جو ٽانگو يا داين جا هڪ به ٻيا ٽانگا هن در جا ٻڌل هئا. ٻڪي ڪنڌ لوڏي ها ڪئي، اڳيان هلي هڪ گهٽيءَ ۾ مڙي ويو. هيءُ گسُ پنڌ ويجهو هو ۽ ڏاڏيءَ جي منزل جو ٻيو ڏاڪو هو.

ٽانگو هڪ ڪچي پڪي جاءِ وٽ بيٺو. ڏاڏي ٽپ ڏئي لٿي. مون کي هيٺ لاٿائين ۽ هڪ اک چادري مان ڪيڍي هيڏانهن هوڏانهن ڏنائين. هن ٽامٽي منجهند جو گهٽي خالي هئي. هوءَ جهڙاپ ڪري هڪ در اندر داخل ٿي، جڻ ڪيس خبر هئي ته ڪمون حجم جو گهر هيءُ آهي. اندر گهڙياسين ته نندڙي اڱڻ ۾ ڪير ڪونه هو. هوءَ اسان جي اڳواٽي ڪندي ورانڊو لتاڙي هڪ گهٽي مان ٿيندي جاءِ جي پوپان نهيل هڪ ڪمري تي هلي بيهي رهي. "هيءَ جاءِ منهنجي ڏٺل آهي. جڏهن تنهنجو ڏاڏو حيات هو ته هتي شادي غمي تي ايندي هيس. ڪمونءَ جي گهر واري شادي جي موقعي تي

پنهنجيون پاڇايون وني اسان جي گهر ڏڱڙين جا ٿها پچائي ڏئي ويندي هئي.“

هن ساهي ڪٽي مون ڏي ڏنو پوءِ بيڪڙيل در تي نڪ نڪ ڪيائين. اندران مڙداڻو آواز آيو.

”ابا! ڪير آ... هليو آ.“

ڏاڏي ڪا پل بيٺي رهي. ائين جهونڙو ڪمون حجم، جيڪو هر هفتي اَسان ۾ اسان جي سوٽن جا وار لاهيندو هو ڪڏهن اُبتي پاڪي وهائي من الپتي ڪري ڇڏيندو هو. ”ابا هينئر نوڙهو ڪرائيندو ته وڏي هوندي ڏاڍا گهاٽا وار ايندؤ... اڇو اڇو...“ اسان مان ڪي پڇي ويندا هئا، ڪي سندس جهڙپ ۾ ايندا هئا. شادي غمي ۾ اچي رڌ پچاءُ ڪندو هو رڌ پچاءُ جو وڏو ڪاريگر هو. پلاءُ ۾ پساهه اهڙو پچائيندو هو جو چئي ڪٽي بس ڪر. ڪمري جو در کليو. ڪمون جيڪو پوڙهو ٿيو هو پر ڪڙو تڙو سامهون بيٺو هو. هن مون کي جو ڏٺو ته يڪدم سڃاتائين. ڏاڏي جيڪا هڪ اک ظاهر ڪريو بيٺي هئي پر ان جي بيهڪ ۾ ڪڙي تڙي ڳالهائڻ مان سمجهيائين ته حويلي جي وڏڙي آئي آ.

”ابا! ادي ممُل کي پڇڻ آيا آهيون... ڪٿي آ.“

هو اڳيئي هَڪو ٻَڪو ٿيل بيٺو هوا کر نه اڪليس. يڪدم در کولي اشارو ڪيائين. اسان ڏٺو ماسي ممل منهن ويڙهيو پئي هئي. ڏاڏي اندر گهڙي ۾ ڪمون گولي ٿي وبو. ڏاڏيءَ جڏهن منهن تان چادر جو پلئه هٽايو ته ماسي ممل جيڪا بيماري وگهي ساڻي ٿيو پئي هئي ٽپ ڏئي اُٿي ويهي رهي. ڏاڏي پرسان ويهي دلجوئي ڪيس ته مائي جڻ مُني چاڪ. گهڙيءَ ۾ ماسي ممل جون ڏيئر ڀين ڪمرن مان نڪري نروار ٿيون. ڪي شربت ته ڪي سڱر مرملا ۾ بسڪوٽ کڻي آيون. ڏاڏيءَ سڀ سوري مون آڏو رکيو. ڏاڏي گهڻو وقت نه ويٺي پر پُر بهار تي اُٿي. اڱڻ تي آئي ته در ۾ در هو. هوءَ هڪدم ٻئي گهر هلي وئي.ا ئين ڪيئي گهر گهمي آئي. ڪنهن گهر کي پنڙي جو اولاد ٿيو هو ته ڪنهن گهر اگهائي هئي. ڏاڏي طوفاني دورو ڪندي اچي ٽانگي ۾ ويٺي. مون کي ڇڪي مٿي ڪيائين ۽ پاڪر ۾ جهليائين. گلو اهو ئي اڳيان.

يڪي دير ئي نہ ڪئي. پاچا لڙي هليا هليا. ڏکڻ ڪجين پوپان سج لڪندو پئي وبو. شام وارو هڳاءُ رستي تي جام هيو. ڏاڏي وڏا ساهہ پئي ڪڍي ۽ هڳاءُ کيس ڪنهن ٻئي ديس پئي نيو. مون بہ ٽي دفعا وڏا ساهہ کنيا ۽ وڻن ٻوٽن جي خوشبو مزو ڏئي ڇڏيو. هاڻ منزل پري ڪانہ هئي. گهوڙي جي سنبن جو آواز آهستي آهستي گهٽبو وبو ۽ پوءِ بيهي وبو.

حويلي اچي وئي هئي. گهوڙو حويليءَ جي ٻاهران گهيڙ وٽ بيهي رهيو. ڏاڏيءَ چادري اندران، رئي کي سٽ ڏئي ٿورو ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪنڌ ۾ ٻڌل ڳنڍ مان بہ ڊينگلا ربيا ڪڍي يڪي کي ڏنا. هو وائڙو ٿي وبو. پاڙو کيس اوطاق تان ملندو هو پيو اَنُ اناج الڳ ملندو هو. هن گهٽي نہ نہ ڪئي پر ڏاڏيءَ دڙڪو ئي هڪ ڏنس.

"اڙي بابا وٽ. مکڻ پئي مٺو ٿو رجئي. مان چوانءِ ٿي تہ وٺ... فائدي ۾ رهندين. هاڻ تون هوندين ئي منهنجي ڊيوٽيءَ ۾." يڪي وڏيڪ دڙڪن کان بچڻ لاءِ ڊينگلا ورتا. ڏاڏي حويليءَ ۾ داخل ٿي تہ ڏاڏي عثمان جو گوڙ لڳو پيو هو. اج تاريخي حڪم عدولي ٿي هئي. سڄو گهر هن جي آواز سان گونجيو پئي ۽ مَڪين وبچارا سهميا پيا هئا. ڪُڇڻ جي بات نہ هئي. ڏاڏي کي ڏسي سيني جي پيٽ ۾ ساهہ پيو. سندن منهن تي رونقون موٽي آيون. ڏاڏي چادري لاهي ڪٽ تي سٽي.

"چائي... گوڙ لاٿو اٿئي عثمان! اسان کي جيئڻ بہ ڏيندين يا نہ." پوءِ هن منهنجي چاچي ۽ پنهنجي ننڍي پٽ کي سڏ ڪرايو.

"اڙي، حاجن ڪاٿي آهي. سڏ ڪيوس."

چاچو حاجن ڪمري مان اکيون مهٽيندو ڊوڙندو نڪتو.

"جي قبلا! جي قبلا!"

"حاجن! مون جو توکي چيو هو تہ ڪا جاءِ هٿ ڪر. اسان کي هن حويليءَ ۾ ناهي رهڻو. هٿ گهُٽ پوسٽُ آ. چوتڪارو کپي، هن عذاب کان چوتڪارو!"

"قبلا جاءِ وني چڏي آ... پرسان ادي وڏي لاءِ جاءِ بہ ورتي آهي. هيءُ اِنڪيون جايون هيون. ڪليمن ۽ مهاجرن کي مليون هيون. ڪجهہ

ڪاڳرن ۾ ئي ڪجهہ مرمت ۾ وقت تہ لڳي ويندو. توهان سياڻي هلو.“

”سياڻي ڇو؟ اسين اڄ هلنداسين.“ ڏاڏيءَ جي ڳالهائڻ ۾ فَلڪَ هئي. هن ڏاڏي عثمان کي ٻڌائڻ پئي چاهيو.

”بابلا! وڃ ٻڪي کي چئو تہ گهڙيءَ ۾ موتي اچي داين جي سڄي آڪهہ جا جيڪي ٽانگا اٿس وٺي اچي. اسين اڄ لڏيون ٿا. جيڪي ديوان لڏي ويا تہ اسين سندن جاءِ پريندا سين. اسان جا وڏڙا بہ لُهاٽا هيا. اسين ڪانئن ڪهڙو جادو آهيون. وڃ جلدي ٽانگن جو چئي آ. هن گهر جو تہ پاڻي بہ حرام آ.“

بس وٺ ونان ٿي وئي، سامان ٻڌجي ويو. ڪجهہ ٽانگن تي ويو ڪجهہ هٿو هٿ ويو. جڏهن ڏاڏي وَلرَ ۾ نُهرن سان حويليءَ مان هلڻ لڳي تہ سڄ لهي چڪو هو. لالٽين جي روشني تي هن اُنهن اداس چهرن کي ڏٺو جن کي ڏاڏي عثمان جي حاڪميت ۾ اجا گذارڻو هو. هوءَ مرڪي پئي.

”دل نہ لاهيو نئين سڄ نڪرڻ سان توهان بہ هتئون نيٺ نڪرندو. هر هڪ کي پنهنجو گهر هوندو. عثمان گهٽا ڏينهن جيئرو هوندو.“

پوءِ پٺي ورائي ڏاڏي عثمان کي گهوري ڏنائين. هو پينگهي ۾ خاموش وينو هو. ”عثمان مان وڃان ٿي، ٻين کي تنگ نہ ڪجانءِ. اهي پکي بہ اُڏري ويندءِ. تون هنن جي ڳڻتي نہ ڪر، رڳو پنهنجو فڪر ڪر ڪڏهن تو تنهنجي پاپن جو گهڙُو ڇوُر ٿئي. اڙي! معصوم ماريا اٿئي، معصومن ۽ ابهمن جي مار پوندءِ. گنهگار تہ مان بہ آهيان پر ڏٺي منهنجا گناهہ بخشيندو. ڪا خير خيرات ڪندس، هنن ابهمن کي آجو ڪري پڙهائيندس. ٻي دنيا ڏيکاريندس تہ ڪجهہ چڙهي پوندس. هن جمعي تي خيرات آهي. سڄي ڳوٺ کي دعوت آهي، توکي ۽ باقي هن بچيل ڪٽنب کي بہ دعوت آهي پر اهو خيال ڪجانءِ تہ هن دعوت ۾ غريب ڪاسائي ڪاساڻيون، حجم ۽ حجمياڻيون، دايا ۽ دايون، ڪڙمي ۽ ڪاسبي سڀ هوندا. پلئہ سوگها ڪجانءِ ۽ ڏسجانءِ متان تنهنجو پلئہ لڳي پوي ۽ مانُ هيٺ ٿئي.“ ڏاڏي ايئن، اهو ئي چادري جو ٻڪل هٽي ڏيڍيءَ کان ٻاهر نڪري وئي. هيل ڪيس ڏيڍي سڏي ۽ بنا ور وڪڙڻ جي لڳي. هوءَ سڌو ٻڪي واري ٽانگي ۾ اچي چڙهي.

يڪي مون کي مٿي چاڙهيو. ڏاڏي پاڪر ۾ جهليو. ائين ڪنهن آواز ڪيو.

"ڏاڏي امان!"

هيءُ گُلو هو جيڪو گهٽيءَ ۾ يڪو وٺو رهيو هو ۽ هاڻ ڏاڏيءَ کيس ڇڪي مٿي ڪيو ۽ پنهنجي هٿي پاسي ويهاريائين ۽ ڪلي چيائين، "اڙي تون ته منهنجي سِرَ سان آهين."

ڏاڏي ڏاڍي ڪرُو فڙ سان وٺي ۽ اچي نئين جاءِ ۾ داخل ٿي.

ڳوٺ وارا چون ٿا ته هئڙو خيرُ اسان حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪونه ڏٺو. ڳوٺ جو ڪو ڪٽنب ڪو قبيلو نه رهيو هو. ڪو غريب غربو پورهيت ڪونه رهيو هو. رڳو عثمان بچيو هو جيڪو خاموش حويلي ۾ وٺو رهيو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ واءُ ٿي ويو. کيس ڪير به ياد ڪونه ٿو ڪري، پر اڄ به ڏاڏي سونل سڀ ڪنهن کي ياد آهي. هن جا سيني سان پير پريل ياد آهن ۽ مون کي ڏاڏي سونل نه ٿي وسري. خاص طرح هن جو چوتڪاري ۽ آچپي وارو هڳاءُ وارو سفر جنهن سان چوڏاري چوتڪاري جي هوا گهلي وئي. اڄ هندن ديوانن وارا گهر آباد آهن پر نوان گهر نهيا آهن. ور وڪڙ ڏيڊين واريون قديمي حويليون ڍهي چڪيون آهن. ان سان ڏاڏي سونل جهڙا مٽيادار ماڻهو به ڍهي پُري پنهنجن قدرن جي پرچار جي وزن سان گڏ زمين اندر دفن ٿي ويا آهن. پر سندن ڏنل پيغام اڄ به "انسان جي ظلم ۽ ڏاڍ کان چوتڪاري" جي صورت ۾ چوڏاري گونجي پيو.

(هيءَ ڪهاڻي "مهراڻ" جي گذريل پرچي ۾ ڇپيل ڪهاڻي "اڪڙبون ميگهه ملهار" جي تسلسل ۾ لکي وئي آهي.)

❑

# آخري درخواست ۽ پهرين تيلي

هن منهنجي اُجڙيل جهير جهير ۽ پور پور ٿيل شهر جي اوج جا ڪيئي نشان ذهن ڪي ڪيترن ئي پاڳن ۾ ورهايو بيٺا آهن. ڪهڙي نشان کي اول کڻان؟ عظيم عمارتون ڏسيانو يا انهن جي آسپاس پٽڪندڙ روح ڏسيانو يا ڪي انسان به ڏسيانو جن جو گذر سفر انهن عمارتن ۾ ٿيندڙ وهنوار تي هوندو هو. اُهي ئي ته هيا جن هنن عمارتن کي دوام بخشيو جو هُو هليا ويا پر عمارتون قائم آهن.

هيءَ عمارت پڪي پختي وڏن ڪمرن ۽ ڪونين سان گڏ بلند ۽ بالا ڪنگرن سان اڄ به قائم آهي. هيءَ عمارت هتي جي مختيارڪاري آهي. ڪورٽ به آهي نه ڪاتي بدل سدل جو هنڌ به ۽ تپيدارن ۽ سرشتيدارن جو ڳڙهه به هيءَ ته جيابپي جو هنڌ به هيءَ. پر ڪي پورهيت ۽ غريب مختيارڪاريءَ ڪان ٻاهر وڻن جي ڇانوَ ۾ ويٺا وڏي دروازي ڏانهن نهاريندا ته ڪڏهن ڪي درخواست گذار ڪانئن درخواست لکائڻ لاءِ اچن ٿا. هيءُ به چار عريضي نويس سجو ڏينهن هت گذاري ڇڏيندا هيا. گهر ويندا ته به ٽي ربيا جُڙين ته وڏي ڳالهه آهي. پلا جت درخواست لکاٽي ريٽ اُنهيءَ زماني ۾ (پائلي) چار آنا يا (آڏيو) اٺ آنا. وڏي قڏي واري درخواست تي ڊينگلو ربيو. باقي ڪو دستاويز اچي وبو ته سٺا پيسا جڙندا هين. نه ته ڪڏهن خير ئي خير. هيءُ به ٽي عريضي نويس، مختيارڪاريءَ جي وڏي لوهي شيخائين گيٽ جي ويجهو ئي ويهندا هُيا. گراهڪن کي پاڻ يا سندن ماٺهو وجي چنبڙندا هيا. هنن ڪان پرپرو هڪ بزرگ اچي سلوار خميس پهريل، اڇي ڪاري گاڏڙ سنوارت ڪيل چاپئين ڏاڙهي سان، ميز ڪُرسي وجهيو ويٺو هوندو هئو. هُن سان گڏ هڪ ننڍڙو گلن جهڙو ٻارڙو ويٺو هوندو هو يا ويٺو

ڪيڏندو هو. هو بزرگ نہ ڪنهن کي سڏ ڪندو هو نہ ڪنهن درخواست گذار سان ريڙهہ پيڙهہ جيڪو جيڪي ڏئي وجي اُهو روزي ۾ وٺي ٽيبل جي خاني ۾ وجهي ڇڏيندو هو. هيءُ هو هنن سيني ۾ معزز ترين شخص سائين محمد چُنل ۽ ساڻس گڏ هو سندس پيارو پوٽڙو جيڪو هر هر چوندو هيس تہ: "ڏاڏا! گهر هلون... پيشا گهڻا ٿيا آهن." محمد چنل خانداني طرح رئيس، پر حالتن پٺاندر اڇي عريضي نويس ٿيو. پاڻ فائنل پاس پر ٽي درجا انگريزي بہ پڙهيل هو. اُن وقت فائنل ۽ ٽي درجا انگريزي بہ وڏي ڳالهہ هئي. سندس هٿ اکر پڪا. پراڻي ۽ پختي لکت هئي. انگريزي بہ اهڙي ئي ڏانوَ ۽ ماهرانہ انداز سان لکيل هوندي هئي جو "خانصاحب" (مختيارڪار صاحب) ڪيس گهرائي سرڪاري نوٽ بہ لکرائيندو هيو جو هُو ڪجهہ وقت مختيارڪاريءَ ۾ ڪلارڪ بہ رهيو هو. هن جي هوشياري ۽ قابليت جا هواڻ پري پري تائين ٻُڌبا هيا. ماڻهو روينيو جي مُنجهيل معاملن ۾ ڪانئس صلاح وٺڻ ايندا هئا. رئيس محمد چنل مشورو مفت پر درخواست لکائي اُهائي پائلي (چار آنا) يا آڌيو (اٺ آنا) يا وري ڊينگلو رُپيو. دستاويز جي رقم ڪجهہ سرس. اُن ڏينهن هو ڏاڍو خوش هوندو هو جڏهن ڪيس هڪ بہ دستاويز ملي ويندا هئا. هو پائليون، آڌيا، رُپيا، پوٽڙي جي ڪنڌ ۾ سُڪ ٻڌي گهر روانو ٿيندو هو. گهر وڃڻ مهل بزار وچان ٿيندو پريداس پنساريءَ کان پائلي جي ٽاڏل جي پُڙي نهرائي گهر ويندو هو. هُن جو پنهنجي گهرواريءَ شمل سان ايترو پيار هوندو هو جو اندر ڪوٺيءَ ۾ سڌي پوٽڙو هُن جي حوالي ڪندو هو ۽ شمل ڳنڍيون کولڻ کان اڳ ۾ پوٽڙي گل کي سڏ ڪندي هئي: "گل! ڏاڏا هن مان گهڻيون پائليون ڪيايون." گل نينگ ڏيندي چوندو: "ڏاڏي! هڪ." پوءِ هوءَ ڪاٺ جي پيتي جو ڪلف کولي ڪاٺ جون جنديءَ لٽل نقشن واريون دبليون ڪڍي ايندي هئي. هو هڪ دبلي ۾ پائليون، ٻيءَ ۾ آڌيا ۽ وڏي دابلي ۾ رپيا وجهڻ کان اڳ شمل کي وهاري چوندو ويندو هو: "شمل، هيءَ پائلي تنهنجي، هيءَ

پائلي منهنجي“. ائين پائلين جي ڳٽپ پوري ٿيندي هئي ته آڏين جو وارو ايندو هو. هو خوش ٿيندو ٺهڪڙا ڏيندو پنهنجي جهونڙي شمل جي ڪڏهن ڳلن تي ته ڪڏهن سندس آڏو رکندو ويندو هو ۽ چوندو ويندو هو: ”هيءُ آڏيو تنهنجو هيءُ آڏيو منهنجو.“ پوءِ ڊينگلين رُبين سان به اها راند ڪندو ويندو. اوچتو سيئي پائليون سيئي آڏيا ۽ سيئي رُبيا شمل مٿان گهوري پوءِ چوندو ويندو: ”آخر گل جا ٿيا نه“. پوءِ ڊبلين ۾ بند ڪندو ويندو. ”شمل، هي ڏس چاندي ئي چاندي. هن عمر ۾ به ڪمائي توتان گهوريان ٿو. ڏس، پر، ائين الله توهار نه ڪجانءِ. هن جهونڙي کي ڇڏي نه وڃجانءِ.“ شمل ويچاري ڪنگهندي ڪنگهندي مُرڪي ڏيندي هئي ۽ چوندي هئي: ”ميان، مان پوڙهي توکي هاڻ ڇڏي ڪاڏي ويندس؟ مري وڃان ته ٻي ڳالهه آهي. تون اجا جوپ لڳو پيو آهين، مٿان تون...“ ڇتل ڳرانڙي پائي چوندو هيس. ”اهڙي وائي ته نه ڪر.“

هو شمل سان بي انتها پيار ڪندو هو. پوءِ هو اُٿي کيس ماني ڏيندي هئي. هو ماني به شمل جي هٿان کائيندو هو. سندس پوٽو گل به ساڻس گڏ ماني کائيندو هو. مانيءَ کان پوءِ هو جهٽ گهڙي آرام ڪندا هئا. پوءِ هو وڏي صفحي ۾ اچي ٿاڌل گهوٽيندو هو. وڏي صفحي ۾ سندس پٽ ۽ پوٽا ننڍڙا وڏڙا ستل هوندا هُيا. گهَرڙ گهَرڙ تي جاڳي اچي چنبڙندا هيس. هيءُ پائلي واري ٿاڌل جي پُڙي کوليندو ته سڄو صفحو ڦوڻن ۽ خس خس جي خوشبو سان واسجي ويندو هو. هن جو سيني کان پيارو پوٽڙو گل جڏهن ٽپو ڏئي اچي پوبان پاڪر پائيندس ته سندس هٿ ٻيهجي ويندا هئا. هو هن کي ڦيرائي هنج ۾ آڻيندو هيس ۽ ڪا دير پيو مِٺيون ڏيندس. هن جو پيار ته سيني پوٽن ۽ پوٽين سان هيو پر گل سان قرب مڙيوئي سوالو هيس. هو گل کي ڏسندو هيو ته ٿاڌل گهوٽڻ وسري ويندي هيس. پوءِ گل ئي چوندو هيس: ”ڏاڏا، جلدي ڪر. اُڃ لڳي آهي. گرمي به ڏاڍي آهي. ٿاڌل گهوٽ“. پوءِ هو تڪڙو هٿ

هلائي به ڪونڊا ٿاڌل جا تيار ڪندو. هر هڪ کي هڪ هڪ گلاس پري ڏيندو ويندو. ٻار ٻچا، ننڍا وڏا پيئندا وڃن. پر اندر نري ميان محمد چٽل جو. هو پنهنجي گهر واريءَ شمل ڏانهن نهاري خوش ٿيندو هو: شمل، ڏس پائليءَ ۾ بهاري اِها اٿئي.“ ”پائلي ۾ تڪو تڪي جي برف جو گهرائي ڏني مانءِ، ”شمل به ڪلندي وراٽيندي هيس. جيڏي مهل شمل بنا ڪنگهڻ جي ورائيندي هُيس ته محمد چٽل سک جو ساهه کڻندو هو نه ته سندس ڪنگهڻ کيس ڳٽتي ۾ وجهي ڇڏيندو هو. هوءَ ڪنگهي پر چلم نه ڇڏي. هڪ ڏينهن ميان محمد چٽل ۾ گل ڪورٽ کان موٽيا ته شمل ڪوٺيءَ ۾ ڪنگهي ڪنگهي بي حال پئي هئي. محمد چٽل گهٽو ئي ڊوڙيو ڦٽڪيو. سندس پاڻ خود وڏو حڪيم هو پر اُهو به ڪجهه نه ڪري سگهيو. شام تائين شيءِ وجي ڏٽين کي پهتي. محمد چٽل جون اوچنگارون ۾ رُئڻ بس نه ٿئي. سندن پوٽو گل به روئي ماندو ٿيو. ڏينهن پچاٽان ٻار جو رئڻ ته بس ٿيو پر محمد چٽل کي به صبر اچي ويو. آهستي آهستي سج به پاچا ڪيا. محمد چٽل جنهن کي غم ماريو هو ڳالهائڻ لڳو هو. گل اسڪول وڃڻ لڳو هو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ميدان جي پرسان ئي کي ڪچاوان گهر هيا. اُنهن مالڪن گهرن کي ڪچو پڪو ڪيو ته اڳيان به ٽي دُڪان نڪري آيا. ڏهين ربئي مسواڙ تي رئيس محمد چٽل هڪ دُڪان ورتو. هو ٽيبل ڪُرسي کٽي اتي وجي ويٺو. ٻاهران ”ميان محمد چٽل عريضي نويس ۾ اسٽامپ وينڊر“ جو بورڊ هڻائي ڇڏيائين. دڪان ڪري هو مختيارڪاريءَ کان پري وجي ويٺو پر مامرن جا ماريل محمد چٽل وٽ ئي ايندا هيا. هُن انهيءَ چاندي جهڙين پائلين، آڏين ۾ ڊينگلن مان ٽائيپ رائٽر ورتو. هڪ ڪيٽ ورتو. پر حساب ۾ مالڪي ڪرڻ واري شمل ته وئي موڪلائي.

ميان محمد چٽل دڪان ناهيو. ٻه چار نيون ڪرسيون به ورتائين. هڪ نئين ٽيبل به ورتائين. هاڻي ڪڏهن ڪڏهن مرادي اُتي ڪيٽ ۾

پراڻين دٻلين ۾ رکڻ لڳو. ڪبٽ کي مضبوط تالو ھو. دڪان کي ٻاھران ٻہ وڏو ڪلف. ھو وچڻ مھل ڪلف کي چڪي ڏسندو ھو. پر يارن ھن جي دڪان جي تيپ ٽاپ کي نظر ۾ رکيو. ھڪ رات پاسي واري پٽ مان ڪاٽ ھڻي، سڀ ڪجھ ڪڍي ويس. ٽائپ رائٽر، ميز ڪرسيون، ڪبٽ، ڏوڪڙ پيسا دٻلين سوڌا، ڪا شيءِ نہ ڇڏيائونس. ھو سمجھي پيو تہ ڪاٽ انھن ئي گھرن مان لڳو آھي، ٻيو اھو ڪاٽ ڪباڙ ميلن تائين ڪير گھليندو؟ مال بہ اندر ھو. ھو ءِ گل خالي دڪان کي حسرت سان ڏسندا رھيا. ھو وري نم جي وڻ ھيٺان اچي ويٺو. اُھائي پراڻي ميز ڪرسي ھٿ ڪيائين. ڪم ٽي شروع ڪيائين پر ڪيس چوري جو ڏاڍو ارمان ھجي. ٽاڻي تي ھُن پنڌ ڪيا، مختيارڪاريءَ ۾ ڏُڪيو پر اُن پراڻي انگريزن جي انصاف جي يادگار عمارت جو ھڪ ڪنگرو بہ نہ لُڏيو. ھتي ڪجھ نہ ٿيو ۽ سندس چوري سامھون دڪانن سان لڳ لوڙھن پوبان اندر ڪونين ۾ پيئي ھئي. ھن جاءِ کي چوڏاري لوڙھو ھو پر مالڪ اصلئون نسلئون چور ھيا. تڏھن تہ ڪير ٻيو عريضي نويس سندن پاڙي بہ نہ پئي ويٺو. ھيءُ جگر رئيس ميان محمد چنل جو ھو پر پوءِ بہ سندس دڪان کي ڪاٽ لڳو ھو. سندس ورھين ڪان حسرت ھئي. ھن ميڙي چونڊي اتي لڳائي ھئي. ھو سڀ ھنڌ دانھي بيٺو ۽ ڪيئي درخواستون ڪيائين. ھن عريضي نويسي جو ھُنر پنھنجن درخواستن ۾ ڪڍي پيتيو. پر ڪجھ نہ ٿيو. پوليس کي ھمٿ ئي نہ پئي ٿي تہ ھنن گھرن اندر رُڳو ليئو پائي ڏسن. ٽپڙ تہ سڀ ھٿيڪا ھيا. ننيڙو گل ڦيرا ڏئي لوڙھي جي ڪنھن ڪنڊ ڪان اندر ڪسڪي ڏسي آيو. ڏاڏي کي ٻڌايائين. ڏاڏو سڏو اندر گھڙي ويو. ٻن ٽن عريضي نويسن کي گھلي بہ ويو. سڀ ٽاڻي تي بہ ويا. ٽاڻي وارا آيا تہ چورن مال گم بہ ڪري ڇڏيو. ميان محمد چنل جون درخواستون ۽ اثر رسوخ بہ ڪم نہ آيا. عريضي نويس ساڻين گھڻو ئي ساٿ ڏنس، پر الائي ڇو ڪجھ بہ نہ پئي ٿيو. نيٺ ھڪ ڏينھن ھنن عريضي نويسن

پاڻ ۾ بہ صلاح ڪئي. ننيڊڙي گل لوڙهي جي اُن ڪنڊ کان پهرين تيلي ڏني، جتان هو اندر ويندو هو. پوءِ لوڙهي کي سيئي تياي ڏيندا ويا. شام جي ٿڌڙي هوا هئي. باهہ جڏهن پڙڪي تڏهن هي سڀ آهستي آهستي پنهنجن گهرن طرف کسڪي هليا ويا. هيءُ گهر ۽ دڪان سڀ ڪجهہ سڙي ويو. ميان محمد چٽل کي اُن جي سمڪ نہ رهي جو هو گهر هليو ويو هو. پوبان هي ئي شاهد هيا. شام جو ميدان ۾ مختيارڪاريءَ ۾ ہيو ڪير هوندو؟ سڀ ڪجهہ سڙي رک ٿي ويو. مالڪن گهٽو ئي دانهيو پر ڪنهن بہ شاهدي ئي نہ ڏني. ميان محمد چٽل اُنهيءَ ئي وڻ جي هيٺان دنيا جهان لاءِ درخواستون لکندو رهيو. پر پنهنجي لاءِ هن وري ڪڏهن بہ درخواست نہ لکي. هن جي پنهنجي لاءِ لکيل سُٺن اکرن ۾ جوڙيل اُها آخري درخواست هئي، جيڪا هن مختيارڪار صاحب کي لکي هئي ۽ اُن قديم عمارت جي ٻاهران ويهي ورهيہ گذاريا هئا. هُن ڪيئي درخواستون لکيون هيون پر هو جڏهن نم جي وڻ جي هيٺان اَڪيلو ويٺو هوندو هو. تڏهن هُن جو پوٽڙو گل هُن عمارت جي ڪُنگرن کي ڏسي ۽ سڙيل دُڪانن ۽ جاين کي ڏسندو هيو تہ کلي ڏيندو هو ۽ کيسي ۾ پيل ماچيس کي سختيءَ سان جهليندو هو.

❑

# سنڌڙيان سگھڙي، ڳالھ ڳجھڙي،

## مون مارينديءَ ڪڌهين!

هُن جي ڪَڙڪي تي اک کُلي وئي، ڪمري ۾ ڪجھ اونده، ڪجھ روشني هئي. هن وهاڻي جي پاسي کان هٿوراڙي ڏئي عينڪ ڳولي ڪڍي. سندس لُڙاٽيل اکيون چٽو ڏسي نہ پيون سگھن. هن عينڪ پاتي تہ سندس نظر هڪ ڪاري برقعي ۾ ويڙهيل خاتون تي پئي. هوءَ ڪا گھڙي بيٺي رهي، پوءِ هُن برقعي جي منهن جا پلئہ کنيا. علي ڏني حيرت وچان ڪيس گھڙيءَ پل ۾ ئي سڃاڻي ورتو. روشن مُک ۽ روشن پيشانيءَ واري هيءَ خاتون سندس مامي جي ڌيءُ زهره هئي. زهره ڪنهن وقت سندس نالي بہ ٿيل هئي، جا ورهين پڄاڻان اڄ وٽس هلي آئي هئي. علي ڏني جو مٿس ڪوبہ حق ڪونہ هو پر اڄ آس نراس جي هواڻي تي ليٽيل جهونو هيءَ شخص وَر وَر ڪري ڪيس ڏسڻ لڳو.

”چا وقت ايڏو تيز ڊوڙي ٿو جو ماڻهوءَ جو وجود گھڻو ڪجھ وڃائي وِهي ٿو!“ هن ورهين پڄاڻان زهره کي اڄ ڏٺو هو هيءَ جيڪا ڪنهن وقت هڪ شهزاديءَ جيان ٽِلندي هئي. ڊگھو قد، سيپڪڙيءِ ڪمر ڪار ڪندي سڄو جسم وَري ايندو هوس. چڻ تہ هوءَ ربڙ جي گُڏي هئي، جيئن وَرائينس تيئن وَري! سندس چيلھ تہ چڻ هئي ئي ڪانہ. هوءَ جهٽ ۾ هيبٽ متي ٿيندي هئي. سندس منهن جا نقش موچارا ۽ وٽندڙ پر سندس اکين ۾ جڻ ٻرندڙ مشعالون هيون. هوءَ گھر ۾ پئي ٽِلندي هئي ۽ هو ڪيس ڏسندو هو پر تمام گھٽ چاھ ۽ پاٻوھ منجهان ڪيس ڏسندو هو. هو ٻئي ڳالهائيندا هئا، پر ائين جيئن ڪو چاهت ۽ محبت جو اظهار نہ ٿئي. پلي ڪنهن جي بہ محبت جا انبار هجن. جيتوڻيڪ هوءَ سندس مامي جي ڌيءَ هئي. گڏيل ڪٽنبن جي رهڻ ڪهڻ ائين هوندو هو جو ڪنهن کي ڪنهن سان لنوَ لائڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. زهره بہ ائين اُنهيءَ گھر جو حصو هئي، جت عشق محبت جي

اجازت نہ هوندي هئي، پر جي ٿي وڃي تہ نهائينءَ جيان اندر ۾ دَمي چڏڻ ئي ريت هئي. علي ڏني کي عشق ۾ چاهت جو هلڪو احساس تہ ٿيو هو پر هُو جڏهن شهر ۾ پڙهڻ ويو تہ سندس عقل چرخ ۾ اکيون مٿي تي اچي ويون هيون، جو مسلسل چمڪندڙ ۽ ٻهڪندڙ چنڊ تلاش ڪرڻ لڳو هڪ چنڊ تہ آسمان تي هوندو آهي، پر گهڻا چنڊ زميني هوندا آهن. جيڪي چمڪندڙ چنڊ جيان هوندا آهن. پر سندن هِردو سنگلاخ ٻهاڙن جيان نہ پرندڙ سندن اندر جي زمين سخت هوندي آهي. هو اهڙن زهره وارن جهڙن هردن رکندڙ ڳُئنرن ماڻهن کان ڏور هو. اوچتو ڪيس خبر پيئي تہ سندس مائٽ ڪيس زهره سان پرڻائڻ چاهين ٿا. هن اِنهيءَ نگاهہ سان ڪيس ڏسڻ چاهيو. هوءَ سامهون هوندي بہ جڻ سامهون نہ هئي. نہ رنگ برنگي ڪپڙا نہ چپن تي نہ وري چهري تي لالي، نہ انداز نہ اِشارا. هيءَ هڪ سادي سودي گهريتڙي ڳوٺاڻي ڇوڪري هئي، جيڪا ڪائنس عمر ۾ بہ وڏي هئي. هن جي سامهون هيءُ ڪائنس ڪهاڻيون آکاڻيون ۽ باراٽا گيت ٻُڌي وڏو ٿيو هو. هوءَ گهر ۾ ئي ڪجهہ نہ ڪجهہ پڙهي هئي. سندس وڏڙن جا آندل ڪتاب ۽ شاهہ جا بيت پڙهندي ۽ ڪتابي ٻول ۽ بيت پئي جهونگاريندي هئي. وڏڙن کان ٻڌل شاهہ سائينءَ جي بيتن سان تہ عشق هئس. علي ڏنو سندس اندر کي پرکي ويو. ڳُئنري مَن جا ٻول ٻُڌي خوش بہ ٿيندو هو خاص طرح جڏهن هوءَ جهونگاريندي هئي:

الا، اي مَ هوءِ جو آءُ مران بند ۾،
ٻهرين وجان لوءِ، ٻوءِ مَرُ ٻُجنمر ڏينهڙا،

ڪڏهن هوءَ اها دعا گهرندي چوندي هئي:

”سَنئُر ڪر ستار آءُ اگهاڙي آهيان،
ڍڪين ڍڪڻهار ڏئي پاند پناهہ جو.
ٻوءِ رُئندي چوندي وبندي هئي:
جي ليلائي نہ لهين، تان پڻ ليلائج،
آسر مَ لاهيج، سجڻ ٻاجهندڙ گهڻو.

هوءَ رئندي ائين بہ چوندي هئي:

سندڙيان سِگڙي، ڳالهہ ڳجهڙي، مون ماريندي ڪڏهين.

”نہ هوءَ مُئي بند ۾، نہ سجڻ ٻاجهيندڙ نڪتو“ ڳالهہ وچي ايتري بيٺي: ”ڳالهہ ڳجهڙي، مون ماريندي ڪڍهين.“

عليءَ ڪاليج ۾ ڪيئي چنڊ پئي تڪيا. هُن جي ليکي تہ اِهي چنڊ جهڙا ڏسڻ ۾ سهڻا، رنگ برنگي رنگن سان سينگاريل هئا، اهڙا ضرور مَن جا اُجرا ۽ خيالن ۾ ڪيترن ئي رنگن وارا هوندا، پر سندس سوچ موجب هن جيون جو سفر انهن ٻولن، ڪهاڻين، گيتن ۽ شاهہ جي بيتن جي سهاري تہ نٿو گذاري سگهجي. سفر جي ساٿي کي چنڊ جيان چمڪندڙ موسم بهار جيان ٽڙندڙ نون جذبن سان آشنا هجڻ کپي. هڪ ذهني قوت سان، ذهني سگهہ واري سان ئي گهاري سگهجي ٿو. ائين هو زهره کان ڏور ٿيندو ويو. زهره جي چهري تي وقت جي دز چڙهندي پئي وئي ۽ چهري تي هر وقت بي رونقي ڇانيل هئي! چپ اُجايل جيان خشڪ. هوءَ هر هر خشڪ زبان کي خشڪ چپن تي ڦيرائي آلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، پر لڳندو ائين هو تہ اها اُڃ ڪا ازلي اُڃ آهي، جيڪا سندس نصيب آهي، ۽ ائين هوءَ سالن تائين اُجايل ٻُڪايل، اُجڙيل ۽ ويران رهي. ڪنهن بہ نہ هن جي وجود کي سنڀاريو ۽ نہ ڌيان ڏنو. نہ ڪي واعدا پاڙيا ويا، نہ مٺيون مائٽيون سنڀاليون ويون. ٻئي طرف علي ڏنو هميشہ سيراب رهيو. سندس چَپ ڪڏهن بہ خشڪ نہ رهيا، سندس زبان آلي رهي. هن ڪيترائي ٻيا چپ چُميا، سونهن ۽ عشق جي ظاهري جذبن کان آگاهہ ٿيو. ذهني قوت ۽ سگهہ جا ڪيترائي مظاهرا پسيا. جن ڪيس ڪيترائي دفعا شڪست کائڻ ۽ ٻوڙتي هٽڻ تي مجبور ڪيو. هو هٽندي هٽندي وڃي پَٽ پيو. هيءَ اُهوئي علي ڏنو هو جنهن جي ڪنهن ۾ بہ ڪڏهن اک نہ ٿي ٻُڏي. هيءَ پيسي ڏوڪڙ جي حساب ۾ سُڪيو سنابو بہ بڻيو تہ جوڏاري اُهي چنڊ پسيا جو سندس اکيون هميشہ اُپ ۾ هيون. هُن اُنهن چنڊن مان هڪ ماهہ جبين کي زندگيءَ جو همسفر چونڊيو پر هوءَ کيس جلد ڇڏي وئي ۽ اولاد بہ کنيو وئي. علي ڏني کيس پنهنجي وڏپڻي ۾ مبتلا ڏنو ۽ حسن تي نازان ڏنو. ائين ٻي آئي، تنهن وري اُن کي ذهني مريض قرار ڏئي ٻاڻ ڪنهن ٻئي کي چريو ڪرڻ لاءِ هن وٽان تہ هلي وئي ۽ وڃي رهيا علي ڏني جا ڀاڳ علي ڏني سان! سهڻين محبوبائن جو بہ ميڙو رهيو جيستائين جواني هئي. هو جڏهن رٽائر ٿي شهر

چڏي ڳوٺ پنهنجين اباڻين زمينن تي پهتو تہ اُتي وري وڏيرڪي سياست جي وَر چڙهي ويو. آهستي آهستي ڪڏهن دل جي تڪليف، ڪڏهن موتيو پاڻي، ڪڏهن ڪنگهہ کُڙڪو. پيسو هئس. سو علاج پئي ڪرايائين. اُن سان گڏ آپريشن بہ ڪرايائين تہ ڪجهہ نوبنو ٿي پيو پر پوڙهائپ جا ڏند پنهنجا ٿين ٿا. ڪڏهن تہ چباڙيو چڏين، ڪڏهن جيئدان بہ ڏيو چڏين. زهره جيئن ئي اندر داخل ٿي سندس ڪٽ جي پيراندي ۽ کان وٺي تہ هو اُٿي ويٺو ۽ ڪيس ڏيکارڻ لاءِ تہ هو چاق نوبنو آهي، ۽ پنجهٺ سال بہ ڪيس پوڙهو نہ ڪري سگهيا آهن. هو ٽپ ڏئي سامهون پيل ڪُرسيءَ تي ويٺو ۽ ٽيبل تان ڪجهہ ڪاغذ کڻي ڏسڻ لڳو. هُن عينڪ بہ نہ پاتي، ڪاغذن جا اکر گم ٿيو موتيو اچن ۽ وري گم ٿيو وڃن. ڪاغذ رکي وري زهره کي ڏسڻ لڳو.

هُن جو اَڇو پر روشن منهن مهانڊو ڪاري برقعي جي ڪري چمڪيو پئي. هوءَ برقعي جي منهن وارين ٻن پلوُن کي مٿي ڪيو ويٺي هئي. ٻي سڄي برقعي ۾ ڍڪيل هئي، سندس مٿو بہ ڍڪيل هو. هو سندس چمڪندڙ روشن منهن ۽ روشن پيشاني کڻي تڪيندو رهيو.

”ڪنهن سان آئين آن؟“

علي ڏنو ٽِڪيو ۽ ڪمري جي سانت هاڻي ڪنهن طريقي سان ڪائڻ موڪلائڻ لڳي.

”اَدي شانان سان آئي آهيان.“ زهره آهستي وراڻيو.

”اَدي شانان ڪٿي آ؟“

”ٻاهر اَدي وڏي سان ويٺي آ. ادي وڏي نياپو ڪري اسان کي سڏايو آهي. اسان غريبن ۾ اَلائي ڪهڙو ڪم پيو اٿس.“ زهره ڳالهہ کي وڌايو.

”اَدي وڏي پرت ٿوبي لاءِ ڪپڙا اسان کي موڪليندي آهي. مان ۽ شانان آر ۽ پرت جو ڪم سٿو ڪنديون آهيون. گذر سفر لاءِ ڪجهہ تہ ڪرڻو پوي ٿو نہ.“

علي ڏني کي ماٺ هئي. ائين سندس وڏي ڀيڻ زهره جي ڀيڻ شانان سان گڏ ڪمري ۾ داخل ٿي. سندس ڀيڻ گوڏن جي سور سبب هلي نہ پئي سگهي. هوءَ يڪدم اچي کٽ تي ويهي رهي ۽ دَم کان سهڪي پئي. هُن

آهستي آهستي پُڙڪو ڪڍيو:

”ادا علي ڏنا! مان تہ پوري ٿي پئي آهيان. توکي تہ خبر آهي تہ اَدي شانان جو ڪير بہ ڪونهي. مڙس ڇڏي ويس، هي ٻئي اَڪيليون مامي مرحوم جي گهر رهيون پيون آهن. گهر بہ پنهنجو اٿن، پر جيئڻ لاءِ ڇا نہ ڪپي. هاڻ گذر سفر ڏکيو ٿئي ٿو. زهره ۾ اَجا حال آهي. شانان وبچاري بيمار رهي ٿي. توکي تہ خبر آهي تہ زهره جي شادي نہ ٿي سگهي. مون شانان کي چيو آهي تہ زهره کي هٿ ڇڏي تہ گهر سنڀالي، سندس گذر سفر بہ ٿيندو تہ شانان کي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ موڪلي ڏيندس. زهره جو کاڌو پيتو ڪپڙو لٽو خرچي اسان تي. توکي الله سڀ ڪجهہ ڏنو آهي. علي ڏنا! ڪجهہ هنن جي واهر ڪر. گهٽ ۾ گهٽ زهره جو توتي حق ٿئي ٿو.“ علي ڏني جي اندر ۾ نڪاءَ ٿيا. اجا چڱو ٿيو جو سندس پيڻ ڪيس اهو نہ چيو تہ هيءَ تنهنجي نالي ٿيل هئي. مائٽن وهاري ڇڏيِاِن لاءِ تہ من موٽي اچين پر فيشن، رنگين ڪپڙن ۽ تيل ڦليل واربن جي ڪِڍ تو عمر وڃائي ڇڏي. هڙ حاصل ڪجهہ نہ. اج تون اڪيلو آهين. توکي پنهنجون بہ زالون بہ ڇڏي ويون. توکي سنڀالڻ وارو اولاد بہ الائي ڪاٿي آ. اولاد بہ ڇڏي ويئہ. اج تون اڪيلو آهين. علي ڏنا! اڪيلو. بنهہ اڪيلو آهين، بنهہ اڪيلو. تنهنجي نہ اڳياڙي چڱي ٿي نہ وري پڇاڙي.

علي ڏني جا ڪن ٻَرڻ لڳا. سندس پيڻ بنا چوڻ جي بہ اکين اکين ۾ گهڻو ڪجهہ چوندي وئي. زهره بہ اُتي وئي، ڪمري ۾ ڪير نہ هو. هو سوچڻ لڳو تہ زهره جو مٿس حق لڳي. هُن ڪجهہ پيسا ڪڍي سندس پيڻ شانان کي ڏنا. هوءَ کيس دعائون ڪندي هلي وئي، ۽ زهره کي هُت ئي ڇڏي وئي. زهره آهستي آهستي گهر جو ڪم ڪار سنڀاليو. سندس ڪمري کي سولو ڪيو. ماني جو سواد بدليو ۽ کيس وقت سر ماني ملڻ لڳي. ڪير ۽ فروٽ بہ ملڻ لڳس گهر جو سڄو خرچ هاڻ زهره هلائڻ لڳي. علي ڏنو ۽ سندس وڏي پيڻ آجا ٿيا ويٺا هئا. گهر جو خرچ ڪُمَ واري مائي اڳي ٻيڻو ڪري ڇڏيو هو زهره اُنهن ئي پيسن مان هنن ياءُ پيڻ کي سُک ڏئي ڇڏيا. هُن ڪم واري مائي کي نہ ڪڍيو پر ڪائنس چڱي طرح ڪم وٺڻ لڳي. زهره رڌ پچاءَ پاڻ ڪندي هئي. ٻهاري، ڌانوَ ۽ ڪپڙا ڪم واري مائي جي ٻلي هيا، پر زهره کي

سندس ڪم نٿي وڻيا تہ ڪڏهن ٿانوَ ڀاڻ مليندي هئي، ڀهاري ڀاڻ ڪيندي هئي، ڪڏهن ڪپڙا بہ ڀاڻ ڌوئيندي هئي.

علي ڏنو هاڻ چاق ٿي ويو هو. ڪاڏي وئي دل جي بيماري، ڪاڏي وئي نظر جي جهڪائي، ڪاڏي ويو زڪام ۽ کنگهہ کڙڪو هلڻ چلڻ ۾ جوبن. هاڻ تہ هو ٻنيءَ تي وڃڻ لڳو هو. زمين ۾ مسواڙ تي ڏنل جاين ۽ دڪانن جي سنڀال چڱي ڀر اڪيلي سر ڪرڻ لڳو. سندس پيرڻ بہ هاڻ هلڻ چلڻ لڳي هئي. سور سهڪا، سار سنڀال لهڻ ۾ ڪاڏي مَٽ ڪري گهٽيا. گهر جا مسئلا بہ سندس مٿي جو سور نہ رهيا. زهره ڏينهن رات ڪم کي جُنبي پئي هوندي هئي. زهره کي هميشہ رَئي جو نقاب پڏل هوندو هو. اُن نقاب سان سندس مٿو ڍڪيل هوندو هو پر نقاب مان سندس روشن مک روشن پيشاني سان ڀهڪندو هو. هُن جي منهن تي جڻ نُور اچي ويو هو. هوءَ هيڏي وڏي گهر ۾ ٽلندي ٽلڪندي وتندي هئي. علي ڏنو سندس جهونگار لڪي ٻڌندو هو تہ کيس فرحت ايندي هئي ۽ پراڻو زمانو ياد ايندو هوس. زهره جو سحر آهستي آهستي علي ڏني کي وڪوڙيندو ويو. هوءَ رڌڻي ۾ وجي تہ رڌڻو ڀهڪي، اڱڻ ۾ ٻهاري ڏئي تہ اڱڻ اُجرو. هوءَ هلي چلي، تلي ۽ ٽُلڪي تہ علي ڏنو خوش ٿئي. جي شاهہ جا بيت جهونگاري تہ بہ علي ڏنو ڏيان اوڏانهن ڏري ۽ اُهي بيت چپن ۾ ڀاڻ جهونگاري. هونئن تہ هوءَ شاهہ جا بيت:

الا ائين مَ هوءِ، جو آءٌ مران بند ۾.
يا
سٽر ڪر ستار آءٌ اُگهاڙي آهيان.
يا
ليلائي نہ لهين، تان پڻ ليلائيج،
آسر مَ لاهيج، سڄڻ ڀاڄهيندڙ گهڻو.

۽ ٻيا ڪيترا بيت پيو ٻڌندو هو. کيس عجب ٿيندو هو تہ هن گهريتڙي نينگر پنهنجين وڏڙين کان ٻُڌل بيت ڪيئن نہ ياد ڪيا آهن ۽ سُر سان ڪيئن نہ جهونگاري ٿي.

علي ڏنو شاهہ جي هيءَ وائي گهڻو ڪري ڏکوئيل آواز سان کيس

چوندي ٻڌندو هو. پر هوءَ هن ڏکي وائي کي ڪڏهن مڪمل نہ چئي سگهندي هئي.

”سندڙيان سڱڙي، ڳالهہ ڳجهڙي، مون ماريندي ڪڏهن...“

ڀهرين سٽ چوندي روئي ڏيندي هئي. هُوا هي ستون درديلي دانهن جيان ٻُڌندو هو ۽ سندس اکين ۾ ڳوڙها ڳڙي ايندا هئا ۽ هو پاڻ بہ جهونگارڻ لڳندو هو:

”سندڙيان سِڱڙي، ڳالهہ ڳُجهڙي، مون ماريندي ڪڏهن...“

علي ڏني جو گهر اِنهيءَ گونجار سان گونجندو رهيو. زهره هن گهر ۾ رهڻ لڳي جڻ هيءُ سندس پنهنجو گهر هو. هن گهر بہ مس مس وجي سُک جو ساهہ کنيو هو جو اهڙي اَڌ پڪي سانجهي جو جنهن سانجهي جو هُن زهره کي هن گهر لاءِ سُکن ۽ خوشين جو پيامبر بڻجي ايندي پسيو هو. اهڙي سانجهي جو هُن جي ڪُڙيءَ جي ڪَڙڪي تي اک کُلي. هُن لڙاتيل اکين سان سجاڳي ورتو پوءِ بہ هن عينڪ ڪڍي چاڙهي. هُن جي سامهون هڪ بي ڊولي ٿلهي وَهي لتاڙيل ميڪ اَپ ۽ خوشبو ۾ وبڙهيل رنگين لباس ۾ ملبوس هيءَ عورت بي ڪير ڪانہ. سندس ڀهرين زال فريده هئي. زهره وانگر نہ هُن کي برقعو يا نقاب هو نہ هُن نقاب جا پلئہ مٿي ڪيا. نہ هُن کي رَئي جو نقاب هو. جنهن سان سندس خضاب سان ڪنيل ڪاراتيل وار ڍڪجي سگهن. هوءَ بي حيائيءَ سان ٽپ ڏئي، کٽ تي چڙهي ويئي ۽ سندس ويجهو ٿي کيس ڀاڪر ۾ ڀري چمي ڏيڻ جي ڪيائين. پوءِ نقلي ميخن وارن ڏندن سان کيس چڪ پائڻ لڳي. وات جي ڏپ سندس مغز ۾ گهڙي ويئي. ”ڊيئر علي! آءِ ايم بيڪ... يو شوڊ هيو ڪالڊ مي... واءِ ڊڊ يو ڪيپ مسٽريس... او ڊيئر! او ڊيئر! آءِ اسٽل لَو يُو... يُو آر ناٽ گوڊ باءِ ايني مور.“ هُن، هِن عورت کي پٺتي هٽائڻ چاهيو. هو هن گوشت جي جبل جو بار آهستي آهستي ائين محسوس ڪرڻ لڳو جو سندس دَم گهُٽجڻ لڳو. هُڻ کيس زور سان ڌڪي پري ڪيو. پوءِ هو ٻاهر ڊوڙيو. اڱڻ ۾ سندس پيڙ وڏا اُپا ساهہ کڻي رهي هئي ۽ روئي پئي: ”علي ڏنا! اِنهيءَ ظالم عورت ويچاري زهره کي بدشد ڳالهائي گاريون ڏئي ڪڍي ڇڏيو. بس! مون کي زهره وٽ وٺي هلُ، هتان ڪيڏي هلُ.“ رُئندي، هوءَ آهستي

آهستي رڙهندي هُن سان هلندي هلي. علي ڏني ٻاهران گهر جو در بند ڪيو. اندران هُن جي زال جون رڙيون ٻُڌڻ ۾ اچي رهيون هيون. هوءَ ڪيس گاريون ڏئي رهي هئي: ”آءِ ول ڪِل يُو علي ڏنا! اينڊ ڪِل يوئر مستريس... اوپن دَ ڊور“ هيءَ عورت ويهن سالن کان پوءِ اچي مٿس حق جمائي رهي هئي. هيءُ گوشت جو جبل، هاڻ سندس روح ۽ وجود کي جڙ چيڀاتي رهيو هو. پيرڻ پاءُ هلندا ويا ۽ سڌو زهره جي گهر پهتا. شانان گهٻرايل، در وٽ بيٺي هئي. زهره اندر هئي. علي ڏني وات تي فيصلو ڪري ڇڏيو هو. علي ڏني پيرڻ کان اجازت ورتي، پوءِ شانان ڏي نهاريو. هوءَ روئي رهي هئي. هُن اُنهيءَ ڪمري ڏانهن نهاريو جت زهره پاڻ کي بند ڪيو روئي رهي هئي. سندس روئڻ جو آواز ٻڌي هو اندران ڦٽڪڻ لڳو. هو پاڻ کي هاڻ گهڻو گنهگار سمجهڻ لڳو. هُن کي ڪوبہ حق نہ هو تہ هڪ معصوم کي پنهنجي گهر ۾ گهرائي ڪوڙهيل ماضي جي ڍير تان اُٿي آيل بدبودار جاندار کان هڪ ڏوتل پوتل نينگر کي بي عزتو ڪرائي، سُريت جا خطاب ڏياري، هُن معصوم هُن غريب جو ڪهڙو ڏوهہ؟

علي ڏني در کي ڪڙڪايو. ڪو جواب نہ آيو. هُن کي هڪ ڊپ ويڙهي ويو. هو هاڻ در کي چرين وانگر ڌڪا ۽ ٺيلها ڏيڻ لڳو. اندران ڪوبہ آواز نہ ٺي آيو. ائين در کُليو. سامهون هڪ عورت، جنهن نقاب لاهي ڇڏيو هو، ڪير جهڙي اچي مٽي جي ڪنڊريل وارن سان هڪ مستاني، هڪ درگاهہ جي فقيرياڻي جيان بيٺي هئي. هُن جي ڳلن تان ڳوڙها بس نہ پيا ڪن. هُن جهڪي روشني ۾ بہ هنن ڳوڙهن کي ڏسي ورتو. هوءَ هڪ عذاب ۽ پيڙا ۾ هئي. هن کي بي اختيار هن چڙيل ڇَتن واري زهره تي بي اختيار قياس ۽ پوءِ پيار آيو. اڙ ميو پيارا! هو جيئن اندر داخل ٿيو تہ زهره پوئتي هٽي بيٺي!

”زهرا! مان توسان نڪاح ڪري وٺي وڃڻ لاءِ آيو آهيان. مون کي تون معاف ڪر ۽ اجازت ڏي.“

زهره نيٺ ڳالهايو: ”سائين علي ڏنا! منهنجي ويجهو نہ اچ. مان تنهنجي گهر جي پگهاردار نوڪرياڻي ضرور آهيان. پر سُريت نہ آهيان. نوڪري هاڻ تہ خبر پوڻ کپي تہ مون جوڳ ورتو آهي، هڪ فقيرياڻي آهيان. منهنجو ماضي، منهنجو جوڀن ڏسڻو هجئي تہ هي آڇا ڪير جهڙا وار نہ ٿو

ڏسبين. مون سان هارڻ لنوءَ لائڻ مان ڇا ورنديءَ؟ هاڻي پُڌ شاهه سائينءَ جو هيءُ بيت ۽ بوءِ موتي پنهنجي ماڳ ڏي وڃ. ڏٽي کو توکي معاف ڪري منهنجي وس جي ڳالهه نه آهي.“

صبح سِڱِڙيون ڪٽي، ويا وڃائي وير،
ڏوريان ڏوريان نه لهان تن بيراڳين ڀير،
جن آسڻ منجهه عنبير، آءٌ نه جيئندي اُن ري.

پوءِ هُن ورائي چيو ”آءٌ نه جيئندي اُن ري“ هن جي آڱر اُپي.

پوءِ هوءَ آهستي ڍرڪندي زمين تي آهلي پئي. هيءَ شاهه سائينءَ جي جوڳياڻي ورهين جا ورهيه اندر ۾ الائي ڇا سانديندي رهي هئي. هُن به کو عشق ڪيو هو، چنڊ تڪيو هو پر نه هُن ڳوليو نه هُن کان لڏو. اج هوءَ حالئون بي حال ٿي زمين تي پئي هئي. شانان ڊوڙي اچي ڪيس سنئون ڪيو. پر هُت هارڻ ڪجهه به ڪونه هيو. شانان، علي ڏني ڏانهن نهاري ڪنڌ سان نهڪر ڪيائين. علي ڏنو حياتي ۾ پهريون دفعو اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو. هو زهره جي ويجهو وڃي ويٺو ۽ رئندو رهيو ۽ چوندو رهيو: ”تو ڇو تڪڙ ڪئي، مان نه اڳيون حساب ڏيڻ آيو هيس، توکي سهاڳڻ ڪرڻ لاءِ“ تنهنجو خواب پورو ڪرڻ لاءِ“ تون ٿورڙي مهلت نه ڏين ها.“ شايد علي ڏني کان ڪيس ڏنل مهلتون ئي مهلتون وسري ويون هيون. هو اُتي فرش تي ويهي رهيو. سامهون زهره اڇين وارن هوندي به هڪ ازلي حسن سان سنواريل سُتي پئي هئي. هُن کي لڳو ته هن ڌرتي جا اصل چنڊ هيئن ڌرتي تي وڇايل هوندا آهن. شل ڪير ڪين ڳولهي لهي. آسماني چنڊ سراب ۽ دوکو هوندا آسن. علي ڏنو اجا به جيئرو آهي. هو گهٽو اُت ويندو آهي، جت زهره سُتل آهي، توڙي جو هو هوش وڃائي ويٺو آهي. پر هو سندس ابدي آرامگاهه تي لکيل شاهه سائينءَ جي وائي جي هيءَ سِٽ وَرُ وَرُ پڙهندو آهي:

سَندڙيان سِڱِڙي، ڳالهه ڳُجهڙي، مون ماريندي ڪڏهين!

(مهراڻ 1_2/2008ع)

# جڏهن آسمان ۾ تارا نه هوندا

هيءَ هڪ سياري جي رات هئي ۽ اَڌ پنڌ ٽپي هلي هئي. هِن بس جو رُخ اُتر ڏي هو ۽ سامهون اُتر جي هوا بہ سَرڙاٽ پئي ڪيا. هن شهر جي باءِ پاس تي، شهر جي ويجهو بہ مسافر اُٿي بيٺا ۽ هڪ مسافر ڪُهري آواز ۾ چيو "اُستاد روڪي!" اُستاد سيءَ جي ڪري لوئي ۾ ويڙهيو وينو هو ڪجهہ آفيم جي پنڪي بہ هيس. سُتل بس ڪجهہ سجاڳ ٿي ويئي. هيءُ ڪارين لوين ۾ ويڙهيل بہ همراهہ، پهلوانن جيان، بس جي وچ تي بيٺا هئا. ڊرائيور ائين ئي هلندو پئي هليو.

"اڙي، موالي! ٻڌين نٿو؟ بس جَهل!" همراهہ وڏيڪ ڪُهرو ٿيندي چيو.

هن ڪُهري آواز تي سڄي بس سجاڳ ٿي ويئي. مسافرن کي اچي سِر سان لڳي تہ ڪٿي هيءَ ڌاڙيل تہ نہ آهن! ڦُر ٻُر تہ ڪرڻي ڪانهين! هاڻ سُتل ڪنڊڪٽر بہ ڇرڪ ڀري جاڳي پيو.

"اُستاد، باءِ پاس جا هيءَ مسافر آهن. هنن کي هِت لاهہ، نہ تہ وري شهر اسٽاپ تي هلڻو پوندو."

ڊرائيور آهستي آهستي سائيڊ ڪري گاڏي بيهاري. ڪنڊڪٽر اُٿي در کوليو. سڄي بس ۾ وِلهہ پکڙجي ويئي، اُتر پئي لڳو. هيءُ مسافر ٽپ ڏيئي لهي پيا. هنن جي لهڻ سان ڪنڊيڪٽر يڪدم دروازو بند ڪيو. ايتري دير ۾ مسافرن ۾ ڏڪڻي پئجي وبئي هئي. ڪجهہ وِلهہ جي ڪري، ڪجهہ هِنن مسافرن جي مشڪوڪ انداز ۾ بس بيهارڻ جي ڪري، ۽ ڪجهہ ڦُرجڻ جي خوف کان. هيءُ ٻن ڪارين لوين ۾ ويڙهيل بہ همراهہ هئا: هڪ ٿُلهو ٿنپرو، ٻيو سَنهو لِيڙ. ٽنڊ تي لِيڙ کي تہ ڪجهہ نہ پئي ٿيو، پر ٿُلهو ٿنپرو ڏڪڻ لڳو هو. هُن لوئيءَ کي سولو ڪري ٻُت تي ويڙهيو ۽ مفلر کي ڪنن ۽ مٿي کي ڇڪي ٻڌو. هاڻ هُو بيئي تڪڙو پنڌ پيا. هيءُ شهر ڏي وڃڻ

واري چوڏگي هئي. پر هن وبل ڪابه سواري ڪانه هئي.

هيءَ پهريان چؤطرف نهاريندي آهستي هلندا پئي هليا. پر پوءِ وِلهه جڏهن کين وڻي ويئي تہ هنن جي وِکن ۾ تيزي آئي. هو ائين تڪا ٿيندا ويا جڻ ڊوڙون پئي پاتائون. هن چوڏگي کان شهر چڱو پنڌ پري هو. هيءَ پهريائين تہ سَهڪي پيا. خاص طرح ٿُلهو ٿَنپرو همراهہ تہ هَڦي پيو. سندس وکون ڊِربون ٿيون تہ سَنهڙي پہ وکون گهٽايون. هيءَ هُيا تہ اڌڙوٽ عمر جا. پر ڦُڙت لڳا پيا هئا. هلڻ ۾ تکا ۽ تڪڙا هئا.

"يار پهلوان! همت ڪر، هُو ڏس، بَتيون سامهون آهن. ائين سُست تہ نہ ٿي. اَجا توکي وڏي جُدَ پَتڻي آهي". ائين چئي هُو هڪ کجين جي اُجڙيل باغ ۾ لهي پيو ۽ پهلوان بہ سندس ڪيڏ ڊوڙندو ويو.

"يار ممتاز! بيهہ تہ سهين. هيءَ ڪاڏي پيو وڃين."

"هيءَ ڪنهن زماني ۾ باغ هوندو هو. پارومل جو کجين جو باغ هاڻ هيءَ ڏس. ڪيئن کجيون وڍي پَٽ پلاٽ ڪيا اٿن! وچان اِنڪري ٿا هلون. جو شهر ۽ بازار وچان هلڻ ۾ خطرو آهي، بيو نالو نہ ڪڻ."

"ها. هيءَ ڏس. آسمان ۾ تارا ۽ ڪتيون سپ بيٺل آهن. جي وچڙي يا اڳي پوءِ ٿي وڃون تہ هن باغ ۾ اوستائين انتظار ڪجانءِ. جيستائين آسمان ۾ تارا آهن. جيئن هيءَ سپ آسمان مان غائب ٿي وڃن تہ ڪير بہ ڪنهن جو انتظار نہ ڪري. سمجهيئہ پهلوان؟ جيستائين آسمان ۾ تارا آهن. بس اوستائين." ممتاز پهلوان کي سمجهايو ۽ پهلوان ڪنڌ سان ها ڪندو هليو.

"يار. هيءَ تارا ٻاجهہ ۽ اُميد جا تارا آهن. هيءَ آهن تہ دُنيا ۾ ٻاجهہ ۽ اُميد قائم آهي،" ممتاز ڳالهائيندو هليو.

ممتاز هن جو سونهون هو. ڦٽل سٽل باغن کان ٿيندو شهر جي ڳُتيل علائقي کي پاسيرو لتاڙيندو. شهر جي پراڻين ۽ ڀڳل ڀُريل جاين جي وچ ۾ اچي بيهاريائينس. هڪ چاڙهي چڙهي هو گهٽي ٽپيو ۽ هُن پهلوان کي زبون ٿيل ۽ سِرن جي ڍير ۾ تبديل ٿي وبل هڪ پراڻي پر شاندار جاءِ ڏيکاريائينس، جنهن جي دَٻل ڀُريل حالت کي ڏسي بہ ماڻهو چئي سگهيو ٿي

تہ ڪنهن وقت هيءَ جاءِ ضرور شاندار ۽ عظيم هوندي، جو ڪنڊر ئي ٻڌائين پيا. هن جاءِ جي ٻاهرئين پٽ اجا بيٺل هئي، پر ڪٿان ڪٿان ڊٺل بہ هئي. ممتاز پهلوان کي اِشارو ڪيو ۽ اُنهي پاسي مُڙي ويو جتان پٽ گهٽو ڊٺل هئي. هو ٽپ ڏيئي پڳل پٽ اورانگهي جاءِ ۾ وڃي بيٺو. سندس ڳچي ظاهر هئي. هُن اُتان پهلوان کي اِشارو ڪيو. هُن اونده ۾ شايد نہ ڏٺو پوءِ تارچ ڪڍي هلڪو چمڪاٽ ڏيکاريائينس. پهلوان ٿلهو ۽ ڳرو مڙس، پٽ تي هٿ رکيائين تہ سِرن جون بہ ٽي قطارون ممتاز واري پاسي وڃي ڪِريون. ممتاز ٽِپ ڏيئي وڃي پريرو ٿيو. سِرن جي ٺڙ ٺڙ ڪري ڪِرڻ سان چگو آواز ٿيو. ڪا گهڙي هيءَ ٻيئي جٽا دم جهلي بيهي رهيا. پوءِ پهلوان لانگ ورائي اندر داخل ٿيو. سياري جي رات، اوجهڙ پاسو ۽ سيءَ جي ڪري ڪُتا بہ وڃي لڪا هئا ۽ ڪڏهن آواز تہ ڪڏهن وري اوناڙون بہ پئي ڪيائون. ممتاز جاءِ اندر وڏندو ويو ۽ اڳڻ ۾ پيل پڳل سِرن ۽ نڪرن پٽرن کي لتاڙيندو وڃي زبون پڳل ورانڊي تائين پهتو. سندس سامهون بہ ڪمرا هئا. ٻنهي کي قلف ڏنل ها. پهلوان هڪ ڪان پوءِ ٻئي قلف کي سَٽون ڏنيون، پوءِ لوئي اندر لڪل ٿيلهيءَ کي ٻاهر ڪڍيو ۽ اُن مان هڪ انگڙي هنيل شيخ ڪڍيائين. اُن کي قلفن ۾ وجهي بہ ٽي ٻيون سَٽون ڏنائين تہ قلف اچي پَٽ پيا.

هڪ ڪمري ۾ گهڙيا تہ سڄو ڪمرو پڳو پيو هو. ممتاز "هون هون" ڪري ڪيس ٻئي ڪمري ڏانهن اِشارو ڪيو. هيءَ ڪمرو بهتر صورت ۾ هو. هڪ ڪٽ، بہ وڏيون آرام ڪرسيون ۽ هڪ منجي ائين لڳو ٿي تہ هٽ ڪو جهونو اوطاق ڪري ويهندو آهي. ٻَريان ڪنڊ ۾ بہ ٽي پڳل تختا پيل هئا. ممتاز رڙهندو اُنهن تختن وٽ ويو ۽ آهستي آهستي هڪ هڪ ڪري تختا هٽائيندو ويو. سامهون تختن پويان لڪل هڪ وڏي تجوڙ هئي. ممتاز وڏو ٽڏو ساهہ پريو. پوءِ هُن پهلوان کي اشارو ڪيو. پهلوان وڏي اچي اجا بہ تختا پريرو هٽائي تجوڙ کي نروار ڪيو. هُو ڪا گهڙي تجوڙ کي تڪيندو رهيو. پوءِ ڪُرسي تي سامهون ويهي تجوڙ کي ڏسڻ لڳو. هيءَ ڳري تجوڙ گودريج ڪمپني جي هئي. مٿان ئي مٿان "Godrej" انگريزي ۾ نالو ڪٽ آئوٽ ۾ چنبڙيل هو. پهلوان کي تجوڙ کي کولڻ جي سوچ ۾ ڇڏي ممتاز ٻاهر

نڪري آيو. هُو وراندي ۾ پيل هڪ صندل تي ويهي رهيو. هُن اڱڻ ۾ نهاريو. وراندي کي ڏسي هئي ڪُليل ڪمري ڏانهن اُٿي وڌيو. چوڌاري اونده جو راڄ هو پر هُو سڀ ڪجهه چٽو پٽو ڏسي پئي سگهيو. ائين پئي هليو ڄڻ هو چپي چپي کان واقف هو. ڪيس پڳل سرون ۾ نڪر نوبر به نظر آيا. هُو ڪمري مان نڪري واندو ٿيڀي وري اڱڻ ۾ آيو. آسمان ۾ اجان تارا پريا پيا هئا. تارن جي روشني اڱڻ کي چمڪائي بيني هئي. هُن لاءِ هاڻ وقت پوئتي هلڻ لڳو. هيءُ اُهو ممتاز هو جيڪو ويهه ورهيه اڳ چوڪراٽي وَهيءَ ۾ هيءُ پريو گهر ڇڏي ڀڳو هو. ڪيس لڪ ڇپ ۾ روپوش ٿي وقت گذارڻ ڪو سئو يا سولو نه لڳو هو. هو ڪڏهن ڪراچيءَ جي شهر ۾، ته ڪڏهن بلوچستان، ڪيئي جبل جهاڳيا هئائين. زمانا ڏسي هُو اڄ پنهنجي ماڳ تي واپس وريو هو. هُن کي هِن تجوڙ جي ته خبر هئي. پر هن تجوڙ جو عاشق هو. هُن کي اِها خبر نه هئي ته اِها تجوڙ ڪڏهن کُلندي هئي، ڪڏهن بند ٿيندي هئي. ڪهڙي ويل ۾ ڪيئن کُلندي هئي. سندس وڏا پئسي ۾ سون مين ۾ شاهوڪار هئا. تجوڙ ڪيئي، ڏهريون، پنڙا، پازيب ۾ اَمانتون سنڀاريون هيون. سندس چاچو ۾ پيا مٺ مائٺ سونارڪو ڪم ڪندا هئا. ڪيس اِها خبر پيئي هئي ته هيءُ پراٽا گهر ڪِري پيا آهن، پر تجوڙ صحيح سلامت آهي. سندس چاچو هن تجوڙ کي ائين سنڀاليندو آهي، جيئن وڏن جي ڪا يادگار شيءِ سنڀالبي آهي. هو ننڍي هوندي کان هن تجوڙ کي حسرت سان ڏسندو هو. سندس خواهش هوندي هئي ته هُو تجوڙ اندر ڏسي ته اندر ڪيترا زيور، پيسا، سون مين ڪهڙيون اَمانتون رکيل آهن. ممتاز ڄائو ته سندس پيءُ گذاري ويو. هيءُ سندس چاچو محمد پريل سونارو هو جنهن هن کي سنڀاريو. محمد پريل جي گهر واري، جنهن کي پُٽيلو اولاد ڪونه هو. تنهن هن کي لاڏ ڪوڏ سان نپايو تاتيو. توڙي جو ممتاز جي ماءُ جيئري هئي، پر هُو ڪيس ليکيندو ئي نه هو. سڀ لاڏ محمد پريل جي گهر واري ڪٽندي هئي. محمد پريل کي نياٽي هئي، سونان جهڙو نالو هوس تهڙي ئي هئي سون وَرني! سندس جسم به سون جهڙو پر وار به سونهري! سونان ڪانئس ڏهه پندرنهن ورهيه ڪن وڏي هئي، هنج ڪٽي ڪيس ڄڻ ته پاليو هئائين. ٻچو ڪري پائيندي هئس ته هيءُ به ڪيس دليئون

ايندڙيون هونديون، تجوڙي ۾ ڪو تہ مال هوندو. ممتاز پهلوان جي پوئان ڪمري ۾ گهڙيو هو ۽ بيٺي تجوڙي جي ويجهو ويا. پهلوان ممتاز جو هٿ وٺي اشارو ڪيو تہ هينڊل گهمائي. ممتاز هينڊل گهمائي پوءِ ڇڪيو. پر تجوڙي جو دروازو نہ کُليو. پهلوان سندس هٿ پري ڪري پاڻ ٿي سَٽون پاڻ ڏنيون تہ دروازو آهستي آهستي کُلندو ويو. پهلوان اندر هٿوراڙيون ڏيئي مال کي ڳوليو پر سندس هٿ خالي موٽي آيا. هُن ممتاز ڏي نهاريندي کيس آڱوٺو ڏيکاريو. ممتاز يڪدم اندر هٿ وڌو. تجوڙي ۾ ڏنل هيٺيان ۽ مٿيان خانا کوليا. پر اُت ڪجهہ ڪونہ هو. ائين ممتاز کي پون پون ٻُڌڻ ۾ آئي. ممتاز پوئتي هٽيو.

”ڪَکر! اندر ڪَکر آهي. پون پون جو آواز ٻڌين ٿو!“ پهلوان پهريائين هٽڪيو پوءِ کِلڻ لڳو.

”هن زنگيل ۽ بند تجوڙي ۾ ڪَکر ڪٿان داخل ٿيندي، ڪُنجين وارن سوراخن تي بہ ڏِڪ ڏنل آهن. ڪابہ ڪَکر ڪانهي. تجوڙي ائين خالي ڪئي ويئي آهي، جو جڻ تہ مالڪن کي خبر هجي تہ اَسين اَچڻان هجون. هاڻ هل تہ هلون، هٿ پير چا رکيو آهي.“

پهلوان اُٿيو پر ممتاز سامهون پيل ڪُرسيءَ تي جيئن ويٺل هو تيئن ويٺو رهيو.

”پهلوان! ٻيهہ هيءَ ککر ناهي تہ هيءُ تجوڙي اندران ايندڙ آوز آهن. ٻُڌ، آواز ٻُڌ پهلوان ٻُڌ!“ پهلوان کي ڪجهہ بہ نہ پئي ٻُڌڻ ۾ آيو.

هُن اشاري سان پڇيس: ”ڪٿي آهن آواز؟

ممتاز چيس: ”هو ٻُڌ ٻُڌ! گهُٽيل آواز هو منهنجي ڪنوار سونان جا آواز آهن. هو روئي رهي آهي. چئي رهي آهي تہ کيس ماري ڇڏيان، پر کيس هٿ نہ لايان. هوءَ ڏس چئي رهي آهي. ممتاز! مون توکي پاليو آهي. مان تہ تنهنجي ماءُ آهيان، تون منهنجو سهڻو پُٽڙو ناهين؟... شال جواني ماڻين.“

ممتاز اوچتو رڙيون ڪرڻ لڳو: ”يا خدا، هن تجوڙي ۾ هيترا آواز محفوظ آهن.“

پهلوان حيران پريشان هو. هُن ممتاز کي هن جذباتي ۽ هيجاني ڪيفيت ۾ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو. هو ڏک سک ۾ گهٽ ڏينهن کان گڏ هئا.

پر هُن ڪڏهن ڪو سور نہ سليو هو. هُن رڳو ڪيس آباڻي تجوڙ جو ٻڌايو هو ۽ بس.

”پهلوان هيءَ منهنجي شادي پئي ٿئي. هيءَ عجب شادي آهيان. مان خوش آهيان، پر سونان خوش ناهي. اڄ رات تي رهي آهي. ڪوني تي سونان ڪنوار ٿيو مومل جيان ويٺي آهي. مان ويجهو وڃانس ٿو تہ هوءَ روئي تي ۽ پيرن تي ڪِري پوي ٿي. هوءَ ٻُڌ، چا ٿي چوي؟ منهنجا پٽڙا، منهنجا ٻچڙا صدقو وڃانءِ. مان تہ تنهنجي ماءُ جيان آهيان. مان تنهنجي ماءُ ٿي رهڻ چاهيان ٿي. چڏ تہ مان تنهن جي ماءُ جيان خدمت ڪريان. ماءُ جيان توکي مٺڙي ڪي زور ڏيان، مانڙي ڪارايان. منهنجا ٻچڙا ممتازا! مون سان انگل آرا ڪر، رُسي وڃ، پر پنهنجي امڙيءَ کي ائين نہ مار! ماءُ کي اِئين بي عزتو نہ ڪر ممتازا!“

”پهلوان! مون هُن تي شڪ ظاهر ڪيو تہ هوءَ ٻئي ڪنهن سان ڪَريل آهي. اِنڪري مون سان زال واريون قرب جون گهڙيون نہ ٿي گهارڻ چاهي. مون هُن کي زوريءَ چاتيءَ لاتو. چميون ڏنيون ۽ ڪيس پان ساڻ گڏ سمهڻ لاءِ زور ڪيو. پر هوءَ سڏڪندي رهي، ڦٿڪندي رهي ۽ روئندي رهي. هوءَ پوءِ رُئندي هيٺ هلي ويئي. گهڙيءَ ۾ هوءَ منهنجي ماءُ ۽ پنهنجي ماءُ کي وٺي آئي. هو ٻُڌ اَمان جا اکر: ”اڙي بي حيا! سونان تنهنجا زال آهي. ڪهڙي ياج پئي اَٿئي. قرب محبت سان راضي ڪرينس. پيار ۽ قرب ۾ زور زبردستي نہ ٿيندي آهي ممتازا!“ هو ڏس جيجي بہ آئي آهي. هو ٻئي ڪلن پيون ۽ سونان کي سمجهائن پيون. ”سونان، سونان، لالي رو نہ، ڏاهي ٿي. ممتاز اُهو تنهنجو ٻچڙو نہ رهيو آهي، هاڻ هو تنهنجو مڙس آهي. ڏاهي ٿي ، پيار ڪرينس!“

پر سونان بي جان آهي، پٿر جهڙي سونان! هُن جي بي جان رَويي، سڄي رات ستائڻ تي، نيٺ مون کي ڪاوڙ اچي ٿي. مان ڪيس ماريان ٿو. هوءَ ڪُڇي نہ ٿي، نہ دانهون ڪري ٿي. هو ٻُڌ گهٽڪا کائي ٿي. نيٺ اڏ مئي ٿي. ٻُڌ چا ٿي چئي، ”ماءُ کي مارين ٿو تہ پلي مار. پَر ٻڌ جڏهن آسمان ۾ هيءُ ٻاجهہ جا تارا نہ هوندا، مان بہ تو وٽ نہ هوندس، ممتاز ٻچا! پلي مار. اڄو فجر مان بہ نہ ڏسندءِ س.“

ڪير به نه هو. هُن هيٺ ڏٺو پيرن ۾ لوئيءَ ۾ ويڙهيل هڪ ماڻهو پيو هو. هوءَ ڪا گهڙي بيٺي رهي، پوءِ آندران جهڙي آيس هُن کي پڪ ٿي ته هُو ممتاز آهي. هُن ورهين کان پوءِ پٽ کي ڇاتيءَ لاتو. هوءَ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. محمد پريل ۽ سندس گهر واري پير سنيءَ ڪري رڙهندا آيا. هنن ممتاز جي ماءُ کي رُئندي ڏٺو ته هو سمجهي ويا ۽ هنن جي هنيان کي اهڙي سَٽ آئي جو هُو اُتي ئي هيٺ ويهي رهيا هُنن آسمان ڏي رحم لاءِ واجهايو. اُت هاڻ ٻاجهه جا تارا به نه رهيا هئا. پهلوان اِنهن ٻاجهه جي تارن لاءِ واجهائيندو شهر کان ٻاهر سپر هاءِ وي ڏي ڊوڙندو ويو. سندس اکين ۾ هاڻ ڳوڙها ها. ممتاز ۽ سونان جي ڪهاڻي ٻڌي پر ڪيس اجا خبر نه هئي ته ممتاز ٻاجهه جي تارن لاءِ واجهائيندي آوازن جي تجوڙ ۾ دفن ٿي ويو آهي، نه ته هُو اوڇنگارون ڏيئي ايڏو روئي ها جو آسمان لُڏي وڃي ها ۽ تارا ڪڏهن نه اُجهامن ها.

(مهراڻ 2008/3ع)

❑

خاموش طبيعت جو اَمن پسند ماڻهو ٿي لڳو. ورهين کان شهر ٻاهران اوجهڙ علائقي ۾ رهيو پيو هو. اوسي پاسي جا ماڻهو ڪانئس سيڌي ٻاڌي جون شيون اچيو وٺندا هئا. گراهڪي گهٽ هوندي به سندس گذر سفر ٿي ويندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن پرپاسي جي ڳوٺن ڏي ٽانگي تي ويندڙ سواريون ڪي سيڌي ٻاڌي جو رهيل کُهيل سامان ضمير کان وٺندا ويندا هئا. ضمير حسين جو منگوليائي چهرو ۽ اَڌ سُنهري وار اُن ڏينهن وڌيڪ چمڪندا هئا, جنهن ڏينهن ٻهراڙي جا ٽانگا گهڻي تعداد ۾ سندس دڪان آڏو بيهندا هئا ۽ هُن جي دڪان جو وهنوار وڌي ويندو هو ۽ سندس دَخل تي رکيل ڪاٺ جي پيٽي ۾ روڪڙ ججهي ٿي ويندي هئي. اُنهيءَ صبح جو هو دڪان جي ٻُهاري ڪيڍي تپڙ تاڙي ٽائنيڪا ڪري دڪان جي ٻاهران ڪباڙي کان ورتل هڪ لوهي ڪرسيءَ تي بالم ٿي ويٺو هو. هُن جي منهن مان ائين لڳندو هو ته ڪيس ڪو فڪر ئي ڪونهي. هن جو چهرو سخت ۽ پٿرائون لڳندو هو. هو کلندو به گهٽ هو ته ڳالهائيندو به گهٽ هو. پر گراهڪن سان ٿورا ڊاڙ ٽڪاءَ هڻڻ سندس فرضن ۾ شامل هو. گراهڪ وڃڻ کان پوءِ ڪيس ائين ماٺ اچي ويندي هئي جڻ چاٻي جو رانديڪو چاٻي کُٽڻ کان پوءِ ماٺ ۾ اچي ويندو آهي ۽ هڪدم بيهي رهندو آهي.

سياري جا ڏينهن هئا. دڪان آڏو ٻاهڙي ٻاري ٻاڻ ڪي ته گرم ڪرڻ جا جتن به پئي ڪيائين پر اوسي پاسي رهندڙ هارين نارين کي جڻ سَڏ پئي ڪيائين ته "دڪان کُلي ويو اٿو اَچو دوستو ٻارڙوا اچو اچي هٿ سيڪيو." پر هوندئن به صبح جو سندس دڪان جو وکرو گهٽ ٿيندو هو. لڙيءَ پيهريءَ مهل, ڪي ڪڙمي ڪاسبي شهر کان ٽانگن يا گاڏن تي موٽندا هئا ته سندس دُڪان تي گهڻو ڪري کُٽل سامان يا سگريٽ بيڙين لاءِ بيهندا هئا ۽ شهر جو احوال, روزگار مزوري جو احوال ڏيندا ويندا هئا. هو دڪان جي ٻاهران پيل هڪ بورڊ کي تڪي رهيو هو جيڪو هن پٽ سان ٽيڪ ڏياري رکي ڇڏيو هو. هُن اڃا تائين بورڊ ٽنگيو نه هو. هيءُ ڪنهن چانهه جي ڪمپنيءَ جو اشتهار هو جنهن جي هيٺان لکيل هو: "اسٽاڪسٽ: ضمير خان بلوچ غريب الوطن اسٽور." ڪافي ڏينهن کان پيل اُنهي بورڊ کي

تڪيندو رهيو پر جڏهن هُن جي نظر ضمير خان بلوچ تي پوندي هئي، تہ وبتر وسامي وېندو هو. شايد اِهوئي سبب هو جو هُن انهيءَ بورڊ کي مٿي کين هٽايو هو. هو جڏهن اُنهي نالي کي ڏسندو هو تہ کيس ائين لڳندو هو تہ هُو ڪيترن ويچارن ۾ پئجي پنڌن ۾ پيچرن تي وڃي رهيو آهي، جت ڪندن ۾ پٿرن جي واٽن کان سواءِ ڪي بہ ڪينهي. سندس پير پٿون ٿيندا وڃن ۾ چَپ خشڪ. پوءِ هو اُٿي ٻاهر ئي پيل مَٽ مان جستي گلاس ۾ پاڻي پري بہ تي گلاس پي ويندو هو. مٿان وري "غريب الوطن اسٽور" سندس لاءِ ڏکوئينڙ گهڙي هوندي هئي. هو اُنهيءَ خشڪي کان پاڻي پي رهيو هو تہ پريان سندس نظر سڌي رستي تي ڏانهس ايندڙ ٽانگي تي پيئي. هُن دلچسپي سان ٽانگي کي جانچيو. هُن سوچيو ڪي ڀهراڙيءَ جون سواريون، يا ڪو زميندار پنهنجي ٻني ڏانهن وڃي رهيو آهي. هو ٻي اونو ٿي وري ڪرسي تي وڃي ويٺو. هو اُنهن ڏکين پنڌن پيچرن تي هلڻ لڳو. ائين ٽانگو آچي سندس پرسان بيهي رهيو.

"بس، پُٽ! بس.... شاباس...." ٽانگي واري جي آوازن تي هُن ڪنڌ مٿي ڪنيو. هيءُ تارو ٽانگي وارو هو. هو سندس پرسان اچي بيهي رهيو. هُن تاري جي منهن ۾ نهاريو. تارو ٽانگي وارو سندس دوست ٿي ويو هو پر هن ويل تارو وٽس اچي هبڪي بيهي رهيو. هو کيس ٽانگي ڏي اشارو ڪري رهيو هو. هُن بيدليءَ سان ٽانگي ڏي نهاريو. هي زنانيون سواريون هيون.

"چئہ چا گُهرجين... پڇي ڏي" هُن تاري کي اهڙي رُکائيءَ سان چيو جو تارو چرڪي ويو. تارو جڏهن بہ سواريون کٽي ويندو هو يا ايندو هو تہ بہ ـــ تي اهڙا غوُنزل اُچلي ويندو هو. جو ضمير پوءِ بہ اُنهن جو ويٺو مزو وٺندو هو. هونءَ سيني ٽانگي وارن سان لڳندي هئس، پر تاري سان گهٽي هئس. اَج هو اهڙي سوچ ۾ هو جو کيس ڪا ڳالهہ نہ پئي وڻي. هيءُ جو تارو اچي مٿان بيٺس تہ ڪوڙو جيءُ ڪري دڪان ۾ وڃڻ لاءِ اُٿيو تہ تاري ٻانهن کان ورتس.

"خان! سودو نہ کپي. هي زنانيون سواريون خان بلوچ جو پڇنديون مون تائين پهتيون آهن. سڄي رات ٽيشڻ تي ولهہ ۾ گذاري اٿن. ساڻن هڪ ٻارڙي بہ گڏ آهي. ٿڌ سندن ۾ ننڍڙيءَ جا حال بُرا ڪري ڇڏيا آهن. ٻن ڏينهن کان

بخار ۾ آهي. ڪي ڏينهن شهر ۾ گذاريا اٿن. ڪنهن خان بلوچ کي ڳوليندي ههڙا حال ٿيا اٿن. جهٽ پٽ جون آهن. تنهنجو جڏهن گهمائي ڦيرائي پڇيائون، تہ مان کين سڌو هِت وٺي آيو آهيان. خان بلوچ... سواريون ڏس، سُڃاڻ. ڪٿي مون غلطي تہ نہ ڪئي آهي.“

ضمير خان بلوچ، غريب الوطن، ڪا گهڙي وسامي ويو. هوُ ٽانگي کي تڪيندو رهيو. ٽانگي اندر ڇتيءَ اندر ڪي مايون ويٺل هيون. جيڪي ڪيس پُڇنديون هِت پهتيون هيون. هُو تہ پوبان لُڙَ لڙاڪا لاهي ڳونان پڳو هو. ٻہ ٽي سال روپوش رهي ’غريب الوطن‘ بڻجي هت پهتو هو پر سندس ماضي سامهون ڪَر ڪٽي بيهي رهيو.

هُو آهستي آهستي سُرندو ٽانگي جي هودي واري پاسي وڃي بيٺو. هُن ڪنڌ ڪٽي سوارين ڏانهن ڏٺو. هيءَ بہ مايون اُجڙيل حالت ۾ سوٽي چادرن ۾ پاڻ کي ويڙهيو ويٺيون هيون، پر سيءَ سندن ڏاٽان ڪيڏي ڇڏيا هئا. هو ڏڪن بہ پيون ۽ چادرن جي پلون سان منهن ڍڪيو ويٺيون هيون. هڪ ٽن چئن سالن جي نينگري سندن هنج ۾ ليٽي پيئي هئي. هنن چادرن جا منهن کي ويڙهيل نقاب هٽايا تہ ضمير شوڪارو پريو. هُن سوچيو تہ ڪاري ڏاند جا مالڪ هُن جا گهر وارا اڇي نڪتا آهن. هنن ۾ هڪ جوانڙي، هڪ جهونڙي پر هڏ ڪاٺ جي مضبوط مائي هئي. هيءَ هئا تہ بلوچ پر سندن گگها ۽ پريل چادرون ٻڌائين پيون تہ هيءُ ننڍڙو قافلو سندس وطن جو آهي. هُن صحيح سڃاتا هئا، پر پوءِ بہ هُن ڪائن پڇيو: ”آبا! ڪنهن کي ڳوليو ٿا. مون کي تہ نہ ٿا ڳوليو!“

”آبا! اسين ڪنهن کي نہ ٿا ڳوليون. اسين وطن ڇڏي، ظالمن جي ظلم کان ڀڄا آهيون. اسان کي ڪجهہ وقت لاءِ اُجهو کپي. هيءَ ننڍڙي جاق ٿئي تہ پوءِ اسين اڳتي وڃون. اسين ڪافي ڏينهن کان سفر ۾ آهيون، دربدر ڦرون ٿا. تون سٺو ماڻهو ۽ وطني ڏسجين پيو. اسان جي مدد ڪر. آبو ناهين؟“

هُن تاري ڏانهن ڏٺو پوءِ وڏي ننڍڙيءَ کي هنج ۾ کنيو ۽ ماين کي چيو تہ ”آمان! فڪر نہ ڪر. تون پنهنجن ۾ آهين. تون وطني آهين. تون بلوچ، مان بہ بلوچ. اندر تہ هلو.“ هو کين دڪان جي پوبان ڪمري کان ڪيڏي اڳڻ

۾ وني آيو. هُن ماين کي اشارو ڪيو تہ متي ڪوني تي ماڙي ۾ هلن. تارو سندن ٽيلهو ۾ ٻيو ٿورو گهڻو سامان کنيو پٺي آيو. ماڙيءَ جي آڏو ڇاپرو نهيل هو. اُتي بہ ڪتون ٻيون هيون. هُن ننڍڙيءَ کي ليٽايو ۾ ماڙي واري ڪمري جو دروازو کولي ڏنو.

"اَمان! توهان آرامي ٿيو. هتي جاءِ گهٽي آهي،" هُن دل تي هٿ رکي چيو.

"اَمان! نينگريءَ کي تپ ڏاڍو آهي. مان هن کي ڊاڪٽر کي ڏيکاري اَچان.

"مان بہ هلنديس. مان بہ ڊاڪٽر کي ڏيکاري اچان. اَمان! مان بہ تپجي پئي آهيان." نوجوانڙي يڪدم چيس.

هُن بي خياليءَ ۾ ضمير جي هٿ تي هٿ رکي چيو: "ڏس. تَپ آهي نہ؟" سندس هٿ تہ گرم هو. نرم ڇهاءُ تي ضمير ڇرڪ ڀريو. هُن ڪنڌ سان هائو ڪئي.

"تارا! مان تو وارو تانگو ڪاهي ٿو وڃان. تون گاسليٽ وارو چُلهو ٻاري امان لاءِ چانهہ ناهہ. دُڪان تان کير بہ کڻي آءُ ۽ بہ چار پاپا بہ. دڪان تي چڪر بہ ڀيو لڳائجانءِ". ضمير ننڍڙيءَ کي ڪلهي تي کنيو ۽ هيٺ لٿو. پويان نوجوانڙي جيڪا هن ننڍڙيءَ جي ماءُ ٿي لڳي، اُها بہ ائين ڏاڪڻ تپي هيٺ لٿي ۽ اندرئين ڪمري ۾ دڪان مان ٿيندي وڃي تانگي وٽ بيٺي، چڙهڻ هيءَ هنڌ چڱيءَ طرح ڪو سندس اڳي ئي ڏٺل هجي. ضمير کي بہ هٿ ڏنائين تہ کيس چڙهڻ ۾ مدد ڪري. ضمير کيس هٿ ڏنو ۽ جڏهن هڪ ڪُئنرو هٿ سندس هٿ ۾ آيو تہ سندس جسم کي هيءُ ٻيو دفعو جهٽڪو آيو. هُن هن کي متي چاڙهي ننڍڙي کيس هنج ۾ ڏني. پوءِ پنهنجي لوئي لاهي کيس ويڙهي. اُن جوانڙي بہ اُنهيءَ لوئيءَ ۾ ننڍڙيءَ کي ويڙهيو. ضمير تپ ڏيئي اڳيان ويهي ريڻان سنڀاليون. تانگي کي اهڙي مهارت سان ڦيرايو ۽ دُڙڪيءَ ڇڏيو جو پويان ويٺل جوانڙي بہ حيران ٿي وئي. هو ڪڏهن ڪڏهن تاري جو تانگو يا ڪنهن ٻئي يار جو تانگو کڻي شهر ويندو هو ۾ حاجي رَمل جي دڪان تان پنهنجي دڪان لاءِ سودو ۾ ايجنسي واري وٽان سگريٽ جا

ڏنڊا ڪنيو ايندو هو. پيو روزمره جو سامان, سائيڪلن تي گهورڙيا يا هاڪر به ڏئي ويندا هئا. اوچتو ضمير وري ڇُهاءُ محسوس ڪيو. جوانڙي جو هٿ سندس ڪلهي تي هو ۽ هو اُن جي دٻاءُ تي ائين سمجهي رهيو هو ته ٽانگو آهستي هلائي, پر هٿ جو دٻاءُ ايترو ته وڌي ويو جو هُن پوئتي نهاريو. جوانڙي ڪيس عجب ۽ پيار ڀرين نظرن سان ڏسي رهي هئي.

”ضمير خان!... پناهه ڏيڻ جي مهرباني. ڪجهه ڏينهن اوهان وٽ رهنداسين.“

”پر تون اِهو ته ٻڌاءِ, ته توهان مون تائين پهتا ڪيئن.“

”سهڻا سائين! سڀ تنهنجي مِلڪ آهي. بس ڏس, تن سالن کان ٻه مٿي ٿيو. عشق سچو هجي ته نيٺ ته ملبو نه. مان ته تنهنجي گولي آهيان تنهنجي نڪاح ٻڌي زال آهيان. ڏس, ضمير خان. مون ئي توکي اُتان ڀڄايو هو نه ته مون وارو سوٽ شهباز خان توکي ڪارو ڪري ماري ها. ڀلي اسان جو نڪاح ٽيل هجي ها پر هُن لاءِ ته تون ڏاريو هئين. هُن کي نڪاح جي سُڌ پئجي وئي هئي. تنهنجي گم ٿيڻ کان پوءِ هُن ڏاڍا جتن ڪيا ته منهنجي شادي ٻئي ڪنهن سان نه پر ساڻس ئي ٿئي, توڙي جو ڪيس ٻه ٽي گهر ٻيا به آهن. توکي ته خبر آهي, نڪاح مٿان نڪاح سردارن لاءِ ڪا معنيٰ نه ٿو رکي, پر مان اِنڪار ڪندي آيس. هاڻ جڏهن سِرَ تي اچي پيئي, شاديءَ جون تياريون ٿيون ته اسين اُتان نڪتاسين ۽ توکي ڳوليندي ڳوليندي اچي تو وٽ پهتاسين.“

ضمير ڪانئس ننڍڙيءَ لاءِ پڇيو ته هيءَ ڪير آهي. زرين ٿورو چُپ رهي, پوءِ چيائين: ”هيءَ ننڍڙي شهزادي, يتيم ڇوڪري آهي, اَمان پالي آهي.“ ضمير ٽانگو وڻن جي جهڳٽي ۾ بيهاري ڇڏيو هو ۽ هن جوانڙيءَ جو داستان ٻڌي رهيو هو. هُن ڪنڌ ورائي ڪيس ڀاڪر ڏي ڇڪيو ۽ پيار ڪيائينس.

”زرين!... مان هِت اڪيلو مري ويو هئس. غريب الوطني هنيانءُ ڪيڏي ڇڏيو هو. ڇا اسين وطن واپس نه ويندا سين!“

”نه رڳو واپس نه ويندا سين, پر هتان نڪري هلڻو آهي. توڙي جو تون

شهر کان ٻاهر ڀهراڙيءَ ۾ رهين ٿو. هنن ظالمن کان پري ناهيون.“

ضمير سوچ ۾ پئجي ويو. هُن ننڍڙيءَ کي ۽ زرين کي ڊاڪٽر کي ڏيکاريو. ڊاڪٽر سُيون هنيون. شربت گوريون ڏنيون. ضمير شهر مان ٻاچي پُٽتي، سيڏو ٻاڏو ورتو. هو جڏهن موٽيا پئي ته زرين ضمير سان وَرُ ڳالهايو:

”تون مون کي شهر به وني هلئين. ڪنهن ڏسي ورتو ته مارجي ويندا سين. سردار شهباز خان تَر جو ڪو ننڍو سردار يا زميندار ڪونهي. سندس واسطا سنڌ سان به آهن. هاڻ تڪڙو هل. باقي گهر هلي ڳالهائينداسين.“ زرين جي آواز ۾ ڏڪڻي هئي.

هُو دڪان تي پهتا. اُت ڪوبه گراهڪ ڪونه هو. هو اندر گهڙيا. اَڱڻ ۾ تارو تانگي وارو ويٺو هو. زرين تپ تپ ڪري مٿي چڙهي وئي، سيڏي سامان ۽ ٻاچين وارا ٿيلها به مٿي کنيو وئي.

”اَبا! دير ڪيوَ. چڱو مان هلان ٿو ضمير! هاڻ هيءَ اڱڻ وارو در اَچڻ وڃڻ لاءِ هوندو جيستائين مهمان اِتي آهن. پر ڳالهه ٻڌ، چڪر ڇاهي. مون کي تنهنجو نالو ڪٽي ڇيائون ته ضمير خان بلوچ کي سڃاڻين ٿو. مون تڏهن کين هتي پهچايو. هِت نه تون کين سڃاڻين ٿو نه هو توکي سڃاڻن ٿيون. چَڪر ڇاهي؟“

ضمير ٿورو مُشڪيو پوءِ تپ تپ ڪندو نينگريءَ کي کنيو مٿي هليو ويو.

”اُستاد! خيال ڪجانءِ. شام جو سواري لڳي ته ايندومانءِ. ڪا ڳڙٻڙ آهي... ڏٺي خير ڪندو.“

تارو ته هليو ويو ضمير ننڍڙيءَ کي ڪٽي سِڌو ماڙي ۾ اندر سمهاريو. هينئر ٻيئي ڪٺون اندر پيون هيون. هُن دَر ٻيڪڙيو ۽ جهونيءَ کي نئڙي پيرين پيو ۽ پوءِ زرين کي پاڪر پائي رُئڻ لڳو. ڪي گهڙيون مائي کين ڏسي رئندي رهي. ائين ٻاهران سڏ ٿيڻ لڳا. ضمير هڪ وار وري زرين کي پيار ڪندو رهيو پوءِ ڳوڙها اُگهندو هيٺ لهي ويو. دڪان تي گراهڪ اچي ويا هئا. هو سڄو ڏينهن دڪان تي ڪم ڪندو رهيو. زرين وارا آيا هئا ته ٻاڳ به کنيو آيا هئا. گراهڪي وڏي وئي هيس. لڙيءَ منجهند جو ڪجهه ساهي مليس ته

هو متي ويو. زرين، سندس ماءُ ۽ ننيڙي ماني رکيو ويٺا هئا. جڏهن هو ويو تڏهن هنن گڏ ماني کاڌي، زرين ماني ناهي هئي.

ضمير سالن کان پوءِ زالاڻي هٿ جي ماني کاڌي هئي، اڄ ماني ۾ سواد ئي ٻيو هو. هو ماني کائي اُتي ئي آهلي پيو. زرين ويهي زور ڏنس، هُن کي ننڊ اچي وئي. ڪڙڪي تي هو سجاڳ ٿيو. هُن ڏٺو ته زرين سندس پيرن ۾ ٻي خبر پيئي هئي. هو يڪدم هيٺ لٿو. شام ٿي ويئي هئي. ڪير وارا شهر ۾ ڪير ڪپائي موتيا پئي. ڪي گهوڙي گاڏين تي هئا. ڪي ٽانگن تي، ڪي سائيڪلن تي. اچي دڪان تي ٻيهي رهيا. سودو سلف وٺي هڪ وڏي چوُنري ڪير جي پري ضمير کي ڏئي ويا.

”خان! ٻُڌو آ ته تو وٽ مهمان آيا آهن. هو اسان جا به مهمان آهن. هيءَ سندن مهماني آهي.“

هو واندو ٿي ڪير ڪٽي متي ڏئي آيو. زرين غسلخاني ۾ هئي. ماڻس ڪيس ڏاڍيون دعائون ڏنيون. هُن ننيڙيءَ کي ڏٺو بخار جهڪو ٿي ويو هئس. هوءَ اُتي ويٺي هئي. هُن ڪيس پيار ڪيو. هُن کي هن نينگريءَ مان پنهنجائپ جي خوشبو پئي آئي. سندس نقش سچاتل پئي لڳس.

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

ننيڙي ٻاتڙي لهجي ۾ چيو: ”منهنجو نالو شهزادي آهي.“

هُن ڪيس وري پيار ڪيو. ائين هُن ڏٺو ته تارو متي چڙهي آيو. هو ڪجهه گهبرايل پئي لڳو. ”استاد، ڪي گراهڪ آيا اٿئي.“ زرين جي ماءُ تاري کي ڪيڪاريو.

”هن ابي اسان جي وڏي مدد ڪئي آ. ڏٽي خوش رکندس. اَبا، ماني کائيندين؟..... مون منجهند ئي تنهنجي ماني الڳ رکي آهي.“

تارو ماني تي ويٺو جڻ گهر جو ڀاتي هجي. ضمير هيٺ لهي آيو. هُن گراهڪن کي منهن پئي ڏنو. ڪجهه دير کان پوءِ تارو به لهي آيو ۽ ضمير سان ڳالهه ڪيائين، جنهن مان سندس ڳڻتي جو اظهار هو.

”استاد، تنهنجي مهمانن جي ڳالهه سڄي شهر ۾ هُلي ويئي آهي. هيءُ جو تون زرين ۽ ننيڙيءَ کي ڪٽي گهمندو پئي وتين. جيترا وات اوتريون ڳالهيون. هيءُ

ڀهراڙيءَ ۾ ڪير وارن ٻه ڏوبو ڏوبو ڪيو آهي. هنن کي جيترو جلدي روانو ڪرين اوترو سٺو آهي.“ ائين چئي تارو ته هليو ويو هُن کي ڳڻتي ڏئي ويو. هوانهيءَ ڳڻتي ۾ جو وينو رهيو ته ڪيس وقت جي سمڪ ئي نه رهي. هُن پنهنجي ڪمري مان روشني ايندي پَسي. هُن هڪ اَپسرا کي دڪان اندر داخل ٿيندي ڏٺو. هُن جي هٿ ۾ لالٽين هو. هيءَ زرين هئي. هوءَ سڌو دڪان جي دروازي ڏي وئي ۽ دڪان جو در اَندران بند ڪيائين. ضمير کي اُٺاري سندس ڪمري ۾ وٺي آئي. ضمير هڪ سحر ۾ هو. هيءَ زرين نهي جُڙيل هارَ سينگار ڪري سُرهاڻ ڦهلائيندي مٿان جو هيٺ لٿي ته هو اُنهي ئي سحر ۾ هليو ويو جڏهن زرين کي هُن نڪاح ڪان پوءِ پهرينءَ رات پَسيو هو. اُها سهاڳ رات جڻ اَج وري وٺس موٽي آئي هئي. هو جڏهن ٻئي وڏي ڇپرڪٽ تي وينا ته زرين وٽان ايندڙ خوشبو ڪيس مست ڪري ڇڏيو. سندس ڳڻتيون غم فڪر سڀ دور ٿي ويا. هيءَ ٻئي ورهين جا وڇڙيل جو مليا ته دوريون دور ٿي ويون. زرين جي بي ساختگيءَ ضمير کي چريو ڪري ڇڏيو. زرين بيهوشيءَ ۾ مست ٿيندي چيو: ”شال هن ميلاپ جو ٻه ڪو ائين ڦل ملي جيئن اُن رات جو ڦل مون کي مليو.“

ضمير واٺڙو ٿي ڪيس ڏسڻ لڳو. زرين وڏيڪ وبجهو ٿيندي ڪَن ۾ سُرباٽ ڪيس ته ”چريا خان! شهزادي تنهنجي ئي ته ڏيءَ آهي. هاڻ دعا ڪر فقير، ته هن دفعي پُٽ ڄڻيان.“ هوءَ ڪلي وئي. لالٽين جي جهڪي روشنيءَ ۾ سندس اَڇڙا ڏند چمڪي پيا. هونئن ٻه سندس منهن ۾ سڄو بُت سارو چمڪي ۾ ڀڪي پيو. ضمير سوچيو ته هاڻ هو هت پنهنجو وطن ناهيندو هو ’غريب الوطن‘ نه رهندو.

هاڻ هو اڳڻ ۾ نڪري آيا ۽ ڏاڪڻ جي هينين ڏاڪن تي ويهي رهيا. اڳڻ ۾ چاندوڪي بهار آڻي ڇڏي هئي. هو ٻئي هلڪي ٿڌ جي ڪري هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي وينا هئا ۽ روح رُچنديون ٻه پئي ڪيائون. سندن هڪ ٻئي جي قرب مان جيءُ ئي نه ڀرجي. ائين ننڍڙيءَ مٿان سڏ ڪيو: ”آمان، منهنجو بابا ڪٿي آهي.“ ننڍڙيءَ ڏاڪڻ جي مٿاهين ڏاڪي تي ويهي پئي سڏ ڪيا. ناني گڏ ويٺي هئس. ضمير اولاد جي ڇڪ کان اُٿيو ۽ تڪڙو مٿي وڃي ننڍڙيءَ کي ڪنيائين ۽ مِنيون ڏيندو رهيس ۽ ڳوڙها ڳڙندا رهيس.

”امڙي! شهزادي ڏي! مون کي معاف ڪجانءِ، مون توکي نہ سڃاتو. تون تہ منهنجو جيئرو جگر آهين، رَتُ آهين.“

زرين ۽ سندس ماءُ جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هو ضمير کي چنبڙي رئنديون رهيون. پوءِ هيٺ لهي ضمير جي ڪمري ۾ سڀ چيرڪٽ تي مِڙي ويٺا. هنن جون ڳالهيون نہ کٽن. هڪ ٻئي جي سِڪَ جا ماريل هجن. ضمير دڪان تان ڪڏهن ڳُڙ جي لائي کنيو اچي، ڪڏهن بوڙينڊا تہ ڪڏهن کتمنڙا ۽ بسڪوٽ. ننڍڙي شهزادي آڏو هُن تولن جا ڍير لڳائي ڇڏيا. زرين خوش ٿئي، گد گد ٿئي، سندس حُسن ۽ مُرڪون جَرڪي اُٿيون.

”اَمان، شهزادي! بابا جو سڄو دڪان کپائيندينءَ ڇا؟“. ناني کلندي ۽ کيس پيار ڪندي چيس.

”هيءَ مِلڪِ سندس ئي آ، جيستائين تون کيس ڪوپاءُ نہ جٽي ڏين.“

زرين شرمائجي وئي. ماڻس کِلي ڏنو.

”شل اجوڪي رات سياڳي ٿئي. جوڙي سلامت هجي، تہ پائڙا گهڻا.“ زرين تيئن ٿڙي پيئي.

زرين جي ماءُ ائين اوچتو ٽپ ڏئي اُٿي بيٺي.

”اڙي مُنيس! کير ۾ مصري ڦوٽا وجهي ڪاڙهي متي چڙي آئي آهيان. هَلُ ڇوري! مڙس لاءِ کير ڪڻي آ.... اُٿي اَمان شهزادي! پاڻ مٿي پنهنجي ڪمري ۾ هلون.“ شهزادي پيءُ کي چنبڙي پيئي.

”پلا اِهو تہ ٻڌايو تہ توهان شهزاديءَ لاءِ ڇو نہ پٽي سچي ڪئي. مون کي مُنجهائي ماريو! چي: هيءَ يتيم ڇوڪري آهي، اَمان پالي آهي. ڇو يتيم آهي، سندس وارث جيئرا جاڳندا ويٺا آهن.“

”مون امان کي جهليو هو تہ ڏسان، تہ تون کيس سڃاڻين ٿو يا توکي ڇڪ ٿئي ٿي!“

”ڪيئن نہ ٿيندي؟... مون سوير جڏهن کيس پيار ڪيو اُن ويلي مون کي عجيب ڇڪ پئي ٿي، جيڪا مان سمجهي نہ پيو سگهان. تو سوير سچي ڪئي تہ دل گهريو تہ هينئر متي وڃي جيڪر کيس پاڪر پايان ۽ مِنيون ڏيان، پر اُن وقت سرڪار جي اجازت نہ هئي“. هُن حرڪتي نظرن سان زرين

”استادا هيءَ بہ ماڻهو بندوقن سان شاهہ محمد ڪير واري جا ۽ بہ ماڻهو ڳوٺ وارن طرفان قبول فرمايو.“

”اَبا، ايترا ماڻهو... مون کي جنگ وڙهڻي آهي ڇا؟.... تون ماڻهو موٽاءِ. هيءَ منهنجي بہ سنڌ آهي.... هيءَ منهنجو بہ وطن آهي... مون کي ڇا جو ڊپ! رڳو ڇئجاڻءِ تہ هتان بہ ڪنهن مهل وٺين تہ چڪر ڏين. سامهون باهڙيءَ تي وِهن تہ ڪَنُ هيڏانهن هُجين.“ هُن وڏي تاري کي ٻانهن کان وٺي اندر ڇِڪيو.

”تارا! هيءَ زرين آهي منهنجي گهرواري. ڪِڪڙي منهنجي ڌيئڙي آهي ۽ امان منهنجي سَسُ. هيءُ منهنجوئي ڪٽنب آهي. تو منهنجو ڪٽنب مون سان ملائي مون تي وڏو احسان ڪيو آهي. ٻيو احسان اَڌ رات جو اُٺي آيو آهين خبرگيري ڪرڻ ۽ ماڻهن جو بندوبست ڪرڻ. تنهنجا ٺورا مان ڪيئن لاهيندس.... هاڻي هي ڪيڏانهن نہ ويندا. اسين هاڻ هِت رهنداسين.“ ضمير ڳالهائي دنگ ڪيو ۽ تاري ڏي ڏٺائين. هُن جو وات ڦاٽل هو. هو حيران ۽ پريشان هو. هو بت ٺِيو زرين کي ڏسي رهيو هو. صبح واري زرين بيمار ۽ اُجڙيل. هينئر واري زرين جَرڪي پيئي! سندس منهن ڪُندن وانگر چمڪيو پئي. هوءَ جيئن کِلي تہ سندس سهڻا اَڇا ڏند جرڪيا.

ضمير تاري کي ٻانهن کان وٺي دروازو کولي ٻاهر ڪڍيو. تاري کي اعتبار نہ پئي آيو تہ حُسن ائين بہ حيران پريشان ڪندڙ هوندو. زرين کِلندي کِلندي تاري وارو نظارو ڏسي اهڙي ساڻي ٿي جو ويهي نہ پئي سگهي. ضمير ڪنڌ ۾ پيل هڪ رنگ جو ڊبو ڪنيو ۽ برش بہ ۽ دَر کولي ٻاهر نڪري ويو. هاڻ ٻاهر ڪير بہ نہ هو. زرين مٿي تي پلئہ وجهي، يڪدم در وٽ ويهي ڳچي ڪڍي ٻاهر ڏسڻ لڳي. ضمير چانهہ جي اشتهار واري بورڊ وٽ وڃي ويهي رهيو ۽ پوءِ ”ضمير خان بلوچ غريب الوطن“ مان ”غريب الوطن“ لفظ تي ڪارو رنگ ڦيري يڪدم اندر اچي ويو. زرين ڪانئس رنگ جو ڊبو ورتو، در ڏنو ۽ پوءِ هُن ضمير کي پنهنجي ٻانهن ۾ سوگهو ڪيو ۽ ضمير سندس سيني سان لڳي سڀ غم وساري ڇڏيا. هيءُ ٻئي ورهين جي وڇوڙي جا ماريل هئا. هنن کي هر بيخودي مباح هئي.

(مهراڻ 2008/4ع)

□

# اُف! هيءَ جيون... بم ڌماڪا

نانو موسو اسان جي ڏاڏي قبلہ سونل جو هڪڙو ئي ڀاءُ هو جنهن کي ڏاڏي صاحبہ پيار مان 'موسن' سڏيندي هئي. اسان جڏهن ڪيس ڏٺو تہ هُو جهُونو ٿي چڪو هو ۽ اسين ڇوڪراٽي وَهيءَ تي مس پهتا هئاسين. پر هُو هلڻ ڪرڻ ۽ ڪم ڪار ۾ جوپ ڀينو هو. نانو موسن اسان سان گڏ وڏي گهر ۾ ڪونہ رهندو هو. هُو شاهي بازار جي پُٺ ۾ هڪ ماڙي نما جاءِ ۾ رهندو هو جنهن کي اسين "گُلي ماڙي محل" بہ چوندا هئاسين. هيٺ پاڻ رهندو هو. مٿي سندس ڏوهٽو گُلي جيڪو پڙهڻ سانگي اُتي آيل هو اُهو رهندو هو. نانو موسن پنهنجي ڏوهٽي کي پيار مان "گُلي" سڏيندو هو. هن ماڙيءَ تي بہ "گُلي ماڙي محل" لکرائي ڇڏيو هو. گُليءَ جو اصل نالو غلام مرتضيٰ هو. ڪيس اِنڪري پيارو هوندو هو جو هُو سندس سڪليڏي ۽ اَڪيلي ڌيءَ جو پُٽ هو. سندس اُها ڌيءَ قبلہ ڏاڏي سونل کي بہ ڏاڍي پياري هئي. قبلہ ڏاڏي سونل ڪيس پيار مان بَگن ماءُ سڏيندي هئي. بَگو هن جو وڏو پُٽ ۽ گُليءَ جو وڏو ڀاءُ هو.

ماسي بگن ماءُ جڏهن سڄي خاندان سان عيد براد تي بَگي پرائي ڳوٺان اسان جي شهر پهچندي هئي تہ ڏاڏي قبلہ سونل تہ ڏاڍي خوش ٿيندي هئي، پر اُن کان وڌ نانو موسن خوش ٿيندو هو. گُليءَ جي تہ اصل عيد ٿي ويندي هئي، خاص طرح شب برات جي موقعي تي، جنهن کي ٺٺاڪن واري عيد بہ چوندا آهن. ٺٺاڪن واري عيد هجي يا ٻاڙي ۾ هولي ۽ ڏياري جو موقعو ٺٺاڪن کي ڀرندي، سُوسرين مان نڪتل رنگ برنگي چٽنگون اُڏامندڙ چڏين جا آسمان ۾ ڦهلجندڙ رنگ، بم نما ٺوڙجندڙ ڪنن تي تاڙيون چاڙهيندڙ ڌماڪا. گُليءَ کي خوش ڪري ڇڏيندا هئا، ۽ هُو فقط پري کان بيهي اِهو رنگ برنگي تماشو ڏسندو رهندو هو، ڇو تہ ناني موسن جو ڪيس حڪم هوندو هو تہ هُو نہ ٺٺاڪا ٻاريندو ۽ نہ وري اُنهيءَ جي ويجهو ويندو.

گُلي ناني موسن سان ايڏو پيار ڪندو هو جو هُو سندس حڪم جي

سونل گهرائيندي هيس ۽ ڪيس ڪلر ڪاڊل پُراڻين پتين جي پاڙن وٽ وهاري ڪانئس صلاح پڇندي هيس. هُو پوءِ ڪيسي مان انگريزن جي دؤر واري پُراڻي ڪانين بنا عينڪ ڪيڍي. نڪ تي رکي، ڪانين بدران پيل ڏاگن کي ڪنن جي چوڏاري ويڙهي، ڪنڌ کي ڪڏهن 'ها' ۾ ڪڏهن 'نہ' ۾ لوڏيندو هو ۽ چوندو هو:

”نو... نو... ييس... ييس... اَدي سونان! ڊِس پِٽ ڪاچي فاءِ... پاڙ وٽان چِجي فاءِ... هول حويلي ڊينجر، ڊينجر... پر نوگُٽتي... آءِ ايم. آفتر آل ميسن... رپورٽنگ آرمي سَر... پِٽ آر نو پِٽِ پاڙ... آرنو پاڙ... آءِ مرمتي فاءِ... ائنڊ چِنل پِٽ بہ فَنافٽ تيار...فاءِ“

گُلي هر عيد تي اسان کي سِڪڻ وانگر ڦناڪا ڏيکاري ۽ سوسريون ڪٽي زوُن زوُن ڪري مُنهن ۾ هٽي چڏي، جڻ ہرن ٿيون. اسان جي مٿي تي چڙيون رکي ڪُوڙ پچاڙ ۾ ہاري ۽ اسان کي چڏين وانگر گهوماٽيون ڪائي ڪِرٽو هوندو هو سو اسان وري ڦِري ڦِري پَٽ تي ڏڙام سان ٿهڪو ڪري گُليءَ تي ڪِري پوندا هئاسين. ماڙي ڪچي هوندي هئي، دَہڪي جي آواز تي نانو ڪڏهن سَوڙ مان ئي رڙ ڪندو هو: ”اڙي گُلي! ڪير ڪِريو؟“ ڪڏهن هڪ ہئي کي ڊوڙي پڪڙيندا هئاسين، تڏهن بہ هُو دانهون ڪندو هو: ”اڙي بابا، چِٽ ڪيرائيندؤ ڇا؟“ گُلي سڀ ڦناڪا رُڳو ڏيکاريندو هو، باقي نڪاءُ ڪندڙ بَم بہ هئا. جن کي هٿ لائڻ سان رڙ ڪندو هو ”اڙي آهستي! اڙي! بَم اَٿو... ڪٽي ڦاٽي نہ پون! هي انگلش آرمي بَم اٿو. ناني هنن ۾ انگريزي بارود پاڻ هٿ سان پريو آهي.“ پوءِ هُو نڪر نوہر جو ڪوُڙو بَم ناهي فرش تي هٽندو هو ۽ پاڻ 'آ' ڪري ٿهڪو ڪائي ڪِري پوندو هو. پوءِ تہ اها سندس هيرَ ٿي ويئي هئي. اِسڪول ويندي، هلندي چلندي، 'آ' ڪري هيٺ ويهي رهندو هو يا کٽ تي ليٽي پوندو هو. قبلہ ڏاڏي سونل هر وقت ڪيس مرندي بہ ڏسندي هئي ۽ يڪدم جيئرو ٿيندي بہ ڏسندي هئي تہ کِلندي هئي، تنهنڪري ڪيس چوندي ئي ”مرحيات گُلي!“ هئي، پر مزي سان ”مَر....“ آهستي ۽ حيات...“ ڏاڍيان. هاڻ تہ سندس نالو ئي ”مرحيات گُلي“ پئجي ويو. وڏڙا ٿي وياسين. نانو موسن اُهوئي رهيو. گُلي ۽ ڦناڪا بہ

اُهي ٿي رهيا. عيد براد تي اسان جا رؤنشا اُهي ٿي رهيا. هڪ ڏينهن ناني موسن واري گهٽيءَ ۾ چور گهڙيا. نانو پُراڻي فوجي بندوق ڪڍي وٺي جو چورن کي للڪاريو ته چورن به ڏنو ڪُڙيءَ تي زور. نانو موسن: ”ڪلا آتو ڙيي.. نه ويندؤ! اچيوَ ٿي گولي...“ چور ته يَجي ويا، پر پوءِ خبر پيئي ته ناني موسن ڪڏهن به پريل بندوق نه هلائي آهي. باقي خالي بندوق اُلاري ضرور آهي.

آسان هاڻي ڪجهه سمجهه سان ٿيا هئاسين. هڪ ڏينهن پُڇي ويٺومانس:

”نانا، توهان نَڪائن ڪان ڇو ڊڄندا آهيو.“

”بابلا! انگريزي فوج ۾ جڏهن هئس ته ٻي مهاڀاري لڙائي لڳي هئي. بندوقن، بَمن ۽ توپن جا ايڏا نڪاءَ ٻُڌا جو سارو جيون ڌماڪا ئي ڌماڪا ٿي ويو آهي. هاڻ ٿي ٻُڌ ته هر طرف ڌماڪا ئي ڌماڪا آهن. شهر شهر گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ به ڌماڪا آهن. هاڻ مان نه ڌماڪن جي ويجهو وڃان ۽ نه گُليءَ کي ويجهو وڃڻ ڏيان. توهان ٻنهي (مان ۽ سؤٽ گُلڻ) کي به صلاح آهي ته ٻيلي ڦٽاڪا ٻارڻ ڇڏيو، بَم ڦوڙڻ ڇڏيو. ٻاهه سان کيڏڻ ڪو چڱو ڪم آهي؟... اَمن ٻُوليو، اَمن سان ئي سُک شانتي آهي. اَمن وارو جيون ئي جيون آهي. اَچو ته سڄي جَڳ ۾ اَمن قائم ڪريون تڏهن هھڙا گُلڙا سدا ٽِڙندا رهندا.“

نانا موسن اِهو چئي چُپ ٿي ويو. هُو هاڻ ڪافي جهُونو ٿي ويو هو تنهن هوندي به وڏي گهر جو پيرو نه پَچندو هو. ڪڏهن ڏاڏي قبله سونل سان رهاڻيون ڪري پاڙان ڪاڏل ۽ ڇَنَ پيل پِتين جي جاچ پڙتال ڪري ٻاهران رازو ۽ مَزور گهرائي گارو ڪِنو ڪرائي منجهس چمڪندڙ سونو ٻُهه وجهرائي چڱي لِنب ڪرائي پوءِ اُتان نِڪرندو هو سڏو ’گُلي ماڙي محل‘ تي. هُو هاڻ چال ۾ ڍرو مٽي تي پوتڙو هڪ وَرُ سڄي ٻيو وَرُ ڪبي لاڙي، وڏي گهٽي لتاڙي، بزار مان نڪري پاڻ واري گهٽيءَ ۾ داخل ٿي سِڌو پنهنجي گهر. هُو الائي ڪهڙين سوچن ۾ گُم هو جو کيس هڪ عجيب خيال آيو. اسين مئترڪ پاس ڪري چڪا هئاسين. هرهڪ جو سعيو پڙهڻ سانگي مختلف ڪاليجن ڏانهن وڃڻ جو هو. گُلي به اسان جو هم خيال هو پر نانو موسن پِڙُ ڪڍي ويٺو. چي: پهريائين گُليءَ جي شادي ڪرايو. گُليءَ جي وري فرمائش

هجي تہ نوڪري پهريائين وٺي ڏيو. ناني موسن چَئہ چواءِ ڪرائي نوڪري وٺرائي ڏنس. پاڻس بَگو جي تپيدار هو تہ گُلي بہ ڪلارڪ وڃي ٿيو. گُليءَ جي شاديءَ جون تياريون شروع ٿيون. اندر ئي اندر پروگرام اِهو ٺهيو تہ گُليءَ جي شاديءَ تي آتشبازي بہ ٿيندي، خاص طرح گُليءَ وارا صندوقچڙيءَ وارا ٺڪاڪا ٻاربا ۽ ٻم نِڪر جي ٻن ڪُمرن ۾، جيڪي بقول گُليءَ جي، بارود سان پريا ويا هئا، اُنهن جي فَتيلن کي باهہ ڏيئي ڌماڪا ڪبا. ڪي رنگبرنگي چٽنگون اُڏامنديون. چڙيون ڦرڙاٽ ڪنديون فلائنگ ساسرين وانگر آسمان ۾ اُڏامنديون. سُوسريون سَرڙاٽ ڪري ٻرنديون. وڏا جشن ٿيندا. اسان ڇوڪرن کي گُليءَ جي شادي سان مطلب اينترو هو تہ ورهين جون سانڍيل تمنائون ۽ حسرتون پوريون ٿينديون، جو گُلي جنهن خزاني تي نازان ٿيندو هو اُهو هڪ گندرف جو ڍير هو جنهن کي ٻاري هڪ دفعو ناس ڪنداسين، جو گُلي اسان کي سِڪائي پاڻ پَڏائي پنهنجو قد وڏو ٿو ڪري. اسان ناني موسن کي خبر ئي پوڻ نہ ڏني تہ اَڄ رات آتشبازي جو تماشو بہ ٿيندو.

اَسين سڀ مٽ مائٽ گُليءَ جي ڳوٺ ويا هئاسين، ڏاڍا نينگ ٽپا ڏناسين. قبلہ ڏاڏي سونل کِلي خوش ٿئي. ماسي بگي ماءُ بہ نچندي هلي. نانو ٺهي جُڙي وينو هجي، پر ريچڪ اَچيس تہ ڦيري پائي نچي. رات ٿي. نڪاح جون رسمون اَسر جو ٿيڻيون هيون. اَجان چَنني ۾ مهمان بہ گڏ ڪونہ ٿيا هئا، جو اسين ٽيئي گُليءَ جي ڏَسيل ميدان تي سامان سوڌو پهتاسين. آهستي آهستي ٺڪاڪا ٻارڻ جي ڪئيسين، پر سڀ ٺڪاڪا شُون ڪري ڪنڌ لاڙي پَئجي پئي رهيا ۽ ڪنهن بہ ٺڪاڪي ٺُوٺو ڪونہ ٻاريو. مان ۽ سؤٽ گُلڻ چَني ۾ موٽي آياسين. نانو موسن سامهون وينو هو ۽ کِليو پئي.

”بابلا، ڇا پئي ڪيوَ؟“

”بس نانا! چيوسين تہ خوشيءَ جو موقعو آهي، آتشبازي ٿي وڃي.“

”پر اِنهن ٺڪاڪن ۾ گندرف هجي تہ ٻرندا نہ... مون اِنهن مان گندرف ئي ڪڍي ڇڏيو هو.“

”نانا، نِڪر جي ڪُمرن ۾ تہ گندرف ڀريل آهي. گُليءَ وٽ ڪُمرن وارا بہ ٻم ٺڪاڪا بہ هيا.“

نانو وائڙو ٿي ويو.

”ٻِڪر جي ڪمرن وارا ٻَم ڦٽاڪا؟... مون ته ڪيس اُهي ڪُمرن وارا ٻَم ڦٽاڪا ڏنا ئي ڪونه هئا.“

”گُلي ڪاٿي آ؟“

”گُلي ٻاهر ميدان ۾ آهي.“

ناني جي چهين حِس ڪم ڪيو. ”متان هُو اُنهن کي ڦوڙي.. اُنهن ۾ بارود نه پريل هجي... ٻچو، گُليءَ کي جهليوس.“

آسين ڇَني کان ٻاهر نڪتاسين. پرپرو ميدان ۾ گُلي جهُڪيو ڪو ڦٽاڪو ٻارڻ جي ڪري رهيو هو.

”گُلي،اِهي بَم نه ڦوڙجانءِ...، گُلي! پري ڀَڄ....“

نانو رڙيون ڪرڻ لڳو. آسان به رڙيون ڪرڻ لڳاسين. گُلي مُرڪي ڪنڌ ورائي اسان ڏي نهاريو ۽ چمڪاٽ سان هڪ ڌماڪو ٿيو. اُن کان پوءِ گُلي اُت نه هو. ٻاهه ئي ٻاهه هئي!

اسان اجا حيران پريشان بيٺا هئاسين ته ڏسون ته نانو موسن ميدان واري هنڌ ڏانهن ڊوڙندو ويو ته ٻيو وڏو ڌماڪو ٿيو. ٻيو ڪُمرو به شايد ڦاٽي پيو هو. هاڻ نانو به ٻاهه ئي ٻاهه هو. ٻه اِنسان سڙي رهيا هئا. مون کي اِئين لڳو ته سڄي اِنسانيت سڙي خاڪ ٿي رهي آهي. اَمن به سڄو سارو سڙي خاڪ ٿي ويو آهي. ڪا شيءِ به ڪانه بچي آهي. بچي آهي آخري مشڪ گُليءَ جي ۽ ناني جا جملا: ”فاءِ_ فاءِ“. جيڪي منهنجي ڪَنن ۾ ٻُري رهيا آهن. اَڄ ڏينهن تائين اسان کي خبر نه پئجي سگهي ته اِهي اصلي ٻَم گُليءَ کي ڪنهن ڏنا هئا.

(مَنوتولارام گدواڻيءَ جي ”روح رهاڻ“ ۾ ڇپيل مشهور ڪهاڻيءَ تان صرف عنوان ڪنيل)

(مهراڻ 2009/1ع)

# سُهانجڙي جي خوشبو

قد جي ننڍي، منهن موڪرو، رنگ جي سانوري، چپ ٿلها ۽ بيڊولا بُت سنهو گهنڊيدار چڙيل وار پر ڪٽيل، هي هو ان سهڻي جو جائزو جنهن کي مان ۽ منٺار اسپتال ۾ ڏسڻ ويا هئاسين. هيءَ نيڻگر نالو سهڻي هوندي به سهڻي نه هئي پر بدصورت به نه هئي، هن ۾ هڪ عجيب ڪشش ۽ ڪا وڻندڙ ڳالهه هئي. مثال طور هوءَ جڏهن کلندي هئي ته سندس ٿلها چپ ڦهلجي ڪنهن کي سڏڻ لاءِ جڻ ته آتا هوندا هئا. سندس ڪير جهڙا اڇا ڏندڙا ٻاهر نڪري ايندا هئا پر اُهي هن کي اچاڻ بخشي ڪيس خوبصورتي جو هڪ انگ بخشيندا هئا.

سهڻي جو جائزو ايترو ته وڻندڙ نه به هجي پر مونکي وڻي وئي ۽ وڻندي وئي. هن جي خوبصورت نه هجڻ ڪري به ڪيس ڪير بدصورت نه ٿي چئي سگهيو هن ۾ هڪ عجيب چڪ هئي، اُها چڪ، شايد چڪي وئي، ڳالهه هيئن ٿي جو منٺار منهنجو دوست جيڪو منهنجي آفيس ۾ آنجهي مانجهي ويٺو هوندو هو تنهن چيو ته يار منهنجي هڪ سؤٽ ڄامشوري واري ايل ايم سي اسپتال ۾ ڏاڍي بيمار ٿي آئي آهي، ڪيس مائٽ ڪٺائي آيا آهن، هلو ته ڪيس هلي ڏسي اچون ۽ پڇي به اچون.

منٺار وارا نسلئن خانداني زميندار ۽ ڳوٺ جا چڱا مڙس ليکبا آهن، پيسي پنجڙ ۽ ملڪيت ۾ به اڏيل آهن، تڏهن ته منٺار نوڪري بنا ٺيڪيل هو.

ايل ايم سي جي پرائيويٽ وارڊ کي پٺيان هڪ دروازو هوندو هو. اسين اندر داخل ٿي پڇاڙي واري وارڊ ۾ وياسين. هي آخري نمبر وارو وارڊ هو. اُن پرائيويٽ ڪمري ۾ ان جي پاسي وارن ڪمرن لاءِ ان آڏو خوبصورت لان، بوگن ولا جا گل، ٻوٽا، ڪيترائي وڻ ته گل جهليو بيٺا هئا. مان گهڙي ڪن لاءِ هن خوبصورت نظاري کي ڏسڻ لڳس. موت جو انتظار ڪرڻ وارن لاءِ

مسيحائن جو هي تحفو وڻندڙ پر عجيب هو. هن باغيچي ڏانهن ڪيترن ڪمرن جا مهڙ وارا دروازا هئا ته ڪن جا پٺيان دروازا پيي کليا. درد جي ماريلن کي اهو هوش نه هو ته هو ٻاهر نڪري گلن جي هٻڪار واري ڄامشوري جي هوائن ۾ ڪي گهڙيون ويهي وڏا ساهه کڻن. باغيچي ۾ ڪوبه نه هو اسان جنهن پرائيويٽ ڪمري جي ٻاهران بيٺا هئاسين، ان آڏو ننڍو ورانڊو هو مان اُت ويهي رهيس. منٺار نڪ نڪ ڪري اندر گهڙيو ورانڊي کي هيٺ باغيچي لاءِ وڃڻ ڏانهن ڪي ڏاڪا هئا اُنهن ڏاڪن وٽ پاسن کان هڪ پاسي بوگن وِلا جهڪيو بيٺي هئي ٻئي پاسي سهانجڙي جا گل بهار ڪيو بيٺا هئا. مون کي اوچتو خيال آيو ۽ مون سٽ ڏئي ڪجهه بوگن ولا جا رنگ برنگي گل ۽ سُهانجڙي جا اڇڙا گل چني ورتا. ائين منٺار سڏ ڪيو ۽ دروازو کولي ويهي رهيو. ٻاهر شام ٿيڻ واري هئي اندر به هلڪي اوندهڙي هئي. هڪ خاتون وڏي روشني ڪئي، سامهون منهنجي هڪ نينگر آرام ڪرسي تي ويٺي هئي. مون وڏي ڪيس گل آڇيا. هن رڳو سهانجڙي جا اڇڙا گل ڪنيا ۽ انهن کي سنگهي وڏا ساهه کنيا. هن بوگن ولا جي رنگ برنگي گلن ڏانهن نهاريو به نه. مون وَرُ ڪري ڳاڙها، گلابي، پيلا گل ڪيس آڇيا هو کِلي پئي.

"سائين هي گل بيجان آهن نه خوشبو نه وري هي رنگ مون لاءِ آهن."

هوءَ اُداس ٿي وئي، پر چهري تي رنگ ئي رنگ هئا.

درد ۽ پيڙا جا رنگ، ويچار ۽ فڪرمندي جون ليڪون جيڪي هن جي معصوم چهري کي وڪوڙي ڪيس پنهنجي ننڍڙي عمر کان وڏو ڪري ڏيکاري رهيون هيون.

هي هئي اُها سهڻي جنهن جو ذڪر پيو هلي. جيئڻ چيم ته هي سهڻي هوندي به سهڻي نه هئي، سندس ڳل ۽ بت بيماري کائي وئي هئي. سندس رنگ لُوساتجي جهڪو ٿي ويو انهي ڳريل حالت ۾ هن جي اکين ۾ جيئڻ جي تمنا نه هئي پر ڳالهائڻ مان ائين لڳو ته هوءَ زندگي جي بازي هارائي ويٺي آهي ۽ هوءَ آهستي آهستي مري رهي آهي. هوءَ اسان کي ڏسي

ڪرسي تي ڪڙي تڙي تي ويٺي.

”منتار توهان جو ذڪر ڪندو آهي ۽ توهان جون ڏاڍيون چڱايون بيان ڪندو آهي، مون کي هاڻي لڳي ٿو تہ توهان سنا ماڻهو آهيو جو نہ چاڻ نہ سڃاڻ پر مونکي پڇڻ آيا آهيو. مان ڏاڍي بيمار آهيان نہ؟“ هو ڳالهائيندي ماٺ ٿي وئي، هوءَ پيڙا ۾ سور کان ٻيٽي ٿي وېئي. هن اُن خاتون کي سڏ ڪيو جيڪا پاسي واري ڪمري ۾ هلي وئي هئي، هي ٻن ڪمرن وارو گڏيل سئوٽ Suit هو.

”امان، امان! سور ٿو ٿئي، مران ٿي اچي دوا جو ڍڪ تہ ڏينم.“

هي خاتون دوا کڻي آئي، سهڻيءَ بوتل مان سڌا وڏا ٻہ ڍڪ پريا ۽ ساڻي ٿي پئجي رهي. مون هن خاتون کي چڱي طرح هاڻ ڏٺو هوءَ سهڻي جي ماءُ هوندي بہ عمر ۾ ننڍي، شڪل شباهت وٽندڙ“ ڪپڙي لٽي جي سيبتي پر غمگين چهري واري هڪ ماءُ هئي. جنهن کي اها خبر هئي تہ سندس اڪيلي ڌي موت جي منهن ۾ آهي، هاڻ هوءَ خاتون پاڻ روڪي نہ سگهي روئيندي چيائين.

”ابا! پهريائين چيائون تہ آنڊي ۾ اَلسر اٿس ڪاڏو نٿو جيورجي، آنڊي ۾ سوراخ ٿي پيا اٿس. ڪاڏو پيٽ چيري ٻاهر نڪريو اچي، هاڻ چيائون تہ آنڊو رَجهي ڳري ويو آهي، آپريشن ڪنداسين. ڊاڪٽرن جي تہ خبر اٿو. منڊ ۾ آپريشن ڪن ها تہ هي آخري اسٽيج نہ اچي ها. وري بہ شابس آهي سهڻي جي پيءُ کي جيڪو ٻن سالن کان هنن ڊاڪٽرن اسپتالن جي چڪرن کي منهن ڏيو ويٺو آهي، الله وڏائي منتارکي جو آنجهي مانجهي ڏکي ويل اچيو نڪري، نہ تہ عزيز قريب تہ هن منهنجي نياڻي کي ابتر حالت ۾ ڏسي ويجهو نہ ايندا آهن.“ هوءَ پاسي واري ڪرسي تي ويهي رهي هئي ۽ روئي پئي. ائين سهڻي اُلٽي جي خيال کان تڪڙي اُٿي ۽ باٿ روم ڏي ڊوڙي، هن اُلٽيون تہ ڪيون پر اُلٽين ۾ پرجي ساڻي ٿي نڪتي. الائي ڪهڙي خيال کان وڏي مون کيس سهارو ڏنو ۽ اُلٽين پريل معصومڙي روح کي ٻانهن کان وٺي بيڊ تائين آندو. ماڻس وڏي ٽوال سان کيس اُگهيو ۽ بيڊ تي ليٽائي چڏيو ۽ مٿانئس چادر ورائي ڇڏي، هو سهڪي پئي پر مرڪي پئي.

”سائين هن قتيل جهريل مڙهي کي ڪير ڪيترو سهارو ڏيندو.“ ائين چئي هو تپ ڏئي اُٿي بيهي رهي. چادر پري ڪري پيٽ تان پلئہ پري ڪري چيائين. ”منهنجا سائين، هي ڏس اسان جو تہ هيءَ نصيب آهي. ان ويلي مون کي هوءَ هڪ معصوم ٻارڙي جيان لڳي جيڪا زخم سهڻ کان پوءِ پنهنجي ”اُفا“ يا سور جي جاءِ ڏيکاريندي هجي ۽ چوندي هجي تہ ”هتي شوُر آهي.“

”هي ڏسو هتي شوُرُ آ“ هوءَ هن ويلي ڏکن ۾ ورتل ٻيڙائن جي پيڙٻل اهڙي نينگر هئي جو حجاب هن لاءِ بي معنيٰ هو. پر مون ڏٺو ڪيترن هنڌن تان چمڙي ڦاٽي پئي هئي، سنهڙين جهيرن مان ڪي ڇانور ڪٽا. ڪي ڪاڏي جا ذرا، ٻاهر نڪري آيا هئا، مون يڪدم ٽوال کڻي کيس اُگهيو ۽ سندس چولي جو پلئہ هيٺ ڪيو هوءَ پنهنجون اکيون ڳڌي وانگر پٽ، پٽ کولي بند ڪري وري کولي مون کي گهوري رهي هئي، پوءِ هو وري ڪرسي تي آهلي پئي، مون ڏٺو سندس چهري تي ٿڪاوٽ جا آثار هئا. پر هو کلي پئي، ”توهان الائي ڇا آهيو مان پهرين ملاقات ۾ اوهان سان ايڏي فري ٿي وئي آهيان جو پنهنجا لڪل زخم بہ اوهان کي ڏيکاريان پَئي.“ منٺار جيڪو گهڻو وقت ماٺ هو تنهن هاڻ ڳالهايو. ”هي اسان جو دوست ايترو تہ محبت وارو آهي جو ماڻهو پنهنجا ڏک کنيو اچيو هن آڏو وڃائين ۽ هيءَ کين آٿت ۽ مُرڪون ورهائيندو آهي.“

”تہ پوءِ سائين تون مون کان وڏيڪ سخي آهين.“ سهڻي مسين ٽهڪ ڏئي ڳالهہ ڪئي، ائين ڳالهيون ٿيون تہ خبر پئي تہ سهڻي ۽ سندس ماءُ چڱو ڪي پڙهيل ڳڙهيل نفيس ذوق واريون هيون. سهڻيءَ جي ماءُ ٽيچر بہ آهي، باقي سهڻي انٽر تائين پڙهي هئي. سهڻي جو پيءُ ٽڦن ماني جو پرائي کٽي آيو ۽ سهڻي لاءِ ڪير جو ٽرماس. چڱي ڀڪي عمر جو منهن ۾ مٽيا وارو رئيس هو. هو ڏاڍي قرب سان مليو. منٺار سان بہ تي چرچا ڪيائين.

”منٺار ڀلا ڏي خبر هوءَ تو واري مَگ ڪاڏي وئي.“

”ڀڄ بہ ڳئي.“

”بابا! ادا منٺار ڀاڻ ڀڄي ويو.“

سهڻي ٿهڪ ڏنا تہ سڀ کلڻ لڳا. مان ڄڻ تہ فيملي جو فرد هئس. اسان جڏهن ڪانئن موڪلايو تہ سهڻي تڏو ڪير پي پيتو. هن بي اختيار هٿ لوڏي مون کي ڏاڍيان خدا حافظ ڪيو. ڪير جي اڇاڻ جا گلاس مان نڪرندڙ اُجرا پاڇولا سندس چهري کي اُجرو ڪري رهيا هئا. هن اشاور ڪيو ۽ پوءِ سُهانجڙي جا گل ميز تان کڻي سنگهڻ لڳي مون ماڻس ۽ پڻس کان موڪلايو.

ٻاهر چانڊوڪي ۽ سُهانجڙي جا گل وڏيڪ اڇا اُجرا لڳا. مون ست ڏئي هڪ ٻيو گلن جو جهڳٽو پٽيو ۽ موٽي اندر ويس. سهڻي خوش ٿي تازا گل مون کان ورتا ۽ وري ٻيهر خدا حافظ چيو پر هن دفعي سندس آواز جهڪو ۽ نہ ٻڌڻ ۾ ايندڙ هو.

رستي ۾ منٺار مون کي ٻڌايو تہ سهڻي جو صبح جو سوير آپريشن آهي، ڪيس آندي جو ڪينسر آهي هوءَ مشڪل بچي.

سهڻي، موهڻي نہ هوندي بہ مون لاءِ تہ هڪ عجيب پر معصوم حسن جو قدرت جو تخليق ڪيل شاهڪار هئي، تنهن تي مون منٺار کي چيو منٺار تو مون سان هيڏو ظلم ڪيو جو تون مون کي سهڻي سان تڏهن ملايو جڏهن وقت کيس چچري فنا ڪري موت جي انتظار لاءِ هڪ ڪال ڪوٺڙي ۾ ڦٽو ڪيو آهي.

منهنجي اکين ۾ ڳوڙها ايري آيا. مان سڄي رات سمهي نہ سگهيس، صبح جو ڪجهہ دير پرو منٺار اسپتال مان گهر فون ڪئي، مان اڄ آفيس نہ ويو هئس. "يار سهڻي جو آپريشن ڪامياب نہ ٿيو بس منٺن جا کيل ٿي ويا، هاڻي چاچو ۽ چاچي کيس ايمبولنس ۾ کڻائي ڳوٺ وڃڻ ٿا مان بہ ساڻن وڃان ٿو جي اڄ سيان اچي سگهين تہ اچجان ۽ ٻيو ٻڌ سهڻي جي ڪپڙن جي هڙ ۽ ٻيو سامان اسپتال ۾ پيو اٿئي کڻي ڇڏجان." هاڻ تہ ڳوڙها ڳڙي آيا. مان رُئندو اسپتال پهتس، ڪمري جي آڌو اُها بي جان بوگن ولا ۽ خوشبو دار سُهانجڙو بيٺل هو پر هاڻ مون لاءِ سهانجڙو بي جان آهي ڪمري ۾ ڪير بہ ڪونهي.

مون سامان سهيڙيو. وهاڻي هيٺان سهڻي جو اڇو رئو رکيو هو. مون رئو کنيو تہ منجهانئس منهنجا کيس ڏنل سهانجڙي جا گل تہ بيڊ تي ڦهلجي

ويا ان سان گڏ بوگن ولا جا بي جان گل، ٻين گلن سان رلجي ملجي ائين
ڏيکاري ڏئي رهيا هئا جڻ سامهون سهڻي بي جان پئي آهي پر هوءَ هاڻ اَبدي
آرام ۾ آهي ۽ هي رنگ برنگ ۽ اڇا گل ڪيس دائمي حسن بخشي رهيا آهن
۽ پاڻ گلن جي سونهن ۽ خوشبو وڌي رهي آهي. مون اُهو رئو ۽ گل سانڍي
رکيا آهن. گل چور چور ٿي دز بڻجي ويا آهن پر رئي ۾ عجيب خوشبو رچي
وئي آهي، مان سهڻي کي جڏهن بہ ياد ڪندو آهيان تہ رئي جي خوشبو عطر
عنبير بڻجي مون کي ويڙهي ويندي آهي.

(مهراڻ)

❑

# مرين تہ آرهڙ ۾ مرجاڻ

مان ان وبلي اباڻي شهر ۾ پنهنجي گهر ۾ اڪيلو ويٺو هوس، ويٺي پراڻا ڪتاب سهيڙيم تہ اوچتو دَر وڳو. پهريائين تہ لنوايم پوءِ جڏهن درُ ڏاڍيان کڙڪڻ لڳو تہ اٿڻ لتاڙي دَر کوليم. سامهون هڪ سوٽيڊ بوٽيڊ سهڻو نوجوان بيٺو هو. ساڻس پاڙي جو هڪ نينگر گڏ هو.

”سائين، بس اسٽينڊ تي هيءُ همراهہ بيٺو هو. اوهان جي پي پڇا ڪيائين.ا چي پهچايو اٿمانس. هاڻي امانت سنڀاليو.“

ائين چئي هو نينگر هليو ويو. مون هن نوجوان کي بنهہ نہ سڃاتو. بنهہ اوپرو لڳو. هٿ ڏنومانس. پوءِ وري بہ گهوري ڪيس ڏٺم. منهنجي منهن تي سوال کوائين تڪڙو اُڀري آيو جو يڪدم نوجوان هڪ هلڪي مُرڪ چهري تي آڻيندي چيو.

”سائين، توهان مون کي ائين نہ سڃاڻيندو. مان ديوان موتيرام جو ڏوهٽو آهيان.“

”ديوان موتيرام؟“

”سائين مان سيتا جو پُٽ، هريش چندواڻي آهيان. مان وڏو پنڌ ڪري آيو آهيان. توهان جي حيدرآباد واري گهر بہ ويو هئس، ڏس مليم تہ سڌو هت هليو آيو آهيان. اوهان سان ڳالهائڻو اٿم.“

هاڻ منهنجي سامهون ڪئين پنا اُٿلي ويا. نوجوان کي ور ڪري ڏٺم تہ جڻ ديوان موتيرام آڏو بيٺو هو. سندس نياڻي سيتا جا نقش چٽا بيٺا هئا. ائين کيس ڏسندي ڏسندي ڪي پَلَ لنگهي ويا. هو گهڙيءَ کان پوءِ ح:ران پريشان ٿيڻ لڳو. هُن هڪ خاموش بت کي ڏسي نيٺ وَرُ ڪري چيو.

”سائين مان هريش چندواڻي سيتا جو پٽ ۽...“

مون يڪدم کيس ٻانهن کان وٺي ڇڪيو ۽ ڇاتيءَ لاتو. منهنجي اکين ۾ ڀاڻي ڀرجي آيو ۽ ڳري آواز ۾ چيم ۽ ديوان موتيرام جو ڏوهٽو آهين.

”اندر هلي آ بابا!“ وڏيڪ نہ پئي ڳالهائي سگهيس جيئن ڪيس اندر گهر ۾ وٺي آيس ۽ اڱڻ ۾ ئي هياسين تہ چيائين:

”هن ئي اڱڻ ۾. اوهان ڪڏندا هُيا؟ پلا اسان واري جاءِ ڪاٿي آ. اها هن گهر سان هئي نہ؟“ هو ائين ڳالهائي پيو ڄڻ گهڻو ڪجهہ ڄاڻندو هجي.

”مَنَ، هن جاءِ جي پوئتان هڪ جاءِ آهي. اُن پوئتان ٻي جاءِ آهي. ٻنهي جي وچ ۾ لنگهہ هيا. سيتا وارا ٽيپي، سوٽ علڻ جي گهر ۾ وري جي ٽيپي آيا تہ هن گهر ۾. هيءَ جايون يا پاسي اوسي واريون جايون سڀ سنڌي هندن جي ملڪ هيون. هنن گهرن اندر ڪيئين گهر هُيا. آباد هُيا تہ آباد هُيا. هينئر آباد هوندي بہ غير آباد آهن، جي آباد آهن تہ ڪُٽو ڪُٽي ڪان ڏار آهي.“

هو حيران ٿي منهنجي منهن ۾ تڪڻ لڳو. مون چوڏاري ڦهليل لنگهہ ۾ گهَٽ ڏيکاريس جيڪي بند هُيا.

”هو در ڏس، اهو بند آهي جنهن کي پريان بہ وڏا لوهي ڪلف ڏنل آهن، اهو در سوٽ علڻ جي گهر ڏي کلي اوهان جي گهر جي دري بہ ٽپائيندو هو. اسان اتان وبندا هياسين. سيتا دادي شيلا، سيتا جي پيڻ نرملا، سڀ هن اڱڻ ۾ ايندا هيا. هن گهر کي ئي اڱڻ هو. ڪٿن تي اسان جي مائرن پيڻرن ۾ ڪاڪي موتيرام جي گهر وارن لاءِ ڪچهري جو هنڌ هو. تون پڪ پنهنجو گهر ڏسڻ آيو هوندين؟ پر معاف ڪجانءِ مٺا. توهان جو گهر پٽ ڪري سوٽ علڻ وارن پنهنجون نئون گهر ٺهرايو آهي. تون ڇا ڏسندين. هتان سنڌ مان ڪئين ئي لڏي ويل. سانگي سان جڏهن بہ سنڌ ايندا آهن ۽ جڏهن پنهنجا ماڳ مڪان ڳوليندا آهن تہ ڪين يا تہ ڳوليندي نہ ليندا آهن يا اُنهن جي شڪل اهڙي هوندي آهي جو هو رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي واپس موٽي ويندا آهن.“

مان يڪو ڳالهائيندي پيو هليس. هو ماٺ ڪيو بيٺو هو ۽ مون ڏي تڪي رهيو هو. هن جي چهري تي ڪي بہ جذباتي اهڃاڻ نہ هئا. پوءِ خيال آيم تہ پرانهين پنڌ کان آيل هن مهمان کان نہ سندس حال احوال ورتو اٿم نہ وري چانهہ پاڻيءَ جو پڇيو اٿم. پوءِ مون کيس وٺي وڏي ڪمري ۾ وهاريو. ڪمري ۾ بہ چار ڪٿون، پلنگ ۽ ڪرسيون پيون هيون، هيءَ گهر ٻن ٽن هندڪين جاين تي جُڙيل هو. ڪي ڪمرا پراڻا، تہ ڪي نوان ڪمرا بہ جوڙايل هئا. هنن جاين تي

"سائين، نہ مان چانھ پيئڻ آيو آهيان نہ مان پنهنجا اباڻا ڪک ڏسڻ آيو آهيان. مان ٻي پيڙهيءَ جو شخص آهيان. نہ مون هيءَ ڀومي ڏٺي نہ هتان جو پاڻي پيتو. هتي جو ماضي منهنجو ماضي نہ آهي. منهنجو پيءُ بہ سنڌي نہ هو. هو هڪ هندستاني مرهٽو هيو جيڪو امان سيتا سان شادي ڪان پوءِ سِگهو ئي گذاري ويو. امان سيتا پاڻ نوڪري ڪري، پورهيا ڪري مون کي پالي وڏو ڪيو. پالنا ۾ دادا موتيءَ جو بہ وڏو هٿ هيو. مان هاڻي اتي هڪ وڏي ڪمپنيءَ ۾ اليڪٽريڪل انجنيئر آهيان. هيءَ ٻولي، هيءَ هن ڌرتيءَ سان ٿورڙي ڪي گهڻي وابستگي منهنجي ماءُ ۽ دادا جي بخشيل آهي. منهنجي گهر واري پڻ سنڌڻ آهي پر هن کي ايتري سنڌي نہ ايندي آهي. ٻہ ٻارڙا اٿم، اهي سنڌي سمجهندا آهن پر گهٽ ڳالهائيندا آهن. هو ممبئي جي وڏي ڪانوينٽ اسڪول ۾ پڙهندا آهن. گهڻو تڻو انگريزي يا اردو گاڏڙ هندي ڳالهائيندا آهن."

هن جيئن ساهي کنئي تہ مون ڳالهايو. "تو سويل چيو ٻي تہ تون هت ڪنهن خاص ڪم سانگي آيو آهين. اهو خاص ڪم ڪهڙو آهي؟"

هو اٿي ٻاهر ويو ۽ ورانڊي ۾ چڏيل ٿيلهو کڻي آيو. هُن هيٺ ويهي ان جي زپ کولي ۽ ڪنجهي جو وڏو گول لوٽو ڪڍيو. ان لوٽي جو منهن ڳاڙهي ڪپڙي سان سوٽلي ويڙهي بند ڪيو ويو هو. هن اُهو لوٽُ ڪڍي ٽيبل تي رکيو پوءِ ٿيلهي مان هڪ ننڍڙو لفافو ڪڍيو. هن ۾ ڪا چٺي هئي. هن اهو لفافو مون کي ڏنو ۽ سامهون ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. مون ڏٺو انهيءَ ٿورڙي ڪرت ۾ هو سهڪي پيو ۽ اکين ۾ آلاڻ هيس. ان آلاڻ کي لڪائڻ لاءِ هو ڇت ۾ اکيون وجهي ويهي رهيو. مون لفافو آهستي آهستي ڪري کوليو هي هڪ پني واري چٺي هئي.

"پيارا پاءُ.

ورهيہ لنگهي ويا آهن. وڇوڙي پينهي چڏيو آهي. مان پنهنجي پٽڙي هريش کي اوهان ڏي هڪ امانت سان گڏ موڪليان ٿي. هيءَ امانت دادا موتيءَ جون هاڏيون آهن ۽ انهيءَ لوٽي ۾ بند آهن. سندس وصيعت هئي تہ هي سنڌ جي پاڻيءَ ۾ لوڙهجن. خاص طرح ان واهہ ۾ جت دادا ۽ اوهان سڀ گڏ وهنجڻ ويندا هئا. هن جي اوهان سان گهڻي دل هوندي هئي. هو اوهان کي هميشہ لِچڙو يا لکڻو

ٻار ڪري ياد ڪندو هو. دادا عبدالڪريم جي گذرڻ جو ڏک هيس. علڻ جي بيوفائيءَ جا ڏنل سور چاڪ ڪري ڇڪندا هيس. ان ڪري هن جو حڪم هيو تہ سندس هانيون، اوهان ڏانهن موڪليون وڃن تہ جيئن ان واهہ يا بريج واري وڏي واهہ ۾ لوڙهجن. هو اهي آرهڙ جا ڏينهن، انبن جي مند، مڇي ۽ پلي کي نہ وساري سگهيو هو. آرهڙ جي ڏينهن ۾ پٽ نڪرندي آهي، هٿ جڏهن پٽ يا آرايون نہ نڪرنديون هيون تہ سنڌ جي گرميءَ کي ياد ڪري آڙهڙ جي مند کي ياد ڪندو هيو. گنگا يا جمنا تي ويندو هيو پر چوندو هيو هاءِ سنڌو درياهہ جو پاڻي!! واهہ واهڙ پريو ڇڏي اُن لڙاتيل متيءَ واري هڳاءَ وارو پاڻي گنگا ۽ جمنا ۾ ڪٿي؟ توهان جو قرب، آتڻ ۽ سڪ ياد اٿم. توهان منهنجا محسن رهيا آهيو. هيءُ هڪ ٻيو احسان ڪندا. مان بہ هاڻ بيمار رهان ٿي. عمر اچي ڪُٿي آهي. شال مونکي بہ سنڌوءَ جو پاڻي نصيب ٿئي. هريس کي چيو اٿم تہ منهنجون هانيون بہ اوهان تائين پهچائي. اوهان ٻيئي گڏجي سنڌوءَ ۾ لوڙهجو. اوهان ٻيئي منهنجا وارث آهيو. ڏٽي توکي ڏينهن ڏئي، جڏهن رکڙي ڏينهن ايندو آهي تہ توکي ياد ڪندي آهيان. ڪي پراڻيون، ڪي تازيون رکڙيون موڪليانءِ ٿي. هريش جي ٿيلهي جي پاسي واري خاني ۾ وڌيون اٿم. تون پاڻ هٿ سان ڪڍي گهڙي پل لاءِ پائجانءِ ضرور. آهين. سئو پر صفا ڳيٽرو اڳيون پارايل رکڙيون تہ وڃائي ڇڏيون هوندءِ. مان بہ تہ ڳيٽري آهيان جو ورهيو پنهنجي سڄڻ کي ياد نہ ڪيو اٿم. هريش جو خيال ڪجانءِ ٻي امانت اها اٿئي. اها بہ توکي پر تي. شال جڙيو هجين. ٻچڙن سان خوش هجي.

"تنهنجي ڀيڻ سيتا."

مان خط تہ پڙهان پيو، وڻ سان گڏ هنجون پيو هاريان. سامهون منهنجي هڪ وڏڙي متي ۽ سدوري شخص جون هانيون پيون هيون، ڇڻ سندس ميت پئي هئي. سيتا جي خط وري مونک يماري ڇڏيو. سامهون هريش بہ روئي رهيو هو ائين پئي لڳو تہ ٻہ ميتون پيون آهن ۽ ماتم ڪرڻ وارو هڪ آهي.

مون اُتي ٿيلهو کنيو. ٽيبل تي رکي، پاسي واري خاني جي زپ کولي هڪ ننڍڙو پئڪيٽ ڪڍيو.

"هريش پٽ، تون ڪجهہ آرام ڪر. مان بہ پنهنجي ڪمري ۾ وڃان

ٿو. روئي پاڻي جي ڪري پوءِ هانيون ڪٽي هلنداسين. شيءَ شڪل ڪپئي تہ ماسيءَ کي سڏي ونجانءِ."

مان ڪٽن جهڪائي هائين آڏو بيٺس پوءِ مون اهو گول ڳنجهي جو لوٽو ڪنيو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس.

ڪمري ۾ اچي هڪ پلنگ تي لوٽو رکيم ۽ ٻئي پلنگ تي آهلي پيس.

راڪين وارو لفافو مٿي ڪان رکي ڇڏيم. مون لوٽو سوري وهاڻي تي رکيو. ائين ڪاڪو موتيرام منهنجي پير ۾ ٻئي پلنگ تي ائين ستو پيو آهي جيئن هو حيدرآباد واري ابي کي مليل سرڪاري گهر ۾ منهنجي ڪمري ۾ پيل ٻي کٽ تي سمهندو هو. حيدرآباد ايندو هو تہ رهندو بہ اسان وٽ هو. مان ڪاڪي موتيرام کي ننڍي هوندي کان ڏسندو آيو هيس. سهڻو سيپڪڙو قدارو جوان. پهران ۽ پاجامي ۾ هجي يا شرٽ پينٽ ۾. لوڏ ڏئي هلندو هو تہ ڪنهن فلم جو هيرو پيو لڳندو هيو. هر وقت پيو مرڪندو ۽ ڪلندو. سندس اڇا ڪير جهڙا ڏند اونداهہ ۾ بہ پيا اجرڪندا. جهڙو پاڻ سهڻو تهڙي دادي شيلا. اُن ڪان وڌ سندس بہ نياڻيون سيتا ۽ نرملا پيون ٻهڪنديون. ڪاڪو موتيرام ڪچهريءَ جو ڪوڏيو شام ٿي ناهي اسان جي اوطاق تي اچي نڪرندو. بابي جي سوٽن سان گهٽي هيس. خاص طرح سيٺ عبدالڪريم سان. ساٿس گڏ چمن لال, پمن داس ۽ ٻيا ديوان گڏ هوندا هيا تہ اسان سڀ نينگر نينگريون هن اڱڻ ۾ پيا ڪڏندا هياسين. چاچو سيٺ عبدالڪريم لَڏي آيو تہ ڪاڪي موتي اسان کي ۽ ٻئي چاچي کي بہ جايون وٺي ڏنيون ۽ حويليءَ جي ڪُن مان ڪڍي هتي سوڪو ڪيو. بابي جي نوڪري سانگي اسان کي ٻين شهرن ۾ وڃڻو پيو. وئڪيشن ۾ ايندا هياسين تہ منگل ٿي ويندا هيا.

ڪاڪي موتيءَ جون نياڻيون ملوڪ هيون. وڏڙيون ٿيون تہ هر هڪ جي منجهن اک هوندي هئي. چاچي سيٺ عبدالڪريم جي وڏي نينگر سوٽ علڻ وجي سيتا تي اَکن ڇڪن ٿيو. گڏ جو رهندا هُيا تہ هن سيتا کي آهستي آهستي دام ۾ آڻڻ جي ڪئي. سيتا پڙهيل ڳڙهيل هئي ان ڪري هوءَ تيز ۽ هوشيار هئي. هوءَ ساڻس اهڙي قرب ۽ محبت سان پيش ايندي هئي جو اسان کي

بہ شڪ پوندا هئا، مٿان سوٽ علڻ جي لاڦ تہ مٿس هڪ ڇوڪري اُڪن ڇڪن تي پئي آهي. هو جنهن نموني هن کي بدنام ڪندو هيو مونکي ڏک ٿيندو هو.

سيتا هڪ دفعو سڪ سان مون کي رڪڙي جو ٻڌي تہ مان کيس پيڻ وانگر ڀائيندو هيس. سوٽ علڻ ڏاڍو مڙس هيو ۽ مون کان بہ وڏو هيو. مون کيس چوڻ جي سگھہ بہ نہ هئي. مون هڪ ڏينهن پاسو وٺي سيتا کان پڇيو. ”هي سوٽ علڻ ڇا پيو وڦلندو وتي!“

”ها، مان کيس چاهيندي آهيان. سدنس پريم پوڄارڻ آهيان پر مَنَ ۾ پوڄا ڪندي آهيان. هن وانگر پڙها ڪونہ ڏيندي آهيان. مون کيس چيو اٿئي همٿ تہ مونکي پنهنجو ڪر. مذهب بدلائي بہ مون سان شادي ڪر.“ سوٽ اندران نبل هو. هو سيتا کي چاهيندو هو پر هو پريم ۽ پيار جي نازڪ ۽ ڪئنرن جذبن کان آگاهہ نہ هو. هاڻ اسان سڀ وڏڙا ٿي ويا هياسين. ڏوٻڙا، ڦر ڦر سونٺا سڀ پورا ٿي ويا هيا. ڪونن تي چڙحي، هڪ ٻئي ڏانهن چڙهي ويندا هياسين، گڏجي سڏجي ڪچهريون ڪندا هئاسين. هڪ ڏينهن سوٽ علڻ سيت سان پريرو بيٺو ڳالهائي رهيو هو. اسين ٻيا سوٽ، پينر پائر غلم وڇايو ڪچهري ڪري رهيا هئاسين. ڪنهن پڪوڙا آندا هيا، ڪنهن گيهَر، ڪنهن مرملا تہ ڪنهن پيڙا، ڪل ڀوڳ جاري هيا تہ اٿين سيتا جو آواز تيز ٿيندو ويو.

”علڻ ٻڌي ڇڏ مان سيتا آهيان. اٿئي همت تہ جهر جهنگ جهاڳي گهر ٻات ڇڏي مون لاءِ بنواس بہ ڪاٽي مون تائين پهچ تہ رام ڪري پوڄيانءِ. منهنجو تنهنجو پريم جو ناتو آهي چريا. ڪجهہ سمجهہ مون کي ڏکوءِ نہ. مان توسان سچي آهيان. شڪ نہ ڪندو ڪر.“ پوءِ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. مون وڏي کيس پرچايو ۽ علڻ کي ٽڪ لعنت ڪئي.

عشق ۽ مشڪ ڪو لڪڻ جا آهن. ڳالهہ کي گهٽو ڍڪيوسين. پر ٻاڦ ڪاڪي موتيءَ تائين پهتي. هُو حيدرآباد هليو آيو. رات جو اٿين ڪٽن تي ليٽيا پيا هياسين تہ ڪاڪي موتيءَ ذڪ مان پٽڪو ڪڍيو.

”مونکي ذڪ رُڳو اهو آهي تہ مون کان تو هيترو عرصو ڳالهہ چو لڪائي. قصو شاديءَ تائين پهتو آهي ۽ مونکي خبر ئي نہ آهي. تون گهٽ ۾

گهٽ اهو تہ نہ لڪائين ها تہ هنن ٻنهي ۾ پريم جو ڪو چڪر انهيءَ حد تائين پهتو آهي؟"

مون وٽ ڪو جواب ڪونہ هو. ڪاڪو موتي ڪو اندران اهڙو راجائتو اڃوا جرو ۽ ننگن وارو هيو جو آهستي پٽڪو ڪيائين.

"جي ادو عبدالڪريم راضي ٿئي تہ مان سيتا کي هٿ چڏي هليو وڃان پوءِ ڀل مسلمان ڪري سندس شادي علڻ سان ڪرائي. مان پريت جي پٽ وڃائڻ نٿو چاهيان. ورهين جا ناتا ڪوائين وڃائبا يا اولاد مِٺو ڪبو؟"

مان ٿپ ڏئي ڪٽ تان اُٿي ويهي رهيس. دل مان بي اختيار نڪتو "واهہ لاکيڻا، ڪاڪا موتي."

پهريائين مون سوٽ علڻ سان ڳالهہ ڪئي. گهٽي همٿ ڀڏائي مانس پر ٻيءَ ڪان چرڪي پيو. مان ٿي سندرو ڀڏي چاچي عبدالڪريم وٽ ويس. ڳالهہ ڪرڻ جي دير هئي هو ٻنهہ پڙ ڪڍي ڀيٺو.

"ميان توهان ٻار آهيو. اها ڪا سولي ڳالهہ آهي. هندو مسلم فساد ڪرائيندو ڇا؟ موتي بہ جذباتي آهي. ٻارن جي ڳالهہ آهي پاڻ ئي ختم ٿي ويندي"

پوءِ هُن ڪاڪي موتيرام کي گهُرائي ڪيس سمجهايو ۽ ڇوڪراٽي وهيءَ جي جذبات کي ٻاراڻي ڳالهہ سمجهي وسارڻ جو چيو. پوءِ الاءِ ڇا ٿيو جو ڪاڪي ٻن ڇئن ڏينهن ۾ ٻارن ۽ گهر واريءَ کي انڊيا موڪلي ڏنو. هو پاڻ بہ ڪجهہ مهينن پڇاڙان ويو پر رُئندو ويو. هنن مون کان نہ موڪلايو نہ وري ڪو خط پٽ هيڏي آيو. هو سڀ ڪُجهہ سيٺ عبدالڪريم کي ڏئي ويو. اڄ رَڪَ ٿي موٽيو آهي. سيتا رکڙين جي ٻنڌڻ ۾ جڪڙي پئي آهي. مون پيڪيٽ کولي رکڙيون ڪڍي اکين تي رکيون. سيتا وئي هئي تہ روئندي وئي هئي. مونکي لڳو تہ سندس ڳوڙهڻ جي آلاڻ هنن رکڙين تي اڃا آهي. ائين در کڙڪيو. مان ٻاهر نڪتس، ماسي بيٺي هئي.

"مهمان اوهان کي سڏي ٿو ڀلا ماني پايان؟"

"ها ڀل پاءِ"

هريش اتي ئي ويٺو هيو. هن ڪنڌ مٿي کڻي نهاريو. "دادا. ڀلا هلون."

”بس پنجن منٽن ۾ به گرهه کائي ونون. پنڌ پري ناهي.“

ماني هريش ته جڻ کاڌي ئي ڪونه. مون به گرهه مس کاڌا. سچ ته ماني وٺي ئي ڪانه پئي. پٽر جنهن گهر ۾ هجي اوتي ماني ڪهڙي؟

اوطاق تي اچي، گيريج مان گاڏي ڪيدايم. ڊرائيور کي واهه تي هلڻ جو چيم. اُت پهتاسين ته واهه ۾ ڦڙي ڪانه هئي. سڄو سڪو پيو هو. هريش حيران ٿي ويو. ڪجهه پرڀرو وڏو ريگيوليٽر وارو ڪئنال هيو جنهن کي بريج به پوندا هيا. اُت ڊرائيور کي هلڻ لاءِ چيم. اُتي پهتاسين ته هتي به ڪاريءَ وارا ڪک هيا. واهن ۽ ڪئنالن ۾ پاڻي بنهه نه هو. مان منجهي پيس. هريس چپ هيو. مون سوچي ڊرائيور کي چيو. ”هل درياهه تي هل.“

ڊرائيور منهنجي منهن ۾ ڏسڻ لڳو. پوءِ چڱو پنڌ ستي، درياهه جو بند ٽپي ڪچو به ٽپي وڃي درياهه وچ پياسين. پاڻي هت به ڪونه هو. بيٺل پاڻي جا ڪٽ ڪٽ ڍٻيا هيا. ڪي سينوارجي ويا هيا. ڪي ڪلر سان ڪاراٽجي ويا هئا. مان ۽ هريش انهن ڍٻن جي چوڌاري پئي ڦرياسين. لوٽو هريش کي ساڻ هو. هو ڍٻن کي ڏسيو ڪنڌ ڌوٽي وري ٻئي ڍٻي تي هليو وڃي. وري نهڪر ڪيو ڪنڌ ڌوٽي وري ٻئي ڍٻي تي هليو وڃي. وري نهڪر ڪيو ڪنڌ ڌوٽي پري ڪنهن وڏي ڍبي تي وڃي. هو ائين ڊوڙي رهيو هو جڻ ڪو هرڻ دشت صحرا ۾ پاڻيءَ جي ڳولا ۾ جهلڪ پسيو ويجهو وڃي وربو موٽيو اچي. هريش هاڻ سهڪي پيو هو. مون کيس وڃي ٻانهن کان ورتو.

”بابلا. هيءُ درياءَ بادشاهه ڪونهي. هت پوتر پاڻي به ڪونهي، جنهن ۾ ڪاڪي موتيءَ جي رَکَ وهايون.“

”پر دادا. هيءُ ٿيو ڇاهي. امان ۽ دادا موتي، جنهن سنڌوءَ جون ڳالهيون ڪندا هيا. اهو ڪاڏي ويو. هت ته اُهي بيڙيون اُهي ملاح به ڪونهن جن تي چڙهي هو سير ڪندا هيا. مڇيون پلا ماري گهر ڪٺي موٽندا هيا. اهو جَلُ پوتر سمجهي گهر ڪٺي اچي پيئندا هيا. هيءُ سڀ ڇا ٿي ويو آهي؟“ مون کيس ڪو جواب نه ڏنو. جو مون وٽ ڪو جواب نه هو. پنهنجي وڏيءَ جو نه ويچ نه ٽبي، بس اينترو چيم، ”ابڻي گهٽي هي بابا ابڻي گهٽي!“

هو انهيءَ گهٽيءَ کي سمجهي نه سگهيو ۽ پڇيائين، ”دادا، اها ابڻي

گهٽي ڇا ٿيندي آهي؟" مون وڪ کي تيز ڪيو ۽ ڊوڙندو اچي ڪار وٽ پهتس. هريش منهنجي پويان آهستي آهستي واريءَ جا ڍڳا ۽ ڀيلاٽيون لتاڙيندو، ڪاڪي جي هانين کي سيني سان لايو اچي پهتو.

"دادا، پوءِ هن جو ڇا ڪيون؟" هن جوائين چيو تہ ڳوڙها تري آيم. "هڻ ڙي وقت، ٻي وطن جي مٽي پنهنجي وطن جي پاڻيءَ جي پياسي آهي ۽ پاڻي بہ ڪنهن ٻي پَر هليو ويو آهي."

مون هريش کي ڏٺو هو بہ روئي رهيو هو. مون کيس ڪار ۾ وهاريو ۽ واپس گهر ڪنيو آيس.

گهر پهچي مون کيس ٻانهن کان ورتو ۽ سڌو ڪوٺي تي هليو ويس ۽ اُتي وڃي بيهاريومانس. جتان سڄو شهر پئي نظر آيو. سانجهيءَ جا پاڇا پئجي چڪا هيا ۽ ڪجهہ بتيون بہ ٻري چڪيون هيون. ڪي انتظار ۾ هيون، بهار جي بهاري ڏيندڙ هوا چوڌاري گهُلي پئي هئي.

"هريش، هيءُ شهر، ڪاڪي موتيءَ جو شهر آهي. هن پاسي سندس جاءِ هئي جت هو رهندو هو. هيءُ اگهڻ آهي، جتي هن پير گهمايا. هو سامهون اُحي گس پنڌ آهن، جتان ڪاڪو موتي لنگهندو هو. هوءَ اها اوطاق آهي جتي هو وهندو هو. ڇڏ انهيءَ رک کي تہ انهيءَ مٽي ۾ ملي وڃي، جنهن مٽيءَ تي سندس وکن جا نشان آهن. ڇڏ انهيءَ جُسي جي رک کي تہ انهيءَ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن مٽي جو هوُ ڳوهيل هو ۽ جنهن مٽيءَ سان سندس عشق هو."

هريش ڪا گهڙي خاموش رهيو پوءِ هن انهيءَ لوٽي جو منهن کوليو. ڪپڙو لاهي پري ڪيائين. هن هٿ وجهي ٻهرين لپ رک جي ڪنئي، ان کي چميائين پوءِ هُن گهر واري پاسي هوا جي تيز جهوٽي سان اُن کي اڏائي ڇڏيو. هن ٻي لپ لاءِ لوٽو منهنجي ويجهو ڪيو ۽ مون بہ لپ ڀري ان کي پنهنجي اگهڻ تي ڇٽيو. ائين هوا جي جهوٽن ۾ ڪاڪي موتيءَ جي جُسي جي رک کي سندس شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گام تي وڃائي ڇڏيوسين، جيئن حياتي بہ هڪ جهوٽو هوندي آهي. ڪڏهن پُر بهار ڪڏهن جهڪ تہ ڪڏهن جهولو. ڪاڪي موتيءَ جي رک کي سنڌ جي ٻاهر جا جهوٽا نصيب ٿيا. سندس شهر جي ماڻهن جي ساهہ ۾ بہ هاڻ اُن رک جي خوشبو رچي وئي هوندي!!

هيٺ لٿاسين ته هريش بنهه ساڻو ٿي پئجي رهيو. پاڻي پيارومانس ته سامت ۾ آيو. چانهه پياري مانس ته ڪجهه تڪڙو ٿيو. يڪدم وڃڻ جي واريائين. مون ان رات ئي ڪيس ڪار ۾ ساڻ ڪري ڪراچي ايئر پورٽ تي آڻي ڇڏيو. موڪلائڻ مهل هو ڏڪارو هو. ياڪر پاتومانس ته روئي پيو. مون ڪيس پرچائي مِنٽيون ڏئي روانو پئي ڪيو ته هڪ ڳالهه ياد آيم.

”هريش بابلا، منهنجي پيڻ سيتا ڪي چئجان ته پراڻ تياڳڻا هجنس ته آرهڙ ۾ تياڳي. سنڌو ۾ ٿورو گهڻو پاڻي آرهڙ ۾ ئي ايندو آهي. چئجانس جڏهن به مري ته آرهڙ ۾ مري جو سندس هاڏيون وهندڙ سنڌوءَ ۾ لوڙهي سگهون!!“

مان وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيس. منهنجو آواز ائين ئي ڳرو ٿي ويو جيئن هريش جو ٿيو هو جڻ ڪنهن ويران ۽ ٿَتل کوهه مان ايندو هجي. هاڻ هريش جي آواز ۽ منهنجي آواز ۾ ڪوبه فرق نه هو.

❑

# ۽ چيا اُڏامي ويئي.....

> حميد سنڌي هڪ اديب جي حيثيت ۾ قومي خيالن جو مالڪ ۽ سنڌ جي روشن مستقبل جو آرزومند آهي. مٽيءَ جي خوشبو ۽ ڌرتيءَ جي ڪشش ته پيرن پيغمبرن کي متاثر ڪيو آهي سو حميدَ جو 'سنڌي' ڪونائڻ سمجهه ۾ اچي ٿو. —غلام رباني آگرو

جهرڪين جي چِين چِين ۽ پڙڪي تي نگهت جي روز جيان اک کُلي. هن جهرڪين جي جهيڙي ۽ ورانڊي مان پڙڪو ڏئي اُڏامي وڃڻ، وري موٽي اچڻ تي، مرڪي ڏنو ۽ پنهنجي ڌيءَ چيا جي پريان رکيل کٽ ڏي ڏنو. آهستي آهستي سندس اک کلندي وئي ۽ هوءَ ٽپ ڏئي اُٿي ويهي رهي. هن کي محسوس ٿيو ته چيا کٽ تي ڪانهي. چاڪاڻ ته هوءَ ايڏو سويل اُٿي، هن لاءِ ممڪن نه هو. هوءَ جهرڪين جي گوڙ تي پاسا ورائيندي هئي. صبح جي ننڊ کيس اُٿڻ نه ڏيندي هئي، ڪڏهن وهاڻو ڪنن تي، ڪڏهن ماءُ کي اُتان چوندي هئي: "امان هنن چيائين کي بس ڪراءِ، ننڊ ڦٽائي اٿن." نگهت هش هش ڪري جهرڪين کي ڀڄائيندي هئي. هو ڪڏهن ولر ڪيو اچي "چيا" جي پاسي ۾ يا پيراندي ۾ ڪان وهنديون هيون.

اڄ شور وڏي ويو هو. هي ولر ڪيو چيا جي هنڌ تي وبنيون هيون ۽ نگهت جو گمان صحيح بي ثابت ٿيو. هوءَ آهستي آهستي وڏي چيا جي کٽ تائين وئي. ڪي جهرڪيون پڙڪو ڏئي اُڏامي ويون، ڪي ويٺيون رهيون. هوءَ اڳڻ ۾ وئي، رڌڻو ڳولي آئي. اندر ڪمري ۾ نهاريائين. چيا ڪٿي به نه هئي. هن جي هيانءَ ۾ ڌڪ لڳو جڏهن هن ڏٺو ته ٻاهرين در جو ڪلف هيٺ اُڇليو پيو هو ۽ ڪڙو لٽڪيل هو در رڳو ڀيڪڙيل هو. هوءَ ڪا گهڙي پنهنجي کٽ تي ويهي رهي. هن پريشان واريءَ کٽ تي نهاريو. سندس مڙس ظهير گهري ننڊ ۾ هو. جهرڪين جي ميڙ ۽ گوڙمتس ڪو اثر نه ڪيو هو. هو بي خبر ستو پيو هجي ها جيڪڏهن نگهت کيس نه اُٿاري ها.

"چيا جا بيءُ! چيا جا بيءُ!" هن کيس آهستي آهستي سجاڳ ڪيو. هن آهستي آهستي اک ٻٽي. سندس ڪن ۾ آواز آيو: "چيا جا بيءُ! چيا گهر ۾ ڪانهي." هو ٽپ ڏئي اُٿيو هن سڄو گهر ڳوليو. هيءَ هڪ ڪمري ۾ ورانڊي وارو ريلوائي ڪوارٽر. اُن جي ايراضي گهڻي؟ هو در ڏانهن ڀڳو ڪلف هيٺ ڀڳو پيو هو. در

بيڪڙيل هوءِ هو پريشان هو تہ آخر چيا ڪاڏي وئي. هن وراندي ۾ متي اُگهاڙي اُجڙيل گهرواريءَ ڏي ڏٺو. هن جي پوتي پٽ تي پئي هئي. جهرڪيون جن سان ڳُڻڻدي چيا کي سال ٿيا، اڄ هو چيا کي نہ ڏسي آهستي آهستي اُڏري ويون. چيا ننيڙي هئي ۽ هيج مان انهن کي جهرڪي نہ چئي سگهندي هئي، تہ ماڻس کيس چڙيا چوڻ سيکاريو. جنهن کي بہ هوءَ چيا چوندي هئي. ننيڙي ايڏي چاهہ مان ”آ چيا، آ چيا“ پنهنجي ماءُ سان گڏ چوندي هئي جو مٽس اوڙي پاڙي جي ٻارن نالو ئي ”چيا“ رکي ڇڏيو. ڪيترا ٻار هن ننيڙيءَ سان کيڏڻ ايندا هئا ۽ هن کي جڏهن، ’ننيڙي چيا! منڙي چيا!‘ چوندا هئا تہ هيءَ ننيڙي خوش ٿي جهرڪين وانگر ٻانهن سان کنيڙا ٿيون هڻندي هئي. هوءَ ايئن اُڇلون ڏيندي هئي ۽ ٻانهون هڻندي هئي جڻ اُهي هنن جهرڪين جا پَرَ هجن ۽ اجهو ٿي هوءَ اُڏامي!

هاڻ جهرڪيون اُڏامي ويون هيون. وراندي ۾ سانت هئي. ٻنهي اندر جي گمان کي، گمان رهڻ ڏنو ۽ دَرَ کولي ٻاهر نڪتا. هنن ڏٺو تہ پروارن ڪوارٽرن جا در اڄا ڀيڙيل هئا، ڪي کُليل بہ هئا. هو سيني درن تي ٻهربائين پٽڪي سان، پوءِ آهستي ۽ ان کان پوءِ ڏاڍيان، ”چيا! چيا!“ پڪاريندا رهيا. هو پري تائين ويا پوءِ پڇاڙون ڪائيندا وريا.

گهڙي پل ۾ پري پري تائين هُلي ويو تہ چيا گهر ڪانهي. چيا، هنن ڪوارٽرن جي قطارن ۾ ائين ايندڙ ويندڙ ۽ مڪينن جي لاڏلي ٿي پلي هئي، جو ڪنهن اولو سولو اکر نہ ٿي ڪيڻ چاهيو هنن آهستي پٽڪيو: ”اسان جي چيا اُڏامي وئي، اسان جي چيا اُڏامي وئي.“

چيا جو اصل نالو ڪنهن کي خبر نہ هئي. هن ريلوي جي رهائش ڪمپائونڊ ۾ ڪيترائي ڪوارٽر هئا، ان جا رهواسي چيا سان جائي جم کان وٺي ايڏو پيار ڪندا هئا، جو هنن کي هن جو اصل نالو وسري ويو هو. هوءَ پنڪڙي اوڙي پاڙي جي لاءِ رانديڪو هئي. وڏڙي ٿي تہ ٻين ٻارن سان گهٽين ۾ ڏوبڙي يا چيلي جي راند ڪندي هئي. ڊيوٽي تان مختلف وقتن تي موٽندڙ ماڻهو سندس موهيندڙ شڪل، انداز ۽ انگل تي فدا هوندا هئا. هن جي مٿي تي هٿ ڦيري پوءِ گهر ۾ گهڙندا هئا. جي هو گهٽيءَ ۾ چيا کي نہ ڏسندا هئا، تہ ٻين ٻارڙن کان پڇندا هئا. هو ڪنهن نہ ڪنهن ڪوارٽر ڏي اشارو ڪندا هئا. هو ان دروازي وٽ ويندا هئا تہ چيا جون مِٺيون ٻوليون ٻڌي خوش ٿيندا هئا، ۽ کيس سڏي پيار ڪري پنهنجي گهر هليا ويندا هئا. هنن جو پيار رڳو چيا

سان نہ هو پر، سندس ماءُ پيءُ ظهير ۽ نگهت لاءِ پڻ اٿاهہ مانَ محبت جو اظهار پڻ هو.

ظهير گبس ترينن لاءِ مال بوڪ ڪرڻ جو ماهر ڪلارڪ هو پوءِ هو وڏي مال گودام جو انچارج بہ ٿيو پر، سندس هلت چلت ۾ ڪا وڏائي ڪانہ هئي. ظهير، رحيم يارخان جو رهواسي هو اتي سندس پيءُ اسٽيشن تي قلي هو. هن پٽ کي پڙهائي گبس جو ڪلارڪ ڪرايو. ظهير اتي ئي پاڙي ۾ نگهت کي ڏنو عشق جا پيچ اڙيا پر، نگهت جي ماٽن پنهنجي ڏيءُ ڪنهن وڏي هنڌ ڏيڻ پي چاهي، پر لڪئي جا ليک آهن، ظهير جا پاڳ زور هئا. هن نگهت کي اُڌائي پهريون شهدادپور ۾ پوسٽنگ ڪرائي ۽ پوءِ نگهت سان نڪاح وجهي، نگهت جي ماٽن جي پيچ ڊُڪ ۽ قانوني ڪاروائي جو انتظار ڪرڻ لڳو. پر نگهت جا مائٽ وڏي ڏِک وارا هئا. نياڻي جي ائين نڪري وڃي، سو هنن بہ ائين ئي سهائي. ڪني آڱر وڏي پلي وانگر نگهت ڏانهن ور ڪري نہ نهاريؤن.

آهستي آهستي ظهير اسٽيشنون ٽپندو حيدرآباد اسٽيشن پهتو ۽ ريلوي جي ڪوارٽرن جي ڪمپائونڊ ۾ رهڻ لڳو. اتي ڪين چپا جائي، جيڪا سندن لاڏلي، اوڙي پاڙي جي اکين جو تارو بڻي. چو تہ هئي بہ من موهڻي ۽ ڳالهيون ائين ڪندي جو دل ۾ پيهجي وڃي. اڄ چپا اُڌامي وئي هئي. اوڙو پاڙو حيران هو تہ هيءَ معصومڙي ڪيئن پاڻ هلي ويندي هيءَ تہ سڌوسنئون اغوا جو ڪيس هو. ڪن ڪوارٽر جي پٺ ٽپي، اندريون ڪلف پيجي اُچليو هو ۽ چپا کي ڪنپيو هو هاڻ ماڻهن جون هيون ڳالهيون. ڪن آهستي پٽڪو ڪڍيو تہ چپا پاڻ رضا خوشيءَ سان نڪتي آهي. ڪلف تہ پيجڻو هو. نہ تہ چپا ۾ سندس چاهيندڙ ڪيئن نڪرن ها. انهن جو پٽڪو ۽ اشارو ڪمپائونڊ جي پٺ پاهران هڪ نئين جوڙيل جاءِ ڏي هو. جت چپا، ماءُ جو پورهيي سان جَڙيل پيرت پربل وڳا پهچائيندي هئي. نگهت اوڙي پاڙي جي لاءِ پيرت ۽ سيبي توپي جو ڪم ڪندي هئي. ائين سندس گهر جو خرچ جو پورائو ٿيندو هو. چپا سياڻي ۽ سمجهہ سان ٿي تہ گهر گهر وڃي، ويس وڳا پهچائيندي هئي ۽ پيو ڪم بہ ڪنيو ايندي هئي. هي ڏهن ٻارهن سالن جي ٻالڪڙي، ڪنهن جي موهہ ۾ ايندي ۽ توڙي ڪلف ڪڙو پيجي نڪرندي، نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ڳالهہ هئي. هوڏانهن نگهت بہ ان هنڌ ۽ پٽراڻي کي ڪنيو چمي جنهن تي چپا سمهندي هئي ۽ ور ور چوي، ”ظهير تون مون کي پيچائي نہ اچين ها، نہ هوءَ ابي امان جي نقش قدمن تي هلي آ. ظهير تون مان گهنگار

آهيون. جيئن تون مان اُتان اُڏامي نڪتاسون. تيئن چيا به اُڏامي وئي. تيئن چيا به ڦُررر ڪري اُڏامي وئي.“

ظهير جو اندر اڳي ئي وڍيو پيو هو. وري نگهت جا جهير وجهندڙ اهي جملا ته: ’اسين بئي گنهگار آهيون. جيئن تون مان اتان اُڏامي نڪتاسين تيئن چيا به ائين ڦِرِ ڪري اُڏامي وئي.‘ سندس دماغ ڦرڻ لڳو هو. هو هڪ هنڌان اٿي وري ٻئي هنڌ ويهي. وري اتان اٿي اڱڻ ۾ وراندي ۾ اچي وڃي. هن کي چين نه هو. هو نيٺ ان ڪمپائونڊ کان ٻاهر نئين جوڙايل جاءِ ڏانهن وڃي نڪتو. هو چوڏاري جاءِ گهمي آيو. ات ڪيس ڪنهن به ماڻهو جا آثار نظر نه آيا. هن ڌنو ڌپ ڪري وڏي لوهي گيٽ کي کڙڪايو. ڪافي دير کان پوءِ هڪ چوڪيدار نما ماڻهو نڪتو جنهن چيس ته: ”هتان جا ڪرايي دار هليا ويا آهن ۽ هاڻ هتي ڪير به نه رهندو آهي. هو هيءَ جاءِ رات ئي ڇڏي پنهنجي ملڪ هليا ويا آهن.“ ظهير کي لڳو ته سندس ذيءُ هتان ئي وئي آهي ڪن وڏن هٿن ۾ اچي وئي آهي.

ظهير سجو ڌڪي ويو. هن کي چوڪيدار کان ئي پڪ ٿي ته هي برده فروشن جو ٽولو سندس ڌيئڙي کي ٻڌي ڪنهن وڏي بازار يا ڪنهن وڏي ماڻهوءَ کي ڏيڻ لاءِ ڪٺي ويا آهن. هو اتان سڌو پوليس ٿاڻي تي آيو. فرياد داخل ڪيائين. شاهد پيش ڪيائين. جاءِ جي مالڪن کان پڇا ٿي انهن کان مسواڙن جو ڏس پتو مليو. پڪ ٿي ته چيا ڪنهنجي ٻئي صوبي ۾ پهچائي وئي آهي. پوليس ڪانئس پيسا گهريا ته پيسا ڏي ته گاني ٻجاني ۾ جسم فروشي جي ڏورانهن اڏن تان ڳولي اچون. هن نگهت جا به چار ڳهه وڪيا. معصومڙي چيا جو فوٽو ڏنائين. پوليس ڪيس هتي ڇڏي، فوٽو ڪٺي ملڪان ملڪ نڪري پئي. ننڍا شهر ٽپندي وڃي ملڪ جي وڏي بازار تائين پهتي. اُتي انهيءَ شهر ۾ الائي جي ڪهڙو جن ڀوت ڏنائون جو پوليس، صوبيدار سوڌو نڪتڙو موٽي، ۽ اچڻ سان ظهير کي گهرائي دٻ ڪيدائون: ”تو اسان کي رلايو آهي. شريفن جا ڏس پتا ڏئي خوار ڪيو آهي. تنهنجي ذيءُ ڪشمير به ٽپي وئي آهي. ٻيا پيسا ڏي ته ڪشمير مان ڳولي اچون. ڪشمير وڃڻ سولو نه آهي.“

ظهير روئي پيو هيءُ ته پيرا وڃائڻ واري ڳالهه ٿي. هن وڏن آفيسرن وٽ دانهيو. شهر جي چڱن مڙسن وٽ دانهيو پر ڪجهه نه ٿيو.

آهستي وقت جي دز هن واقعي کي لَٽيندي وئي. ماڻهو چيا کي وسارڻ لڳا. ماءُ

چرين وانگر جهرڪين کي داڻا وجهندي سڏيندي ڳالهائيندي هئي: ”توهان مان ڪنهن منهنجي چيا کي ڏٺو.“

”ڪهڙي ديس مان اچو پيون، ڪا منهنجي چيا جي خبر! چيا جهڙي ڪا من موهڻي ڏٺوَ؟“

”اڙي مايون جهرڪيون توهان تان تہ گهور وينديون هئي. ياد اٿوَ پاڙي جي ڇوڪرن، توهان مان ڪن کي سرڪڻ ڦاهي سان پڪڙيو، سوٽلي ۾ ٽنگي پئي ڳلي ڳلي ڦيرايو ۽ ڪيئن چيا اوهان جهرڪين کي ڇڏايو هو. اجا ٿورڙو ساهہ هيؤ جو چيا اوهان جي چهنبن کي وات سان ملائي ڦوڪون ڏني، اوهان اڏامڻ کي جيئرو ڪيو هو. اڙي! ڏسجو ڪٿي چيا سرڪڻ ڦاهيءَ جو نشانو بڻجي، اڏامڻ نہ ٿيو پئي هجي. ڏسجو ڪيس بچائجو.“

هڪ ماءُ پنهنجي جيئري جگر ڪان جدا ٿي هئي. هوءَ پئي جهرڪين سان ڳالهيون ڪندي هئي. ڪڏهن آيلن ويلن ڪان چيا جو احوال پڇندي هئي: ”ڪا چيا اُڏامندي ڏٺوَ؟“

ظهير، نگهت جو هيءُ حال ڏسيو پيورت رئندو هو. هُو جڏهن بہ ڊيوٽيءَ تي ويندو هو تہ: اَپ ڪان اينڊڙ ڪا گاڏي مِس نہ ڪندو هو. اُهي گاڏيون حيدرآباد تي ضرور بيهنديون هيون. هو سڀيون گاڏيون لتاڙي پهچندو هو پوءِ ئي اسٽيشن ماسٽر انهن کي سگنل ڏيندو هو ۽ گاڏيون ڪراچي روانيون ٿي وينديون هيون. ڪي ورهيہ اهو سلسلو هليو. آهستي آهستي اَپ ڪان اينڊڙ ڊائون وينڊڙ گاڏيون بنا روڪ هلڻ لڳيون. پر ظهير تنهن هوندي بہ گاڏيءَ تي نظر ڦيرائيندو هو. خاص طرح زناني گاڏي تي، تہ من ڪيس چيا نظر اچي وڃي. چيا جهڙيون نينگريون گهڻيون، پر چيا ڪونہ سڏاوي، چيا هڪ ئي هئي.

ائين ورهيہ لنگهي ويا. نگهت جي مٿي ۾ چاندي جون ڪيئي تارون ڦهلجي ويون. ظهير غم ۽ فڪر ۾ اڌ مٿو اڇو ڪيو اسٽيشن تي ڦيريون پائيندو رهيو پر، چيا جي گاڏي نہ آئي.

ائين هڪ ڏينهن ڊائون ايڪسپريس کي اُڪارڻ لاءِ گيٽ وٽ مايوس بيٺو هو. هن مايوسي دور ڪرڻ لاءِ سگريٽ دکايو ۽ آهستي آهستي رڙهندو گيٽ ٽپي اندر داخل ٿيو. ڊائون گاڏي بہ چيڪاٽ ڪندي اچي بيٺي. هو آهستي آهستي گاڏا

لتاڙيندو هڪ نظر وجهندو اڳتي وڌيو پي، تہ سندس نگاهہ هڪ سهڻي مُکَ تي وڃي بيٺي. هيءَ اهڙي سهڻي من موهڻي هئي، جيئن چيا هئي. پر هيءَ تہ هڪ عورت هئي پيلي وڳي ۽ شال ۾ ويڙهيل، ڳچيءَ سونا روپا هارَ ڪنن ۾ وڏا جهومڪ ۽ ٻانهون لاتعداد سونين چوڙين سان جهنجهيل. هو وڌندو ان دريءَ آڏو بيهي رهيو جت هوءَ ويٺل هئي.

ظهير کي وڏيڪ تعجب ٿيو جڏهن هڪ ننڍڙي نينگري اچي هن جي هنج ۾ ويٺي، ۽ پوءِ دري مان ٻانهون ڪڍي هوا ۾ ائين هلائڻ لڳي، جيئن چيا صبح ويل ڪندي هئي ۽ چوندي هئي: "آ چيا آ چيا"

ظهير جا ڪن ٻرڻ لڳا هيا يا ائين هو بہ صحيح. هيءَ ننڍڙيءَ نينگري بہ ائين ئي چئي رهي هئي. "آ چيا، آ چيا..."

هو اجا حيران بيٺو هو جوان عورت هن ٻارڙي کي ڇڪي اندر ڪيو ۽ پڪاري چيو: "چيا! چيا! نا، نا!"

هو تيئن دري ويجهو وڃي بيٺو ۽ ڏک ڀريل آواز ۾ پڪاريائين: "چيا! چيا! منهنجي چيا!" هيءَ هڪ خوبصورت عورت هئي، سندس مک تي هڪ رنگ آيو ۽ اڪيون ٿورو پاڻيءَ سان ڀرجي آيون. هيءَ مهل اتي ڪجهہ بہ ڪونہ هو. پوءِ هن ننڍڙي نينگريءَ کي دريءَ کان پري ڪري، پاڻ ڳچي ڪڍي ٿورو هيٺ پرو تي جهڪي، ۽ سُرٻاٽ جهڙو پٽڪو ڪڍيائين.

"بابا، سائين، چيائون وبچاريون جمنديون ئي اُڏامڻ لاءِ آهن، تہ ڪي وبچاريون سرڪڻ ڦاهي جي ور چڙهي اڏميون ٿيون پيون هونديون آهن. امان کي چئجانءِ تہ چيا پاڻ ڪانہ اُڏامي، سرڪڻ ڦاهيءَ جي وَرَ چڙهي وئي. هاڻ ڪتي بہ چيائون نہ اڏامنديون آهن، سڀ سرڪڻ ڦاهيءَ جي وَرِ چڙهي وينديون آهن".

ائين پويان ڪو آواز ٿيو هڪ ٿلهو ٿنبرو پهلوان جهڙو مڙس اچي مٿانئس بيٺو. هن عورت پٺي ورائي چيس: "ڪوئي منگتا هي، خير منگدا پيا هي". پوءِ عورت مٿيرو ٿي پرس مان ڪي رپيا ڪڍي سندس ترِيءَ تي رکيا ۽ ڪنڌ موڙي ڇڏيائين، ڇڻ ڪيس سڃاڻندي نہ هئي. گاڏي آهستي آهستي رڙهي ۽ اسپيڊ ورتائين. هاڻ ظهير کي لڳو تہ سندس چيا هڪ دفعو وري اُڏامي وئي آهي. (مهراڻ 3_4/2009ع)

# لڳي لڳي واءُ

ڪيترن يارن جي، انهن خيالن کان چڱي پر آگاهه آهيان ته منهنجي ڪهاڻين ۾ هارڻ 'موت جو موهه' ۽ قبرستان جا قصا مڙيوئي ڪجهه وڌي ويا آهن. هڪ يار ته لکيو ٿي ائين ته منهنجا گهڻا تڻا ڪردار 'موت جي موهه' جا ماريل آهن. مان ڪيس ڇا چوان ۽ ڪيئن ٻڌايان ته ماڻهوءَ جي اصل حياتي موت کان پوءِ شروع ٿي ٿئي ٿي ۽ چو ته ڳالهه آهي 'هونداسي حيات جيئڻا اڳي جي جيا' واري جنهن کان ڪير به انڪاري نه ٿو ٿي سگهي. هيءُ جيڪي جيءُ جيارا ڏنل وائٺل. سولا سڌا ماڻهو ڏاهپ ۽ بزرگي جي رنگ ۾ رڱيل شخص، بهادري ۽ دل وارا جوڌا جوان سهڻيون نسبتون، پکين جيان ٻوليون ڪندڙ مان شان واريون مايون ۽ ڪيترا ٻيا جانب جن مون سان ڪي پل ڪي گهڙيون مس گهاريون. ڪي ڏنم ڪي چڱي پر به نه ڏنم ڪي ته مور نه ڏنم. واريءَ جيان هٿ وٽين مان سپ وهي ويا. سي حيات نه ڀانيان ۽ اُنهن کي جيءَ ۾ سانڍي نه رکان ته مان ڪيئن جيان، هو موت کان پوءِ ڪيئن جيئن. مون لاءِ سپ جيئرا آهن ۽ جيئرن سان ڪيئن جدائي ڪبي.

هميشه جيان ڳوٺ وڃان ته ٻن قبرستانن جو ڦيرو نه ڀڄبو. هڪ ميان آڏر وارو قبرستان جتي نه رڳو منهنجا جيئرا جگر پر سنڌ جي سالن جي تاريخ رکندڙ ڪئين ئي جوڌا جوان، ننڍا وڏا سنتل آهن. جن ۾ گهڻا تڻا بادشاهن ۽ حاڪمن جي جوتيل جنگين جو بک ٿيا. ڪيرُ ته ڪين ياد ڪندو. ٻيو قبرستان آهي شاهه نصير وارو جتي سنڌ جو عظيم شاعر ڪجهه عرصو اڳ بنا ڇت ننهڻ اُس ۾ سنتل رَهيو مينهن ۽ طوفان ۾ ڀڄندو رَهيو. وَري به پنهنجي زمين مان ٽڪر دُڪانن لاءِ ڏئي، مقبرو نهرايائين، اُهو جنهن به جيئن به جوڙايو اُنهيءَ کي شاباس ۽ پونيئر جن اُها ڪمائي ڇڏي مقبري جوڙائڻ ۾ لڳرائي اُنهن کي به جَسُ هجي. مان اُنهي شاعر ۽ اوسي پاسي سُتل ڪيترن سخين، ڏاتارن ۽ بهادرن کي ڪيئن ماري ڇڏيان، جيڪي سنڌ جي ماڻهن لاءِ جيئري مري ويا پر مون لاءِ هميشه هوندا سي حيات

هيل عيد تي ڳوٺ ويس تہ شاھہ نصير جي نئين نهيل رنگ ۾ روغن وارو مقبرو ڏٺم پر ٻاهران احاطي ۾ سندن خاندان وارن جون اجڙيل قبرون ڪي پُري وبون هيون. ڪن جا تہ شايد رُڳو آثار نشانيہ رهيا. وقت اچي تہ شاھہ نصير جا پونيئر ٻيا تڪر وڪڻي اُنهن کي نهرائي وجهن. ڪي موزيڪ جي چٽسالي واربون. ڪي لوهي جنگلن ۾ قابو قبرون بہ هُيون پر ڪي پاسيريون قبرون. انهيءَ انتظار ۾ هُيون تہ سندن وارث ڪا سار لهن. اُنهيءَ غريبن جي قبرن ۾ هيل وڏي سيمينٽ ۾ لوهي جنگلي ۾ بہ پختيون قبرون پسيم. وبجهو ويس تہ هڪ قبر شهيد رياض جي هئي. پرسان سندس پيءُ مرحوم مولا بخش جي هئي. رياض جي قبر اڳ بہ ڪجهہ ڏسڻ جهڙي هئي پر مولا بخش جي قبر ڪا خاص نہ هئي. هيل ڏٺم تہ ٻيهي رهيس. ڏاڍا رنگ روغن ڏنل هُيا. بہ وڏيون سنگ مرمر جون تختيون لڳل هيون. شهيد رياض هڪ پاسي لکيل هو ٻي پاسي شهيد رياض جو والد مولا بخش لکيل هو. هونئن تہ ڪجين جا بہ چار ساوا ڪنپ اُڇلائي هليو ويندو هُيس. اَڄ ٻيهي رَهيس تہ هن گورِ غريب کي ڪنهن نوازيو. شهيد رياض کي تہ سندس پيءُ مولا بخش نوازيو هُيو. پر اُهو ڪير هُيو جنهن ڪيس شاهوڪارن واربن قبرن سان مقابلي ۾ بيهاريو هو. مٿن وڻن جا چانورا ۽ پاسي ۾ گل ٻوٽن جي بهار. مالڪ ڪا مهر ڪئي. يا مولا بخش جا پورهيا ۽ نيڪيون ثاب پيون. توڙي جو پڇاڙي جو سندس رُخ بيو ٿي ويو هو. شايد شهيد رياض ئي ڪيس مئي بہ جياري ويو هو.

مولا بخش کي تہ اوهان سڃاڻندا هوندا. اُهوئي 'تڪي ۾ ٻاتي'. "ڏوپار" ۾ 'ڪنچن ڪايا' وارو مولو ڪوهرن وارو. شهيد رياض جو پيءُ مولا بخش مشهور بيلف نہ ٿا سڃاڻو تہ نيڪ آهي. چاڪاڻ تہ اهڙا غريب يتيم ڪوهر وڪڻڻ وارا يا سنڌ جي شهيدن جا پيئر يا در در جتيون گسائيندڙ بيلف مري کپي ويا. ڪير ٿو کين ياد ڪري ڪير ٿو کين مانُ ڏي. پر قبرون نهرائي مانُ ڏيڻ بہ ڪو مانُ ٿيو. ڪير ٿو قبرستان ۾ وَڃي قبرون پسي يا ڪتبا پڙهي. پر دوستو! مون وٽ انهن بي نام بندن لاءِ وڏو مانُ آهي. مون انهن يتيمن غريبن سان گڏ گهاريو آهي.

مولا بخش عرف مولُو هڪ يتيم ٻار هو ۽ مون کيس ٻاڻ واري گهٽي ۾ هوڪا ڏيندي ڪُوهر (اوباريل چڻا) وڪڻندي ڏٺو. هڪ جست جي ٻاٽيءَ (هنديا) جي ڍڪ تي اخباري پنا، مرچ مصالحہ رکيل، بيو گهٽي گهٽي ڦرندو. سندس ماءُ

اسان جي حويلي جي گهرن ۾ پورهيو ڪندي هئي. صبح جو هو اسڪول به ويندو هو. منجهند جو پنهنجي ڪرت ڪندو هو. گذر سفر ڏکيو ٿيس ته پڙهڻ ڇڏي وَڃي ڪن دوڪانن تي ڪم ڪيائين، مزدوري ڪيائين، رَب راضي ٿيس يا ماءُ جي دعا لڳس، هڪ غريب پرور جج ڪٺي ڪورٽ ۾ پٽيوالي جي نوڪري ڏنس اُتان ترقي ڪري وَڃي بيلف ٿيو. مولا بخش لاءِ ته اها وڏي ترقي هئي. اسان جي ٺَر ۾ ڪورٽ جو بيلف وڏي ڳالهه آهي. هوڏانهن هڪ هو وَلي محمد جيڪو ڊرائيور مان بيلف ٿيو هو اُنهيءَ ته بيلفي مان جايون جوڙايون. سندس اولاد هاڻي لک پتي آهي. جهڙي تهڙي کي هٿ به نه ڏين. اسان جو هيءُ غريب ڪردار اُهو ئي غريب رَهيو. سول ڪورٽ جا سمن يا نوٽيس ڪٺي وَڃي ته ڪيس اُهو يتيم پورهيت سمجهي ماٺهو خرچي ته ٺهيو پر دڙڪا ۽ گاريون ڏئي ڪيدي ڇڏيندا هُيا. ڪن جي به چار ڏوڪڙ ڏنس ته هٿ پير چمندن ۽ پيو سندن سٺن پيڙهين کي دعائون ڪندو پر اسان جي اها ئي ڪوهرن ۾ چٽن واري دوستي هئي، سو هُنَ مون وٽان ڪڏهن پيرو نه پٽيو. اوطاق تي ايندو هو ته ويٺا پراڻا ڏينهن ياد ڪندا هُياسين. جڏهن مان نندي هوندي ڪيس سچي ڏينهن جي خرچي ٽڪو ڏئي ڪجهه چٽا ڪائي، گهڻيءَ ۾ پت سان ٽيڪ ڏيو وٽس ويٺو هوندو هُيس. ڪو وڏڙو سيٺ صاحب لنگهيو ته دڙڪو ملندو هُيو "اڙي گهورڙيو ٽيندين ڇا هل گهر؟" گهر ويندو هوس ته ڏاڏي سانئڻ پڇندي هئي "ابا مٺا! ڪوهر وٺي آئين؟" مان ماٺ. وري چوندي، "مولوءُ کي سچو سارو ٽڪو ڏئي آئين؟" مان گهڻي آڏي پڇا تي روئڻهارڪو ٿي ويندو هُيس ته يڪدم ڇاتيءَ لائي چوندي هُئي "نه منهنجا مٺا. تنهنجي لاءِ ٽڪا ڪوڙ". اهڙيون وڏڙيون، اهڙيون ڏاڏيون اَڄ ڪٿي؟

مولو مون کان ڪي سال وڏو هو پر هُئو ته ننڍو نينگر. اَچي حويلي جي ڏيڍي ۾ به ويهندو هو حويلي جا ٻارڙا، نينگريون، وڏڙيون ڏيڍيءَ جو ٻاهريون در بيڪڙائي اچي ڪانئس ڪوهر وٺنديون هُين. سندس ڏنڏو وڏيو ته هڪ وڏي ڇپي ۾ وَڪر وجهڻ لڳو هاڻ گدامڙي جي چٽڻي به ساڻ ڪٽڻ لڳو. سندس ماءُ جو اندر گهر ۾ ڪم ڪندي هُئي ته مولوءَ کي ڏيڍي تائين اجازت هئي، گهڻو نٽو وڏڙا به ڪيس نه روڪيندا هُيا. وڏڙو ٿيو ته ڏيڍي جا دروازا به بند ٿيا ۽ هو ڏڪجي وري وَڃي گهڻيءَ پيڙو ٿيو. آهستي آهستي ترقي ڪندي جڏهن مولوءَ مان مولا بخش بڻيو ته گهڻي

لاءِ بہ اوپرو ٿي ويو. مولا بخش جي ماٽ ميٽ ۾ شادي ٿي. ٻارڙا بہ ڄائس ڪو خاص خوشيون ڪونہ ڪيائين. اهو سو ڪيائين تہ بچت سَچت ڪري ٻارڙا پڙهائي وڏائين. ٻارڙا ننڍڙا ئي هُيا تہ عيد تي جڏهن اوطاق تي ملڻ آچي تہ ٻن پٽن کي وٺيو آچي. مان کين خرچي ڏيان تہ خوش ٿئي ۽ چوي "اها خرچي، سونُ آهي". مان چوانس تہ "مولا بخش اها سمنن واري خرچي نہ آهي، اها ٻچڙن جي خرچي آهي". وراڻيائين "مثل سائين الله اهڙو ڏينهن نہ ڏيکاريندو جو مان اوهان تي سمن يا نوٽيس ڪٽي آچان ۽ اهڙي خرچي پلئہ پويم. زهر نہ کائي چڏيان".

اسان جي ڪن مائٽن کي ڪورٽن ۾ ڪيس ڪرڻ جو شوق هُيو. ابن، ڏاڏن، ڏاڏين، پڙ ڏاڏن، پڙ ڏاڏين، نانن ۽ نانين جي ملڪيتن جون وتيندا هُيا دعوائون ڪندا. ڦهريائين وڏڙن جي فيصلن وسيلي ڏيڙ ڏونس يا ايلاز منٽن سان حصا وٺندا هُيا پوءِ ڪرائيندا هُيا ڪيس ۽ سول دعوائون. منهنجي اَبي ڏاڏي تي بہ نوٽيس ۽ سمن. پر اُهي وبا جهان ڇڏي تہ مون تي ۽ سڀني خاندان وارن تي نوٽيس ۽ سمن جاري ڪرايائون. مولا بخش کي حڪم ٿيو تہ گهرجي وڏي يعني مون تي تعميل ڪرائي، هُن اشراف جواب ڏنو حڪم ٿيو ولي محمد عرف وَلوءَ کي. هو اسان وٽ ڊرائيور رَهيو هو. هاڻ جو بيلف ٿيو بجاءِ اوطاق تي آچي، گهر آچي، هُل هنگامو ڪيائين ۽ دعوا ڪندڙن جي ڏاڍي نينگر کي وٺي آيو ۽ ٻنهي گڏجي، دَرَ تي لتون هنيون ۽ بدشد ڳالهايائون. منهنجي نڪرڻ ۽ گوڙ ڪرڻ تي ٻئي ڀڄي ويا. وَلي محمد عرف وَلو ڊرائيور پوپاڙي جو لڪي نوٽيس اچي در تي چنبڙايو مون پڙهيو پوءِ رات پيٽ ۾ ڪنهن ڦاڙي لاهي ڇڏيو. مون کي پوءِ خبر پئي تہ اهو مولا بخش هُيو. اها سندس شناس ئي هئي. مان ائين سمجهان ٿو: مولا بخش جو وڏڙو پٽڙو رياض مئترڪ پڙهي نڪتو تہ ڪيس وٺي آيو. "هن کي پڙهاءِ مون ۾ طاقت نہ آهي. پولي ٽيڪنيڪ ۾ داخلا وٺي ڏينس. بس هيءُ تنهنجو حوالي آهي".

رياض، سهڻو وڻندڙ ڏاهو نينگر هو. ننڍي هوندي کان مون وٽ جو ايندو هو تہ ساڻس نہ رڳو ويجهڙائي ٿي بنهہ اولاد وانگر پنهنجائپ محسوس ڪرڻ لڳس. رياض حيدرآباد ۾ پولي ٽيڪنيڪ ڪاليج ۾ پڙهيو. سندس رهائش ۽ ٻيو سڀ خرچ مون تي هُيو. شهر جي لائيف هئي سو رياض بہ رنگ ڪڍيو. هڪ ڏينهن ڳوٺ هجان تہ مولا بخش اوطاق تي آيو.

شاگرد ليڊر ٿي ويو آهي. ويڙهه ۽ جهيڙي ۾ بہ اڳرو آهي. ڪاليج جو پرنسپل تہ بنهہ چڙيو ويٺو هيو. شايد ڪاليج مان ڪڍيس ها پر منهنجي چوڻ آڪڻ تي ٿڌو ٿيو. مولا بخش جي بہ چئي آئي تہ رياض ڳوٺ اَچي ٿو تہ رڻ ٻاري ڏئي ٿو. انقلابي ڪامريڊ ٿي پيو آهي. نعرا. تقريرون ۽ جهيڙا فساد عام ڳالهہ آهي. ايڏانهن پڙهڻ وبو هو هت تہ ڳالهہ ٻي ڪري ٿو. مون ڪيس ڳوليو نيٺ هٽي هنڌ ڪيو ۽ منهنجي گهٽن نياپن بعد آيو. مون چوٽ ۾ چيومانس "رياض، هيءَ تو ڪهڙو وبل ٻاريو آهي. پڙهڻ آيو آهين يا جهيڙا ۽ فساد ڪرڻ. ڪامريڊ ۽ انقلابي ماڻهو تہ نہ ماربندا آهن. اُهي تہ اُنهن کي جيار بندا آهن".

چپ چاپ ويٺو ٻڌندو رهيو. مون ڳالهائي بس ڪيو تہ هڪدم ڳالهايائين. هن دفعي هيءَ اُهو رياض نہ هو. "ڏاڍ ڏمر ۽ آمريت جي خلاف جنگ جوٽڻ ڪو ڏوهہ نہ آهي. جبر جو جواب جبر سان جيستائين نہ ڏبو جَبر ختم نہ ٿيندو. مون دنيا جي عظيم انقلابين کي بہ پڙهيو آهي مون مائو. لينن. جي ايم سيد ۽ ٻين کي بہ پڙهيو آهي. مون شاهہ سچل بہ پڙهيو آهي. مون اوهان جي دور وارو مزاحمتي ادب بہ پڙهيو آهي. مون اياز تنوير. نياز امداد. شمشير. پليجي. رشيد ڀٽي ۽ جمال ابڙي کي پڙهيو آهي. مون اوهان کي بہ پڙهيو آهي. مون 'روح رهاڻ' جا جُلد بہ پڙهيا آهن. مون اسڪول جي لائبرري ۽ ٻيون لائبررين بہ پيتيون آهن. اوهان بہ وڏا تحريڪي، انقلابي رهيا آهيو ۽ سنڌ جي سورن جي ڳالهہ ڪئي اٿوَ.

"پر اسان ڪڏهن بہ جهيڙي فساد ۽ تشدد جي ڳالهہ نہ ڪئي هئي. مٿيان جيڪي بہ مفڪر تو ڳڻايا آهن. اُهي بہ تہ عدم تشدد جا حامي رهيا آهن. اسان تہ علم ادب جون ڏياٽيون ٻاري. گهر گهر وَجي محبت جا گيت ڳاتا آهن. اسان جلسا جلوس ڪيا هوندا جشن ڪرايا هوندا. اُنهن ۾ اسان جا وڏڙا. امڙيون. ڀينرون اسان سان گڏ هيون. اسان هڙتالون ڪونہ ڪرايون. اسان چندا پنا ڪونہ ورتا". رياض اٿي بيهي رهيو. "سائين اسان پنا چند اڪونہ وَرتا آهن. اسان بہ علم ادب پڙهون ٿا. اسان بہ محبت ۽ انقلاب جا گيت ڳايون ٿا اسان صرف تشدد ۽ زبادتي جو جواب ڏيون ٿا. سروٽي جو جواب سروٽي سان........

"ها. هاڻي نوهان پُرامن تعليمي ادارن ۾ سروٽا هلائيندؤ. ڇُريون ۽ چاڪون پستل هلائي پوءِ محبت جا گيت ڳائيندؤ. هاڻي بس! وڌيڪ بحث نہ

ڪبو. پيا تنهنجا ساٿي ڇا ٿا ڪن منهنجو انهي سان نہ وَجي. تون منهنجي ذميواري آهين. اَڄ کان وَني اُرهہ زورائي بند. اَڄ کان انقلاب اهو ايندو تہ تون پڙهندين رُڳو پڙهندين. پڙهي پورو ڪر. پنهنجي پيرن تي بيهہ پوءِ سڄو ملڪ پيو اٿئي پيل ۾ جيترا انقلاب وَٺئي سي سڀ آڻ. سنڌ جي ماڻهن جو انهيءَ انقلاب جي انتظار ۾ مٿو اَچو ٿي ويو آهي، ڏيڍ ڇمي ويا آهن. بس جي وڏو سمجهين ٿو تہ وَجي پڙهائي جو پورهيو ڪر. آخري امتحان بہ مٿان اٿئي نہ.....!!“

هُن ڪنڌ ڌوڻيو. سندس چپ پڪوڙيل هيا. رَت منهن تي بہ مڙي آيو هوس. هو هليو ويو ۽ پوءِ سندس انقلابي نمونو بند ٿي ويو. امتحان ڏئي پاس ڪري پوءِ مون وٽ آيو. انهيءَ وچ ۾ پئسي پنجڙ لاءِ نياپو نڙو ڪندو هو. هن ڀيري آيو تہ پريشان ۽ جهڪو هُيو. مون کيس امتحان جي مبارڪ ڏني ۽ چيو تہ بي ٽيڪ لاءِ فارم ڀري ڀريائين ہہ تي ڳيتون ڏنائين پوءِ آهستي آهستي ڳالهائيندو ويو. ”سائين، هاڻي بس، مان وڌيڪ پڙهڻ نہ ٿو چاهيان. مون کي ڪا نوڪري وٺي ڏيو تہ مهرباني ٿيندي مان جي ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽي ويس تہ پوءِ مان ہئي پاسي هليو ويندس.........!!“

”ڪهڙي پاسي؟“

”اُنهي پاسي جنهن جي اوهان کي ڳالهہ نہ ٿي وڻي“.

”تون پڙهي بيهہ پوءِ جهڙي پاسي وڃئي تنهن پاسي وڃجان. هاڻي تون ڳوٺ وَڃ. مولا بخش ۽ تنهنجي امڙ پريشان آهن. هفتي ڏيڍ ۾ مان اتي ايندس پوءِ فيصلو ڪنداسين“. هو تہ هليو ويو. مون کي اُن وبلي خيال نہ آيو. اخبار پي پڙهيم تہ ايم آر ڊي تحريڪ جون زوردار خبرون پي ڇپيون. ايم آر ڊي جو زور ٻهراڙين ۾ ڏاڍو هو. ننڍيو وڏو ماڻهو سنڌ سان ٿيل ڏاڍ ڏمر ڪري سَرِس ڪاوڙيل هو. وڏا زميندار ۽ اُنهن جا نينگر بہ پڙ ۾ لٿل هُيا. اسان وارو ٽُر ہريو ہيو هو. مون محسوس ڪيو تہ رياض کي اوڏانهن موڪلي مون غلطي ڪئي آهي. پر هٽ ڪهڙي برف پي وَسي. اهو سوچي ڪجه آٿت آيم. کيس دوستن ۽ ڪامريڊن کان ڇني ڌار ڪرڻ تي مان ڪو خوش ڪونہ هيس. مون کي اُلڪو هو تہ پرائو ٻار ڪنهن آويءَ ۾ نہ اَچي وڃي. پوءِ مولا بخش کي ڪهڙو جواب ڏيان ها. هاڻ مولا بخش پاڻ سنڀاليندس. تنهن هوندي بہ وسوسي جان نہ ڇڏي اُهو وَسوسو اُن ڏينهن پورو ٿي

ويو. جنهن ڏينهن اخبار ۾ پڙهيم ته نوشهري شهر ۾ وَنگ تي شاگردن ۾ پوليس جي چڪري ٿي جنهن ۾ پوليس خالي هٿين شاگردن تي گوليون هلايون. ڪي ڌڪيا ڪي بچيا پر رياض هڪ ئي گولي جو بَڪُ ٿي ويو. مون سوچيو پي ته پوليس وارن جو گولي سان ڪهڙو ڪم. هنن عمر هلايون لنيون، ڌڪا ۽ گئس. شاگردن جا خاص طرح مٿا چٿڻ ۾ ته ايڪسپرٽ هُيا. چوٿين مارچ واري واقعي جا چٽيل مٿي وارا شاگرد اَج تائين سنوان نه ٿيا. هيءَ ته ڏاڙيلن وٽ گوليون بارود چڏيو آچن. هيءَ شاگرد ڪهڙا ڏاڙيل يا رهزن هُيا جو سڌيون گوليون پي هلايائون، بين ماڻهن جيان پڪڙي ٿاڻي تي 'سچ پتر' هڻن ها ته به ڪا ڳالهه هئي. گوليون هنيائون به رائيفل جون!! ماريون به رياض، جنهن جو مون ۽ مولا بخش پاڻ ئي مٿو چٽي سانچي ۾ وجهي دولا شاهه جي ڪوئي وانگر ڪري چڏيو هو. هيءُ ڪهڙو قهر ٿي ويو هو. مولا بخش ۽ سندس گهر واريءَ جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو. مان وٺي پڳس ۽ پنهنجي ڳوٺ پنهنجي شهر نوشهري وڃي پهتس. جنهن جي گهٽي گهٽي ويران هئي، رستا ۽ چوڪ سنسان هُيا. دوڪان بند. ماڻهو الائي جي ڪاڏي هليا ويا هُيا. پوليس جو هن خاموش شهر کي ڪڙو ڏنل هو. مون کي اُهي ماڻهو نه پي لڳا جو هنن جا منهن ڦريل، مٿي تي لوهي ٽوپ، بندوقون اُبيون، منجهن سنگينون لڳل. نه دُشمنن نه ويرين جو نشان. هيءُ ڪهڙو جنگ جو ميدان هُيو هيءَ ڪهڙي جنگ هئي، جو فضا ۾ اَجا تائين دونهين ۽ بارود جي بوءِ هئي. مان سڌو مولا بخش جي گهر وڃي پهتس. گهٽي ۾ تڏو وڇايل هو. ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ويٺا هُيا. مولا بخش مليو نه اوچنگار ڏنائين نه پار ڪڍيائين. 'رب جي رضا' جي جواب ۾ 'سائين قبول آ' چئي خاموش ويٺو رَهيو. مون اطلاع نه ڪرڻ ۽ جلدي جلدي ۾ رياض کي دفنائڻ جو ڏوراپو ڏنو. هُنَ ڪو جواب نه ڏنو. پرسان سندس عزيز ماستر صفر ويٺو هو. تنهن وراڻيو "سائين پوليس، فرياد به نه وَرتو پوسٽ مارٽم به نه ڪرايو ڏنڊو ڪٽي بيٺي ته جلدي دفنايوس بنهه پيرا ڊاهيو اسان ته رات ئي ڪيس دفنائي ڇڏيو. ڪلهه منجهند ڌڪيونس. ڪي ڪلاڪ ونگ واري روڊ تي پيو رَهيو. گولي به ران کي چيري ڦاڙي نڪري وئي. هو رَت وَهائي گذاري ويو". "پر ٿيو ڇا، اهو ڪيئن ٿيو". مون ڪيس ڪتيو. هو اجان ڪجهه ٻڌائي ها ته مولا بخش اُٿي بيٺو ۽ مون کي ٻانهه کان ڇڪيائين ۽ اُتاري پاڻ سان ساڻ ڪنيائين. گهٽيءَ جي ڇيڙي تي سندس گهر

هيو. اوڏانهن وني هليو. ”بابا پاسي — بابا پاسي“ ڪندو اڳڻ ٽپي، هڪ ڪمري ۾ هلي وهاريائين پوءِ هو گهڙيءَ کان پوءِ هڪ ڪمزور ۽ نبل مائيءَ کي سهارو ڏئي اندر وني آيو. مون کيس بنهه نه سڃاتو. هڪ جهريل، جهولن ۾ جهڪن ماري چڙيل چتن سان ڪا عورت هئي. هن جڏهن ويجهو آچي دانهن ڪئي. ”او ادا، او ادا، منهنجي رياض کي ڪاڏي ڪيئه. پاڻ سان ڪونه وني آئين. مون ته رياض توکي ڏنو هو. ڪاڏي ڪيئه رياض. مون کي پنهنجو رياض موٽائي ڏي منهنجو رياض، منهنجو رياض...........“ چوندي هوءَ مورڇا ٽي ڪري پئي. يڪدم مولا بخش ۽ بين ماين کيس کڻي کٽ تي ليٽايو. پاڻي جا ڇنڊا هنيا. هوءَ سامت ۾ آئي. پر سندس دماغ جاءِ تي نه هو. مان گهر مان ٻاهر نڪري آيس. مولا بخش به مون سان گڏ ٻاهر نڪتو. ٻاهر در تي کٽي ٻيهاربومانس. ”مولا بخش! اهو ٿيو ڪيئن؟“ مولابخش جا ڳوڙها جڻ سڪي ويا هيا. هُن ڳالهه ائين ٻڌائي جڻ ڪو راويءِ ٻئي ڪنهن جو قصو بيان ڪندو هجي. ”مان ٿي سائين، کيس قابو ڪيو هو. دوست ساٿي ايندا هيس. مان کيس وجڻ ڪونه ڏيندو هُيس. هن ايم آر ڊي جو زور به زور هُيو. پيو ڦٽڪندو هُيو. مان ڪلهه ڪورٽ ويو هيس ماٺس کي جهلي ويو هُيس ته کيس ٻاهر نه ڪيڍي جو ڇوڪرن جو روز جلوس نڪرندو هو. ڪلهه به زوردار جلوس نڪرڻو هو. ماٺس پي ٻڌايو ته نعرن جا آواز ٻڌي پيو ته ڇوڪرو لُڇي پيو.

”آمان مون کي وڃڻ ڏي

آمان مون کي وڃڻ ڏي“.

ماٺس به اندران ڪُلف ڏئي ڇڏيو هو. هو به پڃري ۾ ڦاٿو هو سو شينهن وانگر اڱڻ ۾ پيو آچي وڃي. نيٺ گڙڻ لڳو. رڙيون. واڪا. دَر کي ڪلها پيو هڻيس. ڪُلفُ پيو ڇڪي ۽ پٽي. ٿڪي ۽ ساٺو ٿي ماٺس جي پيرن تي ڪري پيو.

”امان مون کي وَڃڻ ڏي مان پري کان ٻيهي ڏسندس. واعدو آ جلوس ۾ جلسي ۾ شريڪ نه ٿيندس. منهنجي آمان ناهين، مني ناهين“. ماءُ آخر ماءُ آهي سائين. ماٺس ڪلف کولي کيس ڇڏيو پر گهٽي تائين، مٺس دعائون پڙهندي شوڪاربندي آئي. ڇو ته ڪيترن ڏينهن کان جو جلوس هُيا، پوليس جو لٽ ڏُڪو کين گهٽين ۾ ٻوڙائڻ جو سڀ خبرون هيس. ويو ته اجهو ائين لاش ٿي وَريو.

چون ٿا تہ هيءُ پريان بيٺو هو. ڇوڪرن ۽ نوجوانن جون ڇڪريون هليون پي اوچتو گولين جي تڙ تڙ ٿي وئي. هيءُ تہ جلوس ۾ ڪونہ هو. الائي ڪٿان اها نياڳي گولي آئي، سا بہ رائيفل جي سَٿُر ڇيري وَيس. هو گولين جي نڪائن، ماڻهن جي پيچ پيچان ۾ اُتي بي دريافتو پيو هو. مان گهر تي پهتل هيس پي گهر واريءَ سان جهيڙيم. ائين گولين جا ڏوڏات جو ٻڌم تہ وني پڳس. ويجهو پهتس تہ پوليس وڃڻ نہ ڏنو ڪلاڪ ڏيڍ ڪان پوءِ ڇڏيون، هيءُ روڊ تي هڪ مانڊڻي وٽ ڪنڌائتو پيو هو. رَت ريلا ڪيو پي وَهيو. سائين بس ميدان جنگ هيو. ڪي ڪٿي ڏڪيا پيا هُيا ڪي ڪٿي. هر ڪنهن پنهنجن پيارن کي پي ڳوليو. مون کي بہ رياض ڏکيو لڌو. مون کيس هن حال ۾ ڏٺو تہ وني دانهون ڪيون ڪي جوان ڪي نينگر ڊوڙندا آيا. ڪنهن ستر کي پوتڙي سان ٻڌو. اجان هوش هيس. اسپتال وَڃون تہ وَڃڻ نہ ڏين پوليس ڏِڪي گهر اُماڻيو. گهر ۾ ڇا نہ ٿيو هوندو، ماتم هو ماتم. مون کي سڏي ويجهو ڪيائين ۽ چيائين تہ سائين کي چئجان تہ 'ڀڳو آءُ نہ چوان' پيو شاهہ سائين جو سچو بيت پڙهيائين. الائي جي ڪيئن آهي ڏڪڙا سيڪيندي سهان...... مون کيس هٿ سان روڪيو. مان هاڻ روئڻ لڳو هيس. پوءِ چيم: "مولا بخش اهو هيئن آهي، جي سمجهين: "ڀڳو آءُ نہ چوان، ماريو تان وسهان ڪانڌ منهن ۾ ڏڪڙا سيڪيندي سهان تہ پڻ لڄ مران جي هئنس پٺ ۾". اها ڳالهہ ٻڌائي ٿي تہ هو ميدان جنگ ۾ هو ۽ ڊوڙي وَڃي شريڪ ٿيو هو. رياض، شهيد ٿيو آهي. هُن کي پٺ ۾ ڏڪ نہ هُيا. ڀڄندي ڪونہ مئو هو".

هو خاموش بيٺو رَهيو. مان آهستي ڇُرندو گهر آيس شهر ۾ ڇوڏاري اوندهہ هئي. منهنجي اندر ۾ بہ اوندهہ انڌڪار هُيو. مان تڏي تي ويندو رهيس نيٺ تڏو ڪجيو. مون ڪائنس موڪلايو پي تہ هو منهنجي ويجهو آيو ۽ چيائين، "مون هڪ فيصلو ڪيو آهي. سائين! شهيد جو خون رائيگان نہ ويندو آهي. مان ڪين نہ ڇڏيندس. ڏسو تہ مان ڇا ٿو ڪيان. شهيد رياض جتي ايم. آر. ڊي تحريڪ کي ڇڏيو آهي اُتان مان ڪٽندس. سنڌ جي ماڻهن کي حق وني ڏيندس. مان تڪڙي رٽائرمنٽ وني تحريڪ هلائيندس". هن تحريڪ جي شروعات اُنهي ڏينهن ڪري ڇڏي مان اوطاق وٽ بيٺو ئي هيس ۽ حيدرآباد نڪرڻ جي تياري پي ڪيم تہ اوچتو نعرا ٻڌم ڏسان تہ بازر واري گهٽي مان هڪ جلوس آيو پي. نوجوان

چوڪرڙا، ڪي وڏڙا، ڪي ٻارڙا ڏوڪيندا آيا پي. مولا بخش اڳيان هُيو. ڪيس گلن جا هار پيا هُيا. نعرا پي لڳا "قاتلو حساب ڏيو—— خون جو حساب ڏيو. انقلاب زنده آباد. شهيد رياض زنده آباد— مولا بخش زنده آباد". جلوس اڳيان ڪي نينگر سُر سان گيت ڳائيندا پي هليا. "تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين اعلان هزارين مان نـ رُڪو". پوءِ ڪن وري ڳائڻ شروع ڪيو". اج اٿڻو آهي شينهن جيان، ڪنهن آنڌي آندل مينهن جيان. ۽ ٻوڙان ٻوڙ اسهڻو آ، ها تا ٻڙ توڙ اسهڻو آ". هيءُ جلوس سڌو اَچي مون آڏو اوطاق تي بيٺو. ڪنهن نعرو هنيو "منل سائين زنده آبادا"

مون هٿ سان اشارو ڪري کين خاموش ڪيو ۽ چيو "دوستو چئو شهيد رياض زنده آباد" نعرن جي گونج ۾ مولا بخش کي وڏي ڀاڪر پاتم. هن دفعي هن جي اکين ۾ پاڻي هو ڳوڙها ڳڙي پيس. مان بہ هئس ڏکوپل بنهہ روئي پيس. اوچتو هڪ جوان چيو تہ "سائين چئو! انقلاب زنده آباد" مون ڪجهہ نہ ڪچيو. ڳوڙها اُگهندو اوطاق ۾ اندر هليو آيس. مون چوڻ ٿي چاهيو تہ ويچاري سنڌ ۽ سنڌ جا ابوجهہ ماڻهو صدين کان، انقلاب جو انتظار ڪندا رَهيا آهن پر ويچارو انقلاب ٻين هنڌ پهچيو وڃي، پر هتڙي نہ ايندو آهي. مون کي مولا بخش جون خبرون ملنديون هُيون. هُن رٽائرمينٽ ورني چڏي هئي. ايم. آر. ڊي جي اڳواڻن کيس سڌي چڱي مالي امداد ڪئي. شهر جي چڱن مڙسن بہ سندس مدد ڪئي. آهستي آهستي هُن کي هير پئي ۽ هو گهر گهر، هر هنڌ شهيد رياض نالي ۾ چندا چيڙا ڪرڻ لڳو. پهريائين تہ ماڻهن دل کولي ڏنو پوءِ آهستي آهستي ٿڏا ٿيندا ويا. هاڻي مولا بخش کي ڏسندا هُيا تہ گهٽي مَٽي ويندا هُئا. جلسا ۽ جلوس پورا ٿي ويا هُئا. گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ وڃڻ ٿيو. مولا بخش آيو. گهڙي وينو ۽ پوءِ چيائين: "منل سائين اوهان سان الڳ ڳالهائڻو آهي." جيئن ئي پئي ڪمري ۾ ويناسين تہ هو شروع ٿي ويو "سائين، شهيد جي زبردست قبر نهرائي اٿم. اُن جي نالي ۾ ٻارهي جي موقعي تي هڪ وڏو جلسو ڪرڻو بہ اٿم. اوهان جي امداد جي ضرورت آهي" مون کيسي مان ڪجهہ نوٽ ڪڍي کيس ڏنا. يڪدم چيائين: "سائين هنن مان ڇا ٿيندو." ڏس مولا بخش هيءُ پئسا اُنهن سمنن ۽ نوٽيسن جي حساب ۾ خرچي آهي. جيڪي تو در در وڃي هاڻوڪي چندي چيڙي

وَري وبئي هئي." هن واءُ ۽ مٽيءَ ۾ اکيون ٻہ پرجي ويو اٿم. اهي ڳوڙها ان ڪري آهن.

"بابا پر ڪاٿي آ مٽي، ڪاٿي آ ريتي؟" مون ڪيس سجي قبرستان ڏي اشارو ڪندي چيو". انهيءَ ريتي ۽ مٽي ۾ جيڪي سنتل آهن هيءُ اُنهن جي مٽي آهي." هُن سمجهيو الائجي يا نہ. پاءُ مون کي ٻانهن کان وٺي هلڻ لڳو تہ شاهہ سائين جي هيءُ سٽ هيئين تي تري آئي:

لڳي لڳي واءُ وِيا انگڙا لتجي.

ٻي سٽ ياد هُئي پر مون ۾ پڙهڻ جي سگهہ هئي نہ حُجت ۽ نہ وري حقداري.

❑

ريڊيائي ناٽڪ

# طوفان ۾ رات

### ڪردار

1. زرينہ -(هيروئين)
2. اصغر -زرينہ جو سؤٽ
3. حامد -زرينہ جو پيءُ
4. امينہ -زرينہ جي ماءُ
5. سلطان -ڊاڪٽر (هيرو).

(1)

(ابتدائي موسيقي ۾ رات جو تاثر)

(طوفان ۾ مينهن جو وسڪارو)

زرينہ: (ڪنگهڻ جو آواز) توبهہ! هيءُ طوفان ۾ مينهن شايد ختم نہ ٿيندو. ايڏو مينهن ۾ ههڙو طوفان! خبر نہ آهي تہ ڇا ٿيندو؟ بتي وسائي سمهان. من آرام اچي ۾ هيءَ پاسي واري دري بہ بند ڪريان. (بتڻ بند ڪرڻ جو آواز) (دري بند ڪرڻ جو آواز) زندگي ڪيڏي نہ عجيب آهي! دل جي دنيا ئي، حقيقت جي دنيا ئي. بتي وسايم تہ اوندهہ ٿي ويئي ۾ دري بند ڪيم تہ مينهن ۾ طوفان کان بچاءُ ٿي پيو. پر دل جون دريون ڪيترو بہ بند ڪريان تہ بہ ماضيءَ جي ياد الائجي ڪٿان ٿي هليو اچي. شايد اهو سڀڪجهہ هن طوفان ۾ انڌاري رات جو سبب آهي.

(در جي ڪڙڪڻ جو آواز) هون! در ڪنهن ڪڙڪايو. هن وقت ڪير هوندو؟ شايد منهنجو وهم آهي. (در آهستي پوءِ زور سان ٽو ڪڙڪي) شايد طوفان جي زور ڪري پيو دروازو ڪڙڪي. خير! ڀلا مون وٽ رهيو ڇاهي، جو ڪير اچي منهنجو در ڪڙڪائيندو. سڄي زندگي انهيءَ ڪڙڪي جي سهاري تہ گذري ويئي ۾ اڃا بہ خبر نہ آهي تہ انتظار جو ڪيترو عذاب سهڻو پوندو.

(در کڙڪڻ سان ڪنهن جو آواز اچي ٿو.)

مسافر: دروازو کوليو دروازو کوليو.

زرينہ: واقعي ٻاهر ڪو آهي. پر مان در ڪيئن کوليان؟ ڪٿي اسلم کي ٿي جاڳايان، پر نہ، اجايو هن جي ننڊ ڦِٽو ڦِٽايان، مان ئي ٿي پڇان. (دروازو کوليندي)

زرينہ: ڪير آهي؟

مسافر: مان آهيان، هڪ مسافر!

زرينہ: هن مهل ڪهڙو ڪم اٿئي؟

مسافر: مسافر جو ڪهڙو ڪم ٿي سگهي ٿو؟ مون کي اَجهو کپي.

(زرينہ خاموش رهي ٿي.)

مسافر: محترمہ! اوهان اطمينان ڪريو. هن مينهن ۽ طوفان جي ڪري منهنجي موٽر خراب ٿي پيئي آهي ۽ آءٌ پنهنجي منزل تي نہ پهچي سگهيس. آءٌ دراصل پرئين ڳوٺ ۾ هڪ مريض کي ڏسڻ ويو هوس.

زرينہ: (تعجب مان) ڇا اوهان ڊاڪٽر آهيو؟

مسافر: هائو مريض جي حالت تمام خراب هئي ۽ منهنجو اتي وڃڻ ضروري هو. اوهان پاڻ ڏسو پيون تہ ڪيترو نہ سخت طوفان ۽ مينهن آهي! بس اوهان جي گهر وٽ ئي گاڏي خراب ٿي پيئي مجبوراً اوهان کي تڪليف ڏني اٿم. (تعجب مان) ليڪن، هن هيڏي ساري گهر ۾ ٻيو ڪير بہ نٿو ڏسجي.

زرينہ: اوهو! اوهان اندر تہ اچو. (در بند ٿيڻ جو آواز) آءٌ اڪيلي ڪانہ آهيان، منهنجو هڪ ساٿي بہ هت موجود آهي. (ٿڌو ساهہ ڀريندي) اوهو! اوهان جا تہ سيئي ڪپڙا پِڃي پيا آهن!

مسافر: اها ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. بارش ۾ تہ ائين ٿيندو آهي. منهنجي خيال ۾ مون کي ٿورو انتظار ڪرڻ گهرجي. ممڪن آهي تہ بارش جلد بند ٿي وڃي.

زرينہ: اهو تہ چئي نٿو سگهجي. بهرحال، اوهان هُن ڪمري ۾ وڃي ڪپڙا مٽائي سگهو ٿا، اُتي ڪي ڪپڙا پيا آهن.

مسافر: مهرباني، اوهان کي سچ پچ تڪليف ڏني اٿم.

زرينه: نه نه، اوهان اطمينان رکو. ڏسو ڪجهه سردي به آهي، جلد ڪپڙا مٽائي اچو آءٌ اوهان جي لاءِ چانهه تيار ٿي ڪريان.

(2)

زرينه: (پنهنجي ڪمري ۾ پنهنجي ليکي) هن اجنبي جو آواز لهجو، چاتل سڃاتل پيو لڳي. الائجي ڇو دل پيئي چوي ته ان سان ڳالهاءِ ۽ ڳالهائيندي رهه. ايستائين جو صبح ٿي وڃي، پر آءٌ هي ڪهڙيون ڳالهيون پيئي سوچيان! هو ته هڪ اجنبي آهي. ان هوندي به هن مان اجنبيت جي بوءِ ڇو نٿي اچي! هن مان ڇو هڪ قسم جي پنهنجائپ ۽ پيار- اوهه نه، اوهه نه- مان وري اڄ پيار ۽ پنهنجائپ جا ويچار ويچارڻ ويهي رهيس. ڪنهن جي ڳالهين تي مست ٿي مون انهن کي زندگيءَ جي منزل بڻايو وري ڪنهن پيو ڪجهه ٻڌايو ته وڏي وڃي انهيءَ خيابان کي وَسايم. اڄ وري مان- مان، ڪجهه نه سوچيندس، مان ڪجهه نه سوچيندس.

مسافر: جِيءُ.

زرينه: معاف ڪجو هن وقت پيو ڪجهه به انتظام نه ٿي سگهيو هي ڪجهه بسڪيٽ ۽ ٿوري مٺائي حاضر آهي.

مسافر: اوهان سچ پچ ڏاڍي تڪليف ڪئي آهي. هنن شين جي ڪا ضرورت به نه هئي. پر هائو اوهان چيو هو ته اوهان سان گڏ ڪو پيو به هت رهي ٿو. شايد اوهان جو خاوند هوندو؟

زرينه: (خاموش).

مسافر: (ڪِلنديي) اوهان مون کي جواب ڏيڻ پسند نٿيون ڪريو. اوه! معاف ڪجو شايد مون اوهان کي ڏکويو آهي!

زرينه: نه، زندگيءَ ۾ ڪير ڪنهن کي ڏکوئي نٿو سگهي. جيسين پاڻ اُٿي، ڏک کي ڪير سڏي پنهنجو نه ڪري. منهنجو خاوند مون کي ڇڏي هليو ويو آهي، ان باري ۾ آءٌ وڌيڪ ڪجهه به ٻڌائي نٿي سگهان.

مسافر: محترم! مون کي سخت افسوس آهي، پر الائجي ڇو منهنجي

دل چاهي ٿي تہ آءٌ ان بابت اوهان کان پڇان تہ اهو سيڪجهہ ڪيئن ٿيو؟ حق تہ ڪونہ اٿم، پر ڪڏهن هڪ گهڙيءَ جي ملاقات ورهين جو رشتو قائم ڪري ڇڏيندي آهي، تنهنڪري..

زرينہ: اهو ذڪر ڪري اوهان منهجي ماضيءَ تان ڇڻ تہ پردو کنيو آهي. مون فيصلو ڪيو هو تہ آءٌ پنهنجو ماضي ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائيندس، حال ۾ ڪنهن کي بہ حاليائي نہ ڪنديس، اوهان جيڪي ڪجهہ چئو ٿا، ان ۾ ڪنهن ڪهاڻيءَ جي ٻڌڻ جي اشتياق کان سواءِ ڪي بہ ڪينهي. پر اوهان کي معلوم نہ آهي تہ اُن ڪهاڻيءَ کي ڪڙين کي مِلائڻ ۾ مون کي خود بہ ڪنهن ٻئيءَ ۾ جلڻو ٿو پوي، مان ڪهاڻيءَ جي هڪ ڪڙي نہ آهيان، هڪ زنجير آهيان، جنهن کي ڏک هٽي ذار ڪيو ويو آهي.

مسافر: توهان شايد ناراض ٿي ويون!

زرينہ: مان ناراض ڪانہ ٿي آهيان، پر ڪنهن جي مٿان ڪا بہ ذميداري وجهندؤ تہ هو خوش ڪين ٿيندو. هن جهڪي روشنيءَ مان اوهان کي ڏسي تہ نٿي سگهان، ۽ نہ توهان جي چهري جو ڪو تاثر مون تي ڪو اثر ڇڏي ٿو. پر ايترو ضرور آهي جو اوهان جي آواز جي گونج الائجي ڇو مون کي ڪبترائي ورهيہ پوئتي ڪٺي ٿي وڃي، جتي اهڙي گونجدڙ آواز مون کي سهارو ڏنو هو.

مسافر: ڪير هو اُهو؟

زرينہ: اُهو منهنجو مڙس هو.

مسافر: ها ها، توهان خاموش ٿي ويا.

زرينہ: الائجي ڇو منهنجو سڄو ماضي مجسمي جي صورت ۾ مون وٽ موٽي آيو آهي، ماضي، ماضي! (موسيقي ۽ هلڪن مردانہ ٽهڪن جا آواز.)

زرينہ: منهنجي زندگي خوشين ۽ مسرتن ۾ گذري، پر انهن مسرتن ۽ خوشين جو وڏو عيوضو ادا ڪرڻو پيو. شايد انهن لاءِ منهنجو وجود بيڪار هو. پر اها تہ بعد جي ڳالهہ آهي. هو ٻڌو پيا نہ، هلڪا سُريلا ٽهڪ؟ ڪيڏا نہ وٽندڙ ۽ زندگيءَ سان ڀرپور ٽهڪ آهن اُهي. اوهو! اوهان حيران ڇو ٿا ٿيو؟ اهي آواز اوهان کي شايد نٿا ٻڌڻ ۾ اچن. اهي آواز منهنجا ۽ اصغر جا آهن.

سال اڳ... اصغر، جنهن کي مان ڪجهه به ڏيئي نه سگهيس!

(ٺهڪن جي گونج تيز ٿي وڃي ٿي)

(ماضيءَ جي ياد تازي ڪندڙ موسيقي)

(3)

زرينه: اصغر! اصغر! توکي ٿيو ڇا آهي، جو ايترو ڪِلين ٿو؟ توبهه! تو ته ڪِلڻ سان حد ڪري ڇڏي.

اصغر: ڪِلان نه ته رُئان؟ هيڏڙي مان هيڏو قصو ٿي ويو آهي ۽ تون چوين ٿي ته آءٌ چُپ رهان.

زرينه: آخر ڳالهه ڇا آهي؟ ڪجهه مون کي به ته ٻڌاءِ.

اصغر: زرينه! هو آهي نه اسان وارو ماسات... گل.

زرينه: ها، ها، هُن کي وري ڇا ٿيو؟

اصغر: ڇا وري ڇا ٿيو؟ هن جي زبيده سان شادي ٿيڻ واري آهي.

زرينه: واهه واهه! اهو ته ڏاڍو سٺو ٿيو.

اصغر: سٺو وري ڏوڙ ٿيو. ڪيڏانهن گل، ڪيڏانهن زبيده! گل کي هجي شابس جو اهڙي عجيب صورت واريءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو آهي.

زرينه: شاديءَ جو مطلب ڇوڪريءَ جي سونهن کي پوڄڻ آهي ڇا؟

اصغر: پر ٻڌ نه. وري مون سان مليو ته زبيده جون ايڏيون تعريفون پيو ڪري جو ڇئي ڪٽي بس ڪر. سچي، کِل اچي ويئي. مان ته کلندي کلندي بيحال ٿي ويس.

(وري کلي ٿو)

زرينه: (ڪجهه تيزيءَ مان) اصغر!

اصغر: ڇا ٿيو زرينه!

زرينه: اصغر! تون انهيءَ زماني سازيءَ جي ڄار مان هٽندين به يا نه؟ ائين نه ٿئي جو ڪنهن وقت ڪو بيو زماني جو روپ ڌاري توتي چٿرون ڪري!

اصغر: انهيءَ ۾ ڪابه زماني سازي نه آهي، بلڪ هڪ قسم جو

حقيقتن تان پردو کڻڻ آهي.

زرينه: پردو کڻڻ! اهو به ڪهڙيءَ طرح؟ واه واه. توکي شايد اها خبر نه آهي ته زبيده جيتري تعليم پرائي آهي، ان کان وڌيڪ ذهين آهي. گل هن جي ذهني صلاحيتن ۽ خوبين کي چڱيءَ طرح جاچيو آهي، چڱيءَ طرح پرکيو آهي، ۽ تنهن کان پوءِ ئي هن کلم کلا اعلان ڪيو آهي. توکي اها به خبر هوندي ته زبيده سان ڪير به شادي ڪرڻ لاءِ تيار نه هو نه پنهنجن مان نه ڌارين منجهان ئي. گل لاءِ ڇوڪريون ڪونه هيون ڇا؟ اصغر! انهن ڳالهين کي مٿاڇرو نه جاچ تون مٿاڇري کي جاچيندي گَهرائيءَ کي وساري ٿو ويهين.

اصغر! هون! اڄ ته ليڪچر جو موڊ آهي!

زرينه: ڇا به هجي، مان رڳو اهو ڄاڻان ٿي ته هن زدگيءَ ۾ منهنجي لاءِ جيڪڏهن ڪا ٻي شيءِ وڻندڙ آهي ته اها ضرور خوبصورت هوندي. خوبصورتي ۽ سونهن سان منهنجو پيار آهي ۽ سيرت به سونهن جي هڪ علامت آهي. آءٌ چوان ٿي ته زندگيءَ ۾ ذهني هم آهنگي انسانن کي ويجهو ڪري ٿي ۽ پوءِ...

اصغر: ۽ پوءِ پيار شروع ٿو ٿئي، يعني رومانس (ٺهڪ ڏئي ٿو).

زريه: (کلندي) حرڪتي!

اصغر: زرينه! سچي ڳالهه ٿو ڪريان. اسان ٻنهي ۾ ڪيڏو نه ذهني اختلاف آهي. هر ڪنهن ڳالهه تي جهيڙو ۽ بحث. پر، پر، تون ائين نٿي چئي سگهين ته اسان ۾ پيار نه آهي. اسين هڪٻئي سان ايترو ته پيار ڪريون ٿا، ايترو ته...

زرينه: بس اصغر!

اصغر ڇو: زرينه! توکي منهنجي ڳالهه نه وڻي؟

زرينه: نه، بلڪل نه.

اصغر: ته پوءِ توکي منهنجي انهيءَ ڳالهه تي اعتبار ڪونهي؟

زرينه: اعتبار؟ اعتبار ته آهي!

اصغر: ته پوءِ هن انڪار جو ڇا مطلب؟

زرينه: (جذباتي ٿي) اصغر! اصغر! مون کي پاڻ تي اعتبار ڪونهي،

اصغر!

اصغر: زرينہ! هيءَ تون ڇا پيئي چوين؟ ٻڌ تہ سهي، اڙي وئي هلي، عجيب ڇوڪري آهي!

(4)

امينہ: زرينہ! زرينہ! اڃا تو نيرن بہ نہ ڪئي آهي، ڪاليج جو ٽائيم اچي ٿيو آهي.

زرينہ! امان! ڇا ڪريان، اک لڳي ويئي.

امينہ: ايترو بيخيالي نہ ٿيءُ. تنهنجون اکيون ٿيون ٻڌايئن تہ رات جو گهڻيءَ دير تائين پڙهيو اٿئي.

زرينہ: نہ امان! بس، اونهين ننڊ نہ آئي.

امينہ: هون! ڇو ڀاڻين گُل سان ڪو جهيڙو ٿيو آهي ڇا؟

زرينہ: نہ امان! اهڙي ڳالهہ ڪانهي. بس ائين ئي ننڊ نہ آئي.

امينہ: نہ نہ، آءُ سڀ سمجهان ٿي. اوهان جو جهيڙو تہ ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو. اِجهو هو ايندو تہ سندس منهن بہ سُڄيو پيو هوندو.

زرينہ: نہ امان! سچ ٿي چوان تہ اهڙي ڳالهہ ڪانہ هئي.

امينہ: تڏهن ڪهڙي ڳالهہ هئي؟ مون کي ٻُڌائين ڇو نٿي؟

زرينہ: ڪجهہ نہ آهي امي! مون کي دير ٿي ٿئي، مان وڃان ٿي.

امينہ: ڇانهہ تہ پيءُ. زرينہ! زرينہ! ٻُڌ تہ سهي. (زرينہ جي وڃڻ جو آواز).

حامد: ڇو ڇا ٿيو؟

امينہ: ڇا وري ڇا ٿيو؟ مون کي تہ هن ڇوڪريءَ جي خبر ئي نٿي پوي، الائي ڪنهن تي ويئي آهي، گهڙيءَ ۾ تولو گهڙيءَ ۾ ماسو! اُتي جو اُتي پئي پنهنجي سؤٽ اصغر سان کِلندي ڳالهائيندي، اُتي جواُتي مِٽ مِٽَ تي چڙهي ويندس! رات ڪو وري وڙهيا آهن. بس نيرن بہ نہ ڪيائين، وري پڇجيس ٿو تہ ڪوبہ جواب ڪونہ ڏيندي!

حامد: ٻار آهن، پيا وڙهندا ۽ پرچندا تون تہ اجايو پئي پاڻ پتوڙين.

امينہ: توهان بہ ڪمال ٿا ڪريو. هيڏي عمر اچي ٿي اٿن ۽ اوهان اڃا

تائين ڪين ٻار ٿا سمجھو. منھنجو تہ خيال آھي تہ جيئن توھان ڪي ادي اڳ ۾ چيو آھي تيئن توھين وڏيڪ ڳالھيون ٻولھيون ڪري، امتحان پوري ٿيڻ کان پوءِ ٻنھي جي شادي ڪري ڇڏيو.

حامد: پر زرينہ جي ماءُ! مون کي ھڪ ڳالھہ کٽڪي ٿي: ڪيڏو بہ ٻنھي ۾ پيار آھي پر ساڳئي وقت ٻنھي جي خيالن ۽ عادتن ۾ بہ وڏو اختلاف آھي. ذھني طور ٻيئي ھڪٻئي کان پري آھن. ظاھري طرح تہ کلندا ڳالھائيندا ٿا رھن، پر جيڏيءَ مھل ڪابہ اھڙي ڳالھہ ٿئي ٿي تہ ھڪٻئي کان ڇڄي ڌار ٿيو ويھن. انھن سڀني ڳالھين کي بہ ڌيان ۾ رکڻو آھي.

امينہ: اوھان کي تہ سدائين انھن ڳالھين جي اٽڪڻ ھوندي آھي: ھوڏانھن ڇئو ٻار آھن، ھوڏانھن سندن طبيعتن جو پيا ذڪر ڪندا. توھان جي ڌيءَ بہ توھان تي ويئي آھي. ڏوھہ رڳو توھان جي ڌيءَ جي ھٺيلي طبعيت جو آھي.

حامد: (کلي ٿو) توسان تہ ڪا ڳالھہ ڪري آءُ اڙجيو وڃان. ٻار جي ڳالھہ ڪرڻ کي کٽي ڪيم، پوءِ تہ اڙجي ويس. زرينہ جي ماءُ! حقيقت اھا آھي تہ منھنجي ڌيءَ وبچاريءَ جو ڪوبہ ڏوھہ ڪونھي. ھن پنھنجي ذھن جي پرورش اھڙي نموني ڪئي آھي جو ائين پيو لڳي، سندس منزل ئي ڪا ٻي آھي.

امينہ! اوھان جون اھي تقريرون منھنجي ذھن ۾ ڪين ويھنديون. مون تہ ھڪ ڳالھہ ڪئي، ھاڻي اوھان جيئن مناسب سمجھو تيئن ڪريو. آءُ ھلان ٿي.

حامد: ٻڌ تہ سھي! مان تہ ادي سان ڳالھہ ڪريان ٿو پر ھاڻي تون رڳو ھڪڙي مھرباني ڪر جو زرينہ کان پُڇ.

امينہ: پڇڻ جو ڪوبہ ضرور ڪونھي، ٻيئي راضي آھن.

حامد: زرينہ جي ماءُ تون نٿي ڄاڻين، اڄڪلھہ جو اولاد مائٽن کي پنھنجي ٿورڙي غلطيءَ جي ڳري سزا ڏئي ٿو ۽ پاڻ بہ ھڪ نہ ختم ٿيندڙ عذاب ۾ مبتلا ٿيو وڃي، تنھنڪري مناسب آھي تہ سڀ کان پھرين تون ھن کان پُڇي خاطري ڪر. باقي سمورو معاملو آءُ پاڻ طئہ ڪندس.

امينہ: چڱو جيئن اوهان جي مرضي.

(5)

اصغر: زرينہ! مون کي سمجھ ۾ نٿو اچي تہ آخر توکي ڇا ٿيندو ٿو وڃي. اڄ ڪيڏو نہ خوش خوش آيس توکي خوشخبري ٻڌائڻ، پر هت ڏس تہ سائيجن جو موڊ آف لڳو پيو آهي.

زرينہ: اصغر! مون کي پريشان نہ ڪر. مون کي مٿي ۾ ڏاڍو سور آهي.

اصغر: پر مان پُڇان ٿو تہ اهو سور ڇو ٿيو آهي؟

زرينہ: مون کي سڀ خبر پئجي ويئي آهي، اسان ٻنهي جي شادي.. اوه! ڪيڏو نہ خوش ڪندڙ خيال آهي، پر اصغر! مون کي الائجي ڇو ڊپ ٿو ٿئي تہ اهو صرف خيال ئي آهي، ان جو حقيقت سان ڪوبہ واسطو ڪونهي.

اصغر: زرينہ! هيءَ تون ڇا ٿي چئين. زرينہ!

زرينہ: آءٌ سچ ٿي چوان. حقيقت آخر ڪيستائين لِڪل رهندي! هاڻي تہ فيصلو ٿيڻ وارو آهي، پوءِ ڇو نہ مصيبت کان پهرين ان جي بچاءَ جو تدارڪ سوچجي.

اصغر: هون! تہ اها ڳالھ آهي. پر اهو سڀڪجھ آخر ڇو... صاف صاف ٻڌاءِ زرينہ!

زرينہ: ڇا چوان، اصغر! مهنجي ذهني ڪيفيت عجيب ٿي پيئي آهي. دل چوي ٿي تہ تون هميشہ منهنجي قريب رهہ. پر جڏهن تون منهنجو ويجھو هوندو آهين تہ لڳندو اٿم تہ اصغر... مون کي... نہ اصغر، آءٌ ڪجھ بہ نٿي چئي سگهان. مون کي اهي لفظ ئي نٿا ملن.

اصغر: ڇا مون کان توکي خوف ٿئي ٿو؟

زرينہ: نہ اصغر نہ. توهان کان نہ. مون کي تہ پاڻ کان خوف ٿو ٿئي. منهنجو ذهني ٻيٽ ڇولين جي لپيٽ ۾ آهي. اپرندڙ لهرون... جيڪر اهي ڇوليون مون کي ٻئي هنڌ گهلي وڃي ڦِٽو ڪن تہ بہ چڱو اهي تہ وري ويران واريءَ جي ڍِڳن تي اُڇلين ٿيون. جتي الائجي ڇو مون کي اُڃ جو احساس ٿو ٿئي.

اصغر: مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي زرينه! مان ڪيترن ڏينهن کان تو ۾ اها تبديلي پيو ڏسان. جيئن ئي اسان جي شاديءَ جون ڳالهيون هليون آهن. تيئن تون وڌيڪ انهن اجابن ۽ بيڪار خيالن جي چار ۾ ڦاسندي پئي وڃين. خدا جي واسطي تون انهن خيالن کي ڇڏي ڏي. نه ته انهن خيالن جو وهڪرو اسان جي پيار جي گهرڙي جو نالو نشان به مٽائي ڇڏيندو زرينه!

زرينه: اصغر! مون کي سڀني ڳالهين جو اعتراف آهي. آءٌ توسان وڙهان ٿي، تنهنجي خيالن سان ٽڪرجان ٿي، پر منهنجو من جيڪا بغاوت ڪري ٿو ان سان ٽڪرجڻ منهنجي وس جي ڳالهه نه آهي. مون ۾ اها همت نه آهي، اصغر!

اصغر: زرينه! خدا جي واسطي بس ڪر. آءٌ ڪجهه ٻڌي نٿو سگهان. اهي خيال الائجي ڇا آهن، ڇو پيدا ٿيا آهن؟

زرينه: تون به ته سوچ ته اهي ڇو پيدا ٿيا آهن؟ مون ۾ اختلاف جي خواهش پيدا ٿيندي وڃي ٿي ڇو تون به ته سوچ.

اصغر: مان سوچيان؟ تون اهو نٿي سوچين، جهن کي تو پيار ڏنو. اڄ ان کي ٿي ڇوين ته پيار تي نه سوچ. من جي مِٺين ڳالهين تي نه سوچ.

زرينه: تون ناراض ٿيو آهين؟

اصغر: ناراض ڇو ٿيندس. تون رڳو خوش رهه. اهائي منهنجي لاءِ خوشي آهي.

زرينه: اصغر! مون کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. توکي شايد اها خبر نه آهي ته جيسين تون اچين اچين، تيسين منهنجي الائجي ڪهڙي حالت ٿي ويندي، تون سمجهين به ڪٿي ٿو سگهين.

اصغر: اها تنهنجي ڀُل آهي زرينه! تون مون کي اڃا تائين نه سمجهي سگهي آهين. جيئن ئي مون شاديءَ جي ڳالهه ٻڌي، مون کي پنهنجي من جي دنيا روشن ٿيندي نظر آئي. آءٌ خوشيءَ ۾ ٽِڙندو توڏي هليو آيس. هيڏانهن ٻاهر ته نهار! فضا ۾ مسرت جون لهرون پکڙيل آهن چوڌاري چراغان آهي. آءٌ خوش آهيان. زرينه! اسين خوش آهيون. دنيا خوش آهي زرينه! ڏس ته سهي،

اڙي تون تہ روئي رهي آهين، تون روئي رهي آهين، زرينہ! ڇو زرينہ؟ زرينہ!

زرينہ: (روئندي) ڪجهہ بہ نہ آهي، اصغر آءٌ تہ خوش آهيان، پر مون کان خوشي برداشت ٿي نٿي سگهي. توکي خبر آهي تہ اصغر، مان ڪڏهن بہ خوشين جي حقيقي محلن ۾ نہ رهي آهيان. مون هميشہ خوشيءَ جي تصوراتي خيابانن تي گذارو ڪيو آهي. منهنجي لاءِ اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي اصغر! پر اها خوشي، اها خوشي مون کي ماري ڇڏيندي!

اصغر: زرينہ! هيءَ توکي ڇا ٿي ويو آهي؟

زرينہ: اصغر! مون کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو آهي. مان خوش آهيان، اسين بہ چراغان ڪنداسين. بيهہ تہ مان بتيون ٻاري ڇڏيان.

اصغر: زرينہ، زرينہ! تون چري تہ نہ ٿي آهين زرينہ!

زرينہ: (سختيءَ مان) مون کي ڇڏ، اصغر! آءٌ اڄ سڄي گهر جون بتيون ٻاريندس، چراغان ڪنديس، روشني ڪنديس. ذهني انڌيري ۾ رهندي رهندي آءٌ بينور ٿي پيئي آهيان. مون کي روشني گهرجي. مون کي ڇڏ، مون کي ڇڏ، روشني... چراغان... بتيون...

اصغر: زرينہ! زرينہ! (چماٽ ٿو هڻيس) تنهنجو پاڳلپڻو اِئين ختم ٿيندو! (وقفو) اُف... مون هي ڇا ڪيو؟ مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. تون پاڻ سان گڏ مون کي بہ پاڳل بڻائي ڇڏيندينءَ زرينہ! آءٌ وڃان ٿو.

زرينہ: (جهيڻي آواز ۾) هڪ ڳالهہ تہ ٻڌ!

اصغر: ڇوءِ؟

زرينہ: مون کي معاف ڪر، اصغر! مون توکي ڏکويو آهي... آءٌ... آءٌ شرمسار آهيان...

اصغر: ائين نہ چؤ زرينہ! معافي تہ مون کي گهُرڻ کپي. مون توکي اهنج رسايو آهي، تون تہ منهنجي زندگي آهين! زرينہ!

زرينہ: اصغر! منهنجو اهو پاڳلپڻو ختم نہ ٿيندو. تون مون کي پنهنجن هٿن سان ماري ڇڏ، نہ تہ منهنجي ذهني اٿل پٿل مون کي ماري ڇڏيندي.

اصغر: زرينہ! خدا جي واسطي اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر.

زرينہ: نہ اصغر! هاڻي سڀئي ڳالهيون منهنجي وس کان ٻاهر نڪري

وبون آهن، منهنجي هڪڙي التجا آهي.

اصغر: پهريائين مون کي رڳو اهو ٻڌاءِ ته تون ايترو گهڻو سوچين ڇو ٿي؟ سوچبو تڏهن آهي جڏهين ڪا تڪليف پهچندي آهي يا ذهن ڪنهن ڳالهه کان متاثر ٿيندو آهي. تنهنجي سوچ جو آخر ڪهڙو سبب آهي؟

زرينہ: اصغر! اهي ڳالهيون ڇيڙي تون مون کي انهيءَ ذهني دنيا ۾ واپس وٺي ٿو هلين، جتي خيال ۽ سوچ جون شمعون ٻرنديون رهن ٿيون. ڏس، ائين نہ ٿئي تہ هوا جو جهُوٽو انهن کي وسائي ڇڏي ۽ اتي تاريڪي ۽ اوندهہ جو راڄ ٿي پوي. اصغر! منهنجي انهيءَ دنيا ۾ انڌارو نہ آڻ. انهن شمعن کي ٻرڻ ڏي، ٻرڻ ڏي، ايتريقدر جو اهي پاڻ ٿي جلي ٻري ختم ٿي وڃن!

اصغر: منهنجي زرينہ! آءٌ تنهنجي حڪم کان انڪار نٿو ڪري سگهان. تنهنجي پيار منهنجي پير ۾ زنجير وجهي ڇڏيا آهن.

زرينہ: تہ پوءِ ٻڌ، اصغر! جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ اسان جي آئنده زندگي خوشگوار گذري تہ...

اصغر: ڇو نہ، تہ پوءِ...؟

زرينہ: تہ... تہ تون ڪيڏانهن ٻاهر هليو وڃ. اصغر! ٿورن ئي ڏينهن لاءِ

اصغر: هون!

زرينہ: اصغر! آءٌ چاهيان ٿي تہ اها ذهني ڪيفيت پاڻهي ختم ٿي وڃي.

(6)

زرينہ: ٻاهر طوفان جي اچا اهائي حالت آهي (طوفان جو آواز) پر هيءُ طوفان نيٺ ختم ٿيندو ۽ پٺيان تباهيءَ جا ڪي نشان رهجي ويندا. پر هو ڪهڙو طوفان هو اصغر... اصغر... تون ڪيڏانهن هليو وئين؟ اصغر!

(موسيقي، پس منظر ۾ طوفان ۽ مينهن جو تاثر)

زرينہ: ۽ اصغر واقعي هليو ويو، ناراض ٿي. مون ڪيترو ئي منع ڪيو. پر هو نہ رهيو ۽ مون کي اڪيلو ۽ تنها ڇڏي هليو ويو، هميشہ هميشہ لاءِ.

مسافر: محترمہ! اوهان ڪجهہ همت ۽ صبر کان ڪم وٺو.

زرينہ: ها، اهوئي باقي هڪڙو سهارو آهي. اصغر جي وڃڻ کان پوءِ آءٌ

بيمار ٿي پيس. سخت بيمار ٿي پيس، ۽ وري مسرت ۽ خوشيءَ جي ٿهڪن منهنجي ذهن دنيا ۾ ترٿلو مچائي ڏنو.

(ماضيءَ جي ياد ڏياريندڙ موسيقي)

(7)

سلطان: ڪِلو مس زرينه! هي ڇا آهي، سڄو ڏينهن ائين ليٽيا پيا آهيو. خاموش ۽ اُداس. اٿو ٻاهر ته ڏسو ڪيڏي نه شاندار موسم آهي. باغ ۾ ٽڙيل گل، ٿڌڙي هوا ۽ موسيقي پکڙيندڙ ماحول! اُٿو ته سَهي، هلو ته ٻاهر لان ۾ ويهون. هاڻي توهان بلڪل ٺيڪ آهيو مس زرينه! (ڪلي ٿي) ڪِلو نه مس زرينه!

زرينه: (آهستي ڪِلي ٿي).

سلطان: ها ها. ائين بلڪل ٺيڪ. ڪنهن ٿي چيو ته توهان بيمار آهيو؟ توهان ٺيڪ آهيو ائين نه، مس زرينه!

زرينه: ڊاڪٽر صاحب، هُو...

سلطان. ها. ماحول ۽ فضا ۾ ڪيتري نه سونهن ۽ حسن آهي. قدرت جي هن فياضيءَ جا شڪرانا بجا آڻيو.

زرينه: ڊاڪٽر صاحب! توهان کي خوشيءَ سان ڏاڍو چاهه ٿو ڏسجي.

سلطان: خوشيءَ جي چاهت ڪنهن کي نه هوندي؟

زرينه: چاهت ته ڪڏهن به حقيقت نٿي سڏي سگهجي. چاهت ته چاهت ئي رهندي، چاڪاڻ ته اها هڪ اهڙي ڪيفيت جي باري ۾ آهي، جنهنجو ڪوبه وجود ڪونهي.

سلطان: مس زرينه! اوهان وري اهي ڳالهيون شروع ڪيون. ڏک سک، خوشي ۽ غم تي نه ويچاريو ته بهتر. توهين رڳو اهو ويچاريو ته توهان ٺيڪ آهيو.

زرينه: ڊاڪٽر صاحب! اهي ئي خيال ته مون کي سڪون بخشي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ جو ذهن ٻيو وڏيڪ ويچاري ئي نه سگهندو.

سلطان: چڱو ائين سهي، پر معاف ڪجو توهان هر هر "ڊاڪٽر

صاحب, ڊاڪٽر صاحب" جو گردان شروع ڪري ڇڏيو آهي. منهنجو پيشو بيشڪ ڊاڪٽر جو آهي, پر منهنجو نالو "سلطان" آهي. (کِلي ٿو.)

زرينہ: هون, تہ توهان کي "سلطان" سڏائڻ ۾ خوشي محسوس ٿي ٿئي؟

سلطان: توهان خود چيو تہ خوشيءَ کي ڪو وجود ڪونهي, پوءِ منهنجي خوشي اوهان کي ڇو ٿي نظر اچي؟

زرينہ: چاڪاڻ تہ ڊاڪٽر! اسين سڀ خوشيءَ جي بيابان ۾ رهون ٿا, جتي رڃ ئي رڃ آهي. هر ڪنهن کي هِئي لاءِ خوشي نظر اچي ٿي, پر جڏهن هو ان جي ويجهو وڃي ٿو تہ اُتي تہ ويران وير وڏ لڳي پيئي آهي. ڊاڪٽر صاحب! معاف ڪجو مسٽر سلطان, ڇا ائين ٿي نٿو سگهي تہ اسين انهيءَ احساس کان ئي ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهون؟

سلطان: ڪهڙي احساس کان؟

زرينہ: خوشي ۽ غم جي احساس کان! اسين ذهن کي ان ڳالهہ تي آماده ڪريون تہ غم غم نہ آهي, خوشي خوشي نہ آهي ۽ اهو ئي سڪون جو ذريعو آهي.

سلطان: مس زرينہ! بس اهو سوچڻ ڪافي آهي تہ جيڪي ڪجهہ ٿئي پيو سو نيڪ آهي, جي نيڪ نہ آهي تہ نيڪ ٿي ويندو. مون کي ڏسو توهان سمجهو ٿا تہ ڪوبہ غم منهنجي ويجهو نہ آيو هوندو. مس زرينہ! منهنجي زندگيءَ ۾ اهڙيون ويرانيون آيون آهن, جتي ڪيترو ئي وقت ڀٽڪندو رهيس. پر پوءِ احساس ٿيو تہ زندگي جيئڻ لاءِ آهي, جيڪي ٿئي پيو سو نيڪ آهي. بهرحال, هينئر اسان کي ڪجهہ بہ سوچڻ نہ کپي. منهنجا ڏک مون تائين رهن تہ چڱو. ڪيئن نيڪ آهي نہ؟ (کلي ٿو) هو ڏسو اوهان جو والد هيڏي پيو اچي. توهان اتي ويهو قدرت جي فياضيءَ جي فراخدليءَ سان تعريف ڪريو ۽ پاڻ کي خوش رکو. مان اجازت وٺان ٿو. مون کي ٻين مريضن کي بہ ڏسڻو آهي.

زرينہ: مهرباني, ڊاڪٽر او مسٽر سلطان! خدا حافظ

سلطان: خدا حافظ (کلڻ جو آواز)

حامد: هلو ڊاڪٽر!

سلطان: (ڪلنڊي) هلو سَر!

حامد: زرينہ جي طبيعت ڪيئن آهي ڊاڪٽر صاحب؟

سلطان: بلڪل ٺيڪ آهي. بهرحال، منهنجي تشخيص صحيح ثابت ٿي. هو جسماني مرض کان وڌيڪ ذهني مرض ۾ مبتلا هئي. هن کي دوا کان وڌيڪ همدرديءَ جي ضرورت آهي.

حامد: ڊاڪٽر! اوهان جي وڏي مهرباني. انهيءَ مرض تہ هن جي ذري گهٽ جان ورتي هئي. بهرحال، شڪرانا ڏٺيءَ جا جو هوءَ هينئر ٺيڪ آهي.

سلطان: مان سياڻي کان وني ڪونہ ايندس. چاڪاڻ تہ مس زرينہ ٺيڪ ٿي چڪي آهي. ڪڏهن ڪڏهن حال احوال پيا ڏيائجو.

حامد: ضرور ضرور. اوهان سچ پچ تہ ڇوڪريءَ جي زندگي بچائي آهي.

سلطان: چڱو ڀلا آءٌ اجازت وٺان ٿو. خدا حافظ. (ڪلڻ جو آواز)

(8)

سلطان: مس زرينہ! اوهان هتي؟ طبيعت ڪيئن آهي؟

زرينہ: طبيعت ٺيڪ هجي ها تہ ڊاڪٽرن جا در چو ڏسڻا پون ها. پر خبر تڏهن پيئي جو خود ڊاڪٽر صاحب جي طبيعت خراب آهي!

سلطان: (ڪلنڊي) نہ نہ، آءٌ تہ ٺيڪ آهيان. پر اوهان کي ڪنهن ٻڌايو؟

زرينہ: ٻہ ڏينهن ٿي ويا، توهان نہ آيا. ماڻهو دوا خاني موڪليم ۽ خبر پيم تہ توهان جي طبيعت خراب آهي ۽ آءٌ هلي آيس. توهان ٻڌايو بہ نہ...

سلطان: مس زرينہ! توهان جي طبيعت اڃا ٺيڪ نہ آهي ۽ توهان وتو ٿا پين جي مزاج پرسي ڪندا؟

زرينہ: توهان کي شايد منهنجو هتي اچڻ نہ وڻيو. چڱو ڀلا، مان هلان ٿي.

سلطان: پر ترسو. توهان تہ پنهنجي طبيعت ڏيکارڻ آيا آهيو نہ... ها... (کلي ٿو).

زرينہ: منهنجي طبيعت کي ڇڏي ڏيو مان ٺيڪ آهيان. توهان رڳو

محسوس ٿيندو آهي تہ زوري ٿا ڪلو!

سلطان: جي!

زرينہ: اوهان منهنجي ڳالهہ نہ سمجهي؟

سلطان: مان اوهان کي سمجهي نہ سگهيس.

زرينہ: توهان ڇو سمجهي نہ سگهيا؟ آءٌ انهي ئي سطح تي ڳالهائي رهي آهيان. جنهن سطح تي توهان پاڻ کي تهڪن ۾ گم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو.

سلطان: مس زرينہ! توهان اهڙن ڳالهين تي نہ سوچيو تہ بهتر.

زرينہ: مسٽر سلطان! اهو ناممڪن آهي. سوچ تہ منهنجي زندگي آهي. مان پنهنجيءَ سوچ سان پيار ڪندي آهيان. ۽ سوچ ۽ ويچار مون کي زندگيءَ جي اپوڳن رازن کان واقف ڪندا آهن. اهي ڪنهن جي ڳالهہ ڪونہ لڪائين.

توهان جي زندگيءَ جي بي ترتيبي ۽ تهڪن ۾ بہ متضاد ڳالهيون آهن. اهي توهان جو راز فاش ڪري ٿيون وجهن.

ڊاڪٽر! توهان منهنجو نفسياتي علاج ڪيو آهي. پر توهان خود نفسياتي مريض آهيو. توهان جو من مريض آهي، ڊاڪٽر! توهان جي من کي علاج جي ضرورت آهي.

سلطان: مس زرينہ! مس زرينہ! خدا جي واسطي... مان وڌيڪ ٻڌي نٿو سگهان.

زرينہ: ڊاڪٽر! توهان کي ياد آهي، جڏهن اوهان منهنجي ذهن کي ڦولهڻ جي ڪوشس ڪئي هئي، مٺين ۽ شيرين ڳالهين سان. پر مٺين ڳالهين سان بہ ڪڏهن ذهني زخم دور ٿيا آهن؟ نشتر ڪٿو ڊاڪٽر. مان ٿي توهان جو علاج ڪريان. توهان تہ ڊاڪٽر آهيو. توهان ڇرڪو ڇو ٿا؟ اڄ توهان مريض آهيو ۽ مان ٿي ڊاڪٽر بڻجان. اڙي هيءَ ڇا؟ ڪلو نہ ڊاڪٽر صاحب!

(سلطان ڪلي ٿو.)

زرينہ: هيءَ ڪلڻ سچ پچ ائين پيو لڳي، ڄڻ اوهان جو سچو پچو ڪلڻ

آهي.

سلطان: ها، مس زرينہ! اڄ محسوس ٿيو تہ مان مصنوعيت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري رهيو آهيان. زندگي حقيقت بڻجي منهنجي آڏو اچي بيٺي آهي. توهان پلي منهنجو علاج ڪريو. نشتر ڪڻو. پر مون جيڪي هن گهڙيءَ ۾ محسوس ڪيو آهي. ان لاءِ نشتر ڪڻڻ جو ضرور ناهي.

زرينہ: توهان سمجهيو تہ آءٌ وڍڪٽ جو سامان کڻي ٿي آيس. ائين نہ! (کلي ٿي)

سلطان: مس زرينہ! مذاق نہ ڪريو. مون کي ڏک ٿيندو.

زرينہ: نہ مسٽر سلطان! مان اوهان سان مذاق نٿي ڪريان. اسان جي جهڙي نموني ملاقات ٿي ۽ جهڙي قسم جو سبنڌ ٿي ويو آهي، مان ائين ٿي چوان تہ اسين بہ ڀٽڪيل راهي هئاسون. اسان جڏهن ملون ٿا. الائجي ڇو مون کي منزل جو احساس ٿو ٿئي.

سلطان: مس زرينہ! اسين رڻ جا راهي آهيون، رڃ جا رولاڪ! آءٌ تہ رڃ کي منزل سمجهي زندگيءَ جي بيابان ۾ ڀٽڪندو رهيو آهيان. پر سچ پڇ تہ جنهن ڏينهن مان اوهان سان مليس ۽ اوهان جون ڳالهيون ٻڌم تہ محسوس ٿيم تہ منهنجي منزل ويجهو اچي ويئي آهي. پر اهو سوچيم تہ شايد اوهان جي ڪا ٻي منزل هجي. مون اچڻ ڇڏي ڏنو.

زرينہ: ڊاڪٽر!

سلطان: نہ زرينہ، "سلطان"!

زرينہ: سلطان! سلطان! آءٌ ڪيئن ٻڌايان تہ اڄ تو مون کي ڇا ڏنو آهي.

اڄ مايوسين جي تاريڪيءَ ۾ اميد جي شمع روشن ٿي آهي. مسرت ۽ خوشيءَ جي روشني، ازلي آرزو ازلي خواهش (وبندي) آءٌ... آءٌ... (ڊڪندي ڊڪندي ٻاهر هلي وڃي ٿي).

سلطان: زرينہ! زرينہ! ٻڌ تہ سهي.

زرينہ: آءٌ وڃان ٿي سلطان! آءٌ وري ايندس، وري ايندس.

سلطان: تون ضرور ايندينءَ زرينہ! هن گهر جي راڻي بڻجي. هن گهر جي سونهن، هن گهر جي خوشي!

(شرناين جي گونج)

سلطان: زرينہ، زرينہ،

زرينہ: جي!

سلطان: زرينہ، اڄ منهنجي خوشين جو ڪاٿو ئي نہ آهي. سوچ تہ سهي. جيڪو ورهين جا ورهين راتين جو ڀٽڪندو رهيو. هُن شهر کان هن شهر تائين، صرف منزل جي تلاش ۾، سڪون جي تلاش ۾، اُن جي آڏو جي ان جي منزل هلي اچي تہ ان کي ڪيڏي نہ خوشي هوندي؟ مون کي تہ سڀڪجهہ ملي ويو آهي. سڀئي خوشيون، سڀئي منزلون.

(9)

(طوفان ۽ مينهن جو آواز.

درين کڙڪڻ جو آواز)

زرينہ: توبهہ! ڪيڏو نہ سخت طوفان آهي. سلطان کي جهليم بہ تہ نہ وڃ، پر هو ڪٿي ٿو مڃي. الله خير ڪري. منهنجي تہ دل جي ڪٽ ڪٽ وڃي ئي نٿي. بيقراري ٿي پئي آهي. ننڍڙو اسلم بہ مس مس ستو آهي. طوفان جي شور تي جاڳي پيو تہ آزار باري ڏيندو.

(در کڙڪي ٿو آهستي پوءِ ڏاڍيان)

زرينہ: ڊاڪٽر اچي ويو! آيس ڊاڪٽر. تو بہ انصاف ڪيو آهي. (در کولڻ جو آواز) اوهہ! تون ڪير آهين؟ تون صغر! اڄ اصغر. اصغر. تون سڄو مينهن ۾ ڀڄي ويو آهين. اندر اچ، سخت طوفان آهي، تون اندر تہ اچ.

اصغر: طوفان کان ڊپ ٿي ڪرين.

زرينہ: اصغر! توکي ڇا ٿي ويو آهي. مون کي طوفان کان نہ پر توکان خوف آهي. تون... تون... ائين مون ڏي نہ وڏ، اصغر!

اصغر: زرينہ! مون کان نہ ڊڄ. مون تنهنجي حڪم جي تعميل ڪئي. رڳو اهو سمجهي تہ اهڙيءَ طرح من ڪو دل کي قرار ۽ سڪون اچي، پر، مون کي ڪجهہ بہ نہ مليو. ڪجهہ بہ نہ زرينہ! منهنجي اميدن ۽ آسن جو دامن ائين جو ائين خالي رهيو.

زرينہ: اصغر! مون کي بيحد افسوس آهي. مون... مون تہ هميشہ توکي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ... تہ...

اصغر: تہ تنهنجو مون سان پيار نہ هو ائين نہ...

زرينہ: ائين تہ آءٌ نٿي چئي سگهان، پر ايترو ضرور آهي تہ مون ڪڏهن بہ توکي پنهنجي منزل نہ سمجهيو. ان ڪري ئي آءٌ هميشہ ذهني عذاب ۾ مبتلا رهيس. مون ذهني طور ڪڏهن بہ توکي قبول نہ ڪيو. آءٌ تنهنجي ڪري هميشہ پنهنجي ذهن سان بغاوت ڪندي هيس ۽ اُها بغاوت ڪيڏي نہ بيقرار ڪندڙ هئي.

اصغر: ليڪن تو مون کي تہ ائين محسوس ڪرايو تہ تنهنجو مون سان پيار آهي. تون منهنجي آهين. تنهنجو اهي مٺيون وڻندڙ ڳالهيون، پيار جو احساس. تون چوين ٿي تہ تنهنجو مون سان ڪنهن بہ قسم جو پيار نہ هو! تون ائين چئي پنهنجو پاڻ کي بيوفائيءَ جي الزام کان ڇڏائي نٿي سگهين.

اصغر! خدا جي واسطي مون کي ڇڏ. مون گهڻي مشڪل ۽ تڪليف کان پوءِ اها خوشي حاصل ڪئي آهي. منهنجي خوشي مون کان نہ ڦر، اصغر!

اصغر: آءٌ تنهنجي خوشين تي ڌاڙو هڻڻ ڪونہ آيو آهيان. توکي صرف ايترو چوندس تہ هن دل جي ويراني ۾ هاڻي ڪڏهن بہ بهار نہ ايندو هن گلشن ۾ ڪڏهن بہ گل نہ ٽڙندا. هتي تباهيءَ ۽ بربادِيءَ جا واچوڙا اٿندا ۽ منهنجي ساري ڪائنات ان ۾ لڙاتجي ويندي!

(ڇرين وانگر کلي ٿو)

زرينہ: اصغر! اصغر! هوش ۾ آءُ...

(اصغر کلندو رهي ٿو)

اصغر! اصغر! پنهنجو پاڻ سنڀال، هي توکي ڇا ٿيندو وڃي؟

(۽ ڪنهن جي تيز قدمن سان پيرن جو آواز)

زرينہ: اوه! هيءُ ڪير هو؟ ڊاڪٽر سلطان!

(درن جي ٺڪرجڻ جو آواز)

(زور سان) سلطان! سلطان! منهنجو سلطان! هو پاڇو جيڪو هتي بيٺو هو، هو هليو ويو. تاريڪن ۽ اونداهين هميشہ ڪوڙ ڳالهايو آهي، هو انهيءَ

ڪوڙ کي سچ سمجهي ويو. هوا ئين مون کي ڇڏي وڃي نٿو سگهي. هو منهنجي زندگي آهي، منهنجو جياپو آهي، هو تہ منهنجي منزل. اُف الا مان ڇا ڪريان!

(ماضيءَ جي ياد ڏيارينڌڙ موسيقي)

زرينہ... ۽ هو جيئن ويو تيئن نہ موٽيو. پندرهن ورهيہ ٿي ويا آهن. ۽ هاڻ تہ اميد جا آخري ڪرڻا بہ غروب ٿيندا پيا وڃن. مايوسيءَ جي تاريڪي آهستي آهستي وڪوڙيندي وڃي.

(روئي ٿي)

منهنجي باقي حياتي ائين ڪاري رات وانگر اڪيلي ۽ تاريڪ رهندي.

(اجنبي جي سڏڪن جو آواز)

اوه، اوهان بہ روُ پيا! شايد اوهان بہ دکي آهيو. ڏک سک تہ اسان جي منزل جا رکوال آهن. صبح ٿي چڪو آهي، آءٌ توهان جي نيرن جو بندوبست ڪريان. اوهان کي شايد پري وڃڻو هوندو.

مسافر: نہ، منهنجي منزل منهنجي سامهون آهي. زندگيءَ جي فريبن ۽ ڏوڪن منهنجي سڪون ۽ آرام تي ڌاڙو هڻي منهنجي مسرتن کي قتل ڪيو هو. زرينہ! آءٌ ئي تنهنجو "سلطان" آهيان!

زرينہ: سلطان! منهنجا سلطان! هيءُ آءٌ ڇا پيئي ڏسان!

مسافر: ها زرينہ، مون توکي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي ۽ ان جي سزا ۾ آءٌ ڀٽڪندو رهيس هڪ راهہ وڃايل مسافر جيان منزل ۽ سُڪون جي تلاش ۾ ڀٽڪندو رهيس. مون اصلي منزل کي منزل نہ سمجهيو پر نظر جو فريب سمجهي فريب ۾ مبتلا رهيس. آءٌ ڇا ٻڌايان زرينہ! مان هينئر ڇا محسوس ڪري رهيو آهيان. پشيماني ۽ خوشيءَ جا احساس مون کي بيهوش ڪري رهيا آهن.

(زرينہ سڏڪا ڀريندي رهي)

(ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي شڪريہ سان)

- حميد صاحب سنڌ جو هڪ سدا ملوڪ ڪهاڻيڪار جنهن جي ڪهاڻين جو مطالعو سنڌ جي سماجي ۽ ثقافتي زندگي جو مطالعو آهي.

**- ڊاڪٽر غلام علي الانا**

- حميد سنڌيءَ اول جمال ابڙي جو ڪتاب "پشو پاشا" ۽ پوءِ منهنجو ڪتاب "آبِ حيات ۽ ٻيا افسانا" شايع ڪيائين. حميد سنڌي جا ڇاپيل اِهي ۽ ٻيا افسانوي مجموعا هاڻي سنڌي اَدب ۾ هڪ خاص دور جا تاريخي يادگار آهن.

**- غلام رباني آگرو**

- حميد فڪشن ۾ فيڪٽ ڪي گڏيو آهي. هن جون ڪهاڻيون اسان جي دور جي تاريخ جي اُها ڏارا آهي جنهن جي لهر جا لک لباس آهن. جيڪي حميد اڪين ۾ ڏٺا آهن ۽ سندس قلم محفوظ ڪيا آهن.

**- تنوير عباسي**

- وچولي سنڌ جي عام ماڻهن جي اُٿڻي ويهڻي، ڏيتي ليتي، ڏکن سکن ۽ ريتن رسمن کي حميد سنڌيءَ پنهنجي ڪهاڻين جي تاڃي پيٽي ۾ اهڙي هنرمندي سان اُڻيو آهي جو اُنهن جي اصليت کي ڌيرائڻ ناممڪن آهي.

**- مراد علي مرزا**

- حميد کي سندس پڙهڻ وارن ۾ وڏي پذيرائي ملي آهي.... پڙهڻ واري ڪانسواءِ ليکڪ بي معنيٰ آهي ڏياچ ڪانسواءِ ٻيجل جي ڪهڙي معنيٰ. اِهو ڏياچ هو جنهن ٻيجل ۾ سندس ذات کي معنيٰ ڏني.... پڙهڻ وارن تہ حميد جي ذات کي وڏي معنيٰ ڏني آهي.

**- آغا سليم**

- حميد سنڌي، سنڌي ڪهاڻي جي کيتر ۾ پنهنجي منفرد اسٽائل جو ڪهاڻيڪار آهي.

**- نصير مرزا**

- روايتن ۽ قدرن جو اَمين حميد سنڌي ڪمال فنڪاري سان زندگي جي حقيقتن کي لفظن جو ويس پارائي سنڌي ڪهاڻي جا ڏيئا روشن رکندو اچي.

**- ماهتاب محبوب**

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.